# يونيورسٽي آف سنڌ ڄام شورو

## ايم. فِل ٿيسز

# سرڪش سنڌيءَ جي شاعريءَ ۾ مزاحمت جو اڀياس

سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي مان ’ماسٽر آف فلاسافي‘

جي گهُرجن جو پورائو ڪرڻ ڪان پوءِ جمع ڪرايل مڪمل ٿيسز

**مظفر علي سولنگي**

**سنڌي شعبو**

**سنڌ يونيورسٽي ڄا مشورو**

2022

# CERTIFICATE

This is certify that the thesis entitled

**“A study of Resistance in the Poetry of Sarkash Sindhi”**

**”سرڪش سنڌي جي شاعريءَ ۾ مزاحمت جو اڀياس“**

Submitted by **Muzfar Ali Solangi** S/o Qalandar Bux Solangi. Enrolment No: M/Sindhi/2K16/35. for award of M.Phil degree embodies original work done by him under my supervision .He has done tremendious task.

I forward his dissertation to be awarded degree of M.Phil

**Dr.Syed Rushdullah Shah Bukhari**
Assistant Professor
Research Supervisor
Advisior
Department of Sindhi,
University of Sindh,Jamshoro

# AUTHOR'S DECLARATION

I Muzfar Ali Solangi s/o Qalandar Bux Solangi hereby statethat my M.Phil thesis titled

**"A Study of Resistance in the Poetry of Sarkash Sindhi"**

**"سرڪش سنڌي جي شاعريءَ ۾ مزاحمت جو اڀياس"**

Is My Own Work and Has Not Been Submitted Previously By Me For Taking Any Degree For This (University Of Sindh, Jamshoro) Or Anywhere Else In The Country/World.

At Any Time If My Statement Is Found To Be Incorrect Even After My Graduate That University Has The Right To Withdraw My M.Phil Degree.

**Name of Student: Muzfar Ali Solangi**

**Date: ___________________________**

# ارپنا

آءٌ پنهنجي هيءَ ننڍڙي ڪاوش دل جي خلوص سان ڪائنات ۽ ان ۾ موجود هر شئ تي قدرت رکندڙ ۽ انسان سان انتهائي محبت ڪندڙ پاڪ هستي اللهﷻ کي ارپيان ٿو، جنهن مونکي انتهائي نرم دل پيءُ ۽ نهايت ئي رحمدل ۽ شفيق ماءُ جهڙن تحفن سان نوازيو. ۽ ان سان گڏوگڏ قابل عزت پينرون ۽ احترام جي قابل ڀائرن جن جي بدولت اڄ آءٌ هن منزل تي پهتو آهيان.

# ABSTRACT

# THESTUDY OF RESISTANCE IN THE POETRY OF SARKASH SINDHI


**TheStudy of "Resistance"in the poetry of Sarkash Sindhi.**

Word “muzaahimat" is derived from Arabic Language ‘’ zahim’’ which means to resist some one. A piece of writing composed by a poet or scholar which cause hindrance against the power of tyranny and exploitation against the people. Fall of imperialism is advantage of resistance poetry and there is also redressal of adverse thinking and wrong doings. Resistance poetry founded a creation in which there is resistant voice against domination, injustice and tyranny. Resistance literature empowered the oppressed people to change prevailing circumstances literarily. At first a palistinian resistant poet Ghan kanani used term resistance in his book “Resistance Literature in Occupied Palistin in 1961. But in view of many writers term of Resistance Literature was introduced by Barbra Harlo. In her speech there was resistance Literature of of Aferica, Latin America and Asia. Resistance keeps vast meaning & background behinds it and divided into many kinds. It has vast role in social cultural evolution and human progress

Sindhi people & society has always offered resistance against those who invaded sindh to plunder its resources. Sindh never aggress any territory but it has defended its own territory.

**Introduction of Sarkash Sindhi**

Sarkash Sindhi belonged to a poor family of sindh. He was the son of Abdullah Chandio, who was the great poet and great religious scholor.

Sarkash Sindhi was born in village Palipota in Taluka Mehar, Disrict Dadu in 1940. His real Name was Abdul Majeed Chandio. He was poet of resistance and love . His poetry is full of resistance. He fought against One Unit and Gen: Ayub Khan's Marshal Law through his writings and poetry. He voiced against every sort oppression and injustice with sind

**Historical background of resistance in Sindhi poetry**

Resistance has vast meaning and background behind it and divided into many kinds. Resistance has vital role in development of civilizations and social progress of people. World history is full of such unique precedents.

In Sindhi poetry there is reflexion of resistance, love & voice the powers of tyranny and oppression with struggle for survival in various periods esp: Arghun, Tarkhan and Mughal period and British rule as well. Doolah Darya Khan, Mukhdoom Bilawal and maee Bakhtawar were examplry character who offered resistance against foriegn domination & powers of tyranny and oppression. Sofi Shah Inayat Shaheed of Jhok sharif also resisted against Mughal domination and sacrifice his life in this way

فهرست


| صفحو نمبر | باب پهريون | نمبر |
|---|---|---|
| 01 | مزاحمت، مزاحمتي شاعريءَ جي معنيٰ، مفهوم ۽ ان جي اهميت ۽ افاديت | 01 |
| | باب ٻيو | |
| 22 | سنڌي شاعريءَ ۾ مزاحمتي لاڙي جو تاريخي پسمنظر<br>2.1 سومرن جي دؤر (1050ع_1350ع) جي رزميہ شاعري (جنگناما):<br>سمن جو دور (1350ع کان1520ع) جي مزاحمتي شاعريءَ جو جائزو:<br>ارغون، ترخان ۽ مغل دور ۾ سنڌي مزاحمتي شاعريءَ جو اڀياس (1521_1700 )<br>ڪلهوڙن جي دور ۾ مزاحمتي شاعري:<br>(1700 ڪان 1782ع)<br>ٽالپرن جي دور ۾ مزاحمتي شاعري جو جائزو(1782ع – 1843ع) | 02<br>2.1<br>2.2<br>2.3<br>2.4<br>2.5 |
| | باب ٽيون | |
| 61 | سرڪش سنڌيءَ جي دؤر جون سياسي،سماجي حالتون ۽ مزاحمتي تحريڪون | 03 |
| | باب چوٿون | |
| 127 | سرڪش سنڌيءَ جي مزاحمتي شاعريءَ جو تحقيقي اڀياس<br>وطن دوستي<br>انسان دوستي<br>پيار | 04<br>4.1<br>4.2<br>4.3<br>4.4 |

| | | |
|---|---|---|
| 4.5 | انساني آزادي | |
| 4.6 | ظلم ۽ زيادتون<br>جياپي لاءِ جدوجهد | |
| | باب پنجون | |
| 05 | نتيجا<br>ببليوگرافي | 204 |

# باب پهريون

## مزاحمت، مزاحمتي شاعريءَ جي معنيٰ، مفهومءِ ان جي اهميت ۽ افاديت

The word resistance in English literature is explained in different ways whih is given below:

1 Resistance: Dislike of or opposition to a plan, an idea etc. or refuse to obey (1).

2 The refusal to accept or comply with something or the use of force or violence to oppose someone or something.(2)

Mening of resistance in English language

**3Resistance meansمزاحمت.(3)**

4. **مُزاحم۔ع۔صفت:۔ روکنے والا،مزاحمت کرنے والا، اٹکانے والا سیدِ راہ۔ مانع۔ حائل۔ حارج۔ متعرض صدمہ روکنے والا۔ ٹکر جھیلنے والا(4)**

5. **مُزاحمت۔ع۔ اسم مؤنث۔ روک۔ تعرض۔ اٹکاؤ۔ مُمانعت۔ روک ٹوک۔ (5)**

6. **مُزاحَمَتَ :**

**مزاحمت اردو ۾ اسم مونث آهي، جنهن جي معني آهي روڪڻ جو عمل،روڪ،ٽوڪ ۽ رڪاوٽ وغيره.( 6)**

7. **مزاحمتي شاعريءَ جي وصف:**

**جڳ مشهور عالم جيمس ڪابہ مزاحمتي فڪر جي باري ۾ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي لکي ٿوتہ :**

**"Under standing and over coming suggest a cool analysis of contemprary social problems followed by an agenda for political change."**

**"ڪنهن بہ معاشري جي اندر اڻبرابري ، ڌاڙ ،اقربا پروريءِحق تلفي جي خلاف آواز اٿارڻ،جنهن جو مقصد معاشري اندر سياسي تبديلي آڻي معاشري کي متوازن بنائڻ آهي "**

**1Resistance literature : In English language the resistance literature is explained as under (7).**

**1.Resistance literature includes but is not limited to fiction,cinemia,drama,poetry,visualart and song, reflecting the many forms of political resistance throughout history. Resistance literature**

**and media actively resist oppression or oppressive systems in a creative manner. (8)**

**Resistance literature:**

**2.Resistance literature is one of the frameworks of art that allows monements to communicate and preserve stories of resistance(9)**

**3. Synonyms of resistance**

**Opposition,hostility, aversion, refusal to accept, acl of enthusiasm for reluctance to accept,fighting,fight,battle,struggle,combat,contention,defiance,obstruction,impediment,intransigence,hindreance, conteraction (10).**

**14. Antonyms of resistance:**

**Unresistant, tolerant, understanding, affable, agreeable,amiable, amecable, benign,benignant,coplying, congenital,cordial, friendly, hospitable, supportive, positive, sympathetic,welldisposed(11)**

**ڊاڪٽرنبي بخش خان بلوچ جامع سنڌي لغات ۾ مزاحمت لفظ جي معني هن ريت لکي آهي تہ :**

**“مزاحمت،ث:تڪليف،مشڪلات،اهنج،زحمت،ڏکيائي،اوکائي،ڏک،ڪشت،ويڌن،پيڙاءُ، درد،سور،روڪ،رنڊڪ،اٽڪاءُ وغيره”(12)**

**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مزاحمتي ادب لاءِ وڌيڪ لکي ٿو تہ:**

**“ادب انساني زندگي جو اهم عنصر آهي.تہ وري مزاحمت ادب جو اهم عنصر آهي. مزاحمت عربي ٻولي جو لفظ آهي .جيڪو زحم مان نڪتو آهي مزاحمت جي معنيٰ آهي: تڪليف ، مشڪلات، اهنج ، روڪ ، رنڊڪ ، اٽڪاءُ”.(13)**

**مختيار احمد ملاح .جنهن پنهنجي ڪتاب “ادبي اصطلاحن جي تشريح لغت” ۾ مزاحمتي ادب جي وضاحت ڪندي لکيو آهي تہ:**

**“ادب ملڪي حالتن جو رد عمل هوندوآهي جيڪڏهن ملڪي حالتون عوامي ڀلائي لاءِ سٺيون نہ هونديون آهن تہ ان جو رد عمل ادب ۾ جابجاءِ موجود هوندو آهي .مطلب تہ مزاحمتي ادب اهو آهي جنهن ۾ ملڪي ناانصافين ،ناهموارين جي خلاف مزاحمت جو عنصر موجود هوندو آهي.(14)**

اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ جڏهن بہ ڪنهن ڌرتيءَ تي ڪو بہ ظلمِ ٿيندو آهي تہ اتي سياسي ،سماجي ۽ ادبي محاذن تي احتجاجي ۽ مزاحمتي رويو زور وٺندو آهي.ان جا ڪيترا ئي روپ ٿي سگهن ٿا، معاشي، استحصالي ڪان وٺي ثقافتي ،استحصالي تائين، سڀ ناانصافيون ۽ زيادتين جا ڪيترائي نمونا آهن، هر دور جي ڏاهن ۽ حقن جي حفاظت ڪندڙ پنهنجي دور جي ظالميت ۽ جابريت خلاف مزاحمت ڪئي آهي. اهڙي مزاحمت علمي سطح تي بہ ٿي آهي تہ عملي طرح بہ ٿي آهي. ايسپ جون علامتي ڪهاڻيون پنهنجي دؤر جي ظلم ۽زيادتين خلاف علمي احتجاج جو هڪ اهم مثال آهن. جڏهن تہحضرت امام حسين عليہ السلام جي وقت جي استحصالي قوتن خلاف جنگ عملي مزاحمت جو وڏو مثال پڻ اسان وٽ موجود آهي.

مزاحمت جي لاءِ ڊاڪٽرعابده گهانگهرو ويچارونڊ يندي لکي ٿي تہ:

“مزاحمت هر ظلم خلاف آواز اٿارڻ / مزاحمت ڪرڻ، خاص ڪري پيڙهيل طبقي جي عورتن، هارين ۽ مزدورن جي حقن لاءِ وڙهڻ ، سماجي نا انصافي ۽ اڻبرابري خلاف آواز اٿاري امن ، پائيچاري ، محبت ۽ انسانيت جو درس ڏيڻ آهي”. (15)

## مزاحمت۽ مزاحمتي شاعريءَ جي معنيٰ۽ مفهوم:

## (The Revolution and its meaning of revolutionary poetry):

اسان جي سنڌي شاعريءَ ۾ بين همعصر ٻولين جي ادب جي پيٽ ۾ مزاحمت جو عنصروڏيڪ نمايان ۽ چٽونظراچي ٿو.لوڪ ادب ۾ اهڙا سوين مثال موجود آهن. جيڪي پنهنجي پنهنجي دؤر جي مزاحمتي روين جي آگاهي ڏين ٿا.حزب الله آء سومرو مزاحمت بابت لکي ٿو تہ :

“مزاحمت عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي ۽ زحم مان ورتل آهي .جنهن جو مطلب آهي ڪنهن جي آڏو رڪاوٽ بڻجي بيهڻ . اهڙي شاعري / لکڻي جنهن جي ذريعي شاعر، اديب ، سامراجي ڳالهين ، ماڻهن سان ٿيندڙ ظلم،استحصال،خراب ڳالهين ۽ ڪمن آڏو رڪ جي ديوار بڻجي وڃي..مزاحمتي ادب جو اهو فائدو ٿي ٿو جو سامراجي تسلط ٽٽي ٿو.خراب سوچ ، فڪر ۽ غلط ڪمن جو سدباب ٿئي ٿو ”.(16)

مزاحمت کي **Impediment, obstacle, opposition**۽**Resistance**انگريزي ٻوليءَ ۾ پڻ سڏيو ويندو آهي. جنهن جي معني آهي رڪاوٽ ،مقابلو،مخالفت، روڪ،رنڊڪ۽ اردوءَ ۾ مزاحمت مونث آهي،پر سنڌيءَ ۾ مزاحمت هڪ عمل **Verb** يا فعل جي صورت ۾ آهي جنهن جي معني آهي ڪنهن عمل کي روڪڻ يا ڪنهن عمل جو رديعمل

ڏيڻ واري صورت آهي. حاصل مطلب تہ مزاحمت هڪ اهڙو رويو آهي جيڪو ڪنهن فرد يا فردن وغيره جي خلاف هڪ فرد جو مخالفت واري صورت ۾ سامهون رهي ٿو اهڙي قسم جو رويو مثبت بہ ٿي سگهي ٿو تہ منفي بہ ٿي سگهي ٿو. ياائين ڪٿي چئجي تہ مزاحمت ڪنهن طاقتورڌر جي ناجائز عمل جي مخالفت ۾ اپرندڙ ردعمل آهي،جيڪو هميشہ مظلومن طرفان ظالمن خلاف اٿندورهيو آهي . تہ عوام جو وري حڪومت خلاف ٿيندو رهيو آهي ۽ اهڙي ريت ئي حڪومت جي ناجائز منصوبن خلاف اٿندڙمخالفت کي پڻ مزاحمت سڏيو وڃي ٿو.

Resistance فرانسسي لفظ آهي ۽ جيڪو لاطيني ٻوليءَ جي لفظ Resisterمان نڪتل آهي

مزاحمت جي لغوي معني آهي اطاعت ڪرڻ يا پيروي ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ آهي.

**مزاحمتي ادب :**

مزاحمتي ادب هڪ اهڙي تخليق آهي جنهن ۾ تسلط ،غلبہ،ناانصافيءِ ظلم خلاف مزاحمت يا انڪاري آواز هجي.مزاحمتي ادب مظلومن کي بااختيار بڻائڻ ۽ هلندڙ صورت حال کي تبديل ڪرڻ جي ادبي ڪوشش آهي. مزاحمتي ادب تي سڀ کان پهرين فلسطيني ليکڪ غسان کنفاني1961ع ڌاري پنهنجي ڪتاب ”مقبوضہ فلسطين ۾ مزاحمتي ادب “ ۾ مزاحمت جو اصطلاح استعمال ڪيو،پر ڪيترن ئي ماهرن جو خيال آهي تہ مزاحمتي ادب جو اصطلاح سڀ کان پهريون باربراهارلو متعارف ڪرايو،ان جي هن تقرير ۾آفريڪا.لاطيني،آمريڪاءِ ايشيا جو مزاحمتي ادب شامل هو. (17)

مزاحمتي ادب جي شروعات ڪنهن بہ ڪئي پر مزاحمتي ادب دنيا ۾ برپا ٿيندڙ انقلابي ۽ مزاحمتي تحريڪن ۾ اديبن ۽ شاعرن کي پنهنجي تخليقن وسيلي ڪجهہ اهڙو ادب بہ تخليق ڪرڻ لاءِ اتسايو،جيڪو عام ماڻهو کي همٿائي سگهيو .سويت يونين ، فرانسءِ چين ۾ هلندڙ سياسي تحريڪن ادب کي نيون مزاحمتي شيون تخليق ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. مثال طور روسي انقلاب دوران جيڪي بہ سـاليڪ جن ۾ ماياڪوي سڪي،ميڪسم گورڪي،پاويل لوڪنتيسڪي جهڙا شاعرءِناول نگار هئا،انهن جي لکڻين جو محور عام ماڻهو رهيو جيڪي سامراجي قوتن سان وڙهندورهيو.ميڪسم گورڪي جوناول ”ماءُ“ ياپاويل ڪونتيسڪي جو ناول ”پهاڙرون کي بيٽي“انهن ئي ڪردارن جي عڪاسي ڪن ٿا جيڪي انهيءَ دور ۾ ويڙهہ ڪري رهيا هئا ماياڪوسڪي جي نظمن ۾ سويت روس جي مزاحمتي تحريڪ جا عڪس چٽيل آهن.جيئن تہ سياسي طور دنيا ۾ تڪرار هلندا رهيا آهن. ءِاجا بہ جاري آهن تنهن ڪري دنيا جي مختلف خطن ۾ بہ مزاحمتي ادب تخليق ٿيندو رهيو

آهي. جنهن کي سياسي ادب بہ چئي سگهجي ٿو.اهي ماڻهو جيڪي اهو سمجهن ٿاتہ سياست ڪرڻ يا سياسي ادب تخليق ڪرڻ بنا ڪا تبديلي آڻي سگهجي ٿي تہ اهي بہ ان ڳالهہ کان اڻ ڄاڻ آهن تہ سياست ۾ عدم دلچسپي ئي قومن کي غلام بڻائيندي آهي.ورهاڱي وقت اردو ادب ۾ شايد ئي هڪڙو ئي سعادت حسن منٽوهو.جيڪو پنهنجن افسانن وسيلي ماڻهن کي اهو ٻڌائيندو رهيو تہ ننڍي کنڊ جي سياست ڪيڏي بي رحم آهي.جواها عام ماڻهو کي بہ نٿي بخشي.سندس افسانا کول دو،شهيد ساز،ٺينڊا گوشت،ٽوبا ٽيڪ سنگهہ ۽ ٻيا ڪيترائي افسانا سياسي آهن. پرهن ان کي ايڏي تہ ڪمال ڪاريگريءَ سان لکيوآهي جو اهي پڙهڻ وقت لڳ ڪانداريو ڇڏين. ان کان پوءِ اسان جي ملڪ ۾ بہ مختلف سياسي حالتن ۾ مزاحمتي ادب تخليق ٿيندو رهيو جنهن ۾ فيض احمد فيض ۽ حبيب جالب اهڙا نالا آهن.جيڪي پنهنجي شاعريءَ وسيلي مزاحمت ڪندا رهيا آهن.سنڌ ۾ ون يونٽ واري دور ۾ مزاحمتي ادب جو لاڙو نمايان نظراچي ٿو انهيءَ جو سبب اهو هو تہ سياسي طور سنڌ تمام گهڻي متحرڪ هئي اديبن کان وٺي شاعرن تائين سڀ ماڻهو سياست سان سلهاڙيل هئا.شيخ اياز،ابراهيم منشي،نيازهمايوني،محمد خان مجيدي،رسول بخش پليجو،آڪاش انصاري،حليم باغيۡ ۽ ٻيا ڪيترائي شاعر ۽ سياستدان سنڌ جي سياسي جدوجهد کي پنهنجي لکڻين وسيلي زرخيز ڪندا رهيا آهن.ان جو نتيجو اهو نڪتو جو اسان وٽ مزاحمتي ادب جو چڱو خاصو حصو تخليق هيٺ آيو۽ ٻيو تہ سنڌ ۾ سياسي جاگرتا بہ زور وٺڻ لڳي.

شيخ اياز جي نظمن،رسول بخش پليجي،جي ايم سيد، عبدالواحد آريسر جي لکڻين ۽ سائين محمد ابراهيم جويي جي ترجمن سنڌ جي سياسي ماحول جو رخ ئي تبديل ڪري ڇڏيو. شيخ اياز تہ انهيءَ دور جو اهو شاعر آهي جنهن پنهنجي مزاحمتي شاعري وسيلي عام ماڻهن کي اهو احساس ڏياريو تہ اوهان رڪ کان وڌيڪ مضبوط آهيو.ان کان علاوه سندس لکيل منظوم ڊرامن ”دودي سومري جو موت“ ۽ ”ڀڳت سنگهہ کي ڦاسي“ بہ تمام اهم ڪردار ادا ڪيو.امرجليل، ماڻڪ ۽ ٻيا ڪهاڻيڪار بہ پنهنجن ڪهاڻين ذريعي سنڌ جي سياسي ۽ سماجي صورتحال کي بيان ڪندا رهيا آهن. جن ۾ امر جليل جي ڪهاڻي ”ڀڪي“ ۽”سرد لاش جو سفر“ اهم ترين آهن ماڻڪ ”ساهہ مٺ ۾“ لکي سنڌ ۾ سنڌي مهاجر فسادن تي روشني وڌي. حاصل مطلب تہ سنڌ انهيءَ دور ۾ سياسي ۽ مزاحمتي حوالي سان تمام گهڻي طا قتوررهي.

اها حقيقت آهي تہ جڏهن بہ جتي بہ،جهڙي بہ دور ۾ جبر،ظلم، ڏايوارو وڇايو آهي،ان وقت مزاحمتي ادب تخليق ٿيڻ شروع ٿيو آهي. اهڙي حوالي سان جڏهن اسان تاريخ

تي نظر ڦيرائينداسين تہ معلوم ٿيندو تہ مزاحمتي ادب اسان کي سومرن جي دور ۾ بہ ملي ٿو.پاڳوپان جو هنن شعرن ۾ دودي جي مزاحمتي ڪردارکيمتعارف ڪرائيندڙآهي تہ:

"اپ سپ ڪنهن اوچو،اپ نہ اوچو ڪوءِ

مــــئي بہ مـــــــتي ٿـــيو،سورهيہ سرندوء" (18).

پاڳوپان سومرن جي دور م لڳندڙ علاءُ الدين خلجي جي سنڌ تي ڪاھ ۽ هڪ جنگ کي دودي چنيسر جي نالي سان منظوم ڪيو.جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ چنيسر جيڪري علاءُالدين خلجي سنڌ سان ڪهڙا ڪلور ڪيا هن دودي جي بهادري ۽ حب الوطني جو هيءُ بيان اهڙي نموني پيش ڪيو جو اج تائين اها سنڌ لاءِ اتساھ پيدا ڪري ٿي.هن چنيسر کي چيو هو تہ؛

"تـــــون چنـــــــــيسر لعنـــــــــــتي تون ڪيڏا ڪم ڪيا،

پـــــــــــڳ وجـــــــائي پنهنجي،پڇڻ هليو .هئين ماءُ ڪـــان،

تـــــون ۾لـــچ لهــــــار جـــــــــــــي ساري عالم کي اوڳـــــاءِ ،

مـــــون چـــاڙِي چـــٺ کي چام ڪيو شل چائين مان منجهان،"(19)

ساڳئي ريت سمن جي دور ۾ شيخ حماد جمالي ۽ مخدوم نوح هوتياڻي مزاحمت جا شاعر ملن ٿا. جڏهن چام جوتي ،چام تماچيءَ کي قيد ڪرائي تخت تي ويٺوءِ پاڻ کي دهليءَ جو ڏن پريندڙ ڪيائين تہ سندس کان بيزاري ڪندي حمادجمالي دعا گهريندي نظر اچي ٿو تہ:

"جوڻو مت اوڻو ،چام تماچي آءُ

پاجهي پاجھ پئي توسين نٽو راء"(20)

جڏهن سندس دعا قبول ٿئي تہهن پنهنجي خيالن جو اظهار هن ريت ڪيوتہ ؛

" تماچي صلاح الدين،ايندا سيگھ سريءُ

جوڻوجهڙپيو جپيو ،پيس ڪوٺ ڪر،" (21)

ساڳئي ريت مخدوم نوح هوٿياڻي بہ، زوريءَ قائم ڪيل حڪومت کان نفرت ڪئي آهيءِ مزاحمت جو اظهار هن ريت ڪيو اٿائين:

"جوڻو وجين جهوري ماريو،

چام تماچي تختين چاڙهيو،"(22)

هيءُ بيت عوام کي اتساه پيو ڏيئي تہ اٿو هاڻي گهڻو ٿيو جوڙو مت کان اوڻو آهي. ڪيس تخت تان لاهي چام تماچي حوالي تخت ڪيو.

ڊاڪٽر مخمور بخاري سر سهڻي ۾ مزاحمت لاءِ ويچاروندڙيندي چوي ٿو تہ :

“شاھ عبداللطيف وٽ عشق سڀ کان اعلي آهي ۽ جنهن مقصد سان اهو عشق ڳنڍيجي وڃي تہ پوءِ اهو پنهنجي معراج تي ضرور پهچندو،تڏهن ئي تہ مقصد کي حاصل ڪرڻ وقت جي سر بہ يار جي قدمن تي قربان ٿئي وڃي تہ ڪا وڏي ڳالھ نہ آهي.هتي تہ رات جو رنگ جو اصطلاح خاموشي،لڪ،اڪيلائي ياائين ڪٿي چئجي تہ پردي طور آندو ويو آهي. شاھ لطيف، جتي سهڻي کي علامت طور آندو آهي اتي هو حسين بن منصور حلاج کي بہ مزاحمت جي علامت طور پيش ڪري ٿو.”

“سيـــت پچار پرين جي ،سيت هوت حضور جي،

مـــــلڪ مڙيوئي منصور،ڪهي ڪهندين ڪيترا،”(23).

## مزاحمت جي اهميت ۽ افاديت:

مزاحمت جو مختلف قومن جي ترقي ۾ اهم ڪرداررهيوآهي. ظلم ۽ زيادتين هيٺ آيل قومون مزاحمت واري عمل ذريعي دنيا سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلن ٿيون .مزاحمت ڪرڻ زندھ قومن لاءِ لازمي جز آهي.چو ته پنهنجي قومي ۽ مذهبي حقن جي لاءِ وڙهڻ ۽ مزاحمت ڪرڻ ايمان جو هڪ جز آهي. پوءِ اها مزاحمت تلوارذريعي ڪئي وڃي يا قلم جي ذريعي انهن ظالم قوتن سان ڪئي وڃي .پنهنجي وقت جا ڏاهاء دانشور ، اديب ۽ شاعر مختلف روپن ۾ استحصالي قوتن خلاف سدائين لاءِ مزاحمت ڪندا رهيا آهن.

ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ پنهنجي ڪتاب “سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر ”۾ مزاحمت جي حوالي سان صوفين جي ڏسيل پيغام کي واضح ڪندي چوي ٿو تہ:

“سنڌ جي صوفين انهيءَ اطاعت کي پنهنجي ذات اندر ڳوليو ۽ هرفرد کي بيروني حڪمن جي اطاعت جي بجاءِ خود مختيار ۽ ڪل وحدت ۾ جوڙي ڇڏيو،اذيت،نفرت،حڪم جي بجاءِ عشق ،محبت ۽ حسن جهڙن لازوال جذبن کي ڦهلائڻ جو پيغام ڏنو”(24).

سرڪش سنڌي پڻ انهي لاڙي جي ضرورت ۽ اهميت کي محسوس ڪندي پنهنجي شاعريءَ ۾ مزاحمتي عنصر کي واضح ڪري سنڌي قوم کي ڪليل ماحول ۾ جيئڻ جا طورطريقا ڏسيا ، سنڌي سماج ۾ رائج ظالم قوتن کي پرکيندي انهن سان مزاحمت ڪرڻ جو درس ڏنو.سياسي ، سماجي ، مذهبي توڙي قومي هر حوالي سان سرڪش سنڌيءَ جي شاعري ۾ مزاحمت جو اپياس خاص اهميت رکي ٿو.مزاحمتي حوالي سان سرڪش سنڌي

پنهنجن اڳين مزاحمتڪار شاعرن جي ڏسيل واٽ تي هلندي پنهنجي تخليقن وسيلي قوم جي جذبن ۾ روح ڦوڪيندو رهيو آهي.چاڪاڻ تہ سرڪش سنڌيءَ کان اڳ جي شاعرن پنهنجي شاعري ۾ مزاحمتي عنصرن کي وڏي بي باڪيءَ سان بيان ڪيو آهي. سرڪش سنڌيءَ بہ پنهنجي تخليقن ۾ اها بي باڪي واري روايت کي برقرار رکندي مزاحمت واري لاڙي کي پنهنجي شعرن ۾ جاءِ ڏني آهي.جيئن هڪ شعر ۾ سر ڪش سنڌي چوي ٿو تہ:

"سورهيہ ! تنهنجي ديس تي ، پيهر ٿي يلغار ،

پونير تنهنجا ڪيئن ٿيا، ڪانئر ،ڪلنگيدار،

سنـــڌوءَ نيـڻ ميــار، مــڪـي تو ڏي مرشـــــد،"(25)

مٿين شعر ۾ سرڪش سنڌي پنهنجي ان آدرشي انسان کي مخاطب ٿيندي چوي ٿو تہ، اي سنڌ جا سورما هڪ دفعو ديس تي پيهر ڌارين جي يلغار ۽ حملو ٿيو ٿيو آهي ۽ تون اجان گهري ننڊ سُتو پيو آهين. تنهنجي فڪر سان سلهاڙيل تنهنجا ساٿي ڪانئر بڻجي ويا آهن، تنهن ڪري سنڌڙي توڏانهن ميار پئي موڪلي تہ اي مرشد، رهبر اها ماٺار سنڌڙي کي ناقابل تلافي نقصان پهچائيندو.سرڪش سنڌي ان دور ۾ سمجهہ ۽ ساڃاهہ وارو هو جڏهن برصغير پاڪ وهند جا بہ حصا ٿي رهيا هئا.ڪيترن ئي انسانن پنهنجي وطن جا وڻ ڇڏيا هئا ۽ سفر ڪري اچي بين ماڳن تي پنهنجو لڏو لاٿو هو. انهيءَ پسمنظر ۾ سرڪش سنڌي جي شاعري سرجيل آهي. پنهنجي جنم ڀومي کي ڇڏي اچي ٻئي هنڌ رهڻ ۾ ڪيتري تڪليف ٿيندي آهي اهو تہ اهو انسان ئي چاٽي سگهي ٿو. آزادي جو لطف ڇا ٿيندو آهي اهو تہ ان بيگناهہ قيدي کان پڇجي جيڪو سالن کان بي ڏوهي بڻجي قيد ڪاٽيندو هجي. آزادي وڏي نعمت آهي. سرڪش سنڌي جي شاعريءَ۾ هر ان ڏر سان مزاحمت ڪندي ملي ٿي .جيڪي ان وقت قومن کي غلام بنائڻ ۽ جهالت ڏانهن ڌڪڻ ۽ غلط ريتن رسمن ۾ قوم کي ڦاسائڻ ۾ رڌل هئا ۽ مذهب کي غلط نموني سان پيش ڪرڻ ۽ فرقيواريت کي هوا ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا هئا.تنهن ڪري، سرڪش سنڌي اهڙن روين خلاف ڪلم ڪلا مزاحمت جو اعلان ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ سرڪش سنڌيءَ کي ڪيترين ئي تڪليفن کي منهن ڏيڻو پيو.پر هن وڏيءَ دليريءَ سان انهن سماج دشمن عنصرن سان مزاحمت ڪئي،نہ پڻ ايترو پر معاشري جي هر استحصالي قوت سان مزاحمت ڪئي ،اهو ئي سبب آهي، جو حاڪمن ۽ تنگ نظر ظالمن نہ پي چاهيو تہ سرڪش سنڌي انهن جي راهہ ۾ رڪاوٽ بڻجي.سرڪش سنڌي اهڙن مزاحمتي خيالن کي پنهنجي شاعري جي ڪتاب "سنڌو ڳائي ٿي" ۾ بيان ڪندي چوي ٿو تہ؛

"اٿي هوشو ۽ واهر ڪج وري اڇي،
ويرين آهي وڪوڙيو ،لهج سڌ سماءُ،
تر نــــــه آيو تاءُ ،سنڌ وڏيري سورڪي،" (26)

سرويچ سجاولي جي شاعري ۾ مزاحمت جو عنصر چٽو نظر اچي ٿو.هن پنهنجي شاعري ۾ سنڌ جي دردن جي ڳالهه ڪئي آهي ته سنڌي اڄ به ظلم جي گهاٽي ۾ پيا پيڙجن.انهيءَ سڄي ظلم سهڻ واري حالتن کي سرويچ سجاولي پنهنجي شاعري ۾ مزاحمت هيٺين شعر ۾ بيان ڪئي آهي:

"اڄ به هاماني حڪومت اڄ به فرعوني فضا،
اڄ به پـــــيا پيسجن هزارين زار پارســـنڌ ۾،
ڏيل ڏوٿين جو ڏڪائي ۽ڏکن تي ڏيئي ڏک،
ڏاڍ سان ڏاڍيون پسايا ڏينهن جو تارا ســــنڌ ۾،" (27).

ظلم خلاف آواز اٿاري مزاحمت ڪرڻ بهادر انسانن جي نشاني هوندي آهي. ۽ هو چاهيندا آهن ته آزادي واري فضا ۾زنده رهجي. اهي دلير انسان چوندا آهن ته، آزادي ڦلدار ۽ ميويدار وڻ وانگر هوندي آهي، جنهن جي هرهڪ ڏاريءَ ۾ ميون جا ڇڳا هوندا آهن. قومون به آزاديءَ سان هڪٻئي سان ميويدار وڻ وانگر زندگي بسر ڪنديون آهن هڪ ڏاريءَ کي نقصان پوڻ سان سڄو وڻ بيڪار ٿي ويندو آهي. آزادي جو مزو به تڏهن ئي ماڻي سگهجي ٿو جڏهن سڄي قوم کي ان جو ڦل ملي. خليل جبران مزاحمت ۽ آزادي جي اهميت بابت پنهنجا خيال بيان ڪندي لکي ٿو ته: "مان اڄ ڏاڍو خوش آهيان، جو هنن مون کي پنهنجي سماج مان خارج ڪري ڇڏيو آهي .ڇاڪاڻ ته اهڙو رتبو ۽ مان هن اڌوهي ڪاڌل سماج ۾ فقط انهن ماڻهن کي نصيب ٿيندو آهي، جيڪي ظلم ، ڏاڍ ، ڏهڪاءَ ، استحصال ۽ ڦرلٽ خلاف بغاوت ڪندا آهن ، جيڪي ان ظالم سماج جي اڏيل ديوارن ۾ ڏار وجهي بغاوت جو اعلان ڪندا آهن .جيڪي ماڻهو جلاوطني کي غلامي کان وڌيڪ نه ٿا چاهين سي آزاديءَ جي حقيقي معنيٰ ۽ مفهوم کي ڪڏهن به نه ٿا سمجهي سگهن"(28).

وڌيڪ لاءِ خليل جبران پنهنجا مزاحمتي ويچار پنهنجي ڪتاب " خليل جبران جون ڪهاڻيون" ۾ چوي ٿو ته:"زندگي بنان ڪنهن بغاوت جي ائين آهي جيئن ڪاٿي موسم بغير بهار جي هجي ، بغاوت بنا ڪنهن سچائي جي ايئن آهي جيئن ڪو بهار بغير پاڻيءَ ۽ ساوڪ وارو رڻ پٽ هجي. مان زندگيءَ بغاوت ۽ سچائي کي هڪ ئي ذات جا ٽي جو هر

تسليم ٿو ڪريان . زندگي بنان ڪنهن آزادي جي ائين آهي جيئن ڪو جسم بغير ساهہ جي ، آزادي ،سوچ ۽ فڪر بغير ائين آهي جيئن ڪوآوراه ۽ پٽڪيل جيون ، زندگي ،آزادي ۽ فڪر هڪ عظيم ذات جا ٽي عنصر آهن”(29).

مزاحمت جو عنصر انساني طبيعت ۾ ازل کان موجود آهي .انسان پنهنجي ارتقا جي شروعاتي دور کان فطرت ۽ فطرت جي مختلف روپن جهڙوڪ بک ، بيماري ، ٻوڏ ۽ زلزلن جي خلاف جنگ جوٽيندو پئي آيو آهي .انهي مزاحمت جي ڪري ئي انساني سماج جي تشڪيل ٿي. مزاحمت جو سڀ کان اعليٰ درجو ظلم ، ناانصافي ۽ ڏاڍ خلاف آواز بلند ڪرڻ آهي ،قديم علم و ادب جي حوالي سان ڏٺو وڃي تہ يوناني ديو مالا ۾ بہ مزاحمتي ڪردار پروميٿس ۽ سسفيس جا ملن ٿا جن زيوس ديوتا سان بغاوت ڪئي ۽ انسانن کي باهہ ٻارڻ ۽ ٻيا علم سيکاريا جن جي سزا ۾ ٻنهي کي سخت عذاب ڀوڳڻا پيا ،برصغير جي تاريخ ۾ صوفي بزرگن جو هڪ خاص مزاحمتي ڪردار رهيو آهي .شاهہ لطيف رح ۽ خليفي نبي بخش ۽ ٻين سنڌي شاعرن جي شاعريءَ ۾ مزاحمت جو عنصر واضع نظر اچي ٿو.

ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ لکي ٿو تہ“سنڌ جي صوفي فڪر جو شاهہ عنايت شهيد ڀهريون ڪردار هو جنهن ڪلي طرح وقت جي حڪمرانن سان مهاڏو اٽڪايو هن انسانيت، دوستي ۽ محبت جو درس ڏنو. هن معاشي طرح “جو کيڙي سو کائي” جو نعرو هڻي طبقاتي جاگير داري نظام کي چئلنج ڪيو.هيءُ اهو انقلابي قدم هو جنهن وقت جي حڪمرانن ۽ جاگيردارن کي ناراض ڪري وڌو ۽ شاهه عنايت جي سنئون سڌو مخالفت ڪرڻ لڳا.“تذڪره صوفياءِ سنڌ” ۾ لکيل آهي تہ:شاهہ عنايت پنهنجي فقيرن سان گڏ دشمنن جي فوج سان چار مهينا مقابلو ڪندو رهيو۽ آخر حڪمرانن طرفان قرآن پاڪ وچ ۾ رکي امن ڪرڻ جي التجا ڪئي ويئي ۽ اهو يقين ڏياريو ويو تہ شاهہ صاحب نواب اعظم جي سامهون پيش پوي،سندس جان ۽ مال جي مڪمل حفاظت ڪئي ويندي، پر حڪمرانن جي اها مڪمل چال هئي.شاهہ صاحب سان دوکو ڪيو ويو۽ ڪيس شهيد ڪيو ويو”(30).

سائين جي ايم سيد مزاحمتي ادب جي اهميت ۽افاديت کي پنهنجي ڪتاب “چونڊ ادبي مضمون ۽ ولايت جا خط”۾ لکندي بيان ڪري ٿو تہ:“جبر ۽ڏاڍ دوران ماڻهو ظلم اڳيان نہ جهڪي ۽ مسلسل مزاحمت ڪندو رهي اها پنهنجي وجود جي بچاءَ جي هڪ ڏگهي ويڙهہ آهي. جنهن دوران ماڻهو کي پنهنجي طاقت ۽ آزاديءَ جو بي پناه وجدان ٿيندو آهي. زندگيءَ کي معني صرف جبر سهڻ سان نٿي ملي،پر جبر خلاف جدوجهد ڪرڻ سان ملي ٿي”.31)

شيخ اياز هڪ بهترين مزاحمتي ۽ انقلابي شاعر رهيو آهي.هن اها مزاحمت پنهنجي شاعري ذريعي به لکئي ته ڪهاڻين جي صورت ۾ به لکي آهي.اهڙن خيالن جو اظهار شيخ اياز پنهنجي لکيل ڪهاڻي سفيد وحشي ۾ ظاهر ڪندي چوي ٿو ته:

“جنهن وقت مسلمانن ۽ هندن ۾ تفرقي پرستي ۽ نفرت کي وڌايو پئي ويو،ان وقت هن سفيد وحشي ڪهاڻي لکي عوام جي حقيقي دشمنن جي عڪاسي ڪئي.هن قومي ۽ سماجي جبر خلاف آواز اٿاريو ڪهاڻي سفيد وحشي انگريزن خلاف نفرت جو اظهار آهي.جنهن ۾ هڪ ڪردار صديق چوي ٿو:هي انگريز،هي گورا صاحب هيءُ وڏا آفيسر سڀ سفيد وحشي، اسان جي زندگي، غيرت ،محبت جا خوني، سفيد وحشي.” (32)

مزدورن جي تحريڪ جو بنياد پهرين مئي 1886ع تي ان وقت پيو، جنهن وقت آمريڪا جي لکن جي تعداد ۾ پورهيتن،روزانو اٺ ڪلاڪ ڪم ڪرائڻ لاءِ شڪاگو شهر ۾ ڪارخانن جي ظالم مالڪن خلاف مزاحمتي آوازاٿاري رهيا هئا..ان مزدورن جي تحريڪ ۽ حقن جي مزاحمت لاءِ رشيد ڀٽي هڪ مضمون “پورهيتن جو ڏينهن” ۾ ان ڏينهن جي مناسبت سان لکندي چوي ٿو ته:

“سن1886ع ۾ جي مئي مهيني جي پهرين تاريخ تي آمريڪا جي مزدورن ۽ پورهيتن،سرمائيدارن۽ نفي خورن خلاف جهنڊو هٿ ۾ کنيو.ان ڏينهن سڄ اپرڻ سان ئي لکن جي تعداد۾ مزور اچي شڪاگو ۽ ٻين شهرن جي گهٽين ۾ ڪنا ٿيا.هو شاهوڪارن ۽ ملن جي مالڪن جي ڏاڍاين ۽ ظلمن خلاف آواز اٿاري رهيا هئا مٿن ٿيندڙظلمن کين هڪ ڪري ڇڏيو هو.هو پنهنجا سمورا ويچا وساري،ڏاڍ سان منهن ڏيڻ لاءِ،هو پاڻ ۾ ٻڌ ٿي چڪا هئا.هو حق ۽ سچ جي راهه تي هئا،هنن کي پنهنجي جدوجهد ۾ ويساهه هو۽ سوڀ جي پڪ هئي . هنن جي مک گهر اها هئي ته هو سورهن يا ارڙهن ڪلاڪن بجاءِ رڳو اٺ ڪلاڪ روز ڪم ڪندا.” (33)

پهرين مئي تاريخ جو اهو واحد ڏينهن آهي جنهن ڏينهن تي مزورن سان هڪ ٿي،انهن سان ٻانهن ٻيلي ٿيڻ جو ڏينهن آهي هيءُ اهو ڏينهن آهي جنهن تي شهيد مزدورن کي پيڙا ڏئي سندن ڪاوشن کي زنده رکڻو آهي، وڏيڪ لاءِ رشيد ڀٽي ان مزدورن جي مزاحمت جي مناسبت سان پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي لکي ٿو ته:

“پورهيتن جي پورهئي جي ڦرمار يا ڦرلٽ ئي سرمائيدار ۽ مزدور جي طبقاتي جنگ جو پايووڌو.اسان ڏسون ٿا ته هر شئي جي پيداوار۾ گهٽي ڪان گهٽو حصو پورهيت جي پورهئي جو هوندو آهي.پر کنيو گهٽو يا اجايه چنجي ته ذري گهٽ سارو،سرمائيدار ٿو کائي،هو رت ست ڏئي لکين ميٽرڪ ٽن ڪوئلو ڪاڻين مان ڪوٺي ڪڍي ٿو، پرڪيس ايترو به

ڪوئلو نصيب ڪون ٿو ٿئي جو  به ڏينهن چلهه گرم رکي سگهي.هو هڏ ڳڏ ٽڪائي هوهزارين ميٽر ڪپڙو اڻي ٿو،پر ڪيس بت تي به پائڻ لاءِ بہ ڪپڙو نصيب ڪونہ ٿو ٿئي.هو گهاٽي جي ڏاند جيان ڳهي ڳهي هزارين ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ تيار ڪري ٿو پر ڪيس عيد برات تي بہ ڪا چپٽي مشڪل سان ملي.ٻئي پاسي ڪيس سرمائيدار ،ان جي پورهئي مان پيدا ٿيل شين جو وڪرو ڪري ناجائز نفعو ڪائي وڃي ٿو ڏينهون ڏينهن ڪڙوڙ پتي ۽ ارب پتي ٿيندو وڃي،ان غير برابريءَ،بي انصافي ۽ ظلم ئي مزور کي سرمائيدار خلاف پڙڪايو." (34)

مزدور طبقو هميشہ سرمائيدار طبقي وٽ پيڙبو پئي رهيو آهي جنهن جي نتيجي ۾ مزور هميشہ پنهنجي حقن جي لاءِ مزاحمت ڪندو رهيو آهي ان مزور طبقي جي مزاحمتي انداز کي رشيد ڀٽي پنهنجي مضمون "پورهيتن جو ڏينهن" ۾ بيان ڪندي لکي ٿو تہ:"مزورن پنهنجي حقن گهرڻ لاءِ هڙتالون شروع ڪيون ، سرمائيدارن سندن گهرجون پوريون ڪرڻ بجاءِ کين نوڪري مان ئي نيڪالي پئي ڏيئي ڇڏي. هو انهن جي جاين تي نوان مزور ڀرتي ڪندا رهيا يا وري هڙتالي مزدورن کي هرڪائي ريهي ريبي ڪم تي آڻيندا هئا يا وري غير هڙتالي مزد ورن کي وڌيڪ روز جي لالچ ڏيئي ڪائين ڀيٽو ٽيٽو ڪم وٺندا هئا .ان حالت مزدورن کي پاڻ ۾ ٻڌي ڪرڻ جو احساس ڏياريو هنن ملي ڪري جماعتون ( Trade Union) ٺاهيون ۽ پنهنجي هلچل لاءِ جدو جهد کي اڳتي وڌايو ويو." 35)

مارڪس هڪ وڏو عالمۭ داناءُذهن جو انسان هو.هو هڪ سڻي انقلابي سوچ رکڻ وارو ماڻهو پڻ هوۭ ساڳئي وقت اقتصاديات جو تمام وڏو ماهر پڻ هو.مارڪس جي فڪر تي اڄ بہ دنيا جي يونيورسٽن ۾ مطالعو ڪيو ٿو وڃي ٿو.ان ڪان علاوه تاريخ ۽ سماجيات تي پڻ دسترس رکندڙ هو.مارڪس انقلاب پسند ماڻهو هو، هو مزاحمت ۽ انقلابي سوچ وارا خيال رکندي چوي ٿو تہ:

" هن وقت اهو ضروري آهي تہ پورهيت جي خلاف جيڪو زهر هاريو پيو وڃي ۽ ان جي مفاد جي خلاف جيڪو پر چار ڪري ماڻهن کي گمراه ڪيو پيو وڃي، تنهن کي ختم ڪيو وڃي." .(36)

هڪ جفاڪش انسان جي زندگي ۾ جيڪي دشواريون اچن ٿيون انهن خلاف ڪيئن وڙهجي،ان لاءِ مارڪس  پنهنجا ويچار ونديندي چوي تو تہ :"ماڻهو رڳو پاڻ کي سچائي ۽ پنهنجي زندگي جي خشڪ حقيقيتن جو اپياس ڪري ۽ انهن جو جائزو وٺي تہ ڪهڙي ريت اهي هن جي راه ۾ رڪاوٽ آهن تہ پوءِ اهو فيصلو پاڻ ئي ڪري وٺندو تہ هن کي ڇا ڪرڻ گهرجي، هن طرح هو پنهنجي فطرت مطابق پاڻ کي ۽ پنهنجي رستي کي ٺاهي وٺندو جيڪو هر فرد جي حالت ۾ نرالو هوندو ،هن طرح اسان جي دور جا سڀ مسئلا حل ٿي ويندا."(37)

هڪ ٻئي جاءِ تي مارڪس انقلاب ۾ مزاحمت جي اهميت کي اجاگر ڪندي چوي ٿو تہ:"توڙي جو صورتحال انقلاب لاءِ سازگار هجي،پر جيڪڏهن انقلابي قوتون پيدا نہ هونديون ۽ منظّم جدوجهد لاءِ تياريون نہ هونديون، تہ انقلاب رڪيل رهي سگهي ٿو"(38

عمر ڪوٽ ۾ مارئي کي عمر ڪٽي اچي پنهنجي محل ۾ قيد ڪيائينس.مارئي کي عمر سومروقيد ڪرڻ کانپوءِ روزانو عطر عنبير،پلائن ۽ شربتن ،پٽ پٽيهرن ۽ بخمل بافتن جا لب ڏيندو رهيو. پر هن مظلوم ۽ بيوس عورت لاءِ پنهنجن غريب مارو‌ئڙن سان گڏ سڪ بہ پلائن کان وڌيڪ اهميت وارو آهي ۽ اڄ بہ هنن مٺن شربتن کان وڌيڪ لذيذ آهي.هن کي جيڪا مارو‌ئڙن واري لوئي آهي سا عمر سومري جي بافتن ۽بخمل کان وڌيڪ اهميت واري آهي.عمر سومري انهن آسائشن کانپوءِ بہ مارئي جي انڪار تي، هن کي راضي ڪرڻ لاءِ ايذائيندو رهيو ٻئي طرف مارئي جا اباڻا اهڙي درد واري ڪيفيت ۾ خاموش رهيا.هيءَ مظلوم عورت هر گهڙي پنهنجي مارو‌ئڙن کي ساريون پئي هنجون هاريندي هئي.جيترو وقت عمر باد شاهہ وٽ قيد رهي ان عرصي دوران نہ هن لـڱ ڌوتا،نہ وري وارن کي ڌوتو نہ ئي وري اباڻي لوئي مٿي.اهڙي عمر جي رويئي تي مزاحمت جو اظهار ڪندي رهئي. وڌيڪ مارئي ڏک کي ظاهر ڪندي چوي ٿي تہ اهي ڏينهن منهنجي لاءِ مو چارا هئا جيڪي آءُ عمر سومري بادشاهہ جي قيد ۾ گذاريا.آءُ اتي هر وقت ائين روئندي هيس جيئن مينهن جا وڏا ڦڙا ماڙين جي ڇت تي ڪرندا آهن. جيئن جيئن مارن سان ملڻ لاءِ سيڪس پئي تيئن تيئن هن بادشاهہ مون تي ظلم جا پهاڙ پئي ڪيرايا. آخر منهنجي محبت جيڪا مارن سان خلوص واري هئي ان عمر بادشاهہ جي زنجيرن کي ڪيرايو.ڪلياڻ آڏواڻي شاهہ جي رسالي ۾ سر مائي ۾ مارئي جي دردن جي ترجماني شاهہ جي هن بيت ۾ ڪندي چوي ٿو تہ :

"سکر سئي ڏينـهن جي مون گهاريا بند ۾،
وســـــايم وڏ ڦڙا مٿي ماڙين ميـــــــــــــــنهن،
واجــهائي وصال کي ٿيس تـهوارون تيئن،
نيـــــئر منهنجي نينهن اجاري اڇو ڪـــيو".(39)

ماءُ "ناول"جيڪو مئڪسم گورڪي جو لکيل آهي ان جو ترجمو گوبند مالهي ڪيو آهي. ان ناول ۾ هڪ جاءِ تي هڪ پوليس عملدار مزاحمتي انداز بلندي ڪندي عوام سان مخاطب ٿيندي چيو تہ : "ساٿيو اچو تہ پنهنجي استاد ۽ ساٿي جي قبر مٿان اسين قسم کڻون تہ سندس آدرش کي ڪڏهن بہ نہ وساريندا‌سين. اسان مان ڪنهن کي بہ ڏيهہ جي مڙني

مصيبتن جي جڙ ،ڏار شاهي جي قبر کوٽڻ ۾ ڪا ڪسر ڇڏڻ نہ ڪپي.هن کي گرفتار ڪيو عملدار رڙڪئي .سندس آواز ماڻهن جي للڪار ۾ ٻڏي ويو سندس آواز ماڻهن جي نعرن جي للڪار ۾ ڏڏي ويو."زار شاهي مرداه باد " "نادر شاهي زنده باد" (40)

"ماءُ" ناول ۾ هڪ جاءِ رائيبن انقلابي ۽ مزاحمتي آواز اڀاريندي چوي ٿو تہ:

"ڪسان ساٿيو رائيبن چيو ،ڇا اوهان ڏسي نٿا سگهو، اوهان جو جيون ڪهڙو آهي؟ ڇا اوهان سمجهي نٿا سگهو تہ اوهان کي ڪهڙي نموني دوکو ڏنو پيو وڃي.؟ڪيئن اوهان جو خون چوسيو پيو وڃي ؟اوهان سنسار جي وڏي ۾ وڏي طاقت آهيو.اوها ان ٿا پيدا ڪيو ڪپهہ ٿا پيدا ڪيو پر اوها ن کي ڪهڙي اختيار آهي؟اها ئي تہ بک ۾ پاهہ ٿي مري وڃو." هارين جا آواز بلند ٿيا تہ هو سچ چئي رهيو آهي." (41)

"ماءُ" ناول ۾ هڪ جڳهہ تي پاويل ڊائلاگ هٽي رهيو هو ان ڊائلاگن کي سڀئي جج توجہ سان ٻڌي رهيا هئا ۽ ان جي ماءُ بي چيني سان ٻڌي رهئي هئي. پاويل مزاحمتي آواز بلند ڪندي چيو تہ:

"اسان انقلابي آهيون ۽ تيسيتا ئين رهنداسين جيسيتائين خانگي ملڪيت وجود ۾ رهندي، جيسيتا ئين هڪڙا صرف حڪم هلائيندا ۽ٻيا ڪم ۾ گهلندا رهندا ، آخري جيت اسان جي ٿيندي اسين محنت ڪش اوس سوڀارا ٿينداسين. اوهان جو سماج ايتري طاقت نہ آهي.جيترو اوهان سمجهو ٿا. توهان ڪوڪلا آهيو .توهان ڪا نئي ڳالهہ سوچي نٿا سگهو اسان جا ويچاروڏندا ٿا رهن اسان جي شڪتي وڌندڙ آهي. چاڪاڻ تہ اها مزدورن جي ٻڌيءَ مان پيدا ٿئي ٿي. توهان انسانن کي زندگيءَ کان جدا ڪري چڙوچڙ ڪري ڇڏيو آهي. سماج واه انسانن کي نئين سريڪ وجود ٻڌائيندو ۽ دنيا کي هڪ ڪندو ۽ ائين ضرور ٿيندو" (42)

خليل‌جبران پنهنجي ڪتاب "خليل جبران جون ڪهاڻيون" ۾ هڪ جاءِ تي پنهنجي مزاحمتي انداز ۾ مزاحمت کي بيان ڪندي چوي ٿو ته :

"مان اڄ ڏاڍو خوش آهيان جو هنن مون کي پنهنجي سماج مان خارج ڪري ڇڏيو آهي.ڇا ڪاڻ جو اهڙو رتبو ۽ مان ،هن اڏوهي کاڌل سماج ۾ فقط انهن ماڻهن کي نصيب ٿيندو آهي.جيڪي ظلم،ڏاڍ،ڏهڪاءُ، استحصال ۽ ڦرلٽ خلاف بغاوت ڪندا آهن،جيڪي ان ظالم سماج جي اڏيل ديوارن ۾ ڏار وجهي بغاوت جو اعلان ڪندا آهن .جيڪي ماڻهو جلاوطني کي غلاميءَ کان وڌيڪ نٿا چاهن ، سي آزاديءَ جي حقيقي معني ۽ مفهوم کي ڪڏهن نه نه ٿا سمجي سگهن."(43)

## (References):حوالا


1. **WWW.oxfordlearnersdictionaries.com, see on date : 18_ 11_2021.**
2. **(www.lexico.com, see on date 18_ 11 _ 2021.**
3. **.(https:||sindhi.english.dictionary).**
4. **دہلوی، احمد، سید ، طبع دوم1974 ع، دہلی (بھارت)، ناشر، فوزیہ یوسفی ڈائرکٹر مکتبہ حسن سہیل لمٹیڈ۔ص 339.**
5. **ایضًا۔ ص 339.**
6. **Wwwrekhta dictionary. Com see on dated 15.04.2021**
7. **(www.wikkipedia.com , see on dated 12. 08. 2020.**
8. **https en.m.wikipedia org, wiki see on dated 15.11.2021.**
9. **https en.m.wikipedia org, wiki see on dated 15.11.2021.**
10. **https www.collinsdictionary.com, see on dated 22-9-2021**
11. **https www.collinsdictionary.com see on dated23-9-2021**

12. **بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر،جامع سنڌي لغت ،حيدرآباد، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، 2006ع. ص 621.**

13. **بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر،جامع سنڌي لغت ،جلد نمبر 5، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1987ع، ص، 2648.**

14. **مــلاح ، مختياراحمــد،ادبي اصــطلاحن جـــي تشــريحي لغـــت، ســنڌي لينگـــويج اٿارٽي ، مارچ2005ع،ص،321.**

15. **گهــانگهرو، عابده،ڊاڪٽر،صــدين جــو سرجڻهار(شــيخ ايــاز) ڪراچـــي، امجــد پرنٽرس سنڌياپبليڪيشن،2017ع،ص،232.**

16. **سومرو، حزب الله آءِ،سنڌ جو ڪيس ٿر جو ڪيس، پوپٽ پبليشنگ هائوس خيرپور، ص،13.**

17. **www.punjnud .com dated 28-9-2021**

18. **ملاح،احمد،مختيار، سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو، ڪاٺياواڙ ميمڻ اسٽور،2012ع، ص 52.**

19. ايضًا، **ص، 51.**

20. ايضًا، **ص، 68.**

21. ايضًا، **ص، 68.**

22. ايضًا، **ص، 69.**

23. **بخاري ،مخمور،ڊاڪٽر ، جرنل ڪلاچي ، سرسهٽي ۾ مزاحمت ۽ روشن خيالي جو شعور، (مقالو)، تحقيقي جرنل ڪلاچي ،ايڊيٽر پروفيسر محمد سليم ميمڻ، جلد:ٽيويهون،شمارو ٻيو،ڊسمبر 2020ع،ص289.**

24. ميمڻ، عبدالغفور،ڊاڪٽر،سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر،سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو،اپريل،2017ع،ص،189.

25. **سنڌي ،سرڪش، سنڌو ڳائي ٿي ، چانڊڪا پبليڪيشن لاڙڪاڻو،.2000ع،ص،71.**

26. ايضًا،**ص،68.**

27. **سجاولي،سرويچ،آليون اکيون آٿپاوار،لاڙ پبليڪيشن سجاول جون ،1972ع،ص،8.**

28. **جبران ،خليل،مترجم:دانس،نواز، خليل جبران جون ڪهاڻيون (ڇاپو ٻيو)، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو،2016ع ،ص،36.**

29. ايضًا،**ص،45.**

30. ميمڻ،عبدالغفور،ڊاڪٽر،سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر،ڪراچي يونيورسٽي،شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر،2002ع، ص،196.
31. جي ايم سيد، چونڊ ادبي مضمون ۽ ولايت جا خط،نئين پبليڪيشن ڪراچي، 1984ع ،ص، 102.
32. اياز،شيخ، سفيد وحشي،سنڌ سورهيه پبليڪيشن ڪراچي،1972ع،ص،42.
33. ڀٽي،رشيد، سنڌي لازمي يارهين ٻارهين ڪلاس لاءِ،پورهيتن جو ڏينهن،سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄامشورو، ؟ ،ص،21.
34. ايضًا،،ص،22.
35. ايضًا،،ص،23.
36. ٻوهيو،الھ داد، ڊاڪٽر، ادب جا فڪري محرڪ، سنڌي ساهت گھر حيدرآباد سنڌ، 2012ع، ص،230.
37. , ايضًا،ص، 232.
38. , ايضًا،ص، 229.
39. آڏواڻي، ڪلياڻ ، شاهه جو رسالو،روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو،2013 ع، ص،234 .
40. گورڪي، مئڪسم ، ماءُ ناول،روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو،2010ع ، ص،151.
41. ايضًا، ص،157
42. ايضًا، ص،183.
43. جبران،خليل،مرتب،دانش نواز،خليل جبران جون ڪهاڻيون،ڇاپو پيو،روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو،2016ع،ص،35.

## باب پيو

## سنڌي شاعريءَ ۾ مزاحمتي لاڙي جو تاريخي پسمنظر

سنڌ جي تاريخ تي گهري نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ تي هميشہ ڌارين حملي آورن ، ڦورن ۽ لٽيرن طرفان حملا ٿيندا رهيا آهن، ۽ نتيجي ۾ هن قوم پڻ سدائين مزاحمت ڪئي آهي. مون کي تہ ائين معلوم ٿيندو آهي تہ مزاحمت ڇڻ هن ڌرتيءَ جي خمير ۾ شامل آهي.تاريخ شاهد آهي تہ سنڌي قوم دنيا جي اها واحد قوم آهي، جنهن هميشہ ڪنهن ٻئي ملڪ يا سماج تي ڌاڙ ۽ ڌهڪاءُ ظاهر ڪرڻ لاءِ حملو نہ ڪيو بلڪ هميشہ حملي آور ٿي ايندڙ جابرن۽ ظالمن اڳيان مزاحمت ڪندي پنهنجا سر قلم ڪرايا ۽ تاريخ ۾ امر ٿي ويا. اهڙن امر ڪردارن جي سورهيائي تي جيڪو مواد ملي ٿو ان کي تفصيلي طور ان جي ورهاست سان هيٺ ڏجي ٿي: .

## 2.1 سومرن جي دؤر (1050ع_1350ع) جي رزميہ شاعري (جنگناما):

### رزميہ شاعري:

رزميہ شاعري اهڙي ڪلام کي سڏيو ويندو آهي، جنهن ۾ جنگ جي ميدان ۾ دلير انسانن جي ڪارنامن تي تبصرو ڪيو ويندو آهي ۽ ان کان علاوه انهن جي بهادري بيان ڪئي ويندي آهي. جڏهن بہ رزميہ شاعري جو اڀياس ڪيو ويندو آهي تہ ان وقت وطن لاءِ حب جو اثر چٽو نظر ايندو آهي.جنهن ڪري ان ۾ بهادري جا جوهر ۽ سپاهين جا ڪارنامہ ۽ جذبا سهڻي انداز ۾ بيان ڪيا ويندا آهن.سومرن جي دور ۾ خاص ڪري سومرن ۽ گجرن، سومرن ۽ علاوالدين جي وچ ۾ جنگ ان کانسواءِ دودي ۽ چنيسر جي وچ ۾ پڻ جنگيون لڳيون آهن

جڏهن اسان دنيا جي ادب تي گهري نظر وجهنداسين تہ، اسان کي رزميہ شاعري هر ادب ۾ ملندي. ڇاڪاڻ جو ادب جي شروعات ئي اهڙي شاعريءَ سان ڏسجي ٿي. ان جو سبب اهو آهي تہ انسان پنهنجي وجود کي بچائڻ لاءِ مختلف محاذن تي وڙهيو آهي. ڪٿي هن کي فتح نصيب ٿي آهي تہ ڪٿي هو ناڪام ويو آهي. ان دوران هن جي اندوڙ جي ڪيفيتن ۾ بہ تبديلي ايندي رهي آهي. اها تبديلي فاتح ٿيڻ وقت خوشي جي جذبن ۾ اضافو ڪندي آهي، تہ وري شڪست کائڻ وقت ڏک ۾ تبديل ٿي ويندي آهي. اهڙن اندر جي ڪيفيتن جو اظهار ادب وسيلي ئي ڪبو آهي. سنڌي اساسي شاعريءَ ۾ بہ رزميہ شاعري، شروع کان وٺي موجود آهي. سومرن جي دور ۾ بہ ڪيترائي معرڪا ٿيا، جن کي ڳاهن جي صورت ۾ پڙن، پانن ۽ چارڻن پنهنجي شاعري ۾ خوب ڳايو آهي ۽ سيني بہ سيني اها بي بها شاعري اسان تائين پهچائي آهي. تنهن ڪري سومرن جي دور ۾ رچيل رزميہ شاعريءَ کي اسان جي جنگي ميدان تي وڙهندڙ سورمن جي سوڀ جو دور ليکيو وڃي ٿو.

تاريخ جي ورقن ۾ سومرن جي دور کي سنڌي ادب جي پيڙهہ جو پٿر چيو وڃي ٿو. هن ئي دؤر ۾ اسان کي سنڌي ٻولي، سنڌي شعر، عشقيہ داستانن، مذهبي شاعري، ڳيچ، سهرا، لاڏا

۽ رزميہ شاعريءَ جا نمونا ملن ٿا. اهي ڪٽي تعداد ۾ گهٽ آهن، پر هڪ سونهري دؤر جي ابتدا بابت اهڃاڻ آهن. سومرن جي دور ۾ جيڪي بہ اندروني ۽ بيروني جنگيون لڳيون، انهن بابت، ان وقت جي ڀٽ فقيرن، پانن، چارڻن ۽ ٻين شاعرن پنهنجي قلم ذريعي جنگي معرڪن کي محفوظ ڪيو. ان دؤر ۾ ڪيترائي سورهيہ، سورما ۽ سکي سردار موجود ملن ٿا، پر تاريخ جي تذڪره نويسن، دودي سومري جي سورهيائيءَ جو سڀ کان وڌيڪ تذڪرو ڪيو آهي.تنهن دؤر جي ڀٽن، پانن ۽ چارڻن پنهنجي علمي ڏانءُ ۽ ڏات وسيلي، جيڪو ڪجهہ اکين سان ڏٺو، ان جو بيان ڪيو. اها داستان گوئي سنڌ جي تاريخ، تهذيب، ٻوليءَ ۽ ثقافت جو سرچشمو بڻيو. تاريخ جي اهڙن ڪردارن جي جيتري بہ واکاڻ ڪجي گهٽ آهي. سومرن جي تقريبن 18 حڪمرانن سنڌ تي حڪومت ڪئي.انهن جو گهڻو ڪو احوال ڪو نہ ٿو ملي، پر جيترو بہ ملي ٿو اهو تاريخ ۾ دستاويز جي حيثيت رکي ٿو. ان دور ۾ هن دور وانگر پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا جهڙا رابطا تيز ڪونہ هئا. وقت جي دز ۾ لَٽجي ويل تاريخ جا جيڪي بہ نمونا مليا آهن، اهي ڪنهن اُملهہ موتيءَ کان گهٽ ناهي. انهن تاريخ جي ورقن مان ئي اسان کي ان دور جي رهڻي ڪهڻي، رسم رواج، ٻولي، ثقافت، مختلف پاڙيسري قومن سان جنگين ۽ اندروني امن امان بابت ڄاڻ ملي ٿي. سومرن جي دؤر ۾ مختلف علائقا گاڏيءَ جا هنڌ رهيا آهن.جن ۾ ملتان، ساسوئي، محمد طور، وڳهڪوٽ، اروڙ، امر ڪوٽ ۽ روپاماڙي بہ اچي وڃي ٿو.ان وقت ان شهر تي پونگر نالي حڪمران رهندو هو.

سومرن جي دؤر ۾ سندن مٿان ڪيترن ئي پاسن کان حملا ٿيندا رهندا هئا.جن جو احوال ان وقت جي شاعريءَ مان معلوم ٿئي ٿو.

”سومرن حاڪمن جا ڪيترائي معرڪا شاعريءَ ۾ منظوم آهن. جن سومرن ۽ گجرن جون لڙايون، دودي ۽ چنيسر جي جنگ ۽ چام هالي ۽ همير سومري جون جنگيون اهم آهن. هن دور جي0 رزميہ شاعري ۾ سندن درباري ڀٽن، پانن ڳائي وڄائي پيش ڪيو. جيتوڻيڪ ”دودي- چنيسر“ جي ڳالهہ وارن ڳاهن بابت ڪن محققن ۾ ان ڳالهہ تي اختلاف آهي تہ اهي ڳاهون ڪي سومرن جي دور ۾ نہ چيون ويون هونديون. ڇاڪاڻ جو انهن ۾ الحافي جزا ايتري تعداد ۽ اهڙي انداز ۾ گڏجي ويا آهن جو اصل ۽ نقل، قديم ۽ جديد جو معلوم ڪرڻ مشڪل ٿي پيو آهي. ۽ انهن کي ڪنهن هڪڙي ئي دور جي تخليق چوڻ ممڪن ناهي. تنهن هوندي بہ ڪن بيتن جي ٻولي ۽ سٽاءُ انهن جي قدامت جي ساک ڀري ٿي“. (1)

سومرن کي پنهنجي حڪومت قائم رکڻ لاءِ ڪڏهن گجرن سان، ڪڏهن دهلي جي حاڪمن سان، ڪڏهن ڪابل جي پٺاڻن سان، تہ ڪڏهن ترڪن سان مدِ مقابل ٿيڻو پيو. ان سڄي صورتحال کي ان وقت جي ڀٽن، پانن، چارڻن پنهنجي علمي شعور وسيلي اجاگر ڀئي ڪيو.

اهو ادب جو ئي ڪمال آهي جو اڄ انهن لڙاين جو سربستو احوال اسان تائين پهتو آهي. سومرن جي دؤر ڪي سنڌ جي خوشحالي، مذهبي، رواداري، سياسي استحڪام، سماجي، ثقافتي اوسر جو دؤر چئجي ته ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو. چاڪاڻ جو سومرن عربن جي حڪومت طرز ڪي ڪو نہ اپنايو بلڪ هنن پنهنجي ملڪي نظام جيڪو ان وقت سنڌي قبيلن ۾ رائج هو ان ڪي سامهون رکي ملڪي وهنوار ڪي اڳتي وڌايو. جيئين تہ ان وقت سرداري سسٽم هو سومرن ملڪ جي مختلف خطن تي پنهنجا سياسي سردار(جنهن ڪي ان وقت گورنر سڏيو ويندو هو) نامزد ڪري ملڪي سرحدن جي نگراني ڪندا هئا.سومرن ۾ بہ جدي پُشتي حڪمران ٿيندا هئا. پيءُ کان پوءِ پٽ ملڪي واڳون سنڀاليندو هو. انهن جي چونڊ جو طريقو اهو هوندو هو جو پنهنجي راڄ ڀاڳ مان مختلف قبيلن جي سردارن کي گهرائي فيصلو ڪندا هئا تہ هاڻي راڄ ڀاڳ جو ۽ حڪومتي وهنوار ڪي هلائڻ جو ذمو ڪنهن کي ڏجي.
ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ سنڌي لکي ٿو تہ ؛

“عشقيہ داستانن سان گڏ رزميہ داستان بہ مشهور ٿيا، جهڙوڪ: سومرن ۽ گجرات جون لڙايون، دودي چنيسر جي جنگ، چام هالي ۽ همير سومري جي جنگ. اهي عشقيہ داستان، نيم عشقيہ قصا ۽ رزميہ داستان، سنڌ جي ڀٽن ڀانن ۽ چارڻن جي ذريعي محفوظ رهيا. اهي قصا واتين ويٺي ٻڌايا ويندا هئا ۽ قصي کي اثرائتو بنائڻ لاءِ وچ وچ تي بيت بہ آندا ويندا هئا. اهو رواج اڄان هلندو اچي. انهن بيتن کي “ڳاهہ” چيو ويندو آهي.”(2)

سومرن جي دور ۾ دودي چنيسر واري معاملي تان علاءُالدين خلجي ۽ دودي وچ۾ جنگ لڳي جنهن کي ڀاڳو ڀان نالي ڪلاسيڪل راڳيءَ ڳائي وڃائي مشهور ڪيو.“جيئن تہ هيءَ هڪ قومي لڙائي هئي.تنهن ڪري تمام گهڻي مشهور ٿئي ۽ اڄ تائين قومي اهڃاڻ سمجهي وڃي ٿي .”(3)

جيئن مٿي بيان ٿيل آهي تہ سومرن جو دور سنڌي ٻوليءَ لاءِ آبياريءَ وارو دور آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ پنهنجا پرڙا سوئڻ شروع ڪيا. ان کان اڳ عربن جي تسلط ڪري عربي ٻولي حاوي نظر اچي ٿي. زندگيءَ جي وهنوار کان وٺي درٻارن جي دهليزن تائين عربي ٻوليءَ جو غلبو نظر اچي ٿو. سومرا دور سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجهہ وارو دور آهي. حالانڪِ ان دور ۾ بہ درٻاري ٻولي عربي ئي هئي. پر سومرن، سنڌي ٻوليءَ سان ڪنهن بہ قسم جو ڪو وير نہ رکيو، جيئن عربن جي دور ۾ هو. جيڪو مقامي ماڻهو عربي ڄاڻيندو ۽ ان ۾ لکندو پڙهندو اهو ئي ڪنهن منصب تي رسندو هو. پر سومرن سنڌي ٻوليءَ سان اهڙو ورتاءُ نہ ڪيو هو. ان جي ثابتي اسان کي سومرن جي مختلف وقتن ۾ پر وارن حڪومتي بادشاهن سان وطن ۽ اقتدار بچائڻ خاطر جنگين مان بہ نظر اچي ٿو. چاڪاڻ جو ان وقت جيڪي بہ سخا، سورهيائي،

عشقيہ ۽ جنگن جا داستان ملن ٿا، انهن جي وچ تي جيڪي بيت (ڳاهہ) چيا ويندا هئا، اهي سڀ سنڌي زبان جي ساک پرين ٿا. پڙ، ڀان، چارڻ، سمنگ، اهڙي شاعريءَ جا اڳواڻ ۽ خالق آهن.

"رزميہ قصن جي وچ تي بہ ڳاهون ملن ٿيون، جن مان ڪي ڳاهون ان دؤر جون چئي سگهجن ٿيون. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ، ان زماني ۾ رزميہ شاعريءُ جو وجود بہ موجود هو."(4)

هي اهو ئي دور آهي جو سنڌي شاعري اُسري ۽ نِسري رهي هئي. سنڌي شاعريءَ ۾ نت نيون ايجادون ٿي رهيون هيون، جيڪي بہ قصا ۽ ڪهاڻيون آهن انهن جي وچ تي بيتن ڏيڻ جو رواج سومرن جي دور ۾ پيو. سڀ کان پهريون رزميہ شاعريءَ ۾ بيت (ڳاهہ) وچ تي ڏيڻ جو رواج بہ سومرن جي دور حڪومت ۾ نظر اچي ٿو. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ رزميہ شاعريءَ جو بنياد بہ سومرن جي دور ۾ سنڌي ادب ۾ داخل ٿيو.

"سومرن ۽ گجرن جون لڙايون 1150ع کان 1250ع واري عرصي ۾ لکيون ويون، انهن لڙاين ۾ سما، سومرن جا ساٿاري هئا. هڪ مقابلو همير سومري جي ڏينهن ۾ ڪڇ جي سمي ڄام پونئري ۽ گجرن جي سردار "وير" گجر جي وچ ۾ ٿيو. ان رزميہ داستان جي وچ تي هيءَ ڳاهہ ملي ٿي:

**"پونئري ڪيا پرياڻ، برڙي تي بر پيا،**

**تني وڃي واريون، لوڙيون لک مٿان."(5)**

انهن سومرن ۽ گجرن جهيڙن جهڳڙن ۾ جيڪي ڏنڊ ڏوهہ ڪنهن ڌُر تي پوندا هئا تہ اهي ان جي پرائيءَ لاءِ ڏنڊ ۾ عورتن جو عيوضو ڏيندا هئا. جيڪا روايت اڄ تائين سنڌي قوم ۾ هلندي پئي اچي. پر پونگر راءِ جي پٽ ڏونگر سخت مخالفت ڪئي. تنهن تي گجرن ڪٺي سومرن تي وڏو لشڪر ڪاهي حملو ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي سنڌي ڪونتر ڪُسجي ويا هئا. پر سومرن سگ پوءِ بہ نہ ڏنو. حالانڪ پونگر راءِ جو پيو پٽ دودو سومرو هن سان اختلاف رکي راجہ دلوراءِ جو شاهي مهمان بڻيو هو.( هي دودو مشهور قصي دودو چنيسر وارو نہ هو) جتي هن ڏي دربار منجهان هڪ خاص درباري شاعر چارڻ سان نياپو ڪيائين تہ موٽي اچ ان د ود ي نياپو موڪليو تہ جي ايڏا ڪانئر ٿيا آهن تہ ڪنهن ٻانهيءَ جو ئي سگ ڏئي جان آجي ڪرائن گجرن کان، تنهن تي چارڻ ،دودي کي شاعري ۾ ويڻ ڏنو تہ:

**"جرنہ ڪـــــــــــتن ڪنگرين،راءُنہ ڳنڍين ويڻ،**

**گـــــولي ويندي گـــــجرين، تـــــوءِ چوندا دودي پيڻ"،(6)**

“روايت آهي تہ ڪو وقت آيو جو گجرن ۽ سومرن ۾ صلح ٿيو ۽ سومري حاڪم ڀونگر گجرن کي سنگ ڏيڻو ڪيو پر سومرن جي غيرت اها ڳالهہ گوارا نہ ڪئي ۽ پڻ ولي عهد شهزادي ڏونگر راءِ مخالفت ڪئي ۽ سنگ کان انڪار ڪيو جنهن تي صلح ٽٽي پيو ۽ گجرن جو لشڪر سومرن تي ڪاهي آيو. ان وقت ڏونگر راءِ جو وڏو ڀاءُ دودو ڪاوڙجي وڃي دلو راءِ جي دربار ۾ رهيو هو.(هي دودو مشهور قصي دودو چنيسر وارو نہ هو بلڪ اهو ان کان اڳ جي دؤر ۾ هو) گجرن جي حملي وقت ڏانهس مدد لاءِ ڪنهن داناءُ چارڻ هٿان پيغام موڪليو ويو. دودو پنهنجن کان ڏاڍو رنج ٿي آيو هو. تنهن ڪري چارڻ کي چيائين تہ جي هيٺا ٿيا آهن تہ ڪنهن گولي ٻانهيءَ جو سنگ ڏيئي ڪٽي صلح ڪن.” (7)

ان ڪانسواءِ سومرن جي دور ۾ ٻيون بہ ڪيتريون ئي لڙايون لڙيون ويون آهن جن جو بہ ڪجهہ ذڪر اسان کي تاريخ جي تذڪرن ۾ ملي ٿو. پر اسان پنهنجي هن مختصر مضمون ۾ ان دور جي مشهور لڙاين جو ذڪر ڪنداسين تہ جيئن ان دور جي سياسي، سماجي ۽ ادبي پسمنظر کان ڪي قدر آگاهہ ٿيون. ان دور جي مشهور ترين لڙاين منجهان هڪ لڙائي دهليءَ جي بادشاهہ علاء الدين خلجي ۽ دودي سومري جي وچم لڳي هئي. جيڪا لڙائي اڄ تائين اسان جي سنڌي ادب ۽ سماج جي سورهيائي جي ساک ڀري ٿو. ان لڙائي جو سبب ٻنهي ڀائرن جي پڳ بڻي. سندن پيءُ جي وفات کان پوءِ روايت مطابق پڳ سندن وڏي ڀاءُ چنيسر جي حصي ۾ آئي پر چنيسر چيو تہ آءُ ماءُ کان پڇي اچان، تنهن تي برادريءَ جي چڱن مڙسن کي ڪاوڙ آئي تہ هي ڪهڙو حڪمران آهي جو هر ڪم ماءُ کان پڇي پوءِ ٿو ڪري تنهن تي سڀني صلاح ڪري پڳ دودي کي ٻڌرائي ڇڏي. چنيسر جڏهن حويليءَ کان موٽيو تہ پڳ دودي جي مٿي تي ڏسي ڪاوڙ منجهان گهر موٽي ويو. ۽ اندر ئي اندر ۾ دودي کان پڳ واپس وٺڻ لاءِ پهہ پچائڻ لڳو. انهيءَ سڄي صورتحال تي ان وقت جي پٽن، ڀانن ۽ چارڻن جيڪي بيت چيا اهي تاريخ جا حصا بڻجي ويا. انهن بيتن ۾ دودي کي بہ ويڻ مليا تہ گهرندي ڏاند ڏٻا آهن نہ ڪي پڳ. چنيسر جي اهڙي ڪريل حرڪت تي سندس ماءَ ۽ زال چنيسر کي ڏاڍا ڏوراپا ڏنا. انهن جي تاريخي منظر ڪشي چارڻن هن طرح بيان ڪيا آهي:

**“پيءُ پڄاڻا پاڳڙي، دودا پانءِ ۾ رانـــــد،**

**راڄ نہ ڏجن مڱيا، مڱيا ڏجن ڏاند،**

**پـــــــائي ٻڇيءَ پانڌ، دودل مڃائبو.” (8)**

يا وري زال جي واتان چارڻ کان چورايو اٿس تہ:

**“چـــاچـــي منـــــــهنجي ڪانڌ کي، چني چٽائي ڏي،**

**اڳـــــي هيوسيـــن ٻہ چڙيون، هاڻي ٿلي ٿيوسين ٿي،"** (9)

ڪنڪيڊ لکي ٿو تہ:" جڏهن علاءُالدين خلجي جي لشڪردودي جي شهر روپا ٻاهران اچي خيما کوڙيا تڏهن "سومرن سردارن پنهنجي شهر جي ٻاهران هيڏو سارو لشڪر ڏسي دهلجي ويا چنيسر جي پٽ ننگر کي سفير بڻائي موڪليائون تہ وڃي بادشاه کي عرض ڪر تہ جيڪڏهن هو پنهنجي لشڪر سميت ڳمن سان اتان ائين واپس دهلي موٽي تہ سندس لشڪر جي اچ وڃ جو سمورو خرچ بہ پري ڏنو ويندو ۽ سنڌ جو تخت بہ چنيسر جي حوالو ڪيو ويندو،پر جڏهن بادشاه طرفان شهزادي ٻاڳيءَ جو سڱ گهريو تہ ننگر جو پيءُ وانگي غدار نہ هو تنهن تڪڙ ۾ بادشاه کي فخر سان جواب ڏنو تہ ڪابہ سومري شهزادي ڌاري سان نہ پرڻي آهي. جيڪڏهن تون کي شهزادي سان شادي ڪرڻي آهي تہ پوءِ تون کي ان جو سڱ اسان جي تلوارن سان ڪٽڻو پوندو اهو جواب ٻڌي جوش ۾ علاءُ الدين جو منهن ڳاڙهو ٿئي ويو ۽ پنهنجي سپاهين کي ننگر جي گرفتار ٿيڻ جو حڪم ڏنائين.،ننگر شهزادو نهايت ئي وڏيءَ بهادريءَ سان وڙهيو پر زخمن ۾ چور ٿي ڪري پيو "(10.)

هيءَ جنگ ان ڪري بہ اهم آهي جو هن جنگ ۾ دودي طرفان پنج سئو جريبن تي مشتمل ميدان سجايو ويو جنهن جو ذڪر هيٺين بيت مان ملي پيو تہ:

**" دودي پـــــــــــــڙ ڪٽڻايو، پنج سو جريبن،**

**کهاڙيا، ڪوڏاريا، ڪاهيون، خوب ڪٽي."**(11).

سنڌي ٻوليءَ جي عالم ۽ عظيم شاعر حضرت سچل سرمست ان داستان ۽ ويڙهہ متعلق پنهنجا خيال مزاحمتي حوالي سان هن طرح بيان ڪيا آهن:

**"هـــــڪ جُـــوءِ ٻي جـــوءِ، چڙين ڪين جوان،**

**اهـــي ٻي انـــسان جيڪي ننگن تي نثار ٿيا"**. (12)

هن دور جي رزميہ داستان دودو چنيسر " غير معمولي اهميت رکي ٿو. هن لاءِ اندازو آهي تہ 1313ع ۾ مقابلو ٿيو. چنيسر مدد لاءَ هندستان جي بادشاهہ علاء الدين خلجي کي سنڌ تي حملي جي دعوت ڏني. جنهن سنڌ تي حملو ڪيو ۽ هن جنگ ۾ دودو سومرو ساٿين سميت شهيد ٿي ويو. ان قصي کي پڙهن ۽ ٻانن خاص انداز ۾ ڳايو آهي.جيئن تہ هي ڌارين جي ڪاهہ هئي ۽ سنڌي جوڌن ان جو سخت مقابلو ڪيو هو.ان ڪري اها جنگ اڄ تائين قومي اهڃاڻ سمجهي وڃي ٿي. هن دور ۾ ساٿيهہ تان سر صدقو ڪرڻ نہ فقط دودي سومري ۽ ان جي پٽ ننگر جهڙن مردن جو مرڪ هو، بلڪ ٻاگهل، هيمو، ٻائي ۽ تاريءَ جهڙين شهزادين ۽ راڻي

جا ڪردار اڄ به نئين نسل ۾ خاص طور تي عورتن ۾ حب الوطني جو جذبو جاڳائين ٿا.''(13)

سومرن جي دور ۾ جيڪي به شاعريءَ جا نمونا ملن ٿا، انهن ۾ ان دور جي عشقيه داستانن سان گڏو گڏ، اوسي پاسي جي ملڪن سان جيڪي به لڙايون ٿيون آهن، انهن جي عمدي نموني سان عڪس بندي ٿيل آهي. ان وقت جي شاعرن ڪمال ڪاريگريءَ سان استعارن، ڪناين ۽ تشبيهن جو استعمال ڪيو آهي.جنگ جي ميدان سنوارڻ کان وٺي، ميدان ۾ مڙسي سان دشمن جو مدِ مقابل ٿيڻ جهڙن منظرن کي پيش ڪيو آهي. هيٺين شعرن ۾ اهڙي منظر ڪشي موجود ڏسجي ٿي.

''هن دور جي به رزميه شاعريءَ ۾ جنگ جي ماحول جو منظر، جذبو ۽ جولان لاءِ مناسب لفظن ۾ تشبيهون ۽ استعارا استعمال ڪيا ويا آهن. هن مان ظاهر ٿئي ٿو ته وڏي ۽ چِتي جنگ لڳي هئي ۽ جنگ جو ميدان ادائي سؤ ايڪڙن تي هو. دودي جي بهادريءَ ضرب المثل هئي ۽ سندس جنگ ڪرڻ جو طريقو به ٻين کان الڳ هو:

**''واڇوڙي جيئن وڇڙي، گئينور گوڙ ڪياءِ،**

**ڏوهـــــــه لـــک ڏهن اڳرا، ماري خلق وڏاءِ،**

**ســـورهي سڀ ٿياءِ، ويري سڀ وڇڙي ويا ''(14)**

هن تشبيهه مان ظاهر ٿئي ٿو ته دودو شينهن وانگر وڙهيو ۽ ڏهه لکن کان به مٿي ماڻهو ماري وڌائين.

سومرن جي دور ۾ امن امان وارو ماحول گهٽ ڏسجي ٿو. اندروني رسا ڪشيءَ سان گڏو گڏ، سرحدن تي به هميشه جنگ واري صورتحال ڏسڻ ۾ اچي ٿي. جو سومرن جي آخري ايامن ۾ گجرن سان لڙايون، سمن سردارن سان اندروني بغاوتون ۽ سمن جون گجرن سان لڙايون، اهي سڀ گڏجي سومرن جي وحدت کي ڪمزور ڪري رهيون هيون. ان کان به وڌيڪ سومرن جون پنهنجي رايا خلاف به ظلم ۽ ڏاڍ وارو سلسلو هلندڙ هيو. ڪٿي ڪنهن غريب جي جهوپڙيءَ ۾ ڪا خوبصورت عورت ڏٺائون ته، ان کي يا ته زيادتيءَ جو نشانو بڻائبو يا ڏاڍ جي زور تي ڪٽي اچي قيد ڪبو. اهڙي قسم جون حرڪتون به سومرن جي زوال جو سبب بڻيون.

''گجرن ۽ سومرن جي ڪشمڪش غالبا گهٽي وقت تائين هلي. سما ان وقت سومرن جي ساڄي ٻانهن هئا ۽ سنڌ ۽ ڪڇ جي سرحد تان سمن پڻ گجرن سان مقابلا پئي ڪيا. اهڙو هڪ آڳاٽو مقابلو ڪڇ جي سمي ڄام پوئنري ۽ گجرن جي سردار ''وير گجر جي وچ ۾ همير

سومري جي ڏينهن ۾ ٿيو. پهريائين گجرن حملو ڪيو هن طرف جو مال هٽي ويا پوءِ ڄام پوئنري گجرن جي ملڪ تي جوابي حملو ڪري وڃي مال ورايو:

**"پوئنري ڪيا پرياڻ "برڙي" تي ٻر پيا،**

**تني وڃي واريون، لوڙيون لڪ مٿان."** (15)

همير سومرو، سومرن جي سلطنت جو آخري چشم وچراغ هو. جنهن پنهنجي ئي حڪومت جي سردار ڄام هالي سان جنگ جوٽي. جنهن جي نتيجي ۾ همير قتل ٿي ويو ۽ هي جنگ سمن کٽي اهڙي طرح سمن جي حڪومت جو آغاز ٿيو. ان مختصر جنگ ۾ ڄام هالي جو پٽ بہ شهيد ٿي ويو. ان جنگ متعلق بہ چارڻن رزميہ شعر چيا جيڪي هيٺ ڏجن ٿا.

**"آءُ هگورل پوُچڙيارا، اڄ گهرجين هٿ،**

**ســــومرن ماري سما، ڪونرن پريا رت.**

**هـــوٿيءَ جـــي ڦٽي، هو گيورَ گيورَ گل،**

**ســپ مرن سومرا، توءِ ڪونهي ڦٽيءَ تل."**(16)

رزميہ ڳاهن جي سنڌي ادب ۾ هڪ وڏي تاريخي حيثيت آهي. هي سنڌي ٻوليءَ توڙي سنڌي ادب جي قديم قدامت جي ساک پرين ٿيون. اهي ڳاهون اسان تائين داناءُ پٽن، ڀانن ۽ چارڻن جي علمي ذات ۽ ڏانءَ جي ڪري ۽ انهن جي حافظي جي بدولت پهتيون. جيڪي سومرن جي دور سان وابستہ ڪيترن ئي واقعن، معرڪن جي نشاندهي ڪن ٿيون. انهن جي ساخت مان اهو پتو پوي ٿو تہ اهي "ڳاهون" سومرن جي دور جون عڪاس آهن.

"سومرن جي دور جي انهن جنگين جي بيانن ۾ ڪي ئي "ڳاهون" شامل آهن. جيڪي ويندي هن وقت تائين سچاڻ سگهڙن کي ياد آهن ۽ صدين دوران صدري روايتن ذريعي اسان تائين پهتيون آهن. مٿين ڳاهن جي سٽاءُ توڙي آڳاٽي آهي. ۽ انهن جو مضمون پڻ انهن اڳوڻن واقعن موافق آهي، جنهن جي ڪري چئي سگهجي ٿو ته انهيءَ قسم جون "ڳاهون" سومرن جي دور جون آهن."(17)

سومرن جي دور ۾ سنڌي شاعريءَ خاص طور تي ڳاهن کي وڏي مقبوليت حاصل ٿي، ڇاڪاڻ جو هن قسم جي شاعريءَ ۾ جيڪو مواد ملي ٿو . ان ۾ جنگي رجز، عشقيہ قصا، جيڪي ماڻهن جي دلچسپيءَ جو باعث هئا انهن جي گهڻي اُپٽار ٿيل آهي. جيڪي ان دور جي جيئري جاڳندي تاريخ جو نمونو آهي. ان کان اڳ ۾ اسان کي جيڪي شاعريءَ جا اُهڃاڻ ملن ٿا، اهي گهڻو ڪري محفوظ ٿي نہ سگهيا آهن. سومرن جي دور ۾ جيڪي بہ عشقيہ داستان ظاهر ٿيا ۽ لڙايون لڳيون، شاعرن انهن کي بہ خوب ڳايو آهي. هن دور جي پٽن، ڀانن، چارڻن

۽ مگنهارن رومانوي داستانن ۽ رزميه شاعريءَ کي گھڻو مقبول ڪيو. هن دور کي پڙن، پانن، چارڻن ۽ مگنهارن جو دور چئجي ته ڪو وڌاءُ نه ٿيندو.

## 2.2. سمن جو دور (1350ع کان1520ع) جي مزاحمتي شاعريءَ جو جائزو:

مزاحمتي فڪر هردور جي شاعريءَ ۾ رهندو آيو آهي، جيئن سومرن جي دؤر جي مزاحمتي شاعريءَ جو جائزو پيش ڪيويو آهي. ائينءَ ئي سمن جي دؤر حڪومت ۾ به مزاحمتي فڪر ان دور جي اساسي شاعرن جي شاعريءَ ۾ موجود آهي. مزاحمتي فڪر جي ئي ڪري قومن جو ڳاٽ اوچو رهندو آهي. ان لاڙي سان جيڪي به قومون سرشار رهيون آهن، اچ اهي نه رڳو شاندار ماضيءَ جا وارث آهن پر بهترين مستقبل به اهڙن قومن جو سرمايو آهي. اسان جڏهن سنڌي قوم جي تاريخ کي پڙهون ٿا ته اتي اسان کي مزاحمتي فڪر سان سرشار اسان جا آدرشي انسان ملن ٿا، جن پنهنجي ڌرتيءَ ۽ پنهنجن ماڻهن جي اهنجن کي دور ڪرڻ لاءِ هر قسم جو ٻليڏان ڏنو آهي. اچ جيڪڏهن سنڌي قوم دنيا جي ڪيترن ئي قومن کان سخا ۽ سورهيائيءَ ۾ مٿي آهي ته اهو اسان جي انهن آدرشي انسانن جي بدولت آهي، جن دولت ڪٺي ڪرڻ کان وڌيڪ پنهنجي قوم جي انقلابي ۽ فڪري رهنمائي ڪئي آهي، جيڪا سندن صدين تائين رهنمائي ڪندي رهندي . سمن جو دور به اهڙن آدرشي انسانن جي قولن، ٻولن ۽ سورهيائيءَ جي فڪرن سان ٽمٽار آهي. سومرن جي زوال پزيريءَ واري دور ۾ سمن جو پهريون حاڪم چام انڙ آهي، جنهن سومرن سان وڏي جنگي لڙائي ۽ خونريزيءَ کان پوءِ حڪومت حاصل ڪئي هئي ۽ پاڻ کي چام جو لقب ڏيئي ساموئيءَ کي گاديءَ جو هنڌ قرار ڏيئي حڪومت ڪندو رهيو. سمن کي به پنهنجي حڪومت بچائڻ ۽ ان جي سرحدن کي وسيع بنائڻ لاءِ ڪيترن ئي پاڙي وارن رياستن ۽ اندروني طور تي پنهنجي حڪمراني بچائڻ لاءِ جنگيون ڪرڻيون پيون. انهن ئي جنگين تي ان دؤر جي شاعرن پنهنجي جذبن جو اظهار پنهنجن تخليقن وسيلي ڪيو، جيڪي جنگي رجز جي نالي سان سنڌي ادب ۾ مشهور آهن. انهن جنگي رجزن مان اسان کي پتو پوي ٿو ته سمن جي دور حڪمراني ۾ سنڌين ڪهڙي قسم جي مزاحمت ڪئي هيٺ انهن جو جامع ۽ مختصر احوال تحرير ڪبو ته جيئن اسان مزاحمتي عنصر کي واضح ڪري سگهون. سمن جي دور ۾ ڪڏهن دهلي جو سلطان محمد بن تغلق سنڌ تي ڪاهه ڪري آيو ته ڪڏهن افغانستان جي ارغونن، رند قبيلي جي بلوچن سان ملي ڪري سنڌ جي سرحدي علائقن تي حملا پئي ڪيا. دهلي جي تغلق گهراڻي لاءِ تاريخ ۾ ڄاڻايل آهي ته سندس لشڪر جيڪو ٺٽي کي ٻاهريان گهيرو ڪري ويٺا هئا ته اوچتو هڪ وبائي بيماري سندس لشڪر ۾ ڪاهي پيو ، جنهن جي نتيجي ۾ تغلق فوج جا سوين سپاهي

بيماريءَ ۾ وفات ڪري ويا خود سلطان محمد بن تغلق وفات ڪري ويو. سمن حاڪمن جي سنڌ تي ڪيترا سال حڪومت رهي ان سلسلي ۾ آزاد قاضي لکي ٿو تہ:

"سنڌ تي سمن حاڪمن پوڻا ٻہ سؤ سال حڪومت ڪئي، مجموعي طور تي سندن ارڙهن حڪمران ٿيا پر انهن مڙني حڪمرانن مان وقت جي ويرن تي عدل، انصاف ڏاهپ جا نشان جهڙا ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي ڇڏي ويو تهڙو ٻيو ڪو نہ ٿيو. نہ رڳو اهو پر ڄام نندي جهڙي عوام پرور عادل ۽ انصاف پسند حڪمران جي وفات کان پوءِ جهڙس ڪو مٽ ثاني پيدا نہ ٿيو. جنهن ڪري سنڌ جو شيرازوبگڙ ڻٽي ويو سنڌ ڌاريمن جي غلام ٿي وئي." (18)

سمن جي دؤر حڪومت ۾ ڪي جنگي رجز ۽ ڪجهہ شاعريءَ جا مزاحمتي عنصر ملن ٿا، جن مان پليءَ پُت پروڙي سهگجي ٿو تہ ان دور جي حالات ۽ واقعات تي علم پرور ماڻهن جي گهري نگاهہ هئي. سياسي توڙي سماجي حوالي سان پنهنجي معاشري کي بيدار ڪرڻ لاءِ شاعرن پنهنجن تخليقن وسيلي نهايت ئي عمدي خيالن ذريعي سُجاڳي پيدا ڪئي. ان زماني ۾ ٺٽو سنڌ جي گاديءَ جي هنڌ طور مشهور هو. ان پاسي هڪ جنگي رجز تمام گهڻو مشهور ٿيو. ان جنگي رجز لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو تہ:

"پهرين سلطان محمد بن تغلق سنڌ تي ڪاهہ ڪئي، پر اهو 1351/52 ع ۾ ٺٽي جي ٻاهران بيماريءِ ۾ گذاري ويو.ان کان پوءِ سلطان فيروزشاهہ 66/ 1365 ع سلطاني لشڪر وٺي چڙهائي ڪئي، مگر گهوڙن ۾ وباسبب ۽ رسد جي کوٽ جي ڪري هو گجرات طرف واپس هليو ويو . سندس واپسي ءَ کي سنڌين "گهڻ" جو نالو ڏئي هيٺيون رجز عام ڪيو:

**" بابـــرڪت شيخ پٽو**

**هڪ مئو هڪ ٽٽـو ."(19)**

اهڙي نموني سان سمن جي دؤر ۾ ٻيا بہ اهڙا فقرا ۽ جنگي رجز ملن ٿا، جن مان خراب حڪمراني ڪندڙ ۽ عوام آزارن خلاف انتهائي نفرت جو اظهار ٿيل آهي.انهن بزرگن ۾ حماد جمالي ۽ درويش نوح هوٿياڻي اچي وڃن ٿا. حماد جمالي ڄام تماچي لاءِ لاءِ هڪڙو اهڙو دعائيہ فڪرو چيو آهي. هڪ سازش تحت ڄام جوڻي، ڄام تماچيءَ کي دهليءَ ۾ قيد ڪرائي، سنڌ حڪومت پنهنجي هٿ هيٺ رکي ۽ پنهنجي ماڻهن کي ظلم ۽ بربريت جو نشانو بڻايو.انهيءَ بربريت تي سنڌ جو عوام ڄام جوڻي کان نا خوش هو. ۽ ڄام تماچيءَ جي جلد واپسي لاءِ دعائون گهريون پئي ويون. شيخ حماد جمالي جو اهو فقرو سنڌي ادب ۾ جنگي رجز ۽ مزاحمتي فڪر جو هڪ اهڃاڻ بڻجي ويو:

**“جـــــوٽو مــــــت اوٺو، چام تماچي آءُ،**

**سڀاجهي ڀاڃهہ پيئي،تو سين نٿُو، راءُ”**.(20).

حاصل مطلب تہ چام جوٽو مت جو اوٺو(ٿوري عقل وارو) آهي جنهن اهڙو ڪم ڪيو آهي جو سڄو شهر نٿو توهان جو ساٿي بڻجي پيو آهي .

ان دور ۾ هڪ ٻئي بزرگ جو ذڪر ملي ٿو، اهو نوح هوٿياڻي آهي. جنهن بہ چام تماچيءَ جي ٻيهر سنڌ جو حڪمران ٿيڻ تي هڪ دعائيہ فقرو چيو هو. جنهن متعلق ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو تہ:

“انهن ڏينهن ۾ نوح هوٿياڻي بہ هڪ درويش هو. جيڪو هالن جي پرسان ڪيبرن جي ڳوٺ ۾ رهندو هو چام تماچي ۽ سندس پٽ جڏهن دهليءَ کان سنڌ موٽي آيا تہ موٽڻ وقت درويش نوح سان مليا، جنهن کين دعا ڪندي هي بيت چيو:

**“ جـــــوٽو وڃي جهوري ماريو**

**چام تماچي شهرين چاڙهيو. ”**(21)

انهيءَ کان علاوه سنڌي ادب جو ٻيو هڪ اهم شاعر قاضي قادن آهي جيڪو سمن جي آخري دور جو شاعر آهي. انهيءَ جي شاعريءَ ۾ بہ اسان کي ٻين حسناڪين سان گڏو گڏ ڪي شعر اهڙا بہ ملن ٿا جيڪي مزاحمت جي ذمري ۾ اچن ٿا. حالانڪِ قاضي قادن جي اڪثر شاعري تصوف جي رنگ ۾ رنگيل آهي، پر ڪي شعر مزاحمت جي فڪر سان بہ شرسار آهن. جن منجهان اسان کي سمن جي دور جي سورهين جي بهادري جا اهڃاڻ ملن ٿا. قاضي قادن کي ڀهريون وڏو شاعر چيو وڃي ٿو . جنهن جي مزاحمتي، صوفي فڪر ۽ سنڌ مٿان زورزبردستيءَ سان پنهنجا حڪم صادر ڪرڻ وارن خيالن ۽ نظرين کان شاهه عبداللطيف ڀٽائي سميت سنڌي ادب جا ڪيترا ئي شاعر متاثر ٿيا آهن . اها هڪڙي حقيقت آهي تہ جڏهن بہ سنڌڙيءَ مٿان ڏکيا ڏينهن آيا آهن يا پنهنجن جي بي وفائيءَ ۽ لالچ جي ڪري سنڌ جي وحدت کي ڪو ڇيهو رسڻ جو انديشو ٿيو آهي تہ سڀ کان اول شاعرن جو قلم تلوار بڻجي اهڙن مٿان ڪڙڪيو آهي. جڏهن بہ وقت جي جابرن جي اکين ۾ آچپي جي صبح جا ڪرڻا، ڀڳل شيشي جي نوڪ جيان چُڀڻ لڳندا آهن، تڏهن سندس بي ضميري هٿ ڪڙين ۽ ڏنبا ٻيڙين کي جنم ڏيندي آهي. اتهاس جي وجود تي اهڙين اڻ ڳڻين واقعن جا نشان رهڙن جيان موجودآهن، جيڪي ان ڳالهہ جا ساکي آهن وقت جي ڏاڍ توڙي جو باضمير ماڻهن جي هٿن کي ڪڙين ۽ پيرن ڏندا ٻيڙين جي لوهي ڪڙين، زنجيرن سان جڪڙي قيد ته ڪيو ويو آهي، پر

آچپي جو فڪر، عقاب جي اڏام جيان آهي. جنهن کي وقت جا فرعون ڪڏهن بہ قيد ناهن ڪري سگهيا. سورهين ڪڏهن بہ پنهنجي جان جي پرواهہ نہ ڪئي آهي، هو تہ ميدانِ جنگ ۾ ڪُڏي ڪاهي پوندا آهن. اهڙن ئي سورهين جي دليري ۽ بهادريءَ جي عڪاسي قاضي قادن پنهنجي هيٺئن شعر ۾ هن طرح بيان ڪئي آهي تہ :

**“ تان تان سورهيہ سپڪو ، جان جان مهہ نہ مڙن ،**

**رڪ وهــنـديءَ ســامــهون ، سورهيہ سي جاون.”(22).**

“(تيسين تائين تہ هر ڪوئي سورهيہ آهي (پاڻ کي سورهيہ سڏائي . جيسيتائين (جنگ جي ميدان ۾ ) وڏا پهلوان نہ گڏبا آهن .(ساڻن منهن مقابل نہ ٿيا آهن ) سورهيہ اهي آهن ، جيڪي ترارين لڳندي (رت وهنديءَ راند ) سامهون وڃن ۽ منهن مقابل ٿين. قاضي قادن جي شاعريءَ ۾ سورهيائي، سخا سان گڏ جيڪي غفلت ۾ گهارين ٿا انهن کي سُجاڳ ڪري جدوجهدجي ميدان ۾ لهڻ جي تلقين ٿيل آهي.

## 2.3 ارغون، ترخان ۽ مغل دور ۾ سنڌي مزاحمتي شاعريءَ جو اپياس(1521_1700 )

جيتوڻيڪ هي ٿيئي گڏيل دور سنڌ جي اصلوڪي ماڻهن جا ناهن، پر اسان جي اندروني خلفشارن جي ڪري ڌارين سنڌ تي ڪاهہ ڪري سنڌ کي تاراج ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. ارغون، ترخان ۽ مغل دور سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن لاءِ هڪ قيامت صغرا کان گهٽ ناهن. حالتن ان وقت ڦيرو کاڌو جڏهن ڄام نظام الدين وفات ڪئي ۽ تخت تي سندس نااهل پٽ ڄام فيروز ويٺو. هو هڪ نا تجربيڪار هو ۽ عمر ۾ الهڙ هجڻ سان گڏ تمام گهڻو عياش هو. سندس دور ۾ ملڪ کان ٻاهر تہ ٺهيو اندروني طور بہ خانہ جنگي جهڙيون حالتون ٿي ويون هيون. اهڙي حالات ۾ دريا خان جهڙو سندن پراڻو خانداني ساٿي بہ کين ڇڏي چڪو هو ۽ ٻئي طرف ڄام صلاح الدين نالي سندس هڪ عزيز تخت جو دعويدار بڻيو ويٺو هو. انهن اندرون جهيڙن جي ڪري ڄام فيروز جي گرفت ڪمزور ٿي چڪي هئي. مختيار ملاح لکي ٿو تہ:

“سنڌ کان ٻاهر ملڪي حالات تيزيءَ سان بدلجي چڪي هئي. مغل بادشاهہ ڪابل ۾ پير مضبوط ڪرڻ کان پوءِ قندهار کي فتح ڪري اتان جي حڪمران شاهہ بيگ ارغون کي قندهار ڇڏڻ تي مجبور ڪيو. اهڙن حالتن ۾ شاهہ بيگ ارغون جي نظر سنڌ تي ئي رهي. ان وقت هن سنڌ جي حالتن مان ڀرپور فائدو وٺندي 1521ع ۾ مغلن، ترخانن ۽ بلوچن جي مدد سان سنڌ تي سخت حملو ڪيو. ملڪ جي بقا لاءِ دولهہ دريا خان ۽ سندس. اهڙيءَ طرح ڄام

فيروز ارغونن جي بعيت قبول ڪئي ۽ ٺٽي جي گادي ارغونن جي حوالي ڪري ڇڏي. ارغون لشڪر سنڌ جي عوام سان انتهائي برو سلوڪ ڪيو. امن جي اولاد سڀ شڪايتون وساري هن جنگ ۾ ڌارين جو مقابلو ڪيو ۽ شهادت جو جام پيتائون وستيءَ کي مقتل ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. قتل، غارت، لُٽ مار سندن مشغلو هو." (23)

ڊاڪٽر ابراهيم سنڌي پنهنجي مقالي ارغون ۽ ترخانن جو دور ۾ سنڌ جي عالمن ۽ بزرگن جو ڪردار ۾ چوي ٿو ته:

"اهو ئي سبب آهي جو سنڌي سماج ۾ انهن ظلمن خلاف مزاحمت جو عنصر اڀري آيو. قلم، توڙي تلوار سان سنڌي ماڻهو پنهنجي وطن جي آبرو خاطر وڙهندا رهيا ۽ ڪڏهن به انهن ڌارين حڪمرانن کي پنهنجو نہ سمجهيو. جيستائين ڌارين کان ملڪ آزاد نہ ٿيو تيستائين سنڌي مزاحمت ڪندا رهيا. ان دور جو جيد عالم مخدوم نوح علامتي انداز ۾ سنڌين مٿان ٿيندڙ ظلم ۽ بربريت جو بيان هن طرح ڪيو آهي:

**" پئي جا پرپات، سا ماڪ مَ پائيون ماڻهو ئا،**

**روئـــي چـــڙهي رات، ڏســـي ڏڪـــوئـــين کي."** (24)

مٿين بن سٽن واري شعر ۾ سنڌ ۽ سنڌين سان ٿيندڙ ڪَلُورن تي رڳو دنيا ڪانہ رُني، پر رب جي خلقيل هرشيءِ ڏُڪارِي ٿي آهي. ايسيتائين جو جنهن ماڪ جي ڦُڙن کي اسان محبوب جي ڳلن تي نڪتل تِر سان تشبيهہ ڏيندا آهيون پر هتي مخدوم نوح سنڌ جي ڏکويل عوام جي سورن ۽ دردن جي عڪاسي ڪئي آهي. ان مان بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ارغونن جو دور سنڌ لاءِ بدترين غلاميءَ جو دور هيو. مخدوم نوح جو مٿيون بيت منهنجي راءِ مطابق سنڌ جي سورن ۾ رات جو ماڪ جي ڦڙن جي صورت ۾ لڙڪ وهائڻ آهي. مخدوم نوح سنڌ جي ڏکن ۽ سُورن جو اکين ڏٺو شاهد هو. جنهن جي عڪاسي انهيءَ بيت ۾ ڏسي سگهجي ٿي.

مختيار احمد ملاح پنهنجي ڪتاب سنڌي ادب جو جديد مطالعو ۾ چوي ٿو ته:

"ارغونن جي دور ۾ پيا ڪيترائي عالم اديب ٿي گذريا آهن، جيئن مٿي سندن بيان آيو آهي. انهن عالمن اديبن منجهان خيرپور ضلعي جي شهر هنگورجا ۾ جنم وٺندڙ جرڪس فقير بہ هڪ آهي. سندس ڪلام جهجهي انداز ۾ ته ڪو نہ ٿو ملي پر سندس سوانح نگارن ڪجهہ حياتيءَ جو احوال قلم بند ڪيو آهي. انهيءَ سان گڏ ٻہ بيت بہ روايت طور ڏنا آهن انهن بيتن منجهان ارغون دور جي ظلمن جي عڪاسي ملي ٿي. اهڙيءَ طرح اسان جي عالمن پنهنجي ڪلام وسيلي علامتي انداز ۾ مزاحمت ڪئي آهي.

**“ اوپـــــــــــر ڏانهن ٿي آيا، سنپري پہ سوار،**

**هڪڙي پڪڙيس ڏاڙهي، ٻئي پڪڙيس وار،**

**ساري ســــــــپ چمار، تن جي منزل ناهہ ڪا.**

**اهـــيو ٿـــيو وهيو، مـــــــــــــٿـــئون پيس باز،**

**تنــــــهن جو آواز، پيهر ٻڌو ڪـــو نهن ڪـــو.”**(25).

ڪيڏي نہ دردناڪ منظر ڪشي ڪئي وئي آهي، مٿين بيت ۾ تہ سنڌين سان پنهنجي ڪلمي گو سڏائيندڙ ارغونن ڪيترا نہ ڪيس ڪيا آهن، جو شاعر جي سامهون جڏهن اهو واقعو پيش آيو آهي. جو هو ان واقعي جي هوبهو عڪاسي ڪري ٿو ارغون فوج جا بہ گهوڙي سوار رستي سان اچن ٿا ۽ ڪو بہ انسان هنن کي نظر اچي ٿو تہ ان سان هو ڪهڙي قسم جو حشر ڪن ٿا جو هڪڙو گهڙي سوار فوجي ان جي ڏاڙهيءَ ۾ هٿ وجهي ٿو ۽ ٻيو ان جي واران ۾ ، ان کان وڌ تذليل ٻي ڪهڙي هوندي. انسانيت جي ناتي بہ اهو عمل انتهائي ايذائيندڙ آهي. ٻيو شعر بہ اهڙي ئي عڪاسي ڪري ٿو تہ بيگناهہ سنڌين جو جيڪو قتل ۽ غارت ڪيو ويو ان دور ۾ڪچڙ موت کي دعوت ڏيڻ برابر هو. ڪي فوجي بنا ڪنهن ڏوهہ گناهہ جي مسڪين ماروئڙن مٿان بحري باز وانگر اچي اوچتو ڪڙڪندا هئا ۽ مسڪين جي مُنڍي هڪ پل ۾ ڌڙ کان ڌار ٿي ويندو هو ۽ هن مسڪين جو آواز هميشہ لاءِ بند ٿي ويندو هو. اهڙا هولناڪ واقعا ارغونن جي حڪمرانيءَ ۾ روز جو معمول بڻيل هئا. جنهن جا عڪس هن شاعريءَ مان ملن ٿا پر انهن ۾ارغون دور جي ملڪي حالتن جي پروڙ ملي ٿي. جڏهن ارغوني فوجي بيگناهہ ماڻهن کي ڪٽي ويندا هئا اهڙن دردناڪ واقعن جو ذڪر هن شاعر ڪيو آهي.

ارغونن جي حڪومت جي خاتمي کان پوءِ ترخانن جي حڪومت جو آغاز ٿئي ٿو، جيڪي بہ ارغونن کان گهٽ نہ هئا. عيسى خان ترخان جي حڪومت قائم ٿيڻ سان ئي ظلم جي بازار گرم ٿيڻ لڳي عيسى ترخان جي وفات کان پوءِ سندس پٽ مرزا باقي تخت تي ويٺو، جيڪو انتهائي ظالم شخص هو. هن جي اچڻ سان سنڌ ۾ وڏيڪ انتشار ڦهليو هن اميرن ، ميرن پيرن کي بہ نہ بخشيو انهن کي بہ پنهنجي ظلم جو نشانو بڻايائين. رهيل کهيل ارغون حاڪمن جي اولاد کي تہ ڳولي ڳولي اذيتون ڏيئي مارايائين ٿئي. اهڙي ظلم ۽ زيادتيءَ تي سندس حماتين جو تعداد گهٽبو پئي ويو.انهيءَ مان ثابت ٿيو تہ مرزا باقيءَ جو زمانو انتهائي پُر آشوب هيو. هن ڪيترائي بيگناهہ انسان قتل ڪرايا هئا. اهو ئي سبب آهي جو سندس جو موت بہ عبرتناڪ نموني سان ٿي. پاڻ ڪسمپرسيءَ واري حالت ۾ خودڪشي ڪيائين. سندس

موت کان پوءِ حڪومت جون واڳون سندس پٽ مرزا جاني بيگ جي هٿ ۾ آيون هو به ڪنهن طرح سان گهٽ ڪو نه هو، هن به پنهنجي پيءُ جي پيروي ڪئي. مقامي ماڻهن سان ظلم ۽ زيادتيءَ وارو رويو اختيار ڪيو ۽ پنهنجن ماڻهن کي خوب نوازيائين. هو علم پرور انسان تي تهمتون هڻائي انهن کي ملڪ بدر ڪرائيندو هو يا سندن وچ ۾ ڪوڙيون ڳالهيون ڦهلائي ڀاڻ ۾ ويڙهائيندو رهندو هو. مطلب ته ارغونن کان وٺي ترخان دور تائين سنڌ جون حالتون اطمنان بخش ڪو نه هيون. سندن دور ۾ سنڌ جي ڪنهن به ماڻهوءَ جي عزت، مال و دولت، زراعت ڪابه شيءِ محفوظ نه هئي. ابراهيم سنڌي لکي ٿو ته:

”شهرين ۽ آبادين تي لٽ مار ڪرڻ ان وقت جي سپاهين جو هڪ معمول هو. ان ڪري پورهي، ڪاريگر، سوداگر هميشه غير يقينيءَ واري حالت ۾ رهندا هئا. ترخان دور ۾ به سماجي لحاظ کان انتشار ۽ بي چينيءَ جو ماحول رهيو. ڌارين حڪمرانن جو ڪو به سنڌ تعلق نه رهندو هو.“ (26).

اهڙي گهٽ ٻوسٽ واري ماحول ۾ هڪڙا اهڙا انسان به ڇمندا آهن جيڪي پنهنجي ماڻهن لاءِ اتساهه جو سبب بڻجندا آهن. جيڪي حالتن جو باريڪ بينيءَ سان جائزو وٺي پنهنجي ماڻهن جي نبل جسم ۾ روح ڦوڪڻ وارو ڪردار ادا ڪندا آهن. هو پنهنجي خداد صلاحيتن جي وسيلي پنهنجي هم وطن کي هر ايندڙ خطري منجهان آگاهه ڪندا رهندا آهن ۽ هنن ۾ مزاحمت ڪرڻ واري عنصر جي جذبي جي اپٽار ڪندا رهندا آهن.

هن دور جو مشهور بزرگ ،شاعر شاهه ڪريم آهي .جيتوڻيڪ هن بزرگ جو ڪلام گهڻو تصوف واري رنگ ۾ سمايل آهي، تنهن هوندي به سندس ڪلام ۾ مزاحمت موجود آهي. ڇاڪاڻ جوسندس دورترخانن جو خُوني دور هو . وطن واسين تي ظلم ۽ بربريت جو راڪاس گهمي رهيو هو. توڙي جو هن قاضي قادن جي صوفي فڪر جي پيروي ڪري ان کي اوج تي پهچايو هو، پر سندس تخليقن ۾ تصوف جي فڪر سان گڏ تلخ سنڌ جي تاريخ به سمايل آهي. رشيد ڀٽي لکي ٿو ته:

”هي بزرگ ارغونن جي حڪومتي دور ۾ 1537ع ۾ پيدا ٿيو ۽ مغلن جي حڪومتي دور ۾ وفات ڪري ويو، ان لحاظ کان سندس مشاهدي ۾ به سياسي بحران سامهون آيا هوندا، هڪ ته ٿي ۾ ارغونن کان ترخانن ڏانهن اقتدار جي منتقلي ۽ ٻيو ترخانن کان مغلن جو اقتدار حاصل ڪرڻ، ان اقتداري منتقليءَ ۾ جيڪا مذهب جي آڙ ۾ سياست کي اڳيان وٺي آئي هوندي، جيڪو قتل ۽ غارت ٿيو هو، ان شاهه ڪريم کي قاضي قادن کان به وڌيڪ تلخ ۽ حقيقت پسند بڻائي ڇڏيو هوندو، ان ڪري هن ۾ تصوف جو اظهار ظاهر پرستيءَ جي رد ۾ وڌيڪ واضح ۽ بي باڪ انداز ۾ هيئين ريت ملي ٿو:

**"ڏکين ڏات پيو، هيئنڙو لوهہ سنڌاڻ جيئن،**

**سنپاري کي سچڻين، ورچي تـــــــان نہ ويو."** (29).

حقيقت ۾ جيڪڏهن مٿين بيت کي غورسان جاچبو تہ هن ۾ صوفياڻا راز لڪيل آهن، پر 23yjصوفين ان دور جي سنڌ ۾ جيڪا ظلم ۽ جبر جي باهہ ٻري رهي هئي، ان جي عڪاسي ڪئي آهي. ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي دور ۾ جيڪي سنڌين سان وهيو واپريو ۽ سندن مال ملڪيتن کي ساڙيو، جلايو ويو، ان خلاف صوفين ڀرپور مزاحمت ڪئي آهي. شاهہ ڪريم پنهنجي ماڻهن کي فرمائي ٿو تہ اوهان کي ظالم اڳيان پنهنجو سِر سنداڻ وانگر مضبوط رکڻو آهي. ڪڏهن بہ پنهنجي حق کي حاصل ڪرڻ لاءِ چُپ ڪري نہ ويهو، اگر اوهان زنده آهيو تہ ان خلاف ميدانِ عمل ۾ رهو، چاڪاڻ جو ائين ڪرڻ سان اوهان پنهنجا غضب ڪيل حق حاصل ڪري سگهو ٿا.

مخدوم بلاول سنڌ جو اهو سپوت ۽ دليرانسان هو، جنهن ارغونن جي غلامي ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو. هو دادو ضلعي جي ڳوٺ ٽلٽي ۾ پيدا ٿيو هو ۽ ذات جو سمو هو. هو عالم، فاضل سان گڏ تمام وڏو بهادر انسان هو. هن سنڌ جي خود مختياريءَ ڪاڻ پاڻ شهيد ٿيڻ قبوليو پر ظالم حڪمرانن آڏو ڪنڌ ڪو نہ جهڪايو. اهو ئي سبب آهي جو هن کي ڪيترن ئي اذيتن ڏيڻ کان پوءِ بہ جهڪائي نہ سگهيا. پوءِ حڪمرانن ۽ پليجن سردارن ساٽ سان هڪ سازش رچائي هڪ موچيءَ کان سندس جتيءَ ۾ قرآن پاڪ جا ورق سپرايا ويا ۽ اڻ ڄاڻائيءَ ۾اها جتي مخدوم صاحب کان پارائي وئي ۽ اهو بهانو ڪري کيس وقت جي مُلن ، حڪومت جي اسرار تي هن کي گهاڻي ۾ پيڙهڻ جي فتوى جاري ڪئي . صوفي حضور بخش لکي ٿو تہ:

"مخدوم بلاول کي گرفتار ڪيو ويو، هن کي طرح طرح جا عذاب ڏنا ويا تہ، هو آزاديءَ واري تحريڪ تان هٿ کڻي ارغونن جي حمايت جو اعلان ڪري، پر سنڌ جي هن آزادي پسند اڳواڻ ائين ڪرڻ کان انڪار ڪيو. جنهن ڪري شاه بيگ ارغون جي پگهار دار مُلrtk`ن مخدوم بلاول کي گهاڻي ۾ پيڙهي مارڻ جي فتوى ڏني. سزا تي عمل کان پهرين مخدوم کان آخري خواهش پڇي وئي، جنهن تي پاڻ چيائين تہ، منهنجي آخري خواش اها اهي تہ مون کي سسيءَ کان نہ پيڙجو، پر پيرن کان گهاڻي ۾ پيڙهيو وڃي تہ جيئن آءُ پنهنجي پيڙهجندڙ هڏن جا ٽڙڪاٽ ٻڌي سگهان. اهڙيءَ طرح 929هجري 23_ 1522ع ۾ مخدوم بلاول کي گهاڻي ۾ پيڙهي شهيد ڪيو ويو هو.

**"جان عاشق مٿي رت، تان دعوى ڪر ۾ نيهن جي،**

**ســـــــــــائو مــنهن سونهن ڳَئي، سڪڻ ايُ شرط،**

**نـــہ ڪـــــي گـــــــوڏِ گرث، مــــــٿا سِر سودا ڪري."**(30)

## 2.4 ڪلهوڙن جي دور ۾ مزاحمتي شاعري:

اسان جو سماج زرعي سماج آهي ان ۾ هلندڙ اخلاقي قدر ساڳي زرعي جاگيرداري واري سماج جا آهن .جيڪي صدين کان رائج آهن. ۽ جڳن کان سنڌ ۾ سنڌي عوام انهن جاگيرداري واري سماج جي نظام تي هلندي پئي اچي.اڄا تائين پاڻ وٽ صحيح نموني کان جمهوريت، حقيقت پسندي ۽ سيڪيولرزم رائج ٿي نہ سگهو آهي.شاہ لطيف بہ جنهن دؤر ۾ پيدا ٿيو .اهو نندي کنڊ زرعي سماج وارو دؤر هيو.جنهن ۾ مروج رسمن ۽ رواجن ۽ قانونن جي مخالفت ۽ لتاڙ ڪرڻ يا پيڪڙي جو تصور ڪرڻ موجود نہ هيو.پر لطيف پنهنجي جڏهن پنهنجي سماج کي پروڙي ۽ پرکي ورتو  تہ کيس شعور جي سگهہ سمجهڻ نہ ڏنو.۽ انهن مروج رسمن ، رواجن ۽ قانونن خلاف بغاوت ۽ مزاحمت شروع ڪري ڏني ان حوالي سان يا پنهنجي فڪري سگهہ کي ڦهلائڻ لاءِ ماڻهن ۾ اتساهہ جاڳائڻ لاءِ لطيف جهرجهنگ ، واهاڻ واهاڻ وستي وچي سنڌ جي عوام کي مزاحمت لاءِ سجاڳ ڪيو.  جنهن جا پساهہ ۽ اولڙا سندس شاعري مان ملن ٿا. ڊاڪٽر مخمور بخاري پنهنجي مقالي ۾ لکي ٿو تہ :

"شاہ عبداللطيف ڀٽائي جو بنيادي نقطو انسان ۽ ان جي شخصي آزادي ۽ ڪائنات ۾ مقرر ٿيل رتبي ، مرتبي موجب ان جي حيثيت کي تسليم ڪرڻ آهي جنهن جي بنياد تي هو پنهنجي ذات توڙي فڪر اندر آزاد ۽ خودمختيار  آهي . منجهس  پنهنجي سگهہ' موجود آهي .جنهن تي هو هر غلط عمل ( جيڪو ڪائنات جي ازلي اصولن جو مخالفصط هجي).جي نفي ڪرڻ جو اختيار رکي ٿو".(31) .

شاهہ جي شاعري جو مطالعو ڪرڻ کان پوءِ خبر پوي ٿي تہ شاهہ جي شاعري ۾ جاءِ بجاءِ مزاحمت وارو فڪر يا پيغام يا سنيهو يا عنصر سمايل آهي .ان حوالي سان ڊاڪٽر مخمور لکي ٿو تہ:

" شاهہ عبداللطيف ڀٽائي نندي کنڊ ۾ جنهن بحراني دؤر ۾ پيدا ٿيو ان دؤر ۾ هن خطي اندر شاهہ پنهنجي شاعري جي ذريعي جيڪو فڪر پيش ڪيو. اهو باغيانہ ۽ مزاحمتي هو پر ڀٽائي جو ڪمال اهو هيو تہ هن ان جي جلالي فڪر کي جمالي انداز ۾ پيش ڪيو آهي .اها ئي انفراديت ۽ نواڻ سندس ذهيني پختگي ۽ شعور جي اعليٰ بلندين جي ڏيک ڏئي ٿي".(32)

لطيف جي ڌرتي ، سنڌ تي هزارين سالن کان ڌارين جون ڪاهون ۽ حملي آورن جون هلائون رهيون آهن . هر پيري هر جابر اها ڪوشش ڪئي آهي تہ سنڌ ۽

سنڌين کي مستقل طور تي غلام بڻائجي پر تاريخ جا ورق شاهد آهن ته سنڌ ۽ سنڌيءَ ماڻهن ان غلامي کي نصيب يا لکئي جو ليک سمجهي ڪري خاموشي اختيار نه ڪئي آ . بلڪي هن دؤر ۾ هرجابر سان هر ڌاري حملي آور سان چمي مزاحمت ڪئي آهي . شاهه لطيف جي دؤر ۾ به ڪلهوڙن جي حڪومت هئي ،، جا در حقيقت سنڌين جي روپ ۾ يا مقامي ماڻهن بادشاهي جي روپ ۾ اڄ جي جديد دؤر جيان طاقتور جي غلامي هئي. هن دؤر ۾ ڪلهوڙن ڪيترائي قيس ۽ ڪلوڙ ڪيا .جيڪي ڪنهن ڪربلا جي قصي کان گهٽ نه هئا.جنهن جي نتيجي ۾ فطرتي قانون ۽ باغي ذهن جا دلير انسان اپري آيا. جن جو سرواڻ به پيدا ٿيو هيو.اهو سرواڻ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي روپ ۾ پيدا هيو پر اهي سمورين ذميواريون لطيف ڪٽي پنهنجي ڪلهن تي کنيو. .لطيف ، شاه عنايت نتڙي جي هلندڙ تحريڪ کي (جا وقت جي حڪمرانن جي طرفان طاقت جي زور تي دبائي وئي) هئي .کي پرپور تحريڪ جو روپ ڏنو .انهي عمل کيس ان تحريڪ جو سربراه ، سرهاڻ بڻائي وڌو.

جڏهن به وطن تي ڌارين جي يلغار ٿي آهي تڏهن سنڌ جي ڪن غدارن کان علاوه ، هزارين سورهه سرويچ ۽ سرفروش انسانن ڌارين حملي آورن ، ڦورن ۽ ڦر مار قوتن خلاف راجا ڏاهار کان وٺي ، دودي سومري کان وٺي شاهه عنايت ، مخدوم بلاول تائين جو کيڙي سو ڪائي جا نارا ويرين سان هٿيار کڻي جنگ ڪئي آ.ته ڪن وري پنهنجي فن فڪر ، نظرين ۽ شاعري ذريعي سنڌ ۾ حب الوطني پنهنجي حق جي حاصلات ۽ آزادي جي لافاني جزبن کي گرمائڻ لاءِ ۽ سندن حوصلن ۽ ذهنن ۾ استقامت ۽ پختگي لاءِ بنيادي محرڪ جو ڪم ڪيو آهي.اهڙن ئي انمول ۽ عظيم انسانن مان شاه لطيف پڻ آهي. جنهن پنهنجي ڌرتي جي ماڻهن جي سورن کي پنهنجو سور سمجهي وقت جي ويرين سان ٿيندڙ مزاحمت جي اڳواڻي ڪئي آهي.سندس دور ۾ فارسي ٻوليءَ کي سرڪاري ٻوليءَ جو درجو حاصل هو.۽ اهو محاورو مشهور هو ته فارسي گهوڙي چاڙسي . پر لطيف ان خلاف مزاحمت ۽ انقلاب کي پنهنجي شاعري کي هيئين طرح پيش ڪيو آهي.

جي تون فارسي سکين گولو تون غلام

شاه لطيف پنهنجي شاعري ذريعي سنڌي ماڻهن جي دلين ۾ آزاديءَ جي لهر پيدا ڪرڻ ،ظلم کان نجات حاصل ڪرڻ۽ جابر ڦورو،پرمار ۽ استحصالي قوتن خلاف جنگ جوٽڻ واسطي سنڌي ماڻهن ۾ اتساه پيداڪرڻ لاءِچوي ٿو ته :

**"سورهيہ مرين سوپ کي تہ دل جا وهم وسار،**

**هـــڻ پـــالا وڙهہ پـــاڪـــرين آڏي ڏال م ڏار،**

**مـــــــتان تـــيـــغ تـــــرار وڙهہ تہ متارو ٿـــين". (33).**

مرشد لطيف مزاحمتي انداز ۾ پنهنجي ڏيهہ واسين لاءَ وڏو چير ۽ گهاٽي چانو ٿي رهيو آهي.سندس شاعري جي سرن جهڙوڪ سر سهڻي،سر سسئي(پنج)،سر ڪيڏارو،سر گهاتي سميت ڪيترن ئي سرن جي بيتن ۾ مزاحمت جو اثر چتو ۽ نمايا نظر اچي ٿو. جيئن تہ مزاحمتي شعور رکندڙ ذهنن جو سر ٿري تي هوندو آهي. ۽ پيا پڪاريندا آهن تہ:

**"سوريءَ آ سينگار اڳهين عاشقن جو،**

**مـــڙڻ موٽڻ مهڻيو ٿيا نظاري نروار،**

**ڪسڻ جو قرار اصل عاشقن ڪـــــــي."(34)**

صوفي حضور بخش پنهنجي ڪتاب صوفي شاهہ عنايت شهيد ۾ چوي ٿو تہ :

انهن مزاحمتي جوڌن کي پنهنجي لازوال مقصد يا وطن خاطر پنهنجي جان گهورڻ لاءِ قطارون ڪري اڏي ڏانهن پيا ڪاهيندا آهن ان نطاري کي لطيف سرڪار پنهنجي شاعري ۾ بيان ڪندي چوي ٿو تہ :

**"اڳيـــان اڏين وٽ پوين سر سنپاهيا،**

**ڪات نہ پوين قبول ۾ مـــــــچڻ پائين ،**

**گهٽ مٿان مهاين جا،پيا ڏسين نہ پٺ".(35)**

"اڳيان اڏين وٽ پوين سر سنپايا"،عنوان هيٺ هڪ ايڊيٽوريل پرسرام گل راجهاڻي، انگريزن جي دور ۾ لکيو جنهن تي ان وقت جي ڪمشنر ايچ ٽي سورلي وٽ حڪومتي عملدار هڪ ڪيس داخل ڪيو ،جنهن ۾ بيتن جي سمجهاڻي بڌڻ شرط ئي ايچ ٽي سورلي شاعر، ايڊيٽر تي ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڪيو هو، پر بعد ۾ ڪيس هلندي خبر پئي تہ شاعر ڏيڍ سئو سال پهريان هن جهان کي ڇڏي چڪو آهي.پر سندس فڪر اڄ جي دور جي ماڻهن کي حڪومت خلاف همٿائيندي نظر اچي ٿو.

مختيار احمد ملاح پنهنجي سنڌي ڪتاب سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو ۾ چوي ٿو تہ: "هو لطيف جي فڪر کان متاثر ٿي ،ان تي پهرين انگريزي م پي ايچ ڊي جهيڙي ڊگري حاصل ڪئي.لطيف سرڪار اڏول ۽ دلير انسانن جا وڏيڪ پارپتا ٻڌائيندي چوي ٿو تہ:

**"نيزي هيڏان نينهن جي پاسي پاڻ نہ ڪن،**

**عـــاشق اجهل سامهون اوچي ڳاٽ اچـــن،"(36)**

سر سهڻي داستان پهرين ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي شاھ سائين جي بيت جو حوالو ڏيندين چوي ٿو تہ :

**"ڪنـــدي اپين ڪيتريون ساهڙ ساهڙ ڪـــن،**

**ڪني سانگو ساھ بوڪجي گورين ڪـــــيو،**

**گهرن ساهڙ سندو تن ڳاهي ئي جي گهڙندي".(37)**

حاصل مطلب تہ منزلون انهن کي ملنديون آهن. جيڪي ڪڏهن مزاحمت جي ميدان ۾ ڪاهي پوندا آهن ۽ ڳالهين ڪرڻ وارن کي ڪجھ نہ ملي سگهندو آهي.ميدان ۾ ڪاهي پوڻ وارن لاءِ الله جي ذات الاهي سارا رستا جوڙيا آهن. پر جيڪي ڏکن،رستن۽وٽن جو پيا پڇنداآهن سي پنهنجي منزل تي رسي ناهن سگهندا آهن.

ڪلياڻ آڏواڻي سر سهڻي داستان نمبر ٽئين ۾ شاھ سائين جي بيت جو حوالو ڏيندي چوي ٿو تہ:

**"جئان گهڙي تئان واٽ ڪپروپچن ڪوڙيـــــون،**

**جن کي سڪ ساهڙ جي سي گهيڙنہ پڇن گهاٽ،**

**جن کي عشق جي اساٽ سي واهڙ پائين وڪڙي". (38)**

## 5.2 ٽالپرن جي دور ۾ مزاحمتي شاعري جو جائزو1782ع – 1843ع:

ڪلهوڙن جي حڪمرانيءَ جي آخري ايامن ۾سنڌ گهرو ويڙھہ ۾ گهٽو رڌل هئي. ڪلهوڙن پائرن جي نااتفاقيءَ جي ڪري افراتفريءَ جو ماحول سنڌ ۾ جڙيل هو انهيءَ افراتفريءَ جا ڌاريا هميشہ فائدو وٺندا رهيا آهن. 1772ع ۾ ميان سرفراز خان تحت نشين ٿيو، ان وقت سندس عمر تخت نشينءَ جي قابل نہ هئي هن حڪمران مان اهي غلطيون بار بار ٿينديون رهيون، جنهن هن کي وڏي تباهيءَ ڏي وٺي ويو. ميان سرفراز ڪلهوڙي پنهنجن ئي ٻولڙين اميرن جي صلاح تي پنهنجي وفادار فوج جي ٻن بهادر جرنيلن مير بهرام خان ۽ سندس پٽ مير صوبدار خان کي شهيد ڪرائي ڇڏيو. انهيءَ واقعي کان پوءِ سندن حڪمرانيءَ جو زوال شروع ٿيو. چاڪاڻ جو ٽالپر امير فوج جي وڏن عهدن تي فائز هئا. پنهنجن جا اهڙي نموني سان قتل ڏسي خاموش ڪو نہ رهيا. حڪمران طبقي ۽ سندن محافظن جي وچ ۾ نفرت جو ٻج ڇٽجي چڪو هو. اهو آتش فشان ڪڏهن بہ ڦاٽي پئي سگهيو ۽ ڪلهوڙن جي حڪومت جو خاتمي جو سبب پئي بڻجي سگهيو. ٽالپر بلوچن کي فوج ۾ ميان

يار محمد ڪلهوڙي وڏي پيماني تي پرتي ڪيو هو، ٽالپر بلوچ سپاهه گيري فن ۾ ماهر هئا ۽ ان سان گڏو گڏ هو زراعت سان بہ وڏو لڳاءُ رکندا هئا، انهيءَ سبب ڪري ميان يار محمد ڪلهوڙي هنن کي ملڪي وهنوار ۾ پرپور نموني سان شامل ڪيو. ان جو هڪڙو پيو سبب اهو بہ هو تہ ٽالپر بلوچ ڪلهوڙن جا معتقد پڻ هئا . ميان سرفرازڪلهوڙي جي انهيءَ ٻاراڻي حرڪت جي ڪري جيڪا بدنظمي پيدا ٿي، انهيءَ بدنظميءَ جي ڪري سنڌ ۾ ٽالپر دؤر جو بنياد وڌو. انهيءَ سلسلي ۾ مختيار ملاح لکي ٿو تہ:

”ٽالپرن جي سردار مير فتح علي خان جيڪو پوءِ ڪلهوڙن جي مقابلي فاتح سنڌ بڻيو، تنهن ميان سرفراز کي معزول ڪري حيدرآباد جي قلعي ۾ قيد ڪيو ۽ گادي ميان عبدالنبي جي حوالي ڪري ڇڏي. هن بد دماغ ميان سرفراز سميت ٻين ڇنن ڇٽڻ قيد پيل وارثن کي قتل ڪرائي ڇڏيو. هن جي حڪومت ۾ هڪ طرف انتشار مچيل هو تہ ٻئي طرف احمد شاه ابداليءَ جو پٽ تيمور شاهہ افغانين جو وڏو ڪٽڪ وٺي سنڌ تي پهتو. مير سهراب جي پٽ مير بجار خان همٿ ڪري کين شڪارپور وٽ شڪست ڏني. ميان عبدالنبي پوءِ وڏي رقم خراج طور ڏيئي تيمور شاهہ کان معافي ورتي. 1780ع ۾ جوڌ پور جي راجہ کي سازش ۾ شريڪ ڪري ميان عبدالنبي مير بجار کي مارائي ڇڏيو. ٽالپرن انهيءَ واقعي جي ردِ عمل ۾ ميان عبدالنبي کي سنڌ مان ڀڄائي ڪڍيو ۽ هو قلات ۾ وڃي بروهين جو لشڪر سنڌ تي چاڙهي آيو. هڪ دفعو ٻيهر شڪست کائي هو تيمور وٽ قنڌار ويو، جتان مدد خان جهڙي مصيبت سنڌ تي چاڙهي آيو. 1781ع ۾ مدد خان پٺاڻ سنڌ ۾ وڏي پيئماني تي ڦرلُٽ ڪئيءِ باهيون ڏيئي شهر جا شهر اجاڙ ڪري ڇڏيا.“ (39)

اهڙي طريقي سان اقتدار جي رسا ڪشي جاري هئي. هوڏانهن ميان عبدالنبي ڪلهوڙي مير عبدالله خان ولد مير بجار خان ۽ سندس سوٽ مير فتح علي خان کي ڌوڪي سان قتل ڪرائي ڇڏيو. اهڙين حرڪتن جي ڪري ٽالپرن ۾ وڏي ڪاوڙ جي لهر ڇانيل هئي، نيٺ ٽالپرن جو ميان عبدالنبيءَ سان آخري معرڪو هالاڻيءَ ۾ ٿيو جنهن جي اڳواڻي نوجوان مير فتح علي ڪئيءِ ميان عبدالنبيءَ کي شڪست ڏيئي 1782ع ۾ سنڌ ۾ ٽالپر حڪومت جو جهنڊو بلند ڪيو. انهيءَ واقع بابت ڊاڪٽر مخمور بخاري لکي ٿو تہ:

”هن وچ ۾ ميان عبدالنبي کي خبر پهتي تہ مير فتح علي خان وٽ هڪ هزار کان گهٽ لشڪر آهي. هن جا ساٿي سردار مير تي حملي لاءِ روانا ٿيا. مير وڏي بهادريءَ سان سندن مقابلو ڪيو. ميان عبدالنبي جا سردار واپس ميان عبدالنبيءَ وٽ پهتا تہ ميان مٿس گهڻو ناراض ٿيو ۽ نيٺ ٽيهہ هزار فوج وٺي هالاڻي پهتو. ٻنهي ڌرين ۾ سخت جنگ لڳي، مير سهراب بہ ٽيهہ هزار فوج وٺي پهچي ويو. ٽالپرن جنگ ۾ سرسي حاصل ڪئي. ميان عبدالنبي جنگ ۾

شڪست کائي قلات طرف پڇي ويو. هن موقعي تي مير فتح علي خان خود حڪومت سنڀالي ورتي." (40.)

ٽالپرن جي دور ۾ اسان کي ڪيترائي سخنور ملن ٿا جن جي شاعريءَ ۾ مزاحمتي عنصر نمايان نظر اچي ٿو. انهن عالمن ۽ دانشورن ۾ سچل سرمست ۽ خليفو نبي بخش سڀ کان اهم آهن، جن سنڌ جو ڪيڏارو لکيو. وقت جي حاڪمن سان گڏو گڏ ان دور جي مُلي سان به پنهنجي تخليقن وسيلي ويڙهه ڪئي، جيڪي سماج ۾ مذهب جي نالي تي تفرقا برپا ڪري رهيا هئا. ٻاهرين حملا آورن جي نيتن کان به پنهنجي ماڻهن کي اشارن، ڪناين ۽ علامتن جي ذريعي پيغام رساني ڪري سندن کي هر ايندڙ خطري جي آگاهي ڏيندا رهيا. شاعرن هميشه هر خطري هر آفت ۽ هر اندروني سماجي نفرت کان پنهنجي سماج ۾ آگاهيءَ وارو ڪردار ادا ڪيو آهي. اجاين ريتن، رسمن ۾ ڦاسڻ کان بهتر آهي ته پنهنجي سماج ۽ پنهنجي بهبودي لاءِ ڪو قابل فخر ڪم ڪجي. ڪنهن مُلي پير جي تلقيد کان بهتر آهي ته شاهاڻو شملو پاڻ ٻڌجي اهڙي شاهدي سچل سرمست جي هن شعر ۾ان بخوبي پسي سگهجي ٿو:ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو پنهنجي ڪتاب سچل سر مست هڪ مطالعو ۾ سچل سائين جي بيت جو حوالو ڏيندي چوي ٿو ته:

**"ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون، مرد ٿين مردانو،**

**پـــــــاڻ بيگانو مول نه چاٿين، آهين يار يگانو،**

**ونــفـــــحت فيه من روحي" بلڪل چڱ بهانو،**

**وهم سچل ڪڍ پانهپ وارو، شملو ٻڌ شاهانو."** (41).

حاصل مطلب ته اهو ان سماج جو الميو آهي، جيڪو اصل مسئلن ۽ اجاين رسمن کان واقف هوندي به واريءَ ۾ ڪنڌ هڻي ٿو ۽ ڪڏهن به سڌاري ۽ حل لاءِ نه ٿو سوچي. مفاد پرست ان ڳالهه ۾ خوش هوندا آهن ته سندن مفاد محفوظ رهن. انهن مفادن تحت ابوجهه ۽ بي پهچ جو استحصال ڪيو ٿو وڃي. استحصال جي روايت به تمام پراڻي آهي.صدين کان ڏاڍن جو ڏاڍ جاري آهي ۽ هيڻن جي همٿ به لڳي ٿو اجان جواب نهڏنو آهي. اجان سهپ جو مادو آهي ته ظلم به آهي. ظلم، ڏاڍ ، ارهه زورائي ۽ پرماريت جو راڄ رهندو اچي. ڏاڍ خلاف مدافعت ٿيندي به اچي. مقابلي لاءِ اڀاريو به وڃي ٿو، اجاين رسمن ۽ رواجن کي ٽوڙڻ لاءِ اُتساهيو به وڃي ٿو. ظالم ۽ مردم قدم پوئتي به نه ٿو هٽائي. سچل سرمست چوي ٿو ته قدم ڪٽي ڏاڍ جا زنجير ٽوڙ ۽ شاهاڻو شملو ٻڌ.

ٽالپرن جي دور ۾ سنڌ جون سرحدون بہ محفوظ ڪو نہ هيون سندن جي حڪومت ۾ بہ اندروني لڙاين ۽ مذهبي فرقن جي ڪري سنڌي سماج پست حاليءَ جو شڪار هو. انهيءَ صورتحال ۾ سنڌ تي انگريزن جي ڪڙي نظر هئي. انگريزن، مغل حڪمرانن جي اندروني فسادن جي ڪري هندستان سچي تي مڪاري ۽ ڌوڪي سان قبضو ڪيو هو، هينئر هنن جون نظرون سنڌ تي کُتل هيون. هڪ پاسي انگريزن جون ميريون اکيون تہ ٻئي پاسي پنجاب جي راجہ رنجيت سنگهہ بہ سنڌ تي حملي جون تياريون ڪري رهيو هو. انهيءَ سياسي صورتحال متعلق انور پرديسي لکي ٿو تہ:“ هڪ پاسي انگريزن جي مڪارين ۽ چالاڪين سنڌين جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو هو تہ ٻئي پاسي سک سنڌ تي ميري اک رکيون ويٺا هئا ۽ مسلسل سنڌ جي اترين سرحد تي پنهنجي فوجي طاقت ۾ اضافو ڪري رهيا هئا. جڏهن بہ دهليءَ تي ڪا آفت ايندي هئي تہ ان جو گهڻو اثر سنڌ تي پوندو هو. چاڪاڻ جو جڏهن بہ دهلي وارن کي پنهنجي سر جو خطرو محسوس ٿيندو هو تہ هو سنڌ ۾ اچي پناهہ وٺندا هئا يا دهليءَ تي ڪنهن ڦورو ڌاڙيل فوج ڪشي ٿيندي هئي تہ انهن جو لنگهہ سنڌ مان ٿيندو هو.

اهي بہ سنڌ کي ڦريندا لٽيندا، پوءِ دهليءَ تي پهچندا هئا. اهڙي قسم جي ڦرن ۽ لٽن ڪري سنڌ ۾ بک ۽ بدحاليءَ واري فضا قائم ٿي چڪي هئي. انهن سڀني شين جو اثر اسان جي قوم جي حوصلن تي ٿي رهيو هو. اهو سچو نقشو سچل سائينءَ جي سامهون هو، انهن خوني حملن ڪري سنڌ ۾ اهڙو ڏڪار ٿيو جنهن کي اڄ تائين وساري نہ ٿو سگهجي . سچل ان وقت بہ خاموش نہ هو:

انور پرديسي پنهنجي ڪتاب ‘‘سچل سر مست جي سنڌي شاعري ۾ علامت نگاري جو تحقيقي جائزو’’ ۾ سچل سائين جي بيت جو حوالو ڏيندي چوي ٿو تہ:

**“ڏاهي چڙهي ڏار تي، ڪا جا لئني لات،**
**ڏک ڏنـــــائين سپ کي وائي آٿي وات،**
**پـــيون ۾ هيهات، آتڻ واريون اتهين.”**(42)

سچل سرمست ڪنهن ڏاهي وانگر، پنهنجي قوم جي ۽ سماج جي رهنمائي ڪندو رهيو تہ اوهان کي ٻيهر غلام بنائڻ ۽ اوهان جي ڌرتي کسڻ جون تياريون ٿي رهيون آهن. حڪمران طبقي جي اندرون خلفشارن جي ڪري ٻاهريون دشمن اوهان کي مات ڪرڻ لاءِ سندرا ٻڌيو تياري ڪري رهيا آهن. سچل سرمست جي حياتيءَ جو سچو دور سياسي توڙي سماجي حوالي سان انتشار، اقربا پروري وارو دور رهيو آهي. سنڌي ماڻهن کي ڪو بہ وڏو

سُک میسر ڪو نہ هو. اندروني حالات خراب هئڻ ڪري سرحدي حالتون بہ اسان جي حق ۾ نظر نہ پئي آيون. چئن ئي طرفن کان حملن جو خطرو وڌنڌو پئي ويو. ماڻهن جون معاشي حالتون ڏينهون ڏينهن ابتريءَ واري رستي تي گامزن هيون. ڊاڪٽر مخمور بخاري اهڙي ابتر صورتحال تي تجزيو ڪندي لکي ٿو تہ:

”اهڙي حالت ۾ سنڌ جي عوام جي سماجي ۽ معاشي حالتون ڇا هونديون ان جو احساس با آساني لڳائي سگهجي ٿو. عام طور سچل جي شاعريءَ کي صوفيانہ رنگ ۾ ئي ڏٺو ويو آهي. پر هو پنهنجي شاعريءَ ذريعي ملڪي حالتن بابت اسان کي بار بار خبردار ڪندو رهي ٿو. هن جي نظر ۾ هڪ خود مختيار ، خوشحال ۽ سرسبز آزاد رياست جو خواب هو، جنهن ۾ ماڻهوءَ کي مذهبي، سياسي ۽ سماجي مڪمل آزادي ميسر هجي. هو بنيادصي طور تي مذهبي مت ڀيد جي خلاف هو:

**“ وقت اها ٿي وير، ٿوئي دور ڪرڻ جـــي،**
**ڪي مذهب من مان، ساجهر ساڻ سويـــل،**
**هندو مومن ساڻ ملي، محبت جا ڪرميل،**
**متان ٿي اويل، اولهہ ســــــــــــج نہ اُلهي.**” (43)

سچل سرمست ملڪ جي اندروني ۽ بيروني حالتن کي نظر ۾ رکندي پنهنجي سماج کي پنهنجي من مان ڀيائي کي ختم ڪرڻ سان گڏو گڏ مذهبي حوالي سان بہ ڪوڙي هٺ ۽ وڏائي کي ختم ڪرڻ جي تلقين ڪري ٿو. چاڪاڻ جو ٻاهريون حملہ آور هندو، مسلمان ڪو نہ ڏسندو هو اسان جي وسيلن تي بہ قابض ٿي ويندو ۽ ٻنهي ڌرين کي غلام بنائڻ ۾ بہ دير نہ ڪندو، تنهن ڪري اوير نہ ڪريو پاڻ ۾ ٻڌي ۽ ايڪو ڪريو تہ جيئن ڪنهن ٻئي ملڪ جي ڦورو حڪمران کي جرئت نہ ٿي جو هو اوهان تي حملو ڪري. سچل سرمست پنهنجي دور ۾ پنهنجي اظهار وسيلي پنهنجي ماڻهن جي ستل ضميرن کي بہ جاڳايو تہ پنهنجي سماج ۾ مزاحمت جي احساس ۽ جذبي کي بہ ڀرپور نموني سان اڀاريو آهي. هن دور ۾ اسان کي خليفو نبي بخش قاسم بہ ملي ٿو جنهن قومي شاعري ذريعي سنڌ جي سورهين جو ڪيڏارو لکيو. هن پنهنجي ڪلام ۾ قومي شاعري هڪ دلچسپ انداز ۾ پيش ڪئي آهي. سندس خاص ڳالهہ اها

آهي تہ هن ٽالپرن ۽ افغانن جي لڙائيءَ کي نهايت ئي سليقي سان پيش ڪيو آهي. ٽالپرن ۽ شاهہ شجاع جي وچ ۾ لڳل جنگ جو عڪس هن طرح چٽيو اٿس.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي ڪتاب خليفي صاحب جو رسالو ۾ هيءُ بيت ڏيندي چوي ٿو ته:

**”شـــجـــاع سنڌ ۾ ويهہ، اوڏا اڏي نجهرا،**

**هيءُ تني جو ڏيهہ، حامي حيدر جن جـــو.“ (44)**

ڊاڪٽر مخمور بخاري انهيءَ جنگي واقعي بابت لکي ٿو تہ:

”سن 1218ھہ/ 1803ع ۾ افغانستان جي نئين حاڪم شاهہ شجاع الملڪ سنڌ تي ڪاهي اچي شڪارپور پهتو. خيرپور ۽ حيدرآباد جي ميرن شاهه جو مقابلو ڪيو، نيٺ صلح ڪري هر سال پنج لک رپيا ڍل ڏيڻ مقرر ڪئي، شاهہ هن سال ڏهہ لک خراج حاصل ڪري واپس موٽي ويو.“ (45.)

افغانستان جي پٺاڻن هميشہ سنڌ سان ڪلور ڪيا آهن، هنن ڪڏهن بہ ڪو اهڙو موقعو ناهي ڇڏيو جنهن ۾ هنن ڪجھ پنهنجي هٿان وڄايو هجي. تڏهن تہ سنڌ جي مرشد لطيف چيو هو.“ جڏهن ڪڏهن سنڌڙي توکي قنڌارون جوکو“ سنڌ جي تاريخ پڙهون ٿا تہ 1520ع کان وٺي انهن ڪابلي پٺاڻن سنڌ کي تباھ ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي آهي. اسان جي شاعرن، عالمن ۽ اديبن بہ انهن جي ظلمن جا داستان اهڙا ٽهبيان ڪيا آهن جو اڄ تائين اسان جي تاريخ جو سونهري باب طور پيش ٿيندا پيا اچن. ٽالپرن جي حڪمراني هيٺ جيڪي بہ جنگيون لڳيون آهن انهن بابت سچل سرمست کان وٺي خليفي نبي بخش ”قاسم“تائين شاعرن، عالمن پنهنجي بهادرن جي سورهيائيءَ جا قصا بيان ڪيا آهن.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي تحقيقي ڪتاب خليفي صاحب جي رسالي ۾ شاهه شجاع ۽ ٽالپرن جي وچ ۾ ڪرڙي جي جنگ جي پسمنظر۾ خليفي نبي بخش ”قاسم“جي شاعري جو حوالو ڏيندي چوي ٿو ته :

**”ڪرڙي ڪائي رت، پٽ نہ وڄهي وات ۾،**

**پڙ ۾ پهلوانن جي، ويٺي پرکي پٽ،**

**جني نيڻ نست، نيهن نہ لاءِ تن سان.“**

**يا**

**ڪرڙيءَ ڪپن پير، تہ مون وڏو وس ڪئو،**

ڪـــــــــوڙين پڳا ڪيترا، پڌي دنگ دلير،
وڏو سُـــچي وير، ڪنهن پر ڪهي ڪاٺيا.

*

ڪونڌ قلعي جا ڪوڏيا، نونڌ نچندا پس،
چـــڏي تـــن ترس، پلئيو شاه پناڻ تي. " (46)

ڪرڙيءَ جي ميدان تي وطن خاطر سنڌ جا سورهيه مڙس ماڻهو ٿي شاهه شجاع مٿان ڪڙڪيا، انهن جوانن جي مٿين شعرن ۾ خليفي نبي بخش "قاسم" سخا ۽ سورهيائي جا گيت ڳايا آهن. انهن پناڻن اڄ تائين سنڌين کي سڪون ڪرڻ ناهي ڏنو. اڄ به هو ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان سنڌين جي ملڪيتن تي قابض ٿيندا رهن ٿا. هي ويل به ويهڻ جي ڪانهي اڄ جيڪڏهن اسان منظم طريقي سان انهن سان ويڙهه نه ڪئي ته هڪ دفعو ٻيهر تاريخ ۾ اسان غلاميءَ واري زندگيءَ ڏي پنهنجا پير ڊگها ڪري رهيا آهن. هينئر ته وسيلا به گهٽا آهن ۽ طاقت به جهجهي آهي، پر وري به شرط اهو آهي ته سياسي حوالي سان اسان اڄ به چڙو چڙ آهيون.

## انگريزن جودور:

**ميرن جي نااتفاقي سبب انگريزن 17فيبروري 1843ع تي مياڻي جي ميدان تي ميرن کي شڪست ڏئي سنڌ تي قبضو ڪيوان کان پوءِ ٽالپرن اڳواڻن کي چارلس نيپئربمبئي موڪلي ڇڏيو ان وڏي معرڪي کان پوءِ 24 مارچ 1843ع تي ميرپور خاص جي حڪمران ميرشيرمحمد ماڻڪاڻي ۽ انگريزن جي وچم دٻيءِ واري جنگ لڳي.**

**هن اهم جنگ ۾ مير صوبدارٽالپر جي اهم سپوت هوش محمد شيديءَ وڏي بهادريءَ ۽ دليريءَ سان وڙهيو.جنهن ڪري تاريخ ۾ اهم سپوت طور مشهور آهي.خيرپور جي رياست جي والي مير علي مراد خان ٽالپر انهن جنگين ۾انگريزن جو ساٿ ڏنو.ان جي بدلي ۾ 110 سالن تائين خيرپور رياست جا مير حڪمران رهيا.جڏهن پاڪستان جو ورهاڱو ٿيو ته 1954ع ۾ خيرپور رياست پاڪستان ۾ شامل ٿي.سنڌ جا ماڻهو ڌارين کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ وڏي بهادري سان وڙهندا رهيا آهن. جيئن ته سنڌ قدرتي وسيلن سان مالامال رهي آهي.جنهن ڪري ٻيروني طاقتون مختلف طريقا ۽ تدبيرون استعمال ڪري سنڌ تي قابض ٿينديون رهيون.جڏهن برطانيه زرعي سماج مان نڪري صنعتي دور ۾ داخل ٿئي ته برطانيه حريص فطرت سان ٻين ملڪن جي وسيلن تي نظر رکڻ شروع ڪئي. اسان کي خبر آهي ته سنڌ قدرتي وسيلن سان مالامال خطو رهيو آهي.ان ڪري برطانيه 1843ع**

**تي سنڌ تي قبضو ڪري ورتو. 1849ع ۾ پنجاب تي قبضو ڪري ورتو.آهستي آهستي 1857ع تائين سموري هندستان تي قبضو ڪري ورتو.انگريز وڏيءَ چالاڪيءَ سان هن علائقي جا والي بڻيا.**

## حوالا (Refrences)


(1) ملاح، مختيار احمد، سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو،(قديم دورڪان اڄ تائين) ڪراچي، ڪانياواڙ اسٽورز، اردو بازار، ڇاپو پيو، 2014ع،ص، 39.

(2) سنڌي، ميمڻ، عبد المجيد، ڊاڪٽر، سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، ڪنديارو، روشني پبليڪيشن، 2002ع،ص،27.

(3) سنڌي، ميمڻ، عبدالمجيد، ڊاڪٽر، بيت(سٽاءُ ۽ اوسر ) ، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور ،جنوري 2002ع ، ص 60 .

(4) سنڌي، ميمڻ، عبد، المجيد، ڊاڪٽر، سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، ڪنديارو، روشني پبليڪيشن، 2002ع،ص،29.

(5) ,ايضًا،ص.29.
(6) ملاح، مختيار احمد، سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو،(قديم دورڪان اچ تائين) ڪراچي، ڪائياواڙ اسٽورز، اردو بازار، ڇاپو پيو، 2014ع،ص،40.
(7) ” فهميده حسين، ڊاڪٽر، شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ، شاهہ دبک عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهہ حيدرآباد، 1993ع،ص،124.
(8) ملاح، مختيار احمد ،سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو ، ڪراچي ، ڪائياواڙ اسٽور اردو بازار ، ڇاپو پيو 2014ع ، ص، 40.
(9) ايضًا، ص، 40.
(10) ڪنڪيد ، سنڌيڪار : خانم خديجہ دائود پوٽو، سنڌ جون لوڪ آکاڻيون ،سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ،ڇاپو،چوٿون،جنوري،2013ع،ص،61.
(11) ملاح، مختيار احمد، سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو،(قديم دورڪان اچ تائين) ڪراچي، ڪائياواڙ اسٽورز، اردو بازار، ڇاپو پيو، 2014ع،ص،41.
(12) انصاري،عثمانعلي،مرتب،سڏاريندڙ۽سنواريندڙ،ڊاڪٽر،مخمور،بخاري،رسالو،سچل سرمست،سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو،سر موملراڻو،داستان،پهريون،ڇاپو،ٽيون،جولاءِ 2012ع، ص،370.
(13) ملاح، مختيار، احمد، سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو،(قديم دورڪان اچ تائين) ڪراچي، ڪائياواڙ اسٽورز، اردو بازار، ڇاپو پيو، 2014ع،ص،40.
(14) ايضا،141.
(15) بلوچ، نبي، بخش خان، ڊاڪٽر، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ڄامشورو، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، يونيورسٽي آف سنڌ، چوٿون ايڊيشن، 1999ع. ص،141.
(16) ايضًا،ص.146.
(17) ايضًا، ص.146
(18) عباسي، خورشيد، ڊاڪٽر، مرتب، قومي ادبي ڪانفرنس سما دور، مضمون ڄام نظام الدين عرف ڄام نندو، قاضي، آزاد. ڪراچي، سنڌي شعبو، ڪراچي يونيورسٽي ،ص،116.
(19) بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ. ڄامشورو، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، يونيورسٽي آف سنڌ.، چوٿون ايڊيشن،1999ع،ص، 189.
(20) ايضًا،ص، 192.

(21) سنڌي، ميمڻ، عبدالمجيد، ڊاڪٽر، بيت سنّاءُ ۽ اوسر، شڪارپو مهراڻ اڪيڊمي،2002 ع،ص، 118 .

(22) خشڪ ، محمد ، ڊاڪٽر ، پي- ايچ- ڊي ٿيسز ، (شاهه لطيف جي مزاحمتي شاعري جو تحقيقي اڀياس )،قلمي ، سنڌ الاجي ريسرچ لائبرري ۾ جمع ٿيل، صفحو ، 17.

(23) ملاح، مختيار احمد، سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو،(قديم دورڪان اڄ تائين) ڪراچي، ڪائياواڙ اسٽورز، اردو بازار، ڇاپو پهو، 2014ع.ص،79.

(24) سنڌي، ابراهيم، ڊاڪٽر. مقالو. ارغون ۽ ترخانن جو دور ۽ سنڌ جي عالمن ۽ بزرگن جو ڪردار. مرتب. پروفيسر ڊاڪٽر خورشيد عباسي. قومي ادبي ڪانفرنس ارغون، ترخان ۽ مغل دور.ڪراچي: سنڌي شعبو، ڪراچي يونيورسٽي. 2009ع. ص، 79.

(25) ملاح، مختيار احمد، سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو،(قديم دورڪان اڄ تائين) ڪراچي، ڪائياواڙ اسٽورز، اردو بازار، ڇاپو پهو، 2014ع.ص. 79.

(26) سنڌي، ابراهيم، ڊاڪٽر. مقالو. ارغون ۽ ترخانن جو دور ۽ سنڌ جي عالمن ۽ بزرگن جو ڪردار. مرتب. پروفيسر ڊاڪٽر خورشيد عباسي. قومي ادبي ڪانفرنس ارغون، ترخان ۽ مغل دور.ڪراچي: سنڌي شعبو، ڪراچي يونيورسٽي، 2009ع،صفحو، 79.

(27) ملاح، مختيار احمد، سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو،(قديم دورڪان اڄ تائين) ڪراچي، ڪائياواڙ اسٽورز، اردو بازار، ڇاپو پهو، 2014ع.ص،90.

(28) ايضًا.ص.90.

(29) پٺي، رشيد.، تصوف ۽ ڪلاسيڪي سنڌي شاعري، سنڌيڪار ۽ ترتيب، ڊاڪٽر مهر خادم. سکر، ماءِ پبليڪيشن.2016ع. 40

(30) حضور، بخش، صوفي،صوفي، شاه، عنايت، شهيد.، ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي ،2007ع. ص،87.

(31) بخاري ، مخمور ، ڊاڪٽر ،. مضمون سر سهڻي ۾ مزاحمت ۽ روشن خيالي جو شعور ڪلاچي، تحقيقي جرنل ، ايڊيٽر، محمد سليم پرويز ميمڻ ، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي،جلد 23 ، شمارو 2 ،ڊسمبر 2020 ، ص، 68.

(32) ايضًا،ص،69 .

(33)سر ڪيڏارو،داستان پنجون،شاه جو رسالو،ڊاڪٽر گر بخشاڻي، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي 2014ع،ص،372.

(34) آڏواڻي ،ڪلياڻ ،شاه جو رسالو ، سر ڪلياڻ ، داستان، پيو، بيت نمر 3 ، ڪنديارو : روشني پبليڪيشن ، سال ڊسمبر 2013ع ص ، 54.
(35) صوفي،حضور بخش . صوفي شاه عنايت شهيد ، ڪراچي : سنڌيڪا اڪيڊمي ،2007ع ، ص 87 .
(36) ملاح، مختيار احمد، سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو،(قديم دورڪان اڄ تائين )
ڪراچي ، ڪائياواڙ اسٽور اردو بازار ، ڇاپو پيو ، 2014ع ، ص 180 .
(37) گربخشاڻي،ڊاڪٽر شاھ جو رسالو،سر سهڻي ۾ داستان پهريون، بيت93، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 2014ع، ص،162.
(38) آڏواڻي،ڪلياڻ،شاھ جو رسالو، سر سهڻي، داستان ٽيون،بيت نمبر4،روشني پبليڪيشن ڪنديارو،ڊسمبر 2013ع،ص،138.
(39)ملاح، مختيار، احمد، سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو،(قديم دورڪان اڄ تائين) ڪراچي، ڪائياواڙ اسٽورز، اردو بازار، ڇاپو پيو، 2014ع.ص.182.
(40) بخاري، مخمور،ڊاڪٽر،سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر، ڪراچي،ثقافت، سياحت،
ڪاتو، حڪومت، سنڌ،2011ع،ص 54.
(41) جوٽيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، سچل سرمست هڪ مطالعو، مهراڻ اڪيڊميشڪارپور، 2009ع،ص 79.
(42) پرديسي، انور،سچل سرمست جي سنڌي شاعريءَ ۾ علامت نگاريءَ جو تحقيقي جائزو، خيرپور پنواڙي پبليڪيشن، 2021ع،ص، 52.
(43) بخاري، مخمور، ڊاڪٽر، سچل ساڃاهه شعور، خيرپور، پوپٽ پبليڪيشن، 2011ع،ص، 101
(44) بلوچ، نبي، بخش، ڊاڪٽر، تحقيق، ترتيب، خليفي گل جو رسالو چامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو پيو، 2005ع ،ص، 40.
(45)بخاري، مخمور، ڊاڪٽر. سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر ڪراچي،ثقافت سياحت خاتو، حڪومت سنڌ،2011ع،ص،58.
(46)بلوچ، نبي، بخش، ڊاڪٽر، تحقيق، ترتيب، خليفي گل محمد جو رسالو چامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو پيو، 2005ع،ص،41.

# باب ٽيون

## سرڪش سنڌيءَ جي دور جون سياسي،سماجي حالتون۽ مزاحمتي تحريڪون

## سرڪش سنڌيءَ جوتعارف:

سنڌ سياسي،سماجي ۽ ادبي حوالي کان نهايت ئي اهم خطو رهيو آهي.هتي ڪيترين ئي صوفي بزرگن،شاعرن۽ اديبن جنم ورتو آهي. اهڙن اهم شاعرن ۾ سرڪش سنڌي پڻ هڪ آهي. سرڪش سنڌي پنهنجي دور جو مزاحمتي ۽ انقلابي شاعر رهيو آهي.هن خاص طور تي ون يونٽ تحريڪ، ڪالاباغ ڊيم تحريڪ۽ ايم آرڊي تحريڪ وارن موقعن تي تمام گهڻي شاعري ڪئي آهي. ان کان علاوه هن جي شاعري جو ڪجھ حصو رومانس تي پڻ مشتمل آهي.سرڪش سنڌي  پنهنجي دور جو متحرڪ ڪردار رهيو آهي.هو نهايت ئي برجستو شاعر هئڻ سان گڏ نالي وارو سماج سڌارڪ به رهيو.هو پنهنجي دور ۾ هلندڙ

سياسي، سماجي ۽ ادبي سرگرمين ۾ نهايت ئي سرگرم رهيو. سندس اهڙين ڪار گذارين جو عڪس هيٺ بيان ڪجي ٿو:

## ولادت:

عزيزقاسماڻي ادبيات سنڌ رسالي ۾سرڪش سنڌي جي جنم حوالي سان لکندي چوي ٿو تہ:"جديد سنڌي شاعريجي اهم نالي واري شاعر سرڪش سنڌيءَ جو اصل نانءُ عبدالمجيد پٽ عبدالله چانڊيو هو.سندس جنم ڳوٺپلي پوٺا سيتا وليج ضلعي دادو ۾ پهرين آڪٽوبر 1940ع تي ٿيو". (1)

مختيار احمد ملاح پنهنجي ڪتاب "سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو" ۾ سرڪش سنڌي جي ولادت جي باري ۾ لکندي چوي ٿو تہ:

"سرڪش سنڌي پهرين آڪٽوبر 1940ع تي پيدا ٿيو.سرڪش سنڌيءَ جو اصل نالو عبدالمجيد ولد عبدالله چانڊيو آهي. سندس جنم پلي پوٺا تعلقي سيتا ضلعي دادو ۾ ٿيو .پاڻ سنڌ جو ترقي پسند قومي شاعر هو. "سرڪش سنڌي" سندس ادبي نالو آهي. سندس شاعري جي مجموعن ۾ "درد دل"،"امن آبحيات"، "پيار ۽ آزادي"،۽ "پريم پاشا"شايع ٿيل آهن. سرڪش سنڌي پنهنجي شاعري جي هر صنف ۾ سنڌ ۽ سنڌ جي هر مسئلن کي ڳايو آهي.سندس قلم پنهنجي دور جي تاريخ لکڻ لاءِ تڙپيوآهي. هن پنهنجي شاعري ۾ استحصالي ٽولن جي منهن تي چڙهيل مڪاري وارو ريشمي رومال لاهي اڇليو آهي."(2)

سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ ۾ جيڪي بہ شاعر پيدا ٿيا آهن، انهن پنهنجي قدرتي صلاحيتن منجهان پنهنجي ڌرتيءَ کي لفظن جي پيٽا سهڻي طريقي سان ڏني آهي. انهن شاعرن ۽ تخليقڪارن منجهان سرڪش سنڌي بہ هڪ آهي. سندس جنم دادو ضلعي جي سيتانگريءَ جي ڳوٺ پليپوٺا ۾ ٿيو. هو پنهنجي ولادت جي مناسبت سان پنهنجي ڪتاب " جوٽيون جيءَ جهان ۾"لکي ٿو تہ:

"سرڪش سنڌيءَ اسڪول جي رجسترمطابق پهرين آڪٽوبر 1940ع تي پيدا ٿيو. پروالدين جي چوڻ مطابق سرڪش سنڌي نومبر1938ع ۾پيداٿيو.سرڪش سنڌيءَ سيتا نگريءَ جي پرپاسي،پيچري تي،پليپوٺن جي ڳوٺ ويجهوناناڻڪي ڪـڪائين جهوپريءَ۾اوناداهـ نگرڪان ڪان ڪان نڪري دنيا ۾اکيون کوليون.جڏهن تہ ابن ڏاڏن جا پد ملان جي ڳوٺ، تعلقي ڳڙي ياسين،ضلعي شڪارپور ۾ وڏابڪڻ، شهر جي اترءِ ٽن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهن،سرڪش سنڌيءَجونانولعل بخش جيڪو سرڪش سنڌيءَ جي پيءُ مولوي عبدالله چانڊيو

جوسائوٽي سوٽ هو.جيڪوپنهنجن ڪان ارهو ٿي دادوضلعي جي مٿئين ڳوٺ جي وٽ ۾ وڃي ويٺوهو.۽ راهڪي ڪري وقت سان مهاڏواٽڪائيندي جيئڻ لڳوهو.” (3)

سرڪش سنڌيءَ جي ولادت جي باري ۾ خادم حسين چانڊيو پنهنجي ڪتاب “مارو جي مليرجا” ۾ بيان ڪندي لکي ٿو ته:

“عبدالمجيد ولد مولوي عبدالله چانڊيو پهرين آڪٽوبر 1940ع تي ڳوٺ پلي پوٽا لڳ رام جي سيتا ضلعي دادوءِ ڄائو.پاڻ سنڌ جو برک، ترقي پسندءِ قومي شاعر آهي.“سرڪش سنڌي”سندس ادبي نالو آهي.(4)

**سرڪش سنڌيءَ جوننڍپڻ:**

سرڪش سنڌيءَ جو جنم جنهن ماحول ۾ٿيواهو تعليم يافتهگهراڻي وارو هو. سرڪش سنڌيءَ جي زندگي تي ان جا مثبت اثرپيا .سندس والد مولوي عبدالله چانڊيو پنهنجي دور جو برک ۽ نالي واري عالم سان گڏو گڏ قرآن شريف جو پڙ وڏو ڄاڻو هو.مولوي عبدالله چانڊيو قرآن شريف جي عالم هئڻ جي ڪري پنهنجي گذرسفرلاءِ مختلف شهرن جي مختلف مدرسن ۾ قرآن شريف جو درس ڏينداهئا.سندن فطرت ۾اها ڳالهه هئي ته ڪنهن هڪ شهر ۾ٽڪاڻو ڪونه ڪيائون.پوءِ جتي پاڻ ويندا‌هئا اتي پنهنجي ڪٽنب کي ساڻ وٺي ويندا هئا.انهيءَ ڪري سرڪش سنڌيءَ جو ننڍپڻ ڪنهن مخصوص هڪ جڳهه تي ڪونه گذريو جتي پيءُ اتي پاڻ.انهيءَ اثر ڪري سرڪش سنڌيءَکي سنڌي تعليم کان پهريان ديني تعليم ۽ تربيت سندس پيءُ ڏني.

سرڪش سنڌي پنهنجي ڪتاب “جوٽيون جيءَ جهان” جيڪو هن جي زندگي جي آتم ڪٿا جي باري ۾ لکيل آهي.ان ڪتاب ۾سرڪش سنڌي پنهنجي زندگي جون ساروٽيون بيان ڪندي لکي ٿو ته:

“مون کي ننڍپڻ ۾ لال ڪنوار پنپورين ڦاسائڻ جو تمام گهڻو شوق هوندوهو ڪنهن سڪل ڪانڊيري سان انهن کي ڦاسائيندوهئس ۽ ڪافي وقت کان پوءِ انهن کي آزاد فضا۾ اڏاري ڇڏيندوهئس.وڏيڪ لکي ٿو ته جڏهن مان جوان ٿيس ته، پوءِ به ڳاڙهن پنپورين ڦاسائڻ جو شوق زندہرهيو۽ اهڙي طرح ٿوڪري ۾جهرڪيون به ڦاسائڻ منهنجي ننڍپڻ جي وندررهي.پر ڪجھ وقت کانپوءِ به انهن کي اڏاري ڇڏيندوهئس.لال ڪنوار پنپوريون اڄ تائين ڏاڍيون وڻنديون آهن.سرڪش سنڌي وڌيڪ لاءِ پنهنجي ننڍپڻ جي يادگيرين کي لکندي چوي ٿو ته ڳوٺ ۾ ڏينهن جو ونجهه وٺي راند ۽ رات جوٻوڙيچائڻ جو به خفت رهيو” .(5)

**سرڪش سنڌيءَ جي تعليم:**

خادم حسين چانڊيوسنڌي ادب جو هڪ بهترين ليکڪ آهي جيڪو سرڪش سنڌي جي تعليم جي باري ۾پنهنجي ڪتاب ”مارو جي ملير جا“ سوانح لکندي چوي ٿو ته:”سرڪش سنڌي فارسي ،عربي ۽ديني تعليم پنهنجي والد بزرگ کان حاصل ڪئي.جيڪو چوٽيءَ جو عالم دين ٿي گذريو۽اڄ جي ڪيترين ئي سنڌي عالمن جو استاد هو.ان ڪانپوءَ 1954ع کان 1971ع تائين واري عرصي ۾ هن فائنل ، ميٽرڪ،بي اي ،بي ايڊ جا امتحان پاس ڪيا . پاڻ 1961ع ۾ تعليم کاتي ۾ استاد مقررٿيو.13 سال پرائمري استاد ۽ 13 سال سيڪنڊري استاد هاءِ اسڪول رتوديرو ۽گورنمينٽ پائليٽ سيڪنڊري اسڪول لاڙڪاڻي ۾ رهي.1987ع ۾ رٽائر ڪيائين ۽ اڄڪلهه لاڙڪاڻي شهر ۾ سڪونت پذير آهي.(6)

سرڪش سنڌيءَ جو پيءُ عبدالله چانڊيو ديني عالم هئڻ ڪري هو مختلف شهرن جي مدرسن ۾ ٻارن کي قرآن شريف جي تعليم ڏيندو هو. جنهن ڪري هو جتي پاڻ ويندو هو،اتي پنهنجي اهل عيال کي به ساڻ وٺي ويندو هو، ان ڪري سرڪش سنڌيءَ جي تعليم مختلف اسڪولن ۽ مدرسن ۾پرائي. اهو ئي سبب آهي جو سرڪش سنڌيءَ عربي، فارسي ٻولين ۾ علم پرائيندو رهيو ۽ انهن زبانن تي کيس وڏي دسترس حاصل هو. سندس بنيادي استادن ۾سندس والد بزرگ سر فهرست آهي.ان کان علاوه سرڪش سنڌي هڪ پڙهي لکي خاندان سان واسطو رکندو هو انڪري سندس تعليم جو معيار عام ٻارن کان بهتر هئس.جنهنڪري سرڪش تعليم به معياري حاصل ڪئي.سرڪش سنڌي پنهنجي ڪتاب ”جوٽيون جي جهان“ ۾ پنهنجي تعليمي سفر جي ابتدا لکندي بيان ڪري ٿوته:

”اسان جو والد صاحب عبدالله چانڊيو امروٽ جي شهر ڪانپوءَ گهٽهڙ ۾ پنهنجون ديني خدمتون ڏيڻ شروع ڪيون .ان ئي شهر ۾ يعني گهٽهڙ ۾رهڻ دوران هو ۽ سندس وڏوڀاءُ مولوي عبدالحميد چانڊيو کي پرائمري اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو. ان پرائمري اسڪول جي هيڊماسٽر جو نالو محترم نهال الدين تنيو هو، جيڪو پير جو رهاڪو هو.جيڪو منهن مهانڊي ۾ ڏاڍو حسين هو،ڊگهي اڇي ڪاري ڏاڙهي ،بت ۾ ڀريل،قد جو بندرو،ڏاڍو محنتي سڀاجهو استادهو.پهرين ڪلاس م اسان جو استاد محترم هزارو خان مجاهد عباسي وڳڻ جو ويٺل هو.“ (7)

سرڪش سنڌي ننڍپڻ کان ئي ڏاڍو ذهين،محنتي۽ سلڇڻوانسان هو. سرڪش سنڌيءِ جو هڪ پڙهيل لکيل ۽ ادبي گهراڻي سان واسطوهئس. جنهن جو پڻ هن جي پڙهائي۽تربيتسان گڏو گڏ سندس شخصيت تي سنو اثر پڻ رهيو.سرڪش سنڌي پنهنجي ڪتاب“ جوٽيون جي جهان جون“ جيڪو هن جي آتم ڪٿا جي باري ۾ لکيل آهي. ان ڪتاب ۾ پنهنجي ننڍپڻ واري ذهانيت جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته:

”جڏهن مان پهرين ڪلاس پاس ڪري ٻئي ڪلاس۾آيس ته ٻئي ڪلاس سان گڏ ٽئين ڪلاس جا ڪتاب پڙهئي ڇڏيم. اهڙي طرح هرسال اڳئين ڪلاس جا ڪتاب وٺي پڙهي ڇڏيندو هئم.اصل ۾ڪتڪو هوندو هئم ته ايندڙ ڪتاب،ايندڙ سال پڙهي سگهندم يا نه انهيءَ ڪري ائين ڪندو هئس.۽ پوءِ سموراڪتڪا ۽ خدشا لهي ويندا هئم.منهنجووڏو ڀاءُ مولوي عبدالحميد مون سان گڏ پڙهندو هو.پرڪيس پڙهائي جو ايترو شوق نه هوندو هئس..حساب ته اصل ئي نه ايندا هئس .اهڙي طرح اکر به تمام خراب هئس.تنهنڪري سڄي زندگي ڪو به خط لکي نه سگهيو.۽ گهڻو ڪري مون کان لکرائيندو هو.اهڙي طرح ٽئين ڪلاس ۾محترم استاد محمد قاسم ٻرڙو استاد ٿيو.جيڪو وڏي آواز سان اسيمبلي ۾ تلاوت ڪندو هئو.اهي آيتون مون کي پڻ ياد ٿي ويون هيون.ان کان پوءِ جڏهن آءُ چوٿين ڪلاس ۾ داخل ٿيس ته اتي ٻير وارو،استاد مولوي نوراحمد قريشي مقرر ٿيو . جيڪو نهايت خليق۽هوشياراستاد هو.چوٿون ڪلاس پاس ڪرڻ کانپوءِ لاهوري محلا لاڙڪاڻي لڏي آياسين.(8)

سرڪش سنڌيءِ جڏهن لاهوري محلا لاڙڪاڻي ۾ لڏي آياهئا تهاتي ذهني طور تي وقت ۽ حالتن مطابق ذهني صلاحتيون اجاگر ٿي چڪيون هئس. هن کي هتي دنوي تعليم سان گڏ ديني تعليم سکڻ جو شوق جاڳيو.ان کان علاوه هن هتي ٻيا ڪوڙ سارا دنيوي ڪتاب پڙهيا جنهن ۾ هن ادبي ڪتاب پڻ پڙهيا .ان سڄي قصي کي هن پنهنجي آتم ڪٿا واري ڪتاب ”جوٽيون جي جهان ۾“ بيان ڪندي لکي ٿوته:

”لاهورين ۾اچڻ کان پوءِ مون کي پي وي اسڪول ۾ داخل ٿيڻ جو وجهه مليو.گهٽهڙ م چاردرجا پاس ڪري آيو هئس.تنهنڪري هن اسڪول ۾ مون کي پنجين ڪلاس ۾ داخل ڪيو ويو.انهن ڏينهن ۾پرائمري تعليم سان گڏ ديني تعليم سکڻ به شروع ڪري ڏني هيم اتڪل ڏهن ورهين جي عمر ۾قرآن مجيد ناظره سان گڏ ان جو ترجمو پڙهي ڇڏي هو.انکانسواءِن فارسي،دوايو،ٿوايو، آمدنامو، ڪريما،نامحق،پندناموپڙهي پوروڪيوهئوجنهن کانپوءِگلستان،بوستان،زليخان جي فارسي جا ڪتاب،شاعري ۾ سهڻي لهجي ۽ سرن سان پڙهڻ جو نتيجو ڏاڍوسٺو۽ اثرائتو نڪرند وهوڪيترائي بيت برزبان ياد ٿيندا ويندا هئا.“ (9)

سرڪش سنڌي جو پيءُ بنيادي طور تي هڪ غريب خاندان سان واسطو رکندوهو.ان ڪري پنهنجي اولاد کي تربيت به پنهنجي حال آهر ڏيندوهو.سرڪش سنڌيءَ جي پيءُ کي جنهن به مدرسي ۾ ملازمت ملندي هئي اتي پنهنجي اولاد کي وٺي وڃي رهندو هو.سرڪش سنڌيءَ وارا جڏهن لاهوري محلا لاڙڪاڻي ۾ رهندا هئا اتي انهن کي ڪرائي واري جاءِ تي رهڻو پيو چاڪاڻ ته اتي انهن کي پنهنجي ڪا جڳهه ڪانه هئي.ان ساري حالات دوران

سرڪش سنڌيءَ پنهنجي پڙهائيجاري رکي.پنهنجي ان حالات کي سرڪش سنڌي پنهنجي آتم ڪٿا ۾ لکندي چوي ٿو ته:

''هاڻي لاهورين ۾نه پنهنجي جاءِ،نه ملڪيت،نه ڏنڌ و نه ڏاڙي نه ئي ڪو پيو سبب جو هروڀرو رهجي پوي تنهنڪري جاءِ جي واپسي کان اڳ ۾ ئي ڏاندگاڏيون ڪرائي تي ڪرائي،سڄي رات پنڌ ڪري وڃي اجري صبح جو ڳوٺ پنهو خان چانڊيو(ڊيلار)کان نڪتاسين.ڪجھ ڏينهن اتي رهڻ ٿيو هوءِ مان ڇهون ڪلاس اتي استاد حاجي قادر ڏني ۽ نور محمد وٽ پڙهڻ لڳس.مون کي ياد ٿو پوي ته پهريون نظم انهيءَ ڳوٺ ۾، ڪنهن جي ياد ۾ لکيو هوم.پر اهو نظم ياد نٿو پوي تنهنڪري حجت نٿو ڪريان.(10 )

تنهن کانپوءِ سرڪش سنڌي پنهنجي تعليم جاري رکندي، ستين اٺين ڪلاس واري تعليم جو ذڪر پنهنجي آتم ڪٿا واري ڪتاب ''جوٽيون جي جهان جون'' لکندي چوي ٿو ته:

''اسان جي دور ۾ ورنيڪيولر جو امتحان ٿيندو هوجنهن جو مطلب هو ، جيڪو شاگرد ستين ۽اٺين ڪلاس جو امتحان پاس ڪندو هو،اهو پرائمري ٽيچر بڻجڻ جي لائق ٿيندو هو. اهڙي طريقي سان مان( سرڪش سنڌي) تقريبن 1953_54ع ڌوارھ مان پاس ڪري پرائمري ٽيچر بڻيم (11)

ان کانپوءِ هن پڻ 1967ع سنڌيءَ ۾ اديب فاضل جو امتحان پڻ پاس ڪيم.(12)

1965ع ۾ پي ٽي سي جو امتحان پاس ڪيو. (13)

1971ع م بي ايڊ جو امتحان پاس ڪيو.(14)

## سرڪش سنڌيءَ جي نوڪري:

عزيزقاسماڻي ادبيات سنڌ رسالي ۾ سرڪش سنڌي جي ڊيوٽي جي باري ۾ لکندي چوي ٿوته:

''سرڪش سنڌي 27 ڊسمبر1961ع تي تعليم کاتي ۾ استاد طور مقرر ٿيو.هن شاعري جي شروعات 1954ع کان ڪئي.هن جوپهريون ادبي نالو ''مجبورواراهي''۽ وقت جي وهڪري ۾ هيءُ نالو وڌيڪ قائم رهي نه سگهيو.بعد ۾ ادبي تخلص ''پاور سعد واهي'' ۽ ٿوري ئي ڏينهن کان پوءِ''سرڪش سنڌي''جي ادبي نالي سان سڃاتو ويو.سرڪش سنڌيءَ مذهبي شاعري به ڪئي آهي۽ هن جي ادبي حلقن ۾ انقلابي شاعر طور پختي سڃاڻپ جڙي.هن سنڌ جي اشوز تي پرپور انداز سان شاعري ڪئي .هن جي واين پنيت ٻاري چڙيو''. (15)

سرڪش سنڌي جيئن ئي ورنيڪيولر فائنل جو امتحان پاس ڪيو ته تئين ئي هن پنهنجي غريبي حالات کي مد نظر رکندي پرائمري استاد ٿيڻ جو ارادو ڪيو.سو سرڪش سنڌي گورنمينٽ نوڪري وٺڻ واري مرحلي کي پنهنجي آتم ڪٿا واري ڪتاب ''جوٽيون جي جهان جون''۾ بيان ڪندي لکي ٿو ته:

“27ڊسمبر1961ع جو ڏينهن هو،جوسائين رضا محمد منهنجو آرڊر ڪٽي اچي نڪتو،ميرجا گهر،ڳوٺ ۾ نئون اسڪول کولي ڪم ڪرڻو هو.آرڊر تي ڏنم ته 6ڊسمبر 1961ع جو نڪتل هو مون سائين سان صلاح ڪري 07 12 1961ع تي ڊيوٽي رپورٽ جو ليٽر لکيو.جنهن ۾چاڙهايم ته نئون اسڪول کولڻ لاءِ ڳوٺ جي نيڪ مردن سان ملي ڪجھ ٻار گڏ ڪري ڪم شروع ڪري ڏنو آهي.۽ پوءِ اها ئي تاريخ منهنجي مقرريءَ جي تاريخ ٿي ويئي.”(16)

سرڪش سنڌي بنيادي طور تي هڪ علمي ادبي گهراڻي سان واسطو رکندو هو جنهنڪري مٿس خاندان جو گهرو اثر پيس. سرڪش سنڌي ءَ پنهنجي ملازمت نهايت ئي ايمانداري سان ادا ڪندو هو. هلانڪ سرڪش سنڌيءَ جي پگهار تمام گهٽ هئي تنهن جي باوجود به هو نيڪ نيتي ۽ ايمانداريءَ سان پنهنجي نوڪري ادا ڪندو هو.سرڪش سنڌي ان پنهنجي ملازمت واري عرصي کي پنهنجي آتم ڪٿا ۾ بيان ڪندي لکي ٿوته:

“اهڙي طرح نيٺ 20 مارچ 1963ع ميهر گهانگهري اسڪول تعليقي رتيديري ۾ بدلي ٿي.مان علي خان جي اسڪول ۾ به مهينا نو ڏينهن رهيس.جنهن اسڪول ۾ بدلي ٿي اهو اسڪول لاڙڪاڻي ضلعي جو آخري اسڪول هو۽روڊ تي هو.تنهنڪري ڳوٺ اچڻ وڃڻ جي سهولت به سامهون هئي.قمبر ۾ بيٽ آفيسر شاعر نظام الدين گوپانگ هو.جنهن سان به شاعر توڙي زيردست طور تمام گهٽي حجت هئي.انهن ڏينهن ۾ منهنجي پگهار 40 روپيه مان 90 روپيه ٿي.ميهر گهانگهري اسڪول کان تقريبن 27 ڪلو ميٽر مفاصلو طئي ڪري ڳوٺ ايندو هئس”. (17)

سرڪش سنڌي ننڍپڻ کان ئي محنتي ۽ جفاڪش انسان هو تنهنڪري جڏهن هيءُ پرائمري ٽيچر هو ان دوران هن سي ٽي ۽پي ايڊ جا امتحان نهايت ئي سٺن مارڪن ۾ پاس ڪيا جنهنڪري اڳتي هلي هي انگريزي استاد طور ترقي ماڻي. سرڪش سنڌي پنهنجي ان ڪاميابي واري عرصي کي پنهنجي آتم ڪٿا ۾ لکندي چوي ٿو ته:

“1975ع ۾ رتيديري هاءِ اسڪول ۾ بدلي ٿي آيس.تنهن کان پوءِ تقريبن 1981ع ۾ گورنمينٽ پائليٽ سيڪنڊري اسڪول ۾ بدلي ٿي آيس. 1987ع ۾ رٽائرڊ ٿيس.” (18)

سرڪش سنڌيءَ جو اولاد:

اولاد الله جي ڏنل نعمتن مان هڪ نعمت آهي.الله جي ذات سرڪش سنڌيءَ کي پڻ اهڙين نعمتن سان مالامال ڪيوآهي.هن جو جيڪو به اولاد آهي اهو نهايت ئي پڑهيو لکيو ۽ خاص ڪري ادبسان سلهاڙيل آهي. سرڪش جي اولاد مان ناياب سرڪش سنڌي جيڪا پڻ هڪ

سنڌي شاعره ۽ اديبہآهي. جنهن جا مارڪيٽ ۾ شاعري جا ڪتاب موجود آهن.سرڪش سنڌي پنهنجي ڪتاب ”جوٽيون جي جهان“ ۾ پنهنجي اولاد جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ:

”مون کي ٽن ٻارن جو اولاد آهي جن م ہہ نياڻيون ۽ هڪ پٽ اسلم آهن.وڏي ڌيءُ افروز ڄايم،کيس گهرو ڪم ڪارجي ڄار ۾ ڦاسائي ڇڏيم.تنهنڪري پڙهي نہ سگهي.ٻئي ڌيءُ رضيہ ناياب ڄائي کيس پڙهايم .بي اي،بي ايڊ کان سواءِ ايڊيپڻ ڪئي..پرائمري اسڪول ۾ هيڊ مسٽريس آهي.وڏيءَ ڌيءُ کي ڇهہ ڌيئرۀ هڪ پٽۀ ننڍ ڌيءُ کي پنج ڌيئرۀ ٽي پٽ آهن.رضيا ناياب پاڻ تہ شاعرہآهي. پر سندس ڌيءُ مرڪ ۽ آزادي بہ شاعري ڪنديون آهن انهن ڪانپوءِ سنڌو، ڌرتي ۽ ڪينجهربہ ڌيئر اٿس .“ (19)

سرڪش سنڌي جي وفات:

عزيزقاسماڻي ادبيات سنڌ رسالي ۾سرڪش سنڌي جي موت جي حوالي سان لکندي چوي ٿو تہ:

”سرڪش سنڌي، سنڌي شاعري جو اهم نانءُ آهي. هن جي ڪم تي فخر پوري سنڌ ڪري ٿي حياتي جي آخري ورهن ۾ سرڪش سنڌيءَ کي ڪينسر جهڙي موذي مرض ڪمزور ڪري ڇڏيو .5مارچ 2012ع تي هي قومي شاعر سنڌ امڙ جي گود ۾ ازلي آرامي ٿيو.“(20 )

”سرڪش سنڌيءَ“ جي وفات جي حوالي سان ايم اعظم سهرياڻي سرڪش سنڌي جي هڪ ڪتاب “ چا ٿا پڇو ڇا هو“ ۾ تاثرات ڏيندي لکي ٿو تہ:

”5مارچ 2012 ع جي اپاڄي صبح جو سج جا ڪرڻا بہ سرڪش سنڌيءَ جي موت تي ڌرتيءَ سان ڳرانڙيون پائي پار ڪيي رنا هوندا ،ڇو تہ اهڙن ارڏن ۽ دلير انسانن کي مائرون صدين کان پوءِ جنم ڏينديون آهن .سرڪش سنڌيءَ جا گيت ۽ لفظ مئل دلين کي جيئاري وجهن ٿا.اڄ هو اسان کان ، سنڌ ڌرتي کان هميشہ لاءَ موڪلائي ويو آهي.سرڪش سنڌيءَ جو وڇوڙو قومي تحريڪ۾ وڏو خال پيدا ڪري ويو آهي. اڄ قومي تحريڪ جا ڪارڪن پنهنجي روحاني بابي، کان محروم ٿي ڇورا ڇنا تي ويا.اهڙن انسانن جي موت تي يقين تہ نہ ٿو اچي پر موت اٽل حقيقت آهي.جنهن کان ڪير بہ انڪار نٿو ڪري سگهي.“(21)

علمي ادبي ڪم:

عزيز قاسماڻي ادبيات سنڌ رسالي ۾ سرڪش سنڌيءَ جي علمي ادبي ڪمن تي لکندي چوي ٿو تہ ”سرڪش سنڌي جا هيٺيان ڪتاب سندس جيئري ڇپجي پڌرا ٿيا هئا :

درد دل 1984ع (شاعري).

امن آبحيات 1987شاعري).

پيار ۽آزادي 1990ع (شاعري)

سنڌوڳائي ٿي 2000ع(شاعري)

سمنڊ ڇوليون ٺهڪ 2003ع (شاعري)

جوڙيون جيءَ جهان جون( آتم ڪٿا)، 2007ع (نثر)

جوڙيون جيءَ جهان جون آتم ڪٿا 2009ع حصو ٻيو (نثر)

زندگيءَ جي گونج 2010ع (شاعري) (22)

**سرڪش سنڌيءَ جي ڪتابن تي تبصرو:**

**1"زندگي جي گونج":**

زندگي جي گونج ڪتاب "سرڪش سنڌي"جولڪيل 192 صفحن تي مشتمل آهي . هن ڪتاب کي زخمي پبليڪيشن بدڻ ڇپايو آهي . زندگي جي گونج ڪتاب جو ملهه 200 روپيه آهي . هي ڪتاب جنوري 2011ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو .هن ڪتاب جي بيڪ ٽائيٽل تي خالد چانڊيو سرڪش سنڌي جي مزاحمتي شاعري تي تبصرو ڪيو آهي . هن ڪتاب ۾ غزل ، بيت ، وائي ۽ نظم جهڙين صنفن تي ڪم ڪيو ويو آهي . جن ۾ هن مزاحمت ، پيار ، سنڌ يونيورسٽي جو ماحول ، محبوب جا ماڻا، جهڙن موضوعن تي شاعري ڪئي وئي آهي . هڪ جاءِ تي هن ڪتاب ۾ سنڌ يونيورسٽي جي ماحول جي عڪاسي ڪندي شاعر چوي ٿو ته:

**مون ٻڌو آ ته اتي ڀــــهڳٽيون ٿيو رهن،**

**دل ڦريندڙ ڏرين جون دٽيون ٿيون رهن،**

**تانگهه توري نه وج ڇـــام شوري نه وچ."** (23)

"زندگي جي گونج ڪتاب" ۾ سرڪش سنڌي هڪ گيت ۾ محبوب جي پيار جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ته:

**پــــيار ايـــڏو نه ڏي ،پـــــــيارايـڏونه ڏي،**

**ڏيـــــه سارو ڇڏي تو ۾ گم نه ٿي وڃان،**

**پــــــيار ايــــڏو نـــه ڏي پـيار ايڏو نه ڏي،."** (24)

**2 "پيار ۽ آزادي ":**

هن ڪتاب جو سرجڻهار سرڪش سنڌي آهي.هن ڪتاب جو مو ضوع شاعري آهي.هن ڪتاب جو مهاڳ سرمد چانڊيي لکيو آهي. هن ڪتاب کي چانڊڪا پبليڪيشن لاڙڪاڻو ڇپائي پڌرو ڪيو آهي.هن ڪتاب جو ملهه 50 روپيه آهي.هن ڪتاب جا موضوع

وايون،غزل،نظم،غزلۡ آزاد نظم آهن.هن ڪتاب ۾ سرڪش هڪ جاءِ تي هڪ ڇوڪري جي پيار جي مختلف اندازن جي منظر ڪشي ڪندي چوي ٿو تہ:

**“خوشبوءِ جهڙي ڇوڪري کي ڪرن موڙيندي ڪو ياد پيو،**

**وسري ويئي پاڻ کان وارن ڇوڙيندي ڪوئي ياد پيـــــــــو،**

**هٿ ڪيڙ تي بيهي ويا اٿس کير ولوڙيندي ڪو ئي ياد پيو،**

**هـــــربي جي هبڪار ۾ سنگ مروڙيندي ڪوئي ياد پـــــــيو،**

**ويهــــــــــــــي وهندڙ واه ۾ پنيون موڙيندي ڪوئي ياد پـــــو.”** (25)

## 3 “سمنڊ ۾ سپ”:

هيءُ ڪتاب سرڪش سنڌي جو لکيل آهي. هن ڪتاب کي “سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد ”وارن ڇپرائي پڌرو ڪيو آهي.هن ڪتاب جو مو ضوع شاعري (چوسٽا) آهن.هن ڪتاب جي ترتيب ناياب سرڪس سنڌيءَ ڏني اهي. جيڪا سرڪش سنڌيءَ جي ڌيءُ آهي. هن ڪتاب جو ٽائيٽل صمد پٽي ڏنو آهي.هن ڪتاب جو ملھ 200 روپيہ آهي.هن ڪتاب جو مهاڳ عبدالغفار تبسم لکيو آهي.هن ڪتاب ۾ هڪ انٽرويوز پينل جنهن ۾ عادل عباسي،قاسم ڪيهر ۽ خالد چانڊيي سنڌ جي مزاحمتي شاعر سرڪش سنڌيءَ کان ورتو آهي. سر ڪش سنڌي چوي ٿو تہ مزاحمت لاءِ نعاريباز جو شرط لازم آهي.ان جو هن ڪتاب ۾ جواب ڏيندي چوي ٿو تہ “لطيف سائين ۽ شيخ اياز جي شاعري ۾ پڻ نعريبازي آهي.ڪيترين ئي اهڙيون شيون آهن جتي لطيف سرڪار نعريبازي ڪئي آهي.نعريبازي انسان ۾ اتساھ ٿي پيدا ڪري.انسان جي جذبي کي ولولو ٿي ڏيئي، جنجهوڙي ٿي.باقي جيستائين تخليقي عمل آهي.ان جو وجود نعريبازي کان وڌيڪ آ ۽ ان جي زندگي بہ وڌيڪ آ ۽ اها وقت بہ وڌيڪ وٺندي ۽ اڳتي هلي اها ڪلاسيڪل ٿي وجي ٿي.” (26)

## 4“سمنڊ ڇوليون ٺهڪ ”:

هيءُ ڪتاب سر ڪش سنڌيءَ جي شاعري جو مجموعو آهي. هن ڪتاب کي ڪنول پبليڪيشن قنمبر ڇپايو آهي. هن ڪتاب جو ملھ 100 روپيا آهي ۽ 128 صفن تي مشتمل آهي. جيئن تہ سر ڪش سنڌي آزادي پسند شاعر هو ان ڪري پنهنجي شاعري ۾ هڪ جاءِ تي آزاديءَ جو غزل جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ :

**“آزاديءَ جي انڪاريءَ ســــــان ڪهڙي يــــــاري آ،**

**ماٺهــوءَ جي ڪنهن بيمــــــاريءَ سان ڪهڙي يارآ،**

**اکڙين کي جنهن اوجاڳن جي هير وڏي "سرڪش،"**

**ان جي ننـــــڊ پاڻاريءَ سان ڪهـــــــــــــــــــــڙي يارآ".** (27)

سرڪش سنڌيءَ جي شاعري ۾ پيار وارو پهلو چٽو ٿو نظر اچي .هن ڪتاب ۾ هڪ جاءِ تي اهڙن خيالن جو اظهار ڪندي هڪ غزل ۾ چوي ٿو ته :

**"اوهان جي پيار جا هرروز خواب ڪير ڏســـــي،**

**نفي نفي ۾ سمورا جواب ڪير ڏســـــــــــــــــي".(28)**

## 5 جوٽيون جيءَ جهان جون (زندگي جو سفر نامو) حصو پهريون :

هن ڪتاب جو سرجڻهار سرڪش سنڌي آهي. هن ڪتاب جو موضوع آتم ڪٿا آهي. هيءُ ڪتاب 215 صفن تي مشتمل آهي. هن ڪتاب ۾ پهرين صفحي کان 203 صفحن تائين آتم ڪٿا لکيل آهي. ۽ 204 کان 215 تائين غزل لکيل اٿس. هيءُ ڪتاب زخمي پبليڪيشنش شڪارپور طرفان شايع ڪرايو ويوآهي.هن ڪتاب جي قيمت 225 روپيه اهي.هن ڪتاب ۾ سرڪش سنڌي هڪ جاءِ تي عورت جي اهميت ۽ افاديت تي ڳالهائيندي چوي ٿو ته " مان دمشق جي نزارقاباني ته ناهيان پر بلڪل ان وانگر خوبصورت عورت،منهنجي به نه رڳو ڪمزوري رهي آهي پر ان کي پوڄا جي حد تائين چاهيو آهي. چون ٿا مرد عورت کانسواءِ اڌورو آهي. مان چوان ٿو مرد عورت کانسواءِ ڪجھ به نه آهي. عورت ئي مرد جي تخليق ڪري ٿي. ان کي ئي مرد ٺائي ٿي. مرد جي جهڙي تهڙي زندگي جي لباس ۾ ڪروڙين ننڍين وڏين خوشين جا جرڪندڙ ستارا ٽا ڪي ٿي چڏيا.کيس باغن ۾ هوائن سان راندين رچائيندڙ خوبصورت پوپٽ جهڙو ٺائي ڇڏي ٿي.اهو ئي سبب آهي جو فطرت ، پهرين مرد سان گڏ عورت کي به تخليق ڪيو هو ته جيئن مرد جي ٽڙيل پکڙيل ذهن کي جماليات سان تسڪين پهچائي سگهي مرد بيگانگي يا مايوسين جي غارن مان ٻاهرنڪري سونهن جا گڻ گيت ڳائي. جن ماڻهن عورت کي فساد جو سبب ڇڏيو آهي.اهي پاڻ ماڻهپي جي تڪميل کان اوپرا رهيا آهن.مان چا هيندو آهيان ته اهڙن ماڻهن کي بيهر زندگي ڏيئي انسان ٺائي عورت جي مقدس وجود کي سجدا ڪرايان. چا ٿو ڪري سگهجي اهڙن گندن مردن جي گندي نفسيات کي ، جيڪي مرد عورت دشمن گجن ٿا.تڏهن ته چيو هوم ته:

**"ظالم هن کي مار نه،هيءَ معصوم آ،**

**هيءَ ئي تنهنجي جيئڻ جو مفهوم آ".** (29)

هن ڪتاب ۾ سر ڪش سنڌيءَ اياز گل جي شاعري جي هڪ صنف جو پڻ ذڪر ڪيو آهي.

‘‘تو ڪان ٿيندي ڏار ڪلندي ڪلندي يار لڙڪ لڙي پيا لار ڪري.’’(30)

هن ڪتاب جي غزلن واري حصي ۾،هڪ جاءِ تي سر ڪش سنڌي پيار لاءِ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي چوي ٿو ته:

**‘‘پــــــــــيار جو گهر اڏي هليو ويندس،**
**شـــــــــهر تنهنجو ڇڏي هليو ويندس،**
**ٿـــــــــــــورڙي وقت لاءِ رهـــــيو آهيان،**
**ايــڏيون نہ ڏيئي ڇڙٻيون هليو ويندس،**
**لـــــــــــــڙڪ لاڙين پرين متان مون لاءِ،**
**ڪـــــــــــنهن ڏهاڙي وڏي هليو ويندس’’** (31)

## 6 جوٽيون جيءَ جهان جون (زندگي جو سفر نامو ) حصو پيو :

هن ڪتاب جو سرجڻهار سرڪش سنڌي آهي.هن ڪتاب جو موضوع،سرڪش سنڌي جي آتم ڪٿا آهي. هن ڪتاب کي زخمي پبليڪيشن ٻڪڻ ضلعي شڪارپور ڇپايو آهي.هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو جولاءِ 2007ع ۾ ڇپيو.هن ڪتاب جي ڪمپوزنگ روشني پبليڪيشن ڪنڊياري ڪئي آهي. هن ڪتاب جي ڪچي ڪاپي 200 روپيہ جي آهي ۽ پڪي ڪاپي 250 روپيہ جي آهي. هنڪتاب ۾ سرڪش سنڌي پنهنجي زندگي جو سر بستو احوال لکندي چوي ٿو تہ:

‘‘منهنجو جنم دادو ضلعي جي ڳوٺ پلي پوٽا ۾نهايت ئي عالم دين مولوي عبدالله چانڊئي جي گهر ٿيو.منهنجو پيءُ دين جو عالم هو. مختلف شهرن جي مدرسن ۾ رهي ٻارن کي پڙهائيندو هو.اتان جيڪو پئسو ملندو هئس،اتان پيٽ گذر پنهنجو ۽ اسان جو ڪندو هئو. وڏيڪ لکي ٿو تہ پئسو خاص گهڻو ڪونہ ملندو هو جنهن ڪري زندگي غربت واري ماحول ۾ گذرندي هئي مان نهايت ئي غربت واري ماحول ۾ رهئي ڪري ورنيڪيولر جو امتحان پاس ڪيو جنهن ڪانپوءِنهايت ئي وڏين تڪليفن سان پرائمري ماسترگورنمينٽ جو ٿيس.’’(32)

هن ڪتاب ۾ هڪ ٻئي جاءِ تي سرڪش انگريزن جي دور جو ذ ڪر ڪندي لکي ٿو تہ:‘‘انگريزن ڦرمار سان گڏ ،ترقي جا ڪم ڪار پڻ ڪرايا،جن ۾ ريلويز ۽ سنڌوءَ تي ٻئراجن اڏڻ ۽ آب پاشي جو نظام قائم ڪرڻ وڏي اهميت وارو ڪم آهن.’’(33)

سر ڪش سنڌي هڪ مزاحمتي ۽ رومانوي شاعر هو،جنهن خاص ڪري آزاديءَ واري دور ڪانپوءِ هلندڙ مزاحمتي تحريڪن تي ڀرپور لکيو آهي.هن ڪتاب ۾ سرڪش سنڌي ڪالاباغ ڊيم خلاف مزاحمتي انداز ۾ آواز اٿاريندي چوي ٿو تہ:

“هڪ قومي ۽ اجتماعي مقصد ، ڪالاباغ ڊيم يا ٻئي ڪنهن ڊيم ۽ ٿل ڪئنال جي روڪ ٿام لاءِ بہ گڏجي اٿڻ ۾ ڀرو چڙهين ٿو. محسوس ٿو ٿيم تہ هر ڪا ڌر پنهنجي ڪاٽن ڪلف ڪلچر جي پورائي لاءِ پنهنجي موجوده بيهڪ کي قائم رکڻ لاءِ ويجهي نہ پئي ٿئي ۽ نہ ئي ٿيندي.(34)

هن ڪتاب جا آخر ۾ سرڪش  نثراٽا ٽڪرا پڻ لکيا آهن.جيئن چوي ٿو تہ :“انڌن ماڻهن وٽ رنگن ۽ روشنيءَ جي ڪهڙي اهميت هوندي آ.

اوهان ماڻهپو ڳولهي ڏيو تہ مان نوان ماڻهو تخليق ڪريان.

پيار ۽ پئسو تہ چرين کي ئي تہ وڻندو آ. (35)

خادم حسين چانڊيو  پنهنجي ڪتاب “ مارو جي ملير جا” ۾ سرڪش سنڌي جي علمي ادبي ڪاوشن جو تمام گهڻو ذڪر ڪيو اٿس. ان کان علاوه سرڪش سنڌي کي محبتن جو شاعر سڏيو اٿين. ساڳي وقت سرڪش کي حق سچ جو ساٿاري شاعر پڻ سڏيو اٿئين. هن سرڪش کي مزاحمت ۽ انقلاب جو شاعر پڻ سڏيو آهي. خادم حسين چانڊيو پنهنجي ڪتاب ۾ سرڪش جي شاعري جي شروعات ۽ تخلص کي بيان ڪندي لکي ٿو تہ:

“سرڪش سنڌي اڄ جونہ بلڪ هن صدي جو سچو شاعر آهي.سندس قلم پنهنجي دور جي تاريخ لکڻ لاءِ تڙپيو آهي. هن استحصالي ٽولن جي منهن تي چڙيل مڪاري وارو ريشمي رومال لاهي پري اڇليو آهي. نفرت کان نفرت ڪندڙهيءُ شاعر محبت ۽ امن جي جزبي سان واسجي، سنڌي قومي شاعري 1954ع کان شروع ڪئي. جنهن کيس سنڌ توڙي هند جي سنڌي ماڻهن جا دلين ۾وڏي عزت۽ مڃتا ڏياري آهي. هن پهريان “مجبور”پوءِ“پاورسعدراهي”۽ آخر ۾“سرڪش” تخلص سان لکيو آهي. سندس شاعري جا چار ڪتاب ڇپيل اٿس. “درد  دل”،“ امن آب حيات” ، “پيار ۽ آزادي”۽ “سنڌوڳائي ٿي”. تنهن کانسواءِ سندس چار ڪتاب سهيڙيل اٿس. جنهن ۾پانهن وراڪا(غزل)، “پريم پاشا”(غزل)،اکيون اوطاقون(نظم)۽ “ساٿيه جي سنگ”(گيت)وٽس قلمي صورت ۾ موجود آهن. سرڪش سنڌي نثر نويس پڻ آهي. هن ڪجھ ڪهاڻيون .اخباري ڪالم ۽ مختلف شاعرن جي ڪتاب جا مهاڳ پڻ لکيا آهن. هن آدريشي شاعر کي پيڙا طور هيل تائين تمام گهڻا ايوارڊ ملي چڪا آهن.” (36)

سرڪش سنڌي ادبيلڏي جو هڪ وڏو نالو آهي. جنهن ادب جي دنيا ۾ ڪافي مڃتا ماڻي. سرڪش سنڌي نثر توڙي نظم ۾ پاڻ طبع آزمائي ڪئي آهي.اهڙين ادبي ڪاوشن جي ڪري هن کي کوڙ سارا ايوارڊ مليا جن جو ذڪر پاڻ پنهنجي ڪتاب “جوٽيون جيءَ جهان ۾” ڪندي لکي ٿو تہ:

“اٽڪل ٿيهارو کن دوستن جي ڪتابن جا جهڙاتهڙا مهاڳ لکيا آهن”.

1993ع ۾مهراڻ آرٽس ويلفيئر سوسائٽي نواب شاهه پاران ايوارڊ مليو''.

1993ع کان 94ع ۾گهوٽڪي مان ''رشيد رڪ ايوارڊ مليو.''

''لاڙڪاڻي جي چانڊڪا آرٽ سنڌ ڪلچرل گروپ پاران ايوارڊ مليو''

''شهداد ڪوٽ مان پيرل قمبر ايوارڊ 1999ع ۾مليو''.

'' سچل سرمست 2001ع ايوارڊ سچل يادگار ڪاميٽي ؔخيرپور پاران مليو''(37).

## سرڪش جي دور جون سياسي حالتون:

سرڪش سنڌي جي پيدائش ان وقت ٿي جڏهن هن پوري خطي تي اجان انگريزن جي حڪمراني هئي. سندسپيدائش کان پوءِ تقريبا 15 سال ملڪ ون يونٽ جهڙي قهري دور مان گذري. جنهن دوران ملڪ جي چئني صوبن کي ملائي هڪ يونٽ جوڙيو ويو، جنهن جو نالو ون يونٽ  مغربي پاڪستان صوبورکيو ويو. ون يونٽ دوران سنڌ ين جي حقن جي بي دردي ءَ سان ڦرمار ڪئي وئي.سنڌي ماڻهن جي گذر سفر جي وسيلن تي ڌارين جو قبضو شروع ٿي چڪو هو. سنڌ جون سرسبز ۽ زرخيز زمينون خاص ڪري مکي ڊئيٖ ۽ سکر بئراج واريون زمينون پنجاب جي سياسي اڳواڻن ۽ ٻين ايجنسن جي ماڻهن  پنهنجي قبضي ڪري ڇڏيون. جنهن ڪري سنڌ جون معاشي حالتون ڏاڍيون خراب ٿئي ويون هيون. انهن حالتن جو سچيءَ سنڌ وانگر سرڪش جيڏهن کي ٻه جهنجهوڙي وڌو هو.سرڪش سنڌي ون يونٽجون تباهہ ڪاريون اکين سان ڏسندي پنهنجي تخليقن وسيليوڏي مزاحمت ڪئيآهي.انهيءَ ظلم واري داستان کي سرڪش سنڌي پنهنجي مزاحمتي شاعري ۾ بند ڪندي چوي ٿو تہ ؛

**'' سنـــڌ کي بمبيءَ کان جيــــــڪو ڌار ڪري،**

**هـــــو چونہ پري ون يونٽ جي ويـــــــــل تي،**

**پنـــــهوارن جا، پائڙا ليکي ڪـــــــين ڪتا،**

**پرين جا پهـــتا ڪيئي ســـڌ سهـــــــڪار لئہ،**

**سنڌين جا غدارکهڙي منهن ســـــان مرڪندا،**

**ون يونٽ جي ٿمـــبن ۾ سوئر ٿـــــــي ٻهڪيا،**

**ٿانڊن تي ٿهڪـــــــــــيا، آنڊا مـــــــــاروئڙن جا.**

**سنڌ ۽ سنڌو آ ســـــــــــــــنڌين جئني مرضـــي،**

**اهي ڪـــــنهن جي پيءُ جا ڪين ڪٿي قرضي،**

رهندي خود غرضي، ڪنهن جي هتڙي ڪيتري''. (38)

سرڪش سنڌي  ون يونٽ واري دور جي حالات بيان ڪندي لکي ٿو تہ:

‘‘ون يونٽ واري دور ۾ سنڌ واسين سان رويو تمام گهڻو سخت رهيو ۽ انهن جي حق تلفي ٿي.۽ انهن جي زخمن تي لوڻ ٻرڪيو ويو،جيڪو عمل نهايت ئي خراب آهي. ڇا ڪاڻ تہ هيءَ ڌرتي سنڌين جي آهي۽ سنڌين جي رهندي.هتان جي هر شيءِ سنڌين جي آهي.ان تي حڪمراني سنڌين جي هلندي’’.(39)

ون يونٽ کي ختم ڪرڻ لاءِ سنڌ، بلوچستان، سرحد سميت اولهہ پاڪستان جي سياسي توڙي ادبي اڳواڻن وڏي تحريڪ برپا ڪئي هئي.آخر ڪار انهن قربانين ۽ جدو جهد جي نتيجي ۾ ون يونٽ تحريڪ رنگ لاٿو ۽ مارشل لا ختم ٿي.ان بعد ان وقت جي ملڪ جي صدر يحی خان 1969ع  اليڪشن جو اعلان ڪيو. ان اليڪشن جي نتيجي ۾ مشرقي پاڪستان مان عوام ليگ اڪثريت سان اها اليڪشن کٽي آئي.عوامي ليگ جو سر براهہ شيخ مجيب الرحمان هو. ٻي نمبر تي مغربي پاڪستان واري صوبي جو سياسي اڳواڻ ذوالفقار علي ڀٽي،کان اليڪيشن وڏيءَ اڪثريت راءِ سان کٽي.حڪومت جون واڳون شيخ مجيب الرحمان جي بجاءِ ذوالفقار علي ڀٽي جي حوالي ڪيون ويون. اهڙي نا انصافي اولهہ پاڪستان جي ماڻهن قبول نہ ڪئي ۽ سڄي ملڪ ۾ احتجاجي سلسلن جو آغاز ٿي ويو. انهن کي ڪچلڻ لاءِ بنگال مٿان فوج ڪشي ڪئي وئي لکين بنگالين کي ابدي ننڊ سمهاريو ويو. نتيجو اهو نڪتو جو اولهہ پاڪستان 25 سال اسان سان گڏ رهڻ کان پوءِ دنيا جي نقشي تي بنگلا ديش جي نالي سان هڪ نئون ملڪ جي نالي سان نروار ٿيو.اهي سڀ ، سياسي، معاشي حالتون سرڪش سنڌي پنهنجي اکين سان ڏٺيون ۽ انهن حالتن تي دل کولي پنهنجي اندر جي احساسن ۽ جذبن جو اظهار، پنهنجي تخليقن ذريعي ڪيو.

سرڪش سنڌي بنگالين جي اهڙين حالتن کي پنهنجي شاعري واري ڪتاب ‘‘ سنڌو ڳائي ٿي’’ ۾ بيان ڪندي لکي ٿو تہ :

**‘‘جيـــــئندو شـــــيخ مجـــيب،جيئندا بنگالي،**
**رهندو ڪو نہ غريب، ڏکيو پنهنجي ڏيهہ ۾**
**هڪڙو چاهہ مجيب ساري قوم مجيب ٿئي،**
**آزادي نــــــــصيب،ٿــــــــئي تہ ڌهن قوم کي**
**جــــــــرڪـــي سٽي پوک ٻهڪيو بنگلاديش**
**بـــــــنگلاديشي لوک وڙهندي آزادي وٽي،**
**پاتـــــــــــا سٽيءَ گل  دريائن جي ديش جا،**

**سڻـــــــيءَ گل جهلي چيو،جيئي بنگلاديش،**

**خـــــــير گهرو ۽ خويش آءُ بہ بنگلاديش جو،**

**بنــــــگالي عـــــوام دعا گهرندي مون ٻڌو ،**

**رهــــي شال غلام ڪائي قوم نہ جـــڳ ۾.''** (40)

ون يونٽجي سياهہ باب بند ٿيڻ کان پوءِ ڪجهہ عرصي لاءِ ملڪي حالتون جمهوريت جي پاسي ڏي آيون پر جلد ئي انهيءَ جمهوريت تي بہ راتاهو هنيو ويو. ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت ختم ڪري جنرل ضياءُالحق 5جولاءِ 1977ع تي مارشل لا جو اعلان ڪيو.ملڪ هڪ ڀيرو ٻيهر تاريخ جي راهن تي گامزن ٿي ويو. مارشل لا ۾ انساني حقن کي پائمال ڪيو ويو. هر ڪنهن سياسي، سماجي اظهار تي پابندي هنئي وئي. سچي دنيا اسان سان لاڳاپا ختم ڪري ڇڏيا هئا. ملڪ ۾ ماڻهن جي گڏجڻ تي ڪوڙن، ڦاسين ۽ قيد خانن جون سزائون مقرر ڪيون ويون. اها سچي سياسي، سماجي صورتحال سرڪش سنڌيءَ جي اکين اڳيان رونما ٿي رهي هئي. هڪ حساس دل رکندڙ انسان اهڙين حالتن تي ڪيئن چپ ڪري ويهي پئي سگهيو. پنهنجن ڌرتي ڌڻين مٿان ظلم جا پهاڙ ڪرندي ڏسي سندس اندر ڀُرڻ لڳو هو. انهيءَ سچي روئيداد تي سندس تخليقون ملڪي ماڻهن جي دردن جي دوا بڻجي انهن جو علاج ڪري رهيون هيون.

وطن جي اهڙين حالتن کي سرڪش سنڌي پنهنجي شاعري جي ڪتاب ''پيار ۽ آزادي'' هن طرح بند ڪيو آهي:

**جوءِ منهنجي سچي جيل ٿاٽا ڏسي،تون نہ مايوس ٿيءُ،**

**نـــــــيڻ امڙين ادين جا نماٽا ڏسي تون نہ مايوس ٿيءُ،**

**ڇـــــا ڪنــــــديون ڇانــــــــــوٽيون ڏاڍ ۽ ڏاوٽيون،**

**رعب ۽ تاب هيءُ حاڪماٽا ڏسي تون نہ مايوس ٿيءُ،**

**ڪـــــين ٿينـــــــــــديون ڍليون دولهن جون دليون ،**

**اي بلاول جاٻٽ گهاٽ گهاٽا ڏسي تون نہ مايوس ٿيءُ،**

**جـــــــنگ آ جنـــــــــــگ ۾ ائـــــين ٿيـــــــندو تہ آ''.** (41)

ان صورتحال کي سرڪش سنڌي پنهجي آتم ڪٿا واري ڪتاب '' جوٽيوڻ جيءَ جهان جون ۽ شاعري وارن ڪتابن ۾ بيان ڪيو آهي. سرڪش سنڌي پنهنجي دور جي سياسي حالتن''

جو ذ ڪر ڪندي پنهنجي آتم ڪٿا واري ڪتاب " جوٽيون جيءَ جهان جو " ۾ بيان ڪندي لکي ٿو تہ:

"1983ع ۾ خاص ڪري ايم آرڊي تحريڪ کان پوءِ سرڪار ۽ ايجنسين هٿ وٺي جاهل سنڌين کان ڌاڙن۽اغوائن جهڙا ڪذا ڪم ڪرايا تہ جيئن سنڌي ماڻهو پريشان هجن.تہ جيئن سندن قومي ٻڌي جو شعور اڀري اسري نہ سگهي." (42)

ايم آرڊي واري دور، حالتون ان وقت تمام گهٽيون سنگين پيدا ڪري ڇڏيون هيون جنهن جا سماج تي اڻ وٽندڙ اثر پئجي رهيا هئا انهن حالتن خلاف هڪ تحريڪ هلي جنهن کي ايم آ ڊي تحريڪ سڏيو وڃي ٿو، جنهن تي سرڪش سنڌي کان علاوه ٻين کوڙ سارن ليکڪن پڻ لکيو آهي، جن ۾ فيض کوسو پڻ آهي.فيض کوسو پنهنجي ڪتاب "ڪاري ڪڪر هيٺ مون جهڙيندي ڇڏيا"۾ ان وقت جي ايم آر ڊي وارين حالتن کي لکندي چوي ٿو تہ:

"ايم آرڊي جي هلچل جو ڪارڻ فقط هڪڙو آهي ملڪ ۾ مارشل لا جي موجودگي.ايم آرڊي شروع کان وٺي رڳو هڪ ئي مطالبو ڪيو آهي ته 1973ع واري آئين کي بحال ڪري عام چونڊون ڪرايون وڃن".(43)

## سرڪش سنڌي جي دور جون سماجي حالتون :

سرڪش سنڌيءَ جي دور جون سماجي حالتون ميٺ محبت ۽ انتهائي پر سڪون، ايمانداري ۽ ٻين جي خيرخواهي واريون هيون.. اڄ جي دور ۾ رڳو حق تلفي لڳي پئي آهي .انسان انسان جو قاتل لڳو پيو آهي. اغوائون سرعام لڳيون پيون آهن. ڪارو ڪاري واريون ڪذيون رسمون سر عام لڳيون پيون آهن. ۽ هي دور انڌير نگري چرپٽ راجا وارو دور لڳو پيو آهي. وڏيڪ لاءِ سرڪش سنڌي پنهنجي ڪتاب "جوٽيون جيءَ جهان " ۾ پنهنجي دور جون سماجي حالتون بيان ڪندي چوي ٿو ته :

"پاڻ بہ گهٽهڙ،لاهورين توڙي وارهہ ۾ راتين جون راتيون دير تائين ڪيڏندا هئاسين ۽ پنهنجا وڏا بہ پريشان ٿيندا هئا .هاڻي تہ وري اسان بہ پنهنجن ننڍن کي بہ نصيحتون پيا ڪريون تہ دير تائين ٻاهر نہ هجن ،سو رڳو انهيءَ ڪري درست پيو لڳو تہ اڳي امن ،شانتي،سڪ۽سڪون جو ڪاٿو ئي نہ هوندو هو ۽ هاڻي بدامنيءَجي زخمن سان سڄو سنڌي سماج رتو رت لڳو پيو آهي .معصومن جا قتل ،اغوائون عام جام آهن." (44)

وڏيڪ لاءِ سرڪش سنڌي معاشري ۾ ٿيندڙ ظلم،حق تلفي ۽ ناجائزين کي شاعري جي انداز ۾ بيان ڪندي لکي ٿو تہ:

**چـــــــــا ٿـــــيـــــــــو آ شهر منهنجي کي اهو؟**

**اپ ڏي خـــــنجر وڏائي تارڙن کي ٿو ڪهي**

**پـــره جـــــــي ٿڏڪـــــارڙين کي ٿو ڪهي**

**ڪـــــــــنهـــن جـــــي نـــــيڻن ۾ گـــــهـــــڙي**

**وحـــــــــشت پريندي ،پيارڙن کي ٿو ڪهــــــي.**

**چــــــا ٿـــيو آ شـــــهر منهـــنجي کي اهـــــو؟**

**چا اهو چاهي ٿو هيءَ ڌرتي سڄي مڪلي ٿئي**

**آءَ سمجهان ٿو اهو مـــــوهن دڙي جي وسعتن**

**۾ زندگي جي خوبرو اظهارڙن کي ٿو ڪهي**

**چـــــاٿـــــيـــوآ شـــــهـــر مــــــنــــــهجي کي اهو؟ ”. (45)**

سرڪش سنڌي نهايت ئي غريب خاندان سان واسطو رکندو هو .“جيڪو چلھ تي سو دل تي ” جي چوڻي مطابق سرڪش سنڌي جو کائڻ پيئڻ سادگي وارو هو .سر ڪش جو وڏو ڀاڻس عبدالحميد هو . جيڪو پڻ عالم دين هو. اهو پڻ واعظ پڙهندو هو. اڳتي هلي عبدالحميد واعظ پڙهندي پڙهندي اهل تشيعت جون مجلسون پڙهڻ شروع ڪيون جنهن ڪري اسان امير ٿي وياسون .ان سڄي سماجي حالتن کي سرڪش سنڌي پنهنجي آتم ڪٿا واري ڪتاب “ جوٽيون جيءَ جهان جي” ۾ بيان ڪندي لکي ٿو ته:

“ڏينهن جو چانورن جي ماني،لسيءَ جي لپ۾ ڳاڙها مرچ وجهي ، چٽڻي ڪري کائيندا هئاسين ،ته رات جو پنڙو پٽ چاڙهي ،ٻاٽي ۾ ڳاڙها مرچ ملائي مٿان هاري گذرڪرٽو پوندو هو.ڀاءُ عبدالحميد هاٽي ته مولوي عبدالحميد ٿي چڪو هو ۽ گهڻي وقت کان لارين ۾ واعظ پڙهندو وتندو هو . اصلي لچ نه ٿيندي هئس. نه ئي ڪا هيڪ ، تنهنڪري واعظي ٿي ويو هو.وارھ ۾ انهن بکن کان بيزار ٿي محرم جي مهيني ۾ وارھ جي امامبارگاھ ۾ مجلس پڙهڻ ويو ته ٿي روپيا جو مليس ته اصلي ڪپڙن ۾ ئي نه پئي ماپيو. مجلسون پڙهنديپڙهندي اصلي پڪو شيعو ٿي ويو. اصلي معاشي مسئلا حل ٿي ويا.(46)

سرڪش سنڌيءَ جو دور ملڪي سياست جي وڏي اٿل پٿل وارو دور هو، ملڪ ڪيترن ئي مسئلن سان منهن ڏئي رهيو ته ڪجھ وري مسئلا غلط پاليسين سبب به پيدا ٿيا . ملڪي حالتون ان وقت اهڙي روشن سان پرمار هيون ، جنهن جي خلاف عوام مزاحمت ڪئي پئي. ظاهر آهي انهن حالتن جو سياست تي به گهرو اثر ٿيو ۽ ان وقت جي هر شعور رکندڙ فرد ان مزاحمت جو حصو بڻيو . سرڪش سنڌي به اهڙين روشين خلاف جهڙوڪ ايم آر ڊي

تحريڪ هجي يا ڪالا باغ ڊيم وارو مسئلو هجي يا  وري ٿولي جو مسئلو هجي يا وري ٿل ڪئنال وارو مسئلو هجي هتان جو عوام هر مسئلي تي حڪومت جي ناڪاره ۽ بغض تي مشتمل پاليسين خلاف مزاحمت پئي ڪئي آهي  ۽ سرڪش انهن تحريڪن ۾ اڳئين صف ۾ متحرڪ نظر اچي پيو.

**مزاحمتي تحريڪون سرڪش سنڌيءَ جي دور جون:**

**سرڪش سنڌيءِ جي دور جون مزاحمتي تحريڪون:**

**ون يونٽ تحريڪ:**

**ون يونٽ جو قيام:**

ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا“ ۾ ون يونٽ جي قيام بابت لکي ٿو ته:

“4آڪٽوبر 1954ع تي مغربي پاڪستان جي چئن ئي صوبن کي ملائي ون يونٽ ٺاهيو ويو.جيتوڻيڪ ون يونٽ تهسنڌين ،بنگالين،پختونن ۽ بلوچن خلاف ، بد نيتي سبب ٺاهيو ويوهو ،پر ون يونٽ جو قيام سنڌ ۽ سنڌي زبان جي سڄڻن کي ته پاڻ متحد ۽ بيدار ڪيو، انهيءَ فيصلي سنڌي ادب جي تاريخ ۾ نئون موڙ ،نئن ولولو۽ نئون انقلاب آندو ،انهيءَ انقلاب ڪئين ڪهاڻيڪار،ڪئين حقيقت نگارڪئين شاعر ،ڪئين نثرنويس پيدا ڪيا .هن دور (ون يونٽ قائم ٿيڻ کانپوءِ) ۾ جيڪو ادب پيدا ٿيو ، تنهن ۾ پنهنجي ماحول سان پيار ،پنهنجن سان پيار ،سنڌ سان پيار ۽ سنڌي زبان سان پيار جوپرچارگهڻو ٿو ملي . سنڌ جي ثقافت ،سنڌ جا تاريخي ۽ رومانوي ڪردار مائي، سسئي،ليلا، نوري،سهڻيءِ مومل وير نئين ويس ۾ ،نئين اندازم، نئينرنگ۽ ڍنگ سان سنڌي زبان۾ بيان ٿيڻ لڳا ،سنڌي ٻوليءَ جون ڪلاسيڪي ادبي صنفون،ڪافي،وائي،بيت،گيت،دوها۽ ڏوهيڙا ،وري نئين سر،شاعري جي روپ ۾ زنده ٿيڻ لڳا . نوجوانن کي هاڻي فلمي گانن۽ فلمي نغمنجي جي بدران اياز،استاد بخاري ، تنوير عباسي ،شمشير،امداد،نيازهمايوني ،سرويچ سجاولي ،محمد خان مجيدي،مولوي احمد ملاح،ابراهيم منشي۽ ٻين جديد شاعرن جانظم،گيت،وايون۽بيت پڙهڻ لڳا. هندور کي ،“سنڌيت”ياسنڌ جي جاڳرتا وارو دور چئي سگهجي ٿو.”(47)

**ون يونٽ تحريڪ جو تاريخي پسمنظر:**

پاڪستان جي تاريخي پسمنظر ۾جڏهن ون يونٽ جي تاريخ کي ڏسجي ٿو ته اهو معلوم ٿئي ٿو ته پنجاب جا ڪجھ سياسي اڳواڻ ۽ ٻيون طاقتور ڌريون مغربي پاڪستان کي گڏائي هڪ صوبي جي شڪل ۾ آڻي مشرقي پاڪستان جو مقابلو ڪرڻ ٿي چاهيو.چاڪاڻ ته ان

وقت مشرقي پاڪستان جي مشرق وارو صوبو باقي ٻين صوبن ڪان وڏو هو. انهي سچي منصوبي جي اڳواٽي ملڪ غلام محمد ۽ ممتاز دولتانہ ڪري رهيا هئا.جڏهن تہ ايوب خان۽ اسڪندر مرزا پڻ ساٿ ۾ شامل رهيا . انهي سموري ماحول کي اعجاز احمد قريشي پنهنجي ڪتاب ’’ون يونٽ ۽ سنڌ‘‘ ۾ بيان ڪندي چوي ٿو تہ:

’’11ڊسمبر 1954ع تي ملڪ جي مختلف صوبن کي يعني پنجاب،سنڌ،۽ سرحد اسيمبلين ڪان ٺهراءَ بحال ڪرايا ويا ۽ پوءِ بهاولپور رياست ،خيرپور رياست، قلات ڊويزن ۽ بلوچستان جي علائقن ۾ پڻ اهڙو ٺهراءُ ۽ سمجهوتا وٺي 14 آڪٽوبر 1955ع تي ملڪ جي آئين ساز اسيمبلي ۾ ون يونٽ جو ٺهراءُ بحال ڪرائي ون يونٽ لاڳو ڪيو ويو.‘‘(48)

پاڪستان ٺهڻ سان ئي پنجاب ۾ هڪ ۾ گروپ جڙي چڪو هو، جيڪو چاهي پيو تہ چئني صوبن کي گڏي هڪ يونٽ ٺاهيو وڃي تہ جيئن پاڪستان جو مغرب وارو حصو مشرق واري حصي تي قابض رهي پنهنجا مفاد حاصل ڪري سگهجن.پاڪستان جي اولهندي واري حصي يعني مغرب کي جنهن ۾ خاص ڪري پنجاب صوبي وارن کي ڪجھ وسوسا پيدا ٿي رهيا هئا تہ جڏهن بہ اسان جي مفادن جي حصول ۾ ڪا رنڊڪ آڏو آئي تہ مغربي پاڪستان جا ٽي ننڍا صوبا مشرقي پاڪستان جا حمايتي بڻجندا ۽ پنجاب اڪيلو رهجي ويندو .تنهنڪري پنجاب سرڪار اهو منصوبو جوڙيو تہ مغربي پاڪستان کي هڪ صوبوون يونٽ جي صورت ۾ بڻايو وڃي.

پروفيسر اعجاز احمد قريشي نوائي وقت لاهور 5مارچ1949ع جو پنهنجي ڪتاب ون يونٽ ۽ سنڌ ۾حوالو ڏيندي لکي ٿو تہ:

پاڪستان ٺهڻ جي اٺن مهينن کانپوءِ پنجابي مفادن جي علمبردار لاهور مان شايع ٿيندڙ اخبار روزانہ نوائي وقت مغربي پاڪستان جي سڀني صوبن کي گڏائي هڪ ڪرڻ لاءِ اعلي قومي مفاد جي عنوان سان هڪ ايڊيٽوريل لکي صوبن کي هڪ ڪرڻ جي وڪالت ڪئي . هن پنهنجي مقالي ۾ لکيو تہ ملڪ کي صوبائيت جي وبا وٺي وئي آهي ۽ اٿندي ئي ملڪ کي تباهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. ان لاءِ بهتراهو ٿيندو تہ نئين آئين ذريعي انهن صوبن پنجاب ،سنڌ، سرحد کي ختم ڪيو وڃي . پاڪستان صرف ٻن صوبن يعني مغربي پاڪستان ۽ مشرقي پاڪستان تي مشتمل هجي.(49)

ون يونٽ کي مڙهڻ جو هڪ سبب اهو بہ ڄاڻايو ويو تہ ملڪ ۾ تمام گهڻا صوبا آهن جنهن جو آفيشلي نظام سهڻي نموني نٿو هلي سگهي جنهن ڪري ون يونٽ واري نظام کي مڙهيو وڃي.اهڙي قسم جي پسمنظر کي پروفيسراعجاز احمد قريشي روزانہ ڊان ڪراچي،5مارچ 1949ع جي حوالي سان پنهنجي ڪتاب‘‘ ون يونٽ ۽ سنڌ ’’۾ لکي ٿو تہ:

“سنڌ ۽ پنجاب ۾ باربار ڊهندڙ ۽نهندڙ وزارتن جو حوالو ڏيندي لکيو ته: ملڪ ۾ تمام گهڻا صوبا آهن ۽ انهن حڪومتن ۾ مختلف گورنر ۽ آفيسر موجود آهن ۽ اهي جاگيرداري نظام تحت حڪومتون هلائين پيا انهن صوبن کي هلائڻ لاءِ تمام گهڻو خرچ ملي رهيو آهي. جنهن ڪري اهي صوبا ختم ڪيا وڃن.”.(50)

پنجاب سرڪار کي خاص طور تي سنڌ مان خطرو هوته متا ڪٿي سنڌ صوبو مشرقي پاڪستان جي حمايت ڪري اسان جو مخالف ٿي وڃي ان سموري حقيقت کي پروفيسر اعجاز احمد قريشي پنهنجي ڪتاب “ون يونٽ۽سنڌ”۾پير علي محمد راشدي جي ڪتاب “اهي ڏينهن اهي شينهن”جوحوالو ڏيندي لکي ٿو ته:

“انهن گڏجاڻين ۾اهو محسوس ڪيو ويو ته سنڌ ون يونٽ کي قبولڻ ڪرڻ لاءِ آخري صوبو هوندو،انهيءَ ڪري مرڪز جي ليڊرن کي سنڌي ليڊرن جا ون يونٽ بابت خدشا ختم ڪرڻا پوندا، مزي جي ڳالھ اها آهي ته علي محمد راشدي پڻ سنڌي ماڻهن طرفان اهي خدشا ظاهر ڪيا.”(51)

سنڌ جا ڪوڙ سارا سياسي اڳواڻ ون يونٽ جي حمايت ڪري رهيا هئا انهن منجهان ايوب کهڙوپڻ هڪ هو.ان جو پروفيسر اعجاز احمد قريشي پنهنجي ڪتاب “ون يونٽ ۽ سنڌ” ۾ حيدربخش جتوئي جي ڪتاب “injustice to sindhhydhari committee1954,p26 27 جو حوالو ڏيندي لکي ٿو ته:

“جسٽس منير جي عدالتي فيصلي کانپوءِ ايوب خان جا خطرناڪ ارادا ظاهر ٿيڻ لڳا ۽هن تيزي سان ون يونٽ ٺاهڻ لاءِ زور لڳائڻ شروع ڪيو ،هن جو چوڻ هو ته ڪيئن به ڪيو ماڻهن تي ظلم ڪيو پر ون يونٽ ٺهرائي ڏيو.”(52)

ون يونٽ واري دور ۾ سنڌ ۾ تمام گهڻا قوم پرست ۽ انقلابي اڳواڻ هئا جيڪي سنڌ جي حقن خاطر قربانيون ڏيئي رهيا هئا. جن کي سنڌ جي ڦرلٽ جو تمام گهڻو احساس هئو . عبدالواحد آريسر پنهنجي ڪتاب “ويراڳي جي وچڻا هئا”۾ ون يونٽ تحريڪ جو حوالو ڏيندي لکي ٿو ته:

“ون يونٽ جي خلاف سنڌي نوجوانن گاڏي کاتي چوڪ ۾ بک هڙتال ڪئي.اتي ماڻهن جا ميڙ هوندا هئا.جيڪي بک هڙتالي شاگردن کي آفرين ڏيڻ ۽ گلن جا هار پارائڻ ايندا هئا. هڪ ڏينهن مان به اتي وڃي نڪتس.ماڻهو مختلف مسئلن تي شاگردن کان سوال پڇي رهيا هئا ايتري ۾ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي به اتي اچي نڪتو”.(53)

عبدالواحد آريسر پنهنجي ڪتاب ”ويراڳي جي وڇڙا هئا“ ۾ مختلف شاعرن جوذڪر ڪيو آهي جن ون يونٽ دوران ،ون يونٽ واري ماحول تي شاعري ڪئي آهي. انهن جو پنهنجي ڪتاب ۾ تبصرو ڪندي لکي ٿو تہ:

”مون جڏهن ادبي اک کولي تہ اهو دور ون يونٽ جو ڪهري دور هو ۽ انهي ڪهرکي ميسارڻ لاءِ ۽ مٽائڻ لاءِ سنڌ جي ڪاري آپ تي چارشاعر هئا ، جن پنهنجي ذات ، ڏانءَ ۽ سنڌ سان محبت جي ذريعي ساري سنڌ جي ماحول کي چمڪائي ڇڏيو هو اهي هئا :شيخ اياز،نيازهمايوني،تنوير عباسي ۽ شمشيرالحيدري .“ (54)

## ون يونٽ جا نقصان:

ون يونٽ جي مخالفت سنڌ ۽ ٻين صوبن يعني بلوچستان۽ خيبرپختون خواه تمام گهڻي ڪئي ڇو تہ اهي صوبا ڏسي رهيا هئا ته پنجاب پنهنجي مفاد ۽ فائدي لاۓ فورس جي زور تي ون يونٽ مڙهي رهيو هيو . جيڪڏهن اسان ان ساري پسمنظر تي ويچاريندا سين تہ معلوم ٿيندو تہ ون يونٽ ۾ پنجاب جو پنهنجو ڪو خاص مقصد هوندو. ان وقت پنجاب سرڪار جون نظرون سنڌ جي معدني وسيلن تي هيون . ان وقت خيبر پختون خواه جوهڪ عوامي شاعر اجمل خٽڪ پنهنجي لکڻين ذريعي ظاهرڪري رهيو تہ سنڌ قدرتي معدني وسيلن سان مالامال آهي تنهنڪري پنجاب صوبي وارا ون يونٽ جو سهارو وٺندي سنڌ جي وسيلن تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا.هوندئن بہ سنڌ صوبو سڄي ملڪ اندر انتهائي سرسبز ۽ زرخيز علائقو آهي جنهنڪري ٻين صوبن جا ماڻهو هتي روزگار سانگي اچن ٿا. انهن معدني وسيلن يعني تيل، ڪوئلو،گئس وغيره کانسواءِ سنڌ ۾ ٻيلاۓ سامونڊي بندرگاه پڻ آهي جنهن تي پڻ پنجاب سرڪار جي نظر هئي .اصل۾ ون يونٽ جو بہ خاص مقصد هو تہ سنڌ جي آمدني وارن وسيلن تي قبضو ڪري سنڌ کي غريب بڻائجي .

پروفيسر اعجاز احمد قريشي صاحب پنهنجي ڪتاب”ون يونٽ ۽ سنڌ ”۾سائين جي ايم سيد جي ون يونٽ جي لاءَ بيان ڪيل نقصان بيان ڪندي لکي ٿو تہ:

”محترم جي ايم سيد 1957ع تائين ون يونٽ دوران سنڌ سان ٿيل معاشي ناانصافين جو ذڪر هيٺين ريت ڪيو آهي:

1. سنڌ جي 80ڪروڙروپين جي خرچ تي ٺهرايل ڪوٽڙي بئراج وسيلي ٺهندڙ زمينون سرڪاري خرچ تي سڌاري غيرسنڌين کي ڏنيون ويون . (ڇپيل: سنڌ جي 80ڪروڙروپين جي خرچ تي ٺهرايل ڪوٽڙي بئراج وسيلي ٺٺدي محمد خان جون زمينون سرڪاري خرچ تي سڌاري غيرسنڌين کي ڏنيون ويون .)

2. ڪيترين سنڌي آفيسرن جا حق ريٽي پنجاب جي جونيئرآفيسرن کي مکيہ عهدن تي رکيو ويو ، مسٽر عثمان علي انصاري ، مسٽرڊکن،آغاجعفرعلي ۽ ٻيا ڪيترا انهيءَ ناانصافيءَ جو شڪار ٿيا.

3. سنڌ سرڪار طرفان منظورڪيل جابلو۽ترايراضين کي سڏارڻ جون اسڪيمون رد ڪيون ويون جيتوڻيڪ انهن تي خرچ سنڌ جي پئسي مان ٿئي ها،حلانڪہ سنڌ صوبي جا ٽيٽيھ ڪروڙ روپيا بچت،ون يونٽ ٺهڻ وقت قبضي م آٽي پنهنجي ڪم لائي چڏيائون .

4. سنڌي ادبي بورڊ ۽ شاھ لطيف سينٽرل ڪلچرل بورڊ لاءَ سنڌ سرڪارطرفان منّظور ڪيل رقمن کي گھٽائي فقط نالي گڻ ڪئي ويئي.

5. سنڌسرڪار طرفان هرسال هرهڪ تعلقي م هاءِ اسڪول ۽ هر ضلعي ۾ ڪاليجن ۽ اسپتالن جون بحال ٿيل اسڪيمون ختم ڪرڻ سان ڳڻوڳڻ زوري تعليم جي اڳوڻي دستور کي ئي ختم ڪيو ويو

1945.6ع ۾سنڌ۽ پنجاب جي وچ۾ ٿيل پاڻي جي ٿيل معاهدي کي رد ۽پنجاب جي فائدي لاءِ نوان پاڻي جمع ڪرڻ لاءِ بند ۽(ڊيم) ٻڌايا ويا.

7. سنڌ جي مکيہ کاتن ۾ مکيہ عملدار غيرسنڌي رکي کين وسيع اختيار ڏئي سنڌي مفادن کي نقصان پهچايا ويا.

8. اقتصادي معاملن سان رکندڙکاتن جي سلسلي ۾ مغربي پاڪستان جي بنياد تي ادارا ٺاهي ،انهن جي چارج غيرسنڌين کي ڏئي سنڌ جو مالي استحصال ڪيو ويو، انهن مان مکيہ ادارا واپڊا،پڪڪ،پي آءِ ڊي سي ، اي ڊيسي وغيره هئا.

9.پي آءِ ڊي سي معرفت اسڪيمن تي خرچ ڪيل ٻن سئو ڪروڙن مان سنڌ تي فقط ڏھ ڪروڙ روپيا خرچ ڪيا ويا.

10.سنڌ جي ٻاهرين ۽ ٻڌي واپار ۽ڪارخانن برپاڪرڻ جي پاليسي اهڙي ٺاهي ويي جو انهن ۾ هڪ هٿي غيرسنڌين جي ٿي وئي.(55)

جي ايم سيد هڪ نالي واري سياستدان جي حيثيت۾ ون يونٽ جا نقصان بيان ڪندي چوي ٿو تہ:

01. سنڌ جي اسپتالن،ريلوي اسٽيشنن ،رستن ،ڪاليجن،اسڪولن ،مارڪيٽ۽ ٻين جاين تي غيرسنڌين ۽ سنڌ دشمنن جا نالارکي سنڌ جي روايت ۽ ڪلچر کي نقصان پهچايوويو.

02.. اردو کي قومي ٻولي بڻائي سنڌين کي غير مساوي حالت ۾رکي ڪراچي ميونسپلٽي۽ڪراچي يونيورسٽي مان سنڌي زبان کي ختم ڪيو ويو .

03.. مغربي پاڪستان صوبو ٽي لک ڏھ هزار چورس ميلن تي مشتمل هئڻ ڪري انتظامي طرح هلائڻ مشڪل هو، انڪري اهل سنڌ سان بي انصافيون ٿيڻ لڳيون،

04.سنڌ ۽ سنڌين جي حقن جي حفاظت لاءِ اٿاريل هر ڳالھ کي علائقائي ذهنيت ، ملڪ دشمني سڏي انهن جي آظهار تي بندش لاڳو ڪئي ويئي.

05.سموري سرڪاري مشنيري کي سنڌي، بلوچ۽پختون قومن جي جدا وجودن ،ڪلچرن ۽ زبانن کي اسلام ،پاڪستان ۽ مسلم قوم جي نالي ۾ ختم ڪري مهاجر سامراجيت ۾ مدغم ڪرڻ لاءِ ڪتب آندو ويو ،

06.. سنڌ اندر اسٽيشنن ،رستن جي پٽرن ،نوٽيس بورڊن ،دوڪانن جي سائن بورڊن ۽ووٽرلسٽن تي نالا اردوءَ ۾لکي هڪ طرف سنڌي زبان کي نقصان پهچايو ويو ۽ ٻئي طرف نالن کي ”ڪلڙ هاب“ بڻايو ويو

07.سنڌ ۾ڪوليل ڪارخانن ، ادارن ،بئنڪن،دوڪانن ،واپار جي منڊين لاءِ ٻاهران پنجابي ،پٺاڻ،۽ مهاجر گهرائي رکي هڪ طرف سنڌين کي روزگار کان محروم ڪيوويو ته ٻئي طرف سنڌين جي آباديءِ جو توازن تبديل ڪيو ويو.

08.ون يونٽ سيڪريٽريٽ ۾ اڪثريت غيرسنڌين جي رکي ويئي ،جيڪي سنڌي اتي رکيا ويا انهن کي اهڙوتنگ ڪيو ويو جو ڪي نوڪريون ڇڏي آيا ۽ ڪي تڪليفن ۽ مشڪلاتن ۾ مبتلا ٿي ڏانهون ڪندا رهيا .

09.محترم جي ايم سيد 1957ع ۾ لکيل پنهنجي مضمون ۾ نهايت اهم نڪتا نروار ڪيا پر اهو سلسلو بعد ۾ بنا ڪنهن فل اسٽاپ جي نه رڳو هلندو رهيو ، پر سنڌ جي اقتصاديات ،معيشت ۽ سماج تي پنهنجا اگرا اثرڇڏيندو رهيو . (56)

.سکر بئراج 1932ع ۾ جڙي راس ٿيو. سکر بئراج جي پاڻي سان تقريبن 29 لک ايڪڙ زمين آباد ٿئي ٿي.پروفيسراعجازاحمد قريشي پنهنجي ڪتاب ”ون يونٽ ۽ سنڌ“ ۾ ون يونٽ مڙهڻ جيڪري سکر بئراج تي آباد ٿيندڙ زمين تي ان وقت جي سرڪار جيڪو قبضو ڪيو ان جو نقصان بيان ڪندي لکي ٿوته:

”سکر بئراج جي تعمير کان پوءِ پنجاب مان وڏي تعداد ۾ آبادگارن کي آڻي سنڌ ۾ آباد ڪيو ويو ۽ پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ هندستان مان لڏي آيل مهاجرن پڻ ڪليم طور ڏڙاڏڙ زرعي زمينون الاٽ ڪرائڻ شروع ڪيون. ۽ پوءِ ون يونٽ جي ٺهڻ سان جهڙوڪ کين بلڪل ڇوٽ ملي ويئي پوفيسر عزيزالدين احمد جي بقول ”جن پارٽ م چند ايڪڙ زمين ڇڏي هئي تن ڪيئي چورس ايڪڙ الاٽ ڪرايا .يونٽن جو نظام هيراڦيرئي لاءِ استعمال ڪيو ويو ،هبدستسن جي ورهاڱي جي نتيجي ۾ صرف پنجاب صوبي جي زرعي رڪارڊ جي مٽاسٽا حڪومتن درميان ڪئي وئي . باقي هندستان جي ٻين صوبن جي ايراضيءَ جو رڪارڊ پاڪستان ۾ موجود ڪونه هيو. تنهنڪري ان صورتحال جو فائدو وٺندي ڪوڙن ڪليمن جو سلسلو شروع ٿي ويو“.(57)

ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ ڪراچي يونيورسٽي ۾ سنڌي شعبي جا پروفيسرآهن.ڊاڪٽر ميمڻ پنهنجي پي ايچ ڊي ٿيسز"سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر"۾ سائين جي ايم سيد جي ڪتاب "سنڌ ڳالهائي ٿي"۾ صفحو نمبر214 تي ون يونٽ جا نقصان بيان ڪندي لکي ٿو ته:

مجموعي طور ون يونٽ ۽ ايوب خان جي مارشل لا دوران جيڪي نقصان ٿيا اهي هن ريت آهن:

1"ون يونٽ جي مخالفت ڪندڙ سياستدانن ،شاگردن،اديبن،پورهيتن کي جيل ۾وڌوويو.کين سخت اذيتون ڏنيون ويون .

2ون يونٽ جي قيام سان سنڌ جي جداجاگرافيائي حيثيت ختم ٿي ويئي.

3سنڌ جي ثقافت ،تهذيب ، ٻولي ،۽ادب کي ختم ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون ويون .

4سنڌين کي روزگار کان محروم ڪيو ويو.

5سنڌ جو هر جڳهه تان نالو مٽائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي.ايتري قدر جو حيدرآباد اسٽيشن تان سنڌ جو نالو ڪڍيو ويو ڪنري سنڌ کي ڪنري پاڪ ڪيو ويو.،لفافن،ڪتابن،۽ پمفليٽن ۾ سنڌي لکڻ ڏوهه قرار ڏنو ويو.

6 سنڌ سابق سنڌ ٿي ويئي." (58)

مکي ڍنڍ سانگهڙ ضلعي جي مشهور ڍنڍ آهي. پاڪستان ٺهڻ کان پهريون جڏهن حر تحريڪ زور شور سان انگريزن خلاف بغاوت ڪري رهي هئي . سرڪاري ملڪيتن کي نقصان رسائي رهيا هئا . انگريز دشمن سرگرمين ۾ حصو وٺندڙ حر برطانيه حڪومت جي ظلم جو نشانو بڻيا پير صبغت الله شاهه صاحب کي ڦاهي ڏني ويئي . مکي ڍنڍ جي زمين جيڪا تمام گهڻي زرخيز هئي .سا انگريز سرڪار ضبط ڪري پنهنجي قبضي ڪري ورتي.

پروفيسر اعجاز احمد قريشي سندس لکيل ڪتاب "ون يونٽ ۽ سنڌ" ۾حيدربخش جتوئي جو سندس ڪتاب "disposal of guddu barrage state lands and mukhidandh area" ۾ مکي ڍنڍ واريءِ زمين تي ڪيل قبضي جو بيان ڏيندي لکي ٿو ته:

"سنڌ جو هڪ اعلي رهنماءُ محترم حيدر بخش جتوئي مکي ڍنڍ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

"مکي ڍنڍ سانگهڙ ضلعي جي هڪ بهترين ڍنڍ آهي جنهن سانگهڙضلعي جي تمام وسيع ايراضي کي زرخيز ڪيوآهي ۽ انهيءِ زمين تي حرن جو حق آهي ڇاڪاڻ ته حر آزاديءِ جا علمبردار آهن .هو انگريزن سان سنڌ جي آزادي لاءِ وڙهيا .پر انگريزن پنهنجي پٺو فوج جي پنجابي آفيسرن کي مکي ڍنڍ جون زمينون الاٽ ڪيون ۽ حرن کي نه ڏنيون ويون حالانڪه انهن جا حقدار حر ئي هئا .1955ع ۾ ون يونٽ ٺهيو ۽ ان ٺهڻ کانپوءِ سنڌ ۾ نو آبادي سرشتي((colonization)کي وڌايو ويو. ۽ مکي ڍنڍ جون زمينون پنجاب جي فوجي آفيسرن ۽

ماڻهن کي ڏنيو ويون . مکي ڍنڍ جي سروي ڪرڻ ڪانپوءِ ملٽري آفيسرن اهو فيصلو ڪيو تہ مکي ڍنڍ جي 50000ايڪڙ هيٺئين درجي جي آهي انڪري انهن اها زمين وٺڻ کان انڪار ڪيو ۽ گهر ڪئي ته کين نواب شاھ تعلقي ۾ بهترين زمين جا ٽڪراڏنا وڃن .انهيءِ تي هڪ نئون ڪئنال سيٺارڪي مائينر کوٽي ڪڍيوويو ۽ اهي زمينون انهن کي ڏنيون ويون ٿوري مقدار ۾ بچيل زمينون مقامي هارين ۽ننڍن ڪاتيدارن کي ڏنيون ويون جن وٽ اڳئي ليز (مقاطعي) جا حق هئا.''(59)

1. جي ايم سيد واحد اهو شخص آهي جيڪو سياستدان هجڻ سان گڏوگڏ هڪ سٺو اديب پڻ هو. ون يونٽ جو دور جيڪو سنڌ لاءِ تمام گهڻو هاڃيڪار هو ،ان جي قانوني حل لاءِ جي ايم سيد پنهنجي ڪتاب '' سنڌ ڳالهائي ٿي'' ۾ چيو تہ اسيمبليون واحد حل آهي جتي ويهي ون يونٽ خلاف ڳالهائي سگهجي ٿو،پر بد قسمتي اها آهي جو انهن کي بہ ٽوڙيو مروڙيو ويوآهي ۽ مارشل لا لا ڳو ڪيو ويو آهي ۽پنهنجو هٺرادو آئين ٺاهيو ويو آهي جيڪو 1962ع واري طور سچاتو وجي ٿو بلڪ هر حوالي سان قانوني رستا بند ڪيا ويا آهن. بد قسمتي سان ان جو سياسي ڪو بہ حل ناهي ان سموري لاقانونيت واري ماحول کي سائين جي ايم سيد پنهنجي ڪتاب ''سنڌ ڳالهائي ٿي'' ۾ بيان ڪندي چوي ٿو تہ:

''ڪنهن ڏاهي جو چوڻ آهي تہ: اسان کي ڳالهائڻ ڏيو چو تہ جيڪڏهن توهان اسان جون زبانون بند ڪيون تہ گهڻين مان گوليون ۽ خنجر اپا ٿيندا ''. ان مطابق مون ڪوشش ڪئي تہ اسيمبيلي ذريعي ون يونٽ کي ختم ڪرائجي ۽ سنڌ جو قومي تشخص ،وقار ۽ وسيلا بحال ٿين، پر حڪمرانن اسيمبلي جي اندر اسان جي ڳالهائڻ ۽ آواز کي روڪڻ لاءِ اسمبيلون ئي ختم ڪري مارشل لا لاڳو ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي ٺوڪي 1962 ع جي آئين ذريعي جمهوري ۽ سياسي طريقا ۽ رستا بلڪل محدود ڪري ڇڏيا ۽ سياسي جدوجهد جي ڪابہ واٽ آزاد ۽ کليل نہ رکي وئي، سواءِ حڪمرانن جي مدحخواني ۽ پروپيگنڊا جي.

اسان قومي شعور پيدا ڪرڻ لاءِ ڪلچرل ميدان تي صوفياڻي طريقي سان عوام سان مخاطب ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي تہ اسان جو اهو رستو بہ بند ڪيو ويو.ادبي طرح سان اسان ماڻهن ۾ ذهني ۽ فڪري شعور پيدا ڪرڻ لاءِ ڪتاب لکي ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ اسان جا ڪتاب ضبط ڪيا ويا ۽ اسان کي لکڻ پڑهڻ کان محروم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي(60)

اهڙيءَ گهٽ ۽ ٻوسٽ ۽ آئيني محدود جي مسدود ٿيڻ تي نوجوانن ، اديبن ۽ دانشورن جي ذهنن ۾ جيڪو مچ مچي رهيو هيو .تنهن گهٽين ، چونڪن ، رستن ، شهرن ۽ روڊن واري احتجاج واري صورت اختيار ڪئي ۽ سنڌ ۾ هزارين بلڪہ لکين ماڻهن ون يونٽ جي

خلاف نڪري آيا . جيل ڀرجڻ لڳا ، نوجوانن ، بک هڙتالون شروع ڪيون ۽ ون يونٽ جي خلاف تحريڪ سموري پاڪستان ۾ سنڌ جي حوالي سان زور وٺندي وئي .انهي وچ ۾ بنگال ۾ ايوب خان پنهنجي مخالف کي زور وٺندو ڏسي شيخ مجيب الرحمان کي اگرتلا سازش ڪيس ۾ گرفتار ڪري ورتو ،۽ هن ۽ سندس ساٿين تي ٽارچر ڪيمپين ۾ بي پناه تشدد ڪيوويو. جنهن جي نتيجي ۾ شيخ مجيب جو هڪ ساٿي (ڪيپٽن منصور) ٽارچر ڪيمپ ۾ ئي مري ويو .انهي موت بنگالين کي وڌيڪ مضبوط ڪيو ۽ اهي ڪرفيو ٽوڙي ميدان ۾ نڪري آيا . اهو ئي عرصو هيو جڏهن ايوب خان جو هڪ دادلو ڪيس ( ٻيڊي ) سڏيندڙ سنڌي سياستدان ، ذوالفقار علي ڀٽو ، تاشقند معاهدي جي آڙ وٺي ايوب ڪابينا مان باهر نڪري آيو۽ ملٽري ۽ پنجابي بيورو ڪريسيءَ جي پٺ ڀرائي سان هن ڪوشش ڪئي ته بنگال ۽ سنڌ ۾ هلندڙ قومي خوداختياري جي تحريڪ کي صرف ايوب مخالف تحريڪ ۾ تبديل ڪري .”(61)

سنڌ ۾ آءُ ٿوري وقفي کان سواءِ اهو سمورو عرصو گهر ۾ نظر بند هيس جيتوڻيڪ سنڌي ماڻهن جي ون يونٽ جي خلاف تحريڪ زور وٺندي پي وئي ايوب خان تي سڄي ملڪ مان زبردست دٻاءُ پئجي رهيو هيو ته استعيفيٰ ڏئي وڃ.۽ سياسي قيدن کي آزاد ڪيو ۽ گول ميز ڪانفرنس جي تياري شروع ڪئي پر مون کي آزاد نه ڪيو ويو. ان موقعي تي سنڌ جي سڀني باشعور ماڻهن هڪ آوازٿي اهو مطالبو ڪيو ته جنهن گول ميز ڪانفرنس ۾ سنڌ جي نمائيندگي نه آهي .ان جي نتيجن کي اسان قبول نه ڪنداسين.اهڙي قسم جي ڳاڙي ڪاتي چونڪ حيدرآباد ۾ گڏ ٿيل هزارين سنڌين جي سامهونسنڌ جي شاعر شيخ اياز ڪندي چيو ته جنهن گول ميز ڪانفرنس ۾ جي ايم سيد شريڪ نه آهي .ان گول ميز ڪانفرنس جي نتيجن کي سنڌ رد ڪندي .” (62)

26 فيبروري 1967ع تي جيئن ئي جي ايم سيد آزاد ٿيو ته هن جو خيال هوته پنجاب کانسواءِ باقي صوبا جيڪي ون يونٽ جيڪري متاثر ٿيا آهن انهن کي جلدي رليف ملڻ گهرجي.ان سلسلي ۾ هن مختلف گڏجاڻيون ڪوٺرايون، انڪان علاوه هن شيخ مجيب الرحمان سان پڻ گڏجاڻيون ڪوٺرايون.ان سموري پسمنظر کي جي ايم سيد پنهنجي ڪتاب “ سنڌ ڳالهائي ٿي” ۾ بيان ڪندي چوي ٿو ته:

“عوام جي انهيءِ وڌندڙ احتجاج کي ڏسي پاڪستان سرڪار مون کي 26 فيبروري 1967 ع تي آزاد ڪرڻ جو آرڊر ڪيو آءُ پهرين مارچ 1969ع آزاد ٿيس .آزاد ٿيڻ شرط مون ون يونٽ خلاف هلندڙ تحريڪ ۾ حصو وٺندڙ مختلف ڌڙن کي گڏي هڪ پليٽ فارم تي آڻڻ لاءِ 9 مارچ 1969ع تي حيدرآباد ۾ سنڌ متحده محاذ کي ٻيهر زنده ۽ متحرڪ

ڪرڻ لاءِ اجلاس ڪوٺايو .جنهن جي صدارت برصغير جي آزادي جي هڪ مجاهد ۽ محب وطن سنڌي سياستدان جناب شيخ عبدالمجيد سنڌي ڪئي.”(63)

آءُ ڪجهہ صاف گوهي کان ڪم وٺان تہ مون کي معاف ڪندا چاڪاڻ تہ هينئر ملڪي سياست ۾ هيٺين مقصدن کي مشعل راهہ طور ڪم آڻڻو آهي.1. سنڌ کي مغربي پاڪستان (ون يونٽ ) کان آزاد ڪرائي اڳوڻا صوبا بحال ڪرائڻا آهن .2. سنڌ جي آزاد ٿيڻ (ون يونٽ) ختم ڪرڻ بعد اسان جي محاذ جا مکيہ ۽ بنيادي اصول قوم پرستي ، معاشي انصاف ۽ جمهوريت رکڻا آهن .3. آخر اسان کي مستقبل ۾ ملڪ جي سياست ليڊر شپ عوام جي هٿ ۾ آڻڻي آهي .ليڪن ون يونٽ جي ڊاهڻ تائين اهڙا اختلافي مسئلا پيدا نہ ڪرڻا آهن .جن جي ڪري اسان ۾ اختلاف پيدا ٿي ۽ مقصد جي حصول ۾ رڪاوٽ جو ڪارڻ بڻجن .(64)

سنڌ متحده محاذ ناهڻ وقت اسان جي ملڪ جي وسيع تناظري کي ذهن ۾ رکڻو هيو .ون يونٽ جي ڪري سڌي طرح سنڌ ، پختونخوا ۽ بلوچستان متاثر ٿيا هئا.اڻ سڌي طرح بنگالين کي بہ پنهنجي اڪثريت تان هٿ کڻڻو پيو هيو.ان سموري صورتحال کي ذهن ۾ رکي ، اسان کي اهڙو طريقو اختيار ڪرڻو هو جنهن سان ايندڙ آئين ساز اسيمبلي ۾ اولهہ پاڪستان جا ٽئي صوبا (پنجاب) کان سواءِ ۽ بنگالي اڪثريت گڏجي نہ رڳو ون يونٽ ٽوڙائين پر صوبن جي لاءِ خود اختياري جو دائرو پڻ اهڙو مقرر ڪن جنهن موجب صوبن جا وڏ ۾ وڏ وسيلا ، صوبن جي پنهنجي ڪنٽرول ۾ رهن .۽ مرڪز کي صوبن جي اختيارن ۽ وسيلن ۾ گهٽ کان گهٽ مداخلت ۽ دست اندازي جو موقعو ملي . انهي ڳالهہ کي ذهن ۾ رکندي مون ٻي طرفي سياسي جدوجهد شروع ڪئي . هڪ طرف سنڌ متحده محاذ جهڙا ائنٽي ون يونٽ فرنٽ بلوچستان ۽ پختونخواه قائم ڪرايم ۽ ٻي طرف وسيع طرح صوبائي اختيارات گهرندڙ پارٽي عوامي ليگ سان بہ ون يونٽ ٽوڙائڻ ۽ سيني صوبن کي هڪ جهڙا اختيارات ڏيارڻ لاءِ هڪ سمجهوتو ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم .انهي سلسلي ۾ جڏهن شيخ مجيب الرحمان سنڌ ۾ آيو تہ مون سنڌ متحده محاذ جي پليٽ فارم تان سندس شاندار آجيان ڪئي . ۽ ڪيترا ماڻهو عوامي ليگ ۾ شامل ٿيا . شيخ صاحب کي مون ڏهہ آگسٽ1969ع تي انٽرڪانٽينينٽل هوٽل ڪراچي ۾ زبردست آجياڻو ڏنو .مون ان موقعي تي استقباليا تقريربہ ڪئي.اسان هيءَ حقيقت اوهان کي گوش گذار ڪرڻ چاهيون ٿا تہ “ون يونٽ ” هڪ سوچيل سمجهيل بي رحمانہ ۽ ناقابل عمل آئيني چالبازي آهي ،جا خود انهن مقصدن مان ثابت ٿئي ٿي جو ان جا محرڪ هئا ۽ جن جو

اظهار بدنام زمانہ ، خفيہ دستاويز ”ايڪس“ ۾ ڪيو ويو آهي يا جنهن نموني تيرنهن سالن کان هلندو رهيو آهي ،ان مان ئي ظاهر آهي.(65)

## 2. ايم _آر _ڊي تحريڪ:

## ايم آر ڊي تحريڪ جو پسمنظر:

ايم _آر _ڊي تحريڪ (Movement for restoration of democracy): ايم آر ڊي تحريڪ ضياءَ جي مارشل لا خلاف شروع ٿي.ضياءالحق آئين کي ٽوڙيو، سو ان کي بحال ڪرائڻ لاءِ هي تحريڪ شروع ٿي، ان کان علاوه ايم آرڊي تحريڪ جو اهو بہ مقصد هو تہ اقتدار عوام جي حوالي ڪيو وڃي.ايم آر ڊي جو مقصد اهو بہ هو تہ مارشل لا کي ختم ڪري آئين کي بحال ڪري پارلياماني چونڊون ڪرايون وڃن. ايم آر ڊي تحريڪ جي اڳواڻي پاڪستان پيپلز پارٽي ڪري رهي. ان جون اتحادي پارٽيون بہ هن تحريڪ ۾ شامل هيون جيڪي حالانڪ هن جون مخالف پارٽيون هيون.پر پوءِ بہ پاڪستان پيپلز پارٽي آئين جي بالادستي لاءِ انهن پارٽين سان هٿ ملايو.ان سموري بيان کي سهيل سانگي پنهنجي اخباري ڪالم ۾ لکندي چوي ٿو تہ :

”اهو چوڏهن آگسٽ جو ڏينهن هو. جڏهن ضياءَ شاهي خلاف ڇهن سالن کان پچندڙ لاوه ڌماڪي سان ڦاٽي پيو ۽ ماڻهو بغاوت تہ لهي آيا .پرامن گرفتارين جي هي تحريڪ پرتشدد ٿي ويئي ٻيا صوبا اڳتي نہ آيا.هن تحريڪ سنڌ جو تشخص مٽائي ڇڏيو .ضياءَ دور ۾ مارشل لا جي خلاف گهڻ جمائتي اتحاد جو باضابطا اعلان ڇهہ فيبروري 1981ع تي 70 ڪلفٽن تي هڪ اجلاس ۾ ڪيو ويو.هن اجلاس ۾ پيپلز پارٽي ، مسلم ليگ خواجہ خيرالدين گروپ ،پاڪستان ڊيموڪريٽڪ پارٽي ، پاڪستان مزور ڪسان پارٽي ،قومي محاذ آزادي ،جميعت علماءُ اسلام ۽ تحريڪ استقلال شرڪت ڪئي.بعد ۾ عوامي ۽ پاڪستان نيشنل پارٽي بہ هن اتحاد ۾ شامل هيون .جيتوڻيڪ هن اتحاد ۾ شامل پارٽيون هڪ ٻئي جو مخالف خيال رکندر هيون ،پر ضياءَ جي مارشل لا خلاف متحد ٿي ويون. پيپلز پارٽي بہ اها ڪڙي گوري کاڌي ، جو انهن ماڻهن سان اتحاد ڪيو، جيڪي ستر واري ڏهاڪي ۾ ان جي حڪومت ڊاهڻ جو سبب بڻيا ۽ ان بعد پٽي صاحب کي ڦاسي جا سزا آئي.اهو اتحاد چار نڪاتي هو. جنهن جا مارشل لا جو خاتمو،آئين جي بحالي ،پارلياماني چوندون ۽ اقتدار عوام جي حوالي ڪرڻ اهم نڪتا هئا.“(66)

سنڌ ۾ ايم آر ڊي تحريڪ ۾خاص طور تي ڪراچي جي شهر، لياري ۽ ملير وارا علائقہ

تمام گهڻو سر گرم هئا جنهن جي نتيجي ۾ اڳتي هلي اتان جي عوام کي تڪليفون برداشت ڪرڻيون پيون اتان جا تمام گهڻا ماڻهو هن تحريڪ دوران اجل جو شڪار ٿيا. ان ساري منظر کي مسٽر گل حسن ڪلمتي پنهنجي ڪتاب ”ڪراچي سنڌ جي “۾ بيان ڪندي لکي ٿو ته:

”پٺي جي ڦاهي ۽ ايم آر ڊي جي تحريڪ ۾ڪراچي جي لياري ۽ ملير جا علائقه اڳتي رهيا ۽ انهن علائقن ۾ لڳاتار هنگامه ٿيندا رهيا . باقي ڪراچي خاموش رهي. لياري جي اياز سمون ۽ ملير جي ناصر بلوچ کي ڦاهي تي چاڙهيو ويو .لياري جي ماڻهن انهن تحريڪن ۾ حصو وٺي بين الاقوامي ميڊيا ۾ نالو ڪڍيو . لياري مسلسل جدوجهد ۾ رهي رهي جنهن جي سزا طور انهن کي جنرل ضياءَ جي دور ۾ بک،بدحالي، ۽ زندگي جي هر سهولت کان محروم رکيو ويو.

ايم آر ڊي جي تحريڪ 14 اگسٽ 1983ع تي شروع ٿي جنهن جو مرڪز فقط سنڌ رهي. سنڌين کي ڀٽي جي قتل جو حساب وٺڻو هو. هن تحريڪ سان ايشيا ۾ مزاحمتي هٿيار بند تحريڪ جي هڪ اهڙي انوکي تاريخ لکي ويئي جنهن جو مثال ويجهي ماضي م حر تحريڪ کانسواءِ نه ٿو ملي ڪراچي ۾ سنڌي ۽ بلوچآبادين وارا علائقه هن مزاحمت جو مرڪز رهيا.

جنرل ضياءَالحق 1979ع ۾ پختون ۽ بلوچ اڳواڻن کي آزاد ڪيو بلوچستان ۾ عام معافي جو اعلان ڪيو بلوچ پهاڙ تان هيٺ لهي آيا ۽ جنگ جو خاتمو ٿيو. سردار عطاءُالله مينگل ۽ نواب خير بخش مري لنڊن هليا ويا. ۽ اتان وري نواب خير بخش مري افغانستان هليو ويو.بعد ۾ عطاءُ الله مينگل، ممتاز ڀٽو ۽ حفيظ پيرزادو سنڌي،بلوچ۽ پختون فرنٽ کي منظم ڪيو ويو .پر جلدي مينگل ۽ حفيّظ پيرزادو فرنٽ مان الڳ ٿئي ويا ۽ ممتاز ڀٽي بعد ۾ هن جو نالو سنڌ نيشنل فرنٽ رکيو جنهن جو هو اڄ تائين اڳواڻ آهي.“(67)

ايم آر ڊي تحريڪ ۾يارهن پارٽيون شامل هيون.جن پاڪستان پيپلزپارٽي سرفهرست هئي.پاڪستان پيپلز پارٽي کان علاوه تحريڪ استقلال، نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽي،جميعت العلماءُاسلام،نيشنل عوامي پارٽي،مزدورڪسان پارٽي۽بيون پارٽيون شامل هيون.سنڌ ۾ايم آرڊي تحريڪ1983ع ۾ باقائده شروع ٿئي.جنهن جي اڳواٽي سنڌ مان غلام مصطفي جتوئي ڪئي.هوان وقت پاڪستان پيپلزپارٽي سنڌ جوصدر هو.جنرل ضاءُالحق 1977ع۾پاڪستان تي ٿين مارشل لا مڙهي.ان وقت جي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو کي قيد ڪري اقتدار پنهنجي قبضي ۾ڪري ورتو هو.جنرل ضياءُالحق پريس تي پابندي مڙهي.جلسن جلوسن تي پڻ پابندي هڻي ڇڏي.انساني بنيادي حقن تي پابندي هڻي ڇڏي.انساني بنيادي حقن کي پائمال ڪيو

ويو.سياسي پارٽين کي محدود ڪري تقريرن۽تحريرن تي پابندي هڻي ڇڏي.جنرل ضياءُالحق پاڪستان پيپلزپارٽي جي باني ان وقتجي چونڊيل وزيرعظم ذوالفقارعلي ڀٽوکي احمد محمودقصوري جي هڪ قتل ڪيس ۾ ڦاسائي جيل موڪلي ڇڏيو۽عدالت کيس1979ع۾ڦاهي تي لٽڪايوويو.هڪ جمهوري حڪومت کي ختم ڪرڻ۽چونڊيل وزيراعظم کي ڦاهي ڏيڻ تي پاڪستان جو عوام جوش وجذ بي سان رستن تي نڪري آيو،پر جيئن ته مارشل لا جوزمانو هيو حڪومت طاقت جي زور تي ماڻهن جي طاقت کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي.

ايم آرڊي تحريڪ دوران ڪارڪنن تي تمام گهڻي سختي ڪئي ايتري قدر جو هڪ دفعي نظر محمد ڳاهو جيل ۾ بند هو ته سندس نوجوان پٽ مري ويو سو هن ان جي آخري رسمن ۾ شرڪت لاءِ درخواست جيل انتظياميه کي ڏني ته مون کي اجازت ڏني وڃي پر جيل انتظياميه منع ڪئي .اهڙي قسم جي ذيادتن کي فيض کوسو پنهنجي ڪتاب ”ڪاري ڪڪر هيٺ مون جهڙيندي ڇڏيا“ ۾لکندي چوي ٿو ته :

”جيل ۾ قيد هئڻ دوران سندس معصوم پٽ تنوير علي ڳاهو وفات ڪري ويو. وفات وقت سندس پٽ جي عمر ٻارهن سال هئي هن جيل انتظاميه کي پٽ جي جنازي نماز، آخري ديدار ۽ ڪفن دفن وارين رسمن ۾ شريڪ ٿيڻ جي اجازت لاءَ درخواست ڏني پر کيس پٽ جي آخري رسمن ۾ شريڪ ٿيڻ نه ڏنو ويو. ايم آر ڊي تحريڪ بابت معلومات وٺڻ دوران نظر محمد ڳاهي جو چوڻ ته:

ايم آر ڊي تحريڪ ۾ جيڪي ڪارڪن گرفتار ٿي، جيل ويندا هئا. ته انهن کي جيل اندر نظرياتي ليڪچر پڻ ڏنو ويندو هو. ان لاءِ شاهه عبدالطيف ڀٽائي، سچل سر مست ۽ شيخ اياز جي شاعري ٻڌائڻ سان گڏ کين قومي ۽ صوفي فڪر سان سرشار پارٽي اڳواڻن کان ليڪچر ڏياريا ويندا هئا. جيل ۾ قيد هئڻ دوران هن پاڻ ٻهڪارڪنن کي نظرياتي ليڪچر ڏنا.“ (68)

ايم آر ڊي تحريڪ جاري هئي ته محترم جي.ايم سيد هڪ پريس بيان جاري ڪيو. سيد جو اهو بيان سنڌي اڙدو، انگريزي اخبارن ۾ شايع ٿيو ۽ بي بي سيءَ تي به نشر ٿيو. محترم جي. ايم سيد پنهنجي بيان ۾ ايم آر ڊي تحريڪ دوران سنڌ جي ماڻهن مٿان تشدد ۽ کين گولين جو نشانو بنائڻ تي تشويش ظاهر ڪئي. جي. ايم سيد پنهنجي بيان ۾ چيوهو ته سنڌ جا ماڻهو بنيادي انساني حقن جي لتاڙ، نوڪرين ۾ ناانصافين، سنڌي ثقافت، تاريخ ۽ تهذيب کي منسوخ ڪرڻ خلاف روڊن تي نڪتا آهن. جي.ايم سيد صاحب جو اهو به چوڻ هو ته ايم آر ڊي تحريڪ جي ٻن هفتن دوران سنڌ ۾ ٿيهن کا ن وڌيڪ ماڻهو مارجي چڪا آهن. هزارين

ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. پنهنجي بيان ۾ هن عالمي طاقتن کي اپيل ڪئي ته اهي سنڌ جي بي گناهه ماڻهن کي مارجڻ کان بچائڻ لاءِ قدم کڻن. محترم جي.ايم سيد جي اهڙي بيان تي ايم آر ڊيءَ جي ڪنهن بهذميوار اڳواڻ ڪو رد عمل ظاهر نه ڪيو، پر ڪافي ڪارڪنن جي.ايم سيد جي اهڙي بيان تي خوش ٿيا. تحريڪ هلندي رهي. ڪارڪن قطارن جي صورت ۾ جيل ويندا رهيا"(69).

ايم آر ڊي تحريڪ هلي ته سڄي ملڪ طرفان هئي پر اڪثر ڪري سنڌ جنگ جو ميدان بڻيل رهي سنڌي ماڻهو هڪ بي باڪ سپاهي جيان بغير ڪنهن معاوضي جي،آئين جي بحاليءَ لاءِ وڙهي رهيا هئا سنڌ جو بي ڊپو عوام هر قسم جي قرباني ڏيڻ لاءِ وڙهي رهيو هو . جنهن جو ذڪر فيض کوسي پنهنجي ڪتاب "ڪاري ڪڪر هيٺ مون جهڙيندي ڇڏيا" ۾ ڪندي چوي ٿو ته:

"ايم آرڊي جي تحريڪ اها تحريڪ هئي. جنهن ۾ سڄي سنڌ جنگ جو ميدان بڻي هئي. جنهن ۾سنڌ جا اڪثريتي ماڻهو بي ڊپا سپاهي بڻجي وڙهيا هئا. اهي نه ڪنهن پگهار تي ڪنهن لشڪر ۾ پرتي ٿيل هئا، ۽ نه وري انهن کي ڪنهن انعام جو آسرو هيو. انهن ته بس هڪ وڏي انياءَ خلاف ويڙهه ڪرڻ چاهي هئي، جنهن ۾ هو سوڀارا ٿيا. هنن پنهنجو فرض پورو ڪيو"(70)

"ايم آر ڊي جي تحريڪ بظاهر ته هڪ ملڪ گير تحريڪ هئي، پر ان جو مرڪز صرف سنڌ ئي رهي ۽ سنڌ جي ماڻهن قومپرستيءَ جي هڪ اڻ لکي احساس هيٺ ئي ان تحريڪ کي زور وٺايو ۽ دوران پنهنجي جان ۽ مال جا نذرانا پيش ڪري اهو ثابت ڪيو ته قوم جڏهن به چاهي، تڏهن اِها پنهنجي دشمنن کي رُڪ جا چڻا چبائي سگهي ٿي."(71)

".ظاهري طور ڏٺو وڃي ته آيم آرڊي جي هلچل جي ڪهاڻي فقط چند مهينن تي مشتمل نظر ايندي، پر ان جا زخم ايترا ته گهرا ۽ اونها آهن. جو اڄ اهي هن ڏينهن تائين پرجي ناهن سگهيا ايم آر ڊي جي تحريڪ جو پهريون مرحلو 14 آگسٽ 1983 ع کان گرفتارين ذريعي شروع ٿيو ۽ جيئن ئي سياري جي ٿڌ پوڻ شروع ٿي هئي تئين ان تحريڪ جو پهريون مرحلو ماٺو ٿي ويو پوءِ وري اها تحريڪ 14 آگسٽ 1986ع ۾ مظاهرن جلسن ۽ جلوسن جي شڪل ۾ ابري سامهون آئي پر اها به چند مهينا پنهنجو زور ڏيارڻ کان پوءِ وري ماٺي ٿي وئي ان کان پوءِ هي تحريڪ منظم ٿي نه سگهي، تان جون 1988ع ۾ ايم آر ڊي اختلافن جي ورچڙهي هميشه لاءِ ختم ٿي وئي " (72)

بدر ابڙو پنهنجي آيم آرڊي واري عرصي کي هڪ ڪهاڻي جي اندر بند ڪندي فيض کوسي جي لکيل ڪتاب "ڪاري ڪڪر هيٺ مون جهڙيندي ڇڏيا"۾ بيان ڪندي لکي ٿو ته؛

‘‘سنڌ جي مزاج کي سمجهندڙ سنڌ جي هڪ ناماياري تجزيي نگار ۽ محقق محترم بدر ابڙي ايم آر ڊي جي ڪهاڻي جي پسمنظر ۾ لکيو آهي تہ سنڌ جي ڌرتيءِ تي ٿاندا ايم آر ڊي جي تحريڪ کان اڳ بہ دکي رهيا هئا ان تحريڪ کان پوءِ بہ اهي ٿانڊا دکندا رهيا ۽ اڄ بہ اهي ٿانڊا رک هيٺيان موجود آهن. بلڪہ پنجاب جي هڪ مشهور شاعر شاهہحسين جي ان صوفياڻي ڪلام وانگر تہ:

**ڏکـــــــان دي روٽــــــي. ســوران دا ســـالـــــن،**

**دونهان دک ميڏا مرشد وا، جان ڦولها تان راک.**

بدر ابڙي موجب سنڌ جي ماڻهن جي دلين ۽ دماغ ۾ ڏک ٿانڊن جيان ڌکندا رهندا آهن. جڏهن هوا تکي لڳندي آهي تڏهن ڏکن جي انهن ٿانڊن تان رک اڏامي ويندي آهي ۽ پوءِ سياسي منظر پنهنجي پسمنظر سبب باهہ جا الا ڪڍڻ لڳندو آهي تاريخ جي اها بہ هڪ ڪڙي حقيقت آهي تہ سنڌ جي ماڻهن جي دلين تي ڪڏهن بہ سک جو چنڊو ئي ناهي وڌو ويو تہ پوءِ پلا ٿانڊا ڪيئن اجهامي وڃن سنڌ ۾ ڏکن جي آلي ڪاٺي اندر ئي اندر ٻرندي رهندي آهي ۽ جڏهن چٽنگ پميٽ ٻڌجي ٻري پوندي آهي تڏهن سنڌ جي ماڻهن جي ڏک تڪليف پيڙا مال ۽ ڪاوڙ جو اظهار ايم آرڊي ۽ ان جي جهڙين ٻين تحريڪن جي روپ ۾ نظر اچڻ لڳندو آهي.(73)

بدر ابڙو. جيڪو ان وقت جيل ۾ قيد هو،تنهن ايم آر ڊي جي قيام جي پسمنظر ۾ پنهنجون يادگيريون ساريندي لکيو آهي تہ جنوري 1981 ع جي آخري ڏينهن ۾ ڪراچي سينٽرل جيل جي دروازي هڪ پيرو  پيهر واڳون جهڙا وات پٽيو ۽ هڪ ماڻهو ديوارن اندر واڙجي ويو. سنهڙو سيپڪڙو قد معمول کان ٿورو مٿي پر اميد محتاط هيءُ ملڪ قاسم هو. لاهور جو وڪيل ساک وچايل مسلم ليگ جو هڪ گم ٿي ويل اڳواڻ جنهن جي اڳواڻي ٻيهر چمڪي اٿي هئي هو ڏاڍو خوش نظر اچي رهيو هو سندس جيل آمد تي قيدي کيس وڪوڙي ويا هئا ۽ سندس پڇاڻي تي ملڪ قاسم هڪ ڳالهہ ورجائي ورجائي چئي رهيو هو تہ مرد مارچ ۾ مارچ ڪريگا هن ايم آر ڊي کي پئي مرد پئي چيو ۽ اميد پئي ڏيکاري تہ مارچ کان تحريڪ شروع ٿي ويندي.’’(74)

مارشل لا واري دور ۾ جيڪو بہ ماڻهو سياست ۾ سرگرم ٿيندو هو ان کي مختلف قسم جا ٽارچر ڏناويندا هئا ايتري قدر جو ان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيندا هئا ۽ ماڻهن کي سياسي ڳالهيون ڪرڻ کان منع ڪندا هئا ۽ ان وقت جا ليکڪ جيڪي به هئا انهن جاقلم زنجيرن سان جڪڙيل هئا . نذير عباسي محترمہ بينظير ڏي 70 ڪلفٽن تي نياپو موڪليو تہ هي مارشل لا جا حامي ڪڏهن بہ اسان سان رعايت ڪونہ ڪندا ،ان ڪري بهتر ٿيندو تہ جمهوريت پسند ۽ ترقي پسند  ڌريون پاڻ ۾ متحد ٿين تہ جيئن غير جمهوري قوتن سان مقابلو ڪري سگهجي ان

ساري منظر کي فيض کوسي پنهنجي ڪتاب ”ڪاري ڪڪر هيٺ مون جهڙيندي ڇڏيا“ ۾ بيان ڪندي لکي ٿو ته:

”ماڻهن کي جنهن وقت ساڄي ۽ کاٻي ڌر جي اتحاد جون ڳالهيون ٻڌڻ ۾ پئي آيون. ان وقت پاڪستان جي سياسي صورتحال اها هئي ته جنرل ضياءُالحق توڙي سندس جنتا ملڪ ۾ سياست ڪندڙ هر ماڻهوءَ جو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو هو. ان زماني ۾ ماڻهن جون زبانو بند هيون ۽ قلم زنجيرن سان جڪڙيل هئا. جڏهن ته جمهوريت جي بحاليءَ جو مطالبو ڪندڙ ماڻهن لاءِ موت جو راڪاس چڙ ته هر گهڙيءَ ۾ لامارا ڏيئي رهيو هو ملڪ خاص طور سنڌ جا اڪثر جيل سياسي قيدين سان سٿيا پيا هئا. جيلن جي اهڙي صورتحال جو ذڪر ڪندي بدر ابڙو صاحب لکي ٿو ته ملڪ جي پهرئين چونديل وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽي جي ڦاسيءَ کي اجا ٻه سال ڪونه گذريا هئا. جو 9 آگسٽ 1980ع يا شايد ان کان ٻه هڪ رات اڳ ڪنهن گمنام اذيت گهر ۾ سنڌ سان ئي تعلق رکندڙ سياسي اڳواڻ ڪامريڊ نذير عباسي زندگيءَ جي آخري هڏڪي ڏيئي چڪو هو. هي اهو نذير عباسي هو، جنهن ذوالفقار علي ڀٽي جي شهادت ڪانپوءِ محترمه بينظير ڀٽو ڏانهن 70 ڪلفٽن ۾ تعزيتي بيان سان گڏ اهو نياپو به موڪليو هو ته، هو ماڻهو شهيد ڀٽي وانگر توکي، مونکي ۽ ٻئي ڪنهن کي به ڪونه ڇڏيندا، انڪري بهتر اهو آهي ته جمهوريت پسند ۽ ترقي پسند ڌريون هڪٻئي کي ويجهو اچن، نذير عباسي پنهنجي تنظيم پاران غير مشروط ساٿ ڏيڻ جو به اعلان ڪيو هو“.(75)

جڏهن اسي وارو ڏهاڪو شروع ٿيو ته اهي پارٽيون جيڪي پهريان مارشل لا جون حمايتي هيون اهي هن وقت غير جمهوري قوت کان منهن موڙي رهيون هيون ۽ پيپلز پارٽي ڏي نهاري رهيون هيون جڏهن ته پيپلز پارٽي وري انهن تي اعتماد ڪرڻ کان لنوائي رهي هئي بحرال وري به پيپلز پارٽيءَ وري ٻهانهن سان هٿ ملائي آئين کي بحال ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي.ان سموري جدو جهد کي فيض کوسي پنهنجي ڪتاب ” ڪاري ڪڪر هيٺ مون جهڙيندي ڇڏيا“ ۾ بيان ڪندي لکي ٿو ته:

”تجزيي نگارن جي خيال موجب 1980ع واري ڏهاڪي جي شروع ۾ جيئن جيئن ملڪ اندر سياسي طور گهٽ ۽ ٻوسٽ واري ماحول ۾ اضافو ٿي رهيو هو، تئين تيئن سياسي پارٽين ضياءَ آمريت کان ڇوٽڪاري لاءِ وسيع تراتحاد جوڙڻ لاءِ سرگرميون تيز ڪري ڇڏيون هيون. ان وقت سياسي ماحول اهڙو ڄُڙي بيٺو هو، جو ترقي پسند ڌريون پيپلز پارٽيءَ جي عوامي قوت کان ته واقف هيون، پر پ پ عوامي تنظيم ٺاهڻ جي قابل نه رهي هئي، ڇاڪاڻ جو پ پ ملڪ جي هرهڪ پارٽي کان ڇرڪيل هئي،. پ پ جو قومي اتحاد وارين پارٽين کان خوف ته فطري ڳالهه هئي، پر اِها ته ڪنهن ترقي پسند ۽ قومپرست پارٽيءَ سان گڏ ويهڻ

ڪان به ٻنل هئي، ته ڪٿي ملڪ تي قابض آمرمٿس سوويت يونين ۽ ڀارت جو ايجنٽ هئڻ ۽ وفاق دشمنيءَ جو ٺپو نه هڻي وجهي.''(76)

محترمه بينظير ڀٽو اهڙي صورتحال تي پنهنجي ڪتاب ڊاٽر آف دي ايسٽ ( Daughter of the East) ۾ لاجواب تبصرو ڪيو آهي. هوءَ لکي ٿي ته:

''جڏهن جنرل ضياءَ الحق قومي اتحاد وارا هڪ سياسي ڏيڻ ۾ ڦاسي پيا هئا.قومي اتحاد وارا به جيئن تيئن ڪري ضياءَ جي ڏيڻ مان نڪري آيا هئا پر ان ڏيڻ مان نڪرڻ لاءِ انهن وري به سهارو پيپلز پارٽيءَ جو ئي ورتو هو ۽ ويچاري پيپلز پارٽي ئي هئي جيڪا پڻ هڪ ڏيڻ ۾ ڦاٿل هئي جنهن کي به ان ڏيڻ مان نڪرڻ لاءِ هڪ سهارو ٿي کپيو ۽ اهو سهارو وري به ڀٽي صاحب جي حڪومت ختم ڪرائڻ ۽ ڪيس ڦاهي ڏيارڻ وارن الزامن هيٺ آيل قومي اتحاد ئي بڻيو هو''.(77)

ايم آرڊي تحريڪ زور شور سان هلي رهي هي. پيپلز پارٽيءَ جي بين اڳواڻن جيان ممتاز ڀٽو،نواب يوسف ٽالپر ۽ اڳوڻو صوبائي وزير سيد عبدالله شاهه پڻ گرفتاري ڏني ان سموري منظر کي فيض کوسي پنهنجي ڪتاب '' ڪاري ڪڪر هيٺ مون جهڙيندي چڙيا '' ۾ بيان ڪندي لکي ٿو ته :

''ايم آر ڊي تحريڪ جي چوٿين ڏينهن پوليس پيپلز پارٽي جي مک اڳواڻ ممتاز علي ڀٽي کي به سندس بين ڇهن ساٿين سميت گرفتار ڪري ورتو .ممتاز علي ڀٽي سان گڏ جن بين اڳواڻن کي گرفتار ڪيو ويو انهن ۾ نواب يوسف ٽالپر ، احمد علي سومرو (لاڙڪاڻو) ، احمد علي سومرو (ڪراچي) سيد امير شاهه چاموٽ ۽ اڳوڻو صوبائي وزير سيد عبدالله شاهه شامل هئا.اهي اڳواڻ هڪ ڏينهن اڳ ڪوٺري پهتا هئا. جتي هنن پڻ پنهنجي گرفتاري پيش به ڪئي هئي . پر پوليس هجوم آيو سندن گرفتاري قبول نه ڪئي هئي. بعد ۾ اهي اڳواڻ حيدرآباد هليا ويا هئا. جتي هنن ڪنهن ڳجهي جاءِ تي وجي رات گذاري هئي.پوليس کي اهو اطلاح هو ته ممتاز علي ڀٽو ۽ سندس ساٿي نواب يوسف ٽالپر جي ڀاءُ نواب غني ٽالپر جي لطيف آباد نمبر 3 واري گهر تي ترسيل آهن . جتي ڊي ايس پي ڪوٺري ۽ ايس پي حيدرآباد جي نگراني ۾ پوليس سڄي رات پهرو به ڏنو هو . پر اهي اڳواڻ موجود نه هئا. جنهن سبب هو صبح جو ٽنڊي الهيار جي ريلوي اسٽيشن تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا هئا.انهن اڳواڻن پنهنجي گرفتاري کان اڳ اتي موجود ڪارڪنن کي خطاب به ڪيو هو.ايم آر ڊي طرفان اهو ميڙ مشهور وڪيل عاشق حسين لغاري جي طرفان منقعد ڪيو ويو هو. جنهن ميڙ اڳواڻن جي گرفتاري کان پوءِ جلوس جي شڪل اختيار ڪري ورتي هئي . ۽ جيڪو پوءِ اسسٽنٽ ڪمشنر جي آفيس ۽ گورنمينٽ پرائمري اسڪول کان ٿي چڙ و چڙ ٿي ويو هو .ممتاز علي

پڻي جي گرفتاري سبب سندس مختلف هنڌن جو دورو به ڊانوا ڊول ٿي ويو.پوليس ڪوٽڙي جي جلسي جي پسمنظر ۾ اتان کان پي پي اڳواڻ حاجي محمد صديق شورو کي به گرفتار ڪري سينٽر جيل حيدرآباد اماڻي ڇڏيو هو. هن جي گرفتاري ايم آر ڊي جي سول نافرماني واري تحريڪ جي چوٿين ڏينهن صبح جو 7 وڳي عمل ۾ آئي.ڊي سي پي ڪوٽڙي ڪيس گرفتار ڪري ڪار ۾ ويهاري سينٽر جيل موڪلي ڇڏيو.'' (78)

ايم آر ڊي تحريڪ ۾ سنڌ جا قوم پرست هن تحريڪ جي مخالفت ڪري رهيا هئا ۽ چئي رهيا هئا ته هيءَ تحريڪ ڌاڙيلن ۽ ڪفن چورن جي تحريڪ آهي.هي تحريڪ جيئن جيئن زور وٺي رهي هئي تئين ئي ڪارڪون پنهنجون گرفتاريون ڏئي رهيا هئا ان تحريڪ دوران ڪي جذباتي ڪارڪن گورنمينٽ جو نقصان پڻ ڪري رهيا هئا ان نقصان جو ذڪر ڊاڪٽر ايوب شيخ ،اعجاز علي خواجا جي ڪتاب ''ايم آر ڊيءَ جا قيدي جيل ڪهاڻي '' ۾ بيان ڪندي لکي ٿو ته:

''سنڌ ۾ ايم آر ڊي جي هلچل پنهنجي پوري تيارين سان شروع ٿيڻ جا آثار ڇٽا هئا . هر شهر مان گرفتاريون شروع ٿي ويون هڪ پاسي پر امن نموني گرفتاريون شروع ٿي ويون ته جدوجهد شروع ٿيڻ کان چار ڏينهن پوءِ 18 آگسٽ 1983ع تي دادو جو جيل ٽوڙي 122 ڏوهي قيدي فرار ٿي ويا جنهن جو الزام ايم آ ڊي تي لڳايو ويو .سنڌ جي قوم پرستن ان تحريڪ کي ''ڪفن چورن''۽ ''ڌاڙيلن'' جي تحريڪ جو نالو ڏئي ان جي شدت سان مخالفت ڪئي.''(79)

1983ع ۾ جيئن ئي ايم آر ڊي تحريڪ شروع ٿئي ته پنجاب جي فوجي سرڪار پنجاب مان گرفتاريونشروع ڪري ڏنيون ته ٻين صوبن پڻ سوچيو ته هاڻي پنجاب ۾ به گرفتاريون ٿي رهيون آهن، ته پنجاب جي سرڪار اتان جي قيدين لاءِ بهتر سوچيندي ۽ ماحول کي ٿڌو ڪندي اتان جي قيدين کي برطانيا موڪليو وڌيڪ لاءِ ڊاڪٽر ايوب شيخ ،اعجاز علي خواجا جي لکيل ڪتاب ''ايم آر ڊي جا قيدي جيل ڪهاڻي'' ۾ لکندي بيان ڪري ٿو ته:

''پنجاب جي اسٽيبلشمينٽ فوجي سرڪار سان گڏجي جون 1983ع کان ئي گرفتاريون شروع ڪري ڏنيون ،جن جو وڏو انگ پنجاب مان هيو . پنجاب مان انهن گرفتارين جي ڪري باقي صوبن ۾ ساھ پيو ته پنجاب به سرگرم آهي .تنهن ڪري انهن به تيزي سان تياريون شروع ڪيون ،جنرل ضياءَ سرڪار چا ڪيو جو ،پنجاب مان گرفتار ٿيل سمورين قيدين جا جيل ۾ ئي پاسپورٽ ٺهرائي انهن کي برونئي پهچايو ،پنجاب جا هزارين سياسي ڪارڪن برونئي پهتا ته اتي نئين ملڪ نهڻ جا امڪان پڻ سندن سامهون هئا.انهن سڀني برونئي ۾ شهريت وٺي ڇڏي ۽ سياست کان خود ڪار طريقي سان الڳ ٿي ويا.''(80)

## ڪالاباغ ڊيم تحريڪ:

پاڪستان۾ ڪيترائي ڊيم آهن.جن۾تربيلاڊيم،منگلاڊيم۽وارسڪ ڊيم اهم آهن.گورنمينٽ آف پاڪستان سنڌودرياءَتي ڪالاباغ واري علائقي ۾ هڪ نئون ڊيم اڏڻ جوفيصلوڪيو.پرنندين صوبن انهيءَڊيم اڏڻ تي اعتراض ڪيو.جن ۾سنڌ جواعتراض آهي ته ان ڊيم ٺهڻ سبب سنڌوءَ جو پاڻي گهٽجي ويندو۽سرحد صوبي وارن جو خيال آهي ته اتي سم ۽ڪلر۾اضافو ٿيندو.سنڌودرياءَ چين تبت واري علائقي مانسروڊنڍ کان شروع ٿئي ٿو.جتي تبت جا ماڻهوانهيءَ پاڻيءَ جي ڪنداآهن.سنڌودرياءُ18سئوميلن جوسفر طئي ڪندي عربي سمنڊ ۾ڇوڙڪري ٿو.سنڌودرياءَکي مهراڻ،عباسن۽ٻين مختلف نالن سان سڏيووڃي ٿو.هيءُ درياءُسنڌ جي جياپي جواهم ذريعوآهي.1948ع تي هندستان سان پاڻيءَ تي تڪرارشروع ٿيو.جيئن ته ڪجهه درياءَ هندستان کان نڪري پاڪستان جي طرف اچن ٿا.هندستان1948ع ۾پاڪستان جي ڪجهه دريائن جو پاڻي بند ڪري ڇڏيو.جنهن ڪري پاڪستان ۾پاڻي جوبحران وڌي ويو.1960ع۾ورلڊ بينڪ جي تعاون سان سنڌ طاس معاهدو هندستان۽پاڪستان جي وچ۾ ٿيو.جنهن تحت ٽي درياءَراوي،ستلج۽بياس هندستان جي حصي ۾ آيا.جڏهن ته چناب،جهلم۽سنڌودرياءُپاڪستان جي حصي ۾ آيا.پاڻي جي ورهاست کانپوءِسنڌ ۾پاڻي جوبحران رهيو آهي.خاص ڪري سياري جي موسم آبي ذخيرن ۾ ڪمي اچي ويندي آهي.جنهن ڪري سنڌ کي گهربل مقدار۾پاڻي ناهي ملي سگهندو.پاڪستان سرڪارڪالاباغ جي مقام تي سنڌودرياءَ جي مٿان ڊيم اڏڻ جو فيصلو ڪيو آهي.سندن چوڻ آهي ته ڪالاباغ جي ٺهڻ سان پاڻيءَ جو مسئلو حل ٿئي ويندو.ان سان گڏوگڏ پاڻيءَ جومسئلوپڻ حل ٿئي ويندو.ان تڪراري مسئلي جي پنجاب مڪمل طور تي حمايت ڪئي آهي۽ٽي صوبا مخالفت ڪنداپيا اچن.پنجاب جوموقف آهيته ڪالاباغ ڊيم جي ٺهڻ سان3600ميگاواٽ بجلي ٺهندي.ان سان پنجاب جون انڊسٽريزترقي ڪنديون جڏهن ته پنجاب مان پاڻي جوبحران پڻ ختم ٿئي ويندو.پاڪستان حڪومت طرفان پڻ اهو به چيو پيووڃي ٿوته ڪالاباغ ڊيم تي ڪينال ناهي ضرورت وقت صوبن کي پاڻي فراهم ڪيوويندو ڪالاباغ ڊيم ٺهڻ سان پنجاب کان پڻ فائدو پوندو جڏهن ته باقي صوبن ڪي نقصان برداشت ڪرڻو پوندو.هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته سنڌ۽سرحد ان تي اعتراض چو واريو آهي.

## سنڌ:

سنڌ جي جياپي جواهم درياءُ فقط سنڌو درياءُ تي آهي . سنڌ ۾ سنڌودرياءَ تي ٽي اهم بئراج آهن،سکربئراج، گڊو بئراج ۽ ڪوٽڙي بئراج ٺاهيا آهن جڏهن ته انهن بيراجن تي مختلف ڪينال ڪڍي سنڌودرياءَ جوپاڻي زرعي مقصدن لاءِاستعمال ڪيو ويندوآهي.ڪالاباغ

ڊيم جي اڏاوت کان پهريائين خاص ڪري سياري جي موسم ۾ سنڌ ۾ پاڻي جي کوٽ ٿي ويندي آهي. هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي ته ڪالاباغ ڊيم کي به پاڻي سنڌودرياءَ ئي ملندو.هاڻي جڏهن ته پهريائين ئي پاڻيءَ جي کوٽ آهي ته ڊيم اڏڻ کان بعد سنڌ کي اجان به وڌيڪ نقصان برداشت ڪرڻو پوندو.سنڌ جي ماڻهن جواڪثردارومدار زراعت آهي.هاڻي جڏهن زراعت ئي تباه ٿي ويندي ته سنڌ جي اڪثرآبادي بک ۾ بد حالي جو شڪارٿيندي. سمنڊ کي مٺي پاڻي جي ضرورت پوندي آهي اگرسمنڊ کي مٺوپاڻي گهربل مقدار ۾ نه ملندو تڳ سمنڊ پروارن علائقن جي زمينن کي ڳڙڪائيندورهندو.هن وقت زميني صورت حال اها آهي ته سنڌوڊرياءَ جو پاڻي سمنڊ تائين چوڙنئوڪري جنهن ڪري نٽي۾بدين جي هزارين ايڪڙزمين پائي چڪو آهي۽هزارين خاندان دربدري واري زندگي گذاري رهيا آهن.جڏهن ته سنڌوڊرياءُ م گهربل پاڻي نه هجڻ ڪري مڇي ۽ پلي جي اٽاٽ ٿي چڪي آهي.جهنڪري ڪافي ماهگيرپڻ فاقاڪشي تي مجبور آهن.تمر جا ٻيلا پڻ ختم ٿي چڪا آهن.

## خيبرپختونخواه:

ڪي پي ڪي جو اعتراض آهي ته ڪالاباغ ڊيم اڏڻ سان نوشهره،مردان،صوابي۽پروارا علائقه سم ڪلرجي ورچڙي ويندا.جنهن ڪري لکين ماڻهن کي لڏپلاڻ ڪرڻي پوندي.هيترن نقصانن جي باوجودپاڪستان سرڪار۽پنجاب حڪومت بضد آهن.سنڌ ۽ڪي پي ڪي جي ماڻهن ان منصوبي خلاف سخت مزاحمت ڪئي آهي. جنهن سبب اهو منصوبو اڃا مڪمل ناهي ٿئي سگهيو.

سرڪش سنڌي پنهنجي آتم ڪٿاواري ڪتاب " جوڳيون جيءَ جهان جون "۾ ڪالاباغ ڊيم جي حوالي سان ويچاروند يندي چوي ٿو ته :

"هاڻي وري سنڌ جي پاڻي تي قبضي لاءِ ڪالاباغ ڊيم ۽ ٿل ڪئنال ،سنڌ ڌرتي توڻي قوم کي تباه برباد ڪرڻ جهڙا منصوبا زور زبردستيءَ سان شروع ڪري رهيا آهن ،بلڪ شروع ڪيا اٿن. جڏهن ته ڪالاباغ ڊيم کي باقي ٽنهي قومن ،سرحد وارن،بلوچن۽سنڌين جي اسيمبلين رد ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ اسيمبليءَ ته ٽي ڀيرا ٺهراءُ پاس ڪري ڊيم کي رد ڪري ڇڏيو آهي.۽ انهيءَ اسيمبليءَ ٿل ڪئنال کي به رد ڪيو آهي." (81)

سرڪش سنڌي سنڌ صوبي وارن کي تجويز ڏيندي چوي ٿو ته سنڌ صوبي وارن کي خاص ڪري پاڻي واري حق تي متحد ٿيڻ گهرجي . هن جو چوڻ آهي تهمتحده قومي مومينٽ وارن گهٽ ۾ گهٽ سنڌ سرڪار سان هن مسئلي تي متحده ٿيڻ گهرجي. پاڪستان حڪومت جيڪا ورهاست ڪري سنڌ کي آباديءَ جي حوالي سان پاڻي ڏنو ويو آهي.اهو حق سنڌ صوبي

ڪي ملڻ گهرجي. ان حوالي سان سرڪش سنڌي پنهنجي ڪتاب جوٽيون جيءَ جهان ۾ لکندي چوي ٿو ته:

:”پاڻي جي مسئلي ڪي جيڪڏهن متحده قومي مومينٽ وارا سنڌين سان ساٿ نه ڏيندا ته پيئڻ جي لاءِ به پاڻي نه ملندن.تنهنڪري اها ڳالهه سمجهڻ گهرجين ۽ سنڌين سان گڏجي ڪالا باغ ڊيم ، ٿل ڪئنال توڙي ڪنهن ٻي ڊيم خلاف جدوجهد ڪرڻ گهرجي .“(82)

سرڪش سنڌي ادب جي دنيا جو تمام وڏو نالو آهي. جيڪو ڪالا باغ ڊيم جي اشو تي ڳالهائيندي پنهنجي ڪتاب ”جوٽيون جي جهان جي“ ۾چوي ٿو ته:”پاڻي جي مسئلي تي جيڪڏهن متحده قومي مومينٽ وارا جيڪڏهن سنڌين جو ساٿ نه ڏيندا ته پيئڻ لاءِ پاڻي نه ملندن تنهنڪري اها ڳالھ سمجهڻ گهرجين ته سنڌين سان گڏجي ڪالاباغ ڊيم ،ٿل ڪئنال توڙي ڪنهن ٻئي ڊيم خلاف جدوجهد ڪرڻ ضروري آهي.“ (83)

ڪالاباغ ڊيم جي مخالفت سمورن سنڌ جي اڳواڻن ڪئي آهي. انهن اڳواڻن جي حوالي سان سرڪش سنڌي پنهنجي ڪتاب ” جوٽيون جي جهان جون“ ۾ ويچاروندينديِ چوي ٿو ته :” ڪالاباغ ۽ ٿل ڪئنال خلاف سڄي سنڌ ۾ بشير قريشي ۽ غلام رسول سپ ڪان پهريون احتجاج شروع ڪيو. غلام رسول پٽ ڏٽيءَ جي راڳين ڪان درياءَ تي ڪيڏارو ڳارايو ۽ ان احتجاج جي اڳواڻي سندس امڙ فتح خاتون، بشير خان ۽ پٽ ڏٽي جي راڳين ڪئي هئي.ڄامشوري ۾ چيف آرمي اسٽاف ،صدر پرويز مشرف جي ڪالاباغ ڊيم ۽ ٿل ڪئنال جي حمايتي دور خلاف ، مهراڻ يونيورسٽيءَ وٽ پنهنجي گهرواريءَ نوربانو ،امڙ فتح خاتون، پٽ ذوالفقار، جي ايم چانديو، ننڍڙي سيما صائما ۽ رابعه ۽ ٻين ڪان پرپور احتجاج ڪرايائين .جنهن ۾ نياڻين کي تشدد جو نشانو بڻايو ويوهو ۽ پنجاب جي اڳواڻ شجاعت،سنڌين جون سسيون ڪٽڻ جو وائڙائپ جو اعلان ڪيو هو،اهو احتجاج سڄي دنيا جي ميڊيا تان نشر ٿيو ۽ مقامي اخبارن ،ڪالم،۽ ايڊي ٽوريل لکيا .داخل ٿيل ڪيس تي سنڌ اسيمبلي ۾ سخت بحث ٿيو،جنهن ڪان پوءِ ڪيس واپس ورتو ويو.اهڙي طرح سنڌو درياءَ جي پاڻي کي بچائڻ لاءِ نون لاڙن جنم ورتو.“ (84)

پاڻي زندگي آهي سنڌو درياه، سنڌ جي معيشت جي شه رڳ آهي پاڻي سان زمينون سرسبز ۽ گل گلزار ٿينديون آهن . ملڪ جي نهڻ سان ئي پاڻي جي حوالي سان سازشون شروع ٿي ويون ،پاڻ ڦٻائڻ لاءِ ڊيمن مٿي ڊيم نهڻ شروع ٿئي ويا.ڪالاباغ ڊيم اهڙو اجگر ڊيم هو جنهن سان سنڌ جي يقينن تباهي ٿي وڃي ها.زندگيءَ موت جو مسئلو بڻجي ويو هو ان کي قوم پرست سياست بين الاقوامي سطح تي ڪٽي آئي جيڪو اڄ بهتريت جي صورت ۾ موجود آهي.علي محمد درد سولنگي پاڻي جي اهڙين حالتن کي پنهنجي شاعري ۾قلم بند ڪيوآهي.

"چون ٿا ڪـــــــالاباغ وٽ بيم ٺهنـدو،
اسين سڀ سنڌي ڇڻ مري ويا آهيون
نہ ٺهندو نہ ٺهندو وڏي واڪ چئون ٿا
پلي ڦاهيءَ چاڙهيو ٻڇڻ وارا ناهـيون".(85)

**Considering the points in the loss of the construction of kalabaghdam the muhammadidressrajput has mentioned same importants which are discussed below:**

Canals are proposed to off take from kala bagh dam ,which will draw excessive water and as a result supplies to sindh will be reduced.An are of 294000 of mangrove forest in Indus delta will be affected.

Due to reduced flow,sea intrusion will increase, further .as found out by board of revenue sindh about 1.2 million acres of land has already been affected by sea intrusion. "(86)

Due to the shortage of water ,different problems will be occurred so mr Muhammadidreis has explained in his book kala bagh dam and sindh as below

Forests in riverain area of about 3 lac acres will be destroyed .

Drinking water supply to area below kotri will reduce as underground water below kotri is saline"(87 )

Edition 2005april

Sga published

Mohammad idresrajput in his book namely kala bagh dam and sindh sharing his views about the loss of kala bagh dam he says that More serious is the fear of construction of kala bagh dam for sindh. Sindh knows that dams affect poor and local people who heve no say voive less people whom no body pays any head .they knows that surplus water is not thereto fill the dam every year and this avaibility will reduce further because of climate change there will be an investment 5 to 17 bollions dollars on the dam . as a principle it should be filled only in the years of surplus water avaibility ,but can any investor be happy with such a big investment being in operation only for 25%of the time and remening idle for rest 75%of the time again dam will supply electricity to factories and industries and irrigiation water for cultivation .can any industry survive on 25% of time .intermittent supply of powe .

similarly can any farmer survive when irrigation ware is avaible for one year and then not avaible for several years I do not think so. “(88)

انقلاب ٻن قسمن جا ٿين ٿا. هڪڙا اهي انقلاب جيڪي طاقت جي بنياد تي آندا وڃن ٿا، جيئن ايران وارو انقلاب، چيني انقلاب، فرانس انقلاب۽ جيئن لينن جو انقلاب روس يا سوشليزم وغيره. انقلاب جو ٻيو قسم آهي پيغمبرن،اديبن۽ شاعرن ٻه انقلاب آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، انهن ۾ اثرائتا اانقلاب پيغمبرن جا ليکيا وڃن ٿا.چاڪاڻ ته انهن جوقول ۽ فعل هڪجهڙو ۽ خدائي احڪامن جي تابع هوندو آهي، باقي فلاسافرن،شاعرن ۽ اديبن جا فڪر تبديل ٿيندا رهن ٿا.انقلابي ادب جو مقصد آهي اهڙيون لکڻيون جنهن ذريعي معاشري ۾ تبديلي آڻي سگهجي خراب ۽غلط ڪمن ۽ سوچن کي کي بدلائي سٺي سوچ ۽ سٺو تاثر پيدا ڪري سگهجي .ان سموري پسمنظر ۾ جيڪڏهن ڏسبو ته غلام عباس ڀنڀرو انقلابي ۽ مزاحمتي ڪردار جو شاعر آهي. غلام عباس ڀنڀيري جي نظر ۾ڪالاباغ ڊيم سنڌ جي لاءِ تمام گهڻو هاڃيڪار آهي. ان سموري نقصان کي غلام عباس ڀنڀري پنهنجي شاعري واري ڪتاب “سنڌ جو ڪيس ٿر جو ڪيس” ۾ هيٺيئن ريت پيش ڪيو آهي:

**“سنـــڌو آ دريـــــاهه اسان جو،**
**واهــــــر ۽وسياهه اسان جو،**
**ڊيم ٺاهڻ جي ڳالهه نه ڪر،**
**سنڌڙي ساري سڃ ڪندين،**
**رڻ پـــٽ روهي رڃ ڪندين ،**
**سنـــــــــڌو۾ آ ساهه اسان جو،**
**ڊيم ٺـــــاهڻ جي ڳالهه نه ڪر ،**
**سنـــڌوڪنڌ ڪنار نه رهندا،**
**ميـــنـــــهون ۽ميهار نه رهندا،**
**سنـــــڌوموهه ۽ ماهه اسان جو،”** (89)

حزب الله آءِ سومرو ڪالاباغ ڊيم جي مخالفت ڪندي،غلام عباس ڀنڀري جي ڪتاب “سنڌ جو ڪيس ٿر جو ڪيس” ۾ ويچار ونديندي لکي ٿوته:“ان طرح سنڌ جي ماڻهن به سنڌ جو ڪيس وڙهيو آهي. ان سلسلي ۾ سياسي جماعتون به پٺتي نه رهيون آهن. عوامي تحريڪ،پ پ، جميعت علماءِ اسلام ۽ جيئي سنڌ وارن جو ڪردار شاندار رهيوآهي. محترمه

بينظير ڀٽو جو ڪالاباغ ڊيم خلاف ڪمون شهيد وٽ ڏرٽو بہ ڪنهن کان وسريو نہ آهي. شهيد ڊاڪٽر خالد محمود سومرو جو ڪردار سمورن جي اڳيان آهي، جنهن ڪالاباغ ڊيم خلاف مفتين ۽ عالمن کي گڏ ڪري ڪالاباغ ڊيم خلاف شرعي دليلن سان فتوي ڏياري ته ڪالاباغ ڊيم ٺاهڻ شريعت خلاف آهي.جنهن کي مفتي عبدالوهاب چاچڙ پنهنجي رسالي ''شريعت'' سکر ۾ بہ ''ڪالاباغڊيم نمبر''ڪري ڇاپيو.ان فتوي جو ڪو شريعي توڙ اڃا تائين پيش نہ ٿي سگهيو آهي. اهري طرح جميعت علماءُ اسلام جي پليٽ فارم تان ڪالاباغ ڊيم خلاف شهيد ڊاڪٽر خالد محمود سومرو جو سکر ۾ ملين مارچ به قابل تعريف آهي.'' (90)

ڪالاباغ ڊيم لاءِ، وڏيڪ ويچار ونڊيندي حزب الله آءِ سومرو غلام عباس پنپري جي لکيل ڪتاب ''سنڌ جو ڪيس ٽرجو ڪيس'' ۾ لکي ٿو تہ: جڏهن ادريس راجپوٽ ڪالاباغ ڊيم ۽ سنڌ جي سوڪهڙي تي فني لحاظ کان روزانه ڪاوش اخبار مضمون لکندو رهيو،جيڪي محمد موسي ڀٽي صاحب پنهنجي نظريا تي رسالي ماهوار ''بيداري'' ۾ بہ وقت بہ وقت شايع ڪيا ، جيڪي هو پنهنجي اداري سنڌ نيشنل اڪيڊمي حيدرآباد پاران ڪتابي صورت ۾ ڇاپيندو رهي ٿو.محمد ادريس راجپوت جا اهي مضمون 2005ع کان هاڻي تائين ڏهن ڪتابن جي صورت ۾ ڇپجي چڪا آهن. ائين وس آهر هر ڪنهن پنهنجو حصو ڳنڍيو آهي.حافظ محمد بخش خاصخيلي جومشهور نظم ''پاڻي تي پاڻي ٿيندو'' بہ وسارڻ جهرو نہ آهي. پرغلام عباس پنپري تہ اصل وڻ ئي وڃائي ڇڏياآهن جو ''سنڌ جوڪيس ٽرڪيس''ڪالاباغ ڊيم ۽ سنڌ جي سوڪهڙي جي ڪيس تي مشتمل پورو منظوم ڪيس ڪتاب جي صورت ۾ سنڌ جي عوام ۽ رياست آڏو آڻي رکيو آهي جيڪو سنڌ جو حقيقي ڪيس نظر اچي ٿو.'' (91)

## ڪارو ڪاري واري رسم:

تاريخ ۾ ڪو اهڙو ڏينهن نہ آهي جنهن ڏينهن ميڊيا تي غيرت جي نالي تي ڪارو ڪاري يا قتل جي واقعي جي ڳالهہ نہ هجي ويچارين بيقصور عورتن ۽ ڪجهہ مردن جو غيرت جي نالي تير قتل عام ۽ ٻيا ڪيترائي تشدد يعني زبردست شادي ، سگ چٽي ، ننڍي عمر ۾ شادي ، عورتن جو وڪرو ۽ ٻيو گهريلو تشدد معاشري ۾ عام جام لڳو پيو آهي.هڪ طرف دنيا ترقي جي راهن تي گامزن آهي تہ ٻي طرف وري اهي مسئلا يعني ڪارو ڪاري وارا مسئلا ڪَرُ کيون بيٺا آهن.ڪيترين ئي سياسي ، سماجي ۽ قانوني تبديلين جي اچڻ جي باوجود بہ ايئن پيو محسوس ٿئي تہ معاشري جي ٻين مسئلا سان گڏو گڏ ڪارو ڪاري واري ڪڏي رسم اڃا وڏيڪ اپري رهي آهي.معاشري جو هي مسئلو ڏينهون ڏينهن پيچيده ٿيندوپيو وڃي .معاشري جي هن برائي کي سمجهڻ ۽ ان جو بغير ڪنهن جذبات جي حل ڳولڻ ۽ ان جو تنقيدي تجزيو ڪيو وڃي .اڄ ڪلهہ ڪارو ڪاري واري رسم ايئن سمجهو تہ ڪارو ڪاري سنڌ جي

ڪلچر جو حصو بڻجي چڪو آهي .هڪ تہ اهو عمل غير ضروري آهي ۽ ٻيو ايئن سمجهڻ گهرجي تہ اهو عمل قومي شرمدگي جو نشان آهي .ڪارو ڪاري واري ڪڌي رسم ۾ رياستي ادارن ۽ حڪومتن سان گڏوگڏ پوري معاشري جي ناڪامي آهي .چو تہ هن خراب رسم خلاف ڪو مضبوط آواز اڀري نہ سگهيو آهي .اسان کي تاريخ مان اهو سبق ملي ٿو تہ ڪاري ڪاري جهڙين نقصان ڪار ۽ خراب رسم خلاف اندريائين آواز بلند ٿي سگهي ٿو مثال جيئن انديا ۾ ستي جي رسم ، چين ۾ عورتن جا ننڍي هوندي کان ئي پير ٻڌڻ ۽ يورپ ۾ ڊيوئل جو خاتمو ٻاهرين ماڻهن کان وڌيڪ مقامي ماڻهن جي ڪوشش سبب ئي ممڪن ٿي سگهيو آهي .سنڌ اندر سرداري ، وڏيرڪو ، جاگيرداري نظام وارا ماڻهو سچائي سان چاهن تہ ڪارو ڪاري واري ڪڌي رسم ختم ٿي سگهي ٿي پر بدقسمتي سان هو تہ ان رسم جا پاڳي پا.ئيوار ٿي ويا آهن . ان لاءِ اسان کي اجتمائي تحريڪ هلائڻي پوندي جيڪا سياسي سماجي ،مذهبي قبيلائي ۽ ذاتي مفادن کان بالا تر ٿي بيگناهہ عورتن ۽ مردن جي قتل عام کي روڪڻ لاءِ ڪوشش ڪري تہ جيئن اسان هن قومي شرمندگي واري ڪڌي رسم کان بچي سگهيون.سرڪش سنڌي ڪارو ڪاري زواري ڪڌي رسم لاءِ شاعري وسيلي وڏي جدوجهد ڪئي.

سرڪش سنڌي سنڌ جو انتهائي سريلو شاعر آهي جنهن سنڌي شاعري جي هر صنف تي لکيو آهي. سرڪش سنڌي عورت جي اهيمت ۽ افاديت جو ذڪر پنهنجي آتم ڪٿا واري ڪتاب ”جوڻيون جيئن جهان جون“۾ ڪيو آهي.ان حوالي سان وڌيڪ لاءِ سرڪش سنڌي ڪارو ڪاري واريءَ ڪڌي رسم تي ويچار هن ريت ونديا آهن.:

”اها سنڌ جنهن ۾ اڄڪلھ جنهن ۾ ڪارو ڪاري وارو مسئلو وچڙندڙ بيماري وانگر وڌندو پيووجي. ڪڏهن نج سنڌي سماج بابت لطيف سائين چوي ٿو تہ:

**”ڪاند پين ڪيترا ، مـــــــــــــون ور وڏي ،**

**مـٿان ڏيئي هٿ،جنهن عيب منهنجا ڍڪيا،**

**ڪـــــانـــڌ پيـــن ڪـيترا،مون ور وڏي جـــوءِ،**

**لوڪ نہ آڇي اوءِ،جي ڏسي ڏوهہ اکين سين،“**

اهڙا غليظ رويا بہ ڀئي هنڌان سنڌ ۾ آيا آهن ۽ سچي سنڌ عذاب بڻائي ڇڏي اٿن. شال اڳيان امن ۽ محبت وارا ڏينهن موٽي اچن“. (92).

هن دنيا کي سونهن ڀريو سنسار بڻائڻ ۾ جتي مرد جو اهم ڪردار آهي اتي عورت پڻ وسان نہ گهٽايو آهي . اگر هڪ پل لاءِ عورت جي وجود کي ۽ ڪائنات کي الڳ ڪجي تہ

هي جڙيل نظام ايئن لڳندو جيئن روشني بنا ڏيئو . عورت سراپا سونهن ۽ سچ جي علامت آهي .اهو ئي سبب آهي تہ تخليقڪارنجو اهم موضوعن عورت رهيو آهي .پر اسان جي هن ظالم سماج تي مختلف قسم جا غلط الزام مڙهي ان کي ڪاري جهڙو غليظ ان کي معاشري ۾ خوارخراب ڪيو وڃي ٿو.

دلبر سائين ديلي ستاره سنڌ جيڪب آباد(Daily sitarasindhjacobad) ۾ ڪارو ڪاري جي ڪڌي رسم تي خيالن جو اظهار ڪندي چوي ٿو ته:

ڪارو ڪاريءَ جي ڪڌي رسم ۾بيگناهه مرد ۽ عورتن کي قتل ڪيو وڃي ٿو جيڪو شرعي طور ناجائز ناهي.دلبر سائين

ملڪيت تان ذاتي جهيڙي ۽ ٻين سببن جيڪري ٿيندڙقتلن کي غيرت جو نالو ڏنو ٿو وڃي جيڪو سراسر غلط آهي. اهڙا قتل جهالت آهي ۽ دين اسلام جي حڪمن جي خلاف ورزي پڻ آهي.اهڙي عمل کي روڪڻ لاءِ سرڪار کي تحرڪ وٺڻ گهرجي.

جيڪب آباد ڪارو ڪاري جي ڪچي رسم ۾ بيگناهه مرد ۽ عورتن کي قتل جيو وڃي ٿو جيڪو شرعي طور تي ناجائز ناهي.حڪومت ان تي ڪنٽول ڪري اهڙو اظهار تحريڪ انصار المسلمين جي قائد پير دلبر سائين ٻسنرڪٽپريس ڪلب جيڪب آباد جي آجياڻي ۽ دستگير ڪالوني ۾ ٿيل جلسي کي خطاب ڪندي ڪيو. جلدي ۾ مٿا سائين ،خالد سلطان،سيد اعجاز علي شاهه ،محمد اسماعيل سڪندري ،حافظ عباس ڪرمي ،سليم احمد گهنيو ۽ ٻيا موجود هئا. دلبر سائين چيو ته سنڌ مان ڪارو ڪاريءَ جي خاتمي لاءِاسان سڀني مڪتب جي علماءِ ڪرام ۽ عوام کي ساڻ ڪري جدوجهد ڪرڻ گهرجي ته جيئن عوام ۾ سجاڳي ٿي.ڪارو ڪاري رسم تحت قتل ٻين سببن جيڪري ڪيو وڃي ٿو جنهن ۾ ملڪيت جو تڪرار ذاتي جهيڙا ۽ ٻيا مسئلا شامل آهن.پر ان کي غيرت جو نالو ڏنو وڃي ٿو. جيڪو سراسر غلط آهي. اسلام ڪنهن کي به قتل ڪرڻ جي اجازت نٿو ڏئي.ڪارو ڪاريءَ تحت ٿيندڙ قتل جهالت آهي ۽ دين اسلام جي حڪمن جي پڻ خلاف ورزي آهي. 0اهڙي غيرقانوني عمل کي روڪڻ لاءِ سرڪار کي تحرڪ وٺڻ گهرجي. هر سال سنڌ اندر سوين عورتن ۽ مردن کي بيگناهه ڪارنهن الزام تحت قتل ڪيو وڃي ٿو .اهڙو قتل عام روڪڻ گهرجي.(93)

1Honour killing in pakistsn:are known locally as karopakari.pakistan has the highest number of documentedand estimated honour killings per kepita of any country in the world ,about one fifth of the world honourkillingsare committed in Pakistan (1,000 out of the 5,000)per year total.an honour killings is the homicide of a member of a

family or social group by other members , due to beliefthe victim has brought dis honour up on the family or community . the death of the victim is viewedas away to restore the reputation and honour of the family.” (94)

2 as many as 769people,includind 510 females,fellvicimto killing in the name of so called honour in sindh between 2014 and 2019 according to arecent policy study .”(95)

3the repport ,compiledby the police,recordedstaticsfrom January 31,2019 to January 30,2020. According to report,126 people ,who were suspectedof being involved in the honour killing ,had been arrested .challans of 81 casespertaining to honour killing were presented in courts while 32 are still being investigated.” (96)

5 4 the latest sindh police statistics show thathonour killing or karokari of both women and men has gone up 27 percent if data from the first half of this year and the previous year are compared.

The date is for the first six months of the both year s,from january to june .the police comared2020 and 2021. last year,the reported karokari number of victims was 65(in the first year) . in 2021,this figure rose to 83 ( in the first six months ) the comparison is not ,for data for the full year.”(97)

## سنڌي ٻولي جي تحريڪ

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب لفظ تحريڪ کي بيان هيٺي ريت بيان ڪيو آهي :

تحريڪ)(movementتحريڪ جمع تحريڪون

[تحريڪ= چر پر ۾ آڻڻ ، اپارڻ ، جوش ڏيارڻ ] چر پر ، جنبش ، ڪنهن ڳالهه يا ڪنهن کي شروع ڪرڻ يا زور وٺڻ جي تحريڪ يا هلچل ، تجويز ٺهراءُ.” (98)

تحريڪ يا تحريڪون هلائڻ لاءِ ڪي خاص مقصد هوندا آهن .تحريڪ جا مختلف قسم ٿيندا آهن .مثال طور سماجي تحريڪون ،سياسي تحريڪون ۽ ادبي تحريڪون وغيره .خاص طور تي ادبي تحريڪون نون لاڙن ، نون رجحانن ۽ نون ڌارائن لاءِ هلايون وينديون آهن .انگريزي ٻولي ۾ به خاص طور تي تمام گهڻون ادبي تحريڪون هليون آهن.سنڌي ادب جي تاريخ ۾ لامحدود تحريڪون هليون آهن.جن سان سنڌي ادب سگهارو بڻيو آهي.

مثلا:روشن خيال تحريڪ،رومانوي تحريڪ،ترقي پسند تحريڪ.

سنڌي ادبي سنگت کي سنڌ جا اديب هڪ مضبوط قلعو بڻائي سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيارڻ لاءِ تحريڪون هلائي رهيا آهن.سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ مختلف قسم جون سماجي تنظيمون ، ادبي تنظيمون،سياسي پارٽيون ۽ خاص طور تي ليڪڪ، دانشور، وڪيل ۽پارلياميٽرين وغيره ان جي حمايت ڪري رهيا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ پاڪستان جي قومي اسيمبليءَ ۾ هڪڙو بل پيش ڪيو .ان کان علاوه صوبائي اسيمبليءَ ۾ پڻ بلqf پيش ڪيا ويا آهن.سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي اها واحد تنظيم آهي جنهن جي ذريعي سنڌ جا اديب سنڌي ٻولي کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيارڻ لاءَ ڪوششون ڪري رهيا آهن. سنڌي ادبي سنگت اها واحد سنڌ جي تنظيم آهي جيڪا سنڌي ٻوليءَ جي بقا ۽ تحفظ لاءَ ڪم ڪري رهي آهي. ۽ ساڳي وقت اديبن جو اهو فرض بہ ٿئي ٿو تہ ٻوليءَ جي ترقي ۽ بچاءَ لاءِ ڪم ڪن. مثال طور:جيئي سنڌ محاذ سنڌين جي حقن لاءَ لاءَ ڪم ڪندڙ سياسي پارٽي آهي جيڪا سنڌين جي حقن لاءَ پاڻ پتوڙي رهي آهي. اڄڪلھ خاص طور تي ساس، سياسي پارٽيون ۽ ڪي فرد پنهنجو فرض ٻوليءِ لاءِ نڀائڻ ۾ مصروف آهن .هاڻي اسان جو فرض ٿئي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ وارو درجو ڏيڻ کي معني خيز نتيجا ڏيون.ساس جي هن وقت هلايل تحريڪ جو هڪڙو حوالو عالمي ڏهاڙو بہ رهيو آهي. جيڪو 21 فيبروري تي ملهايو ويندو آهي. اصل ۾ 21 فيبروري بنگالين واري هلايل تحريڪ وارو ڏينهن آهي. جن پنهنجي بنگاليءَ ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ وارو درجو ڏيارڻ لاءِ تحريڪ هلائي ، جنهن کي بعد ۾ اقوامي متحده مادري ٻوليءَ جو درجو ڏنو سرڪش سنڌي سنڌي ادبي سنگت ۾ هجڻ ڪري ان تحريڪ جو حصو رهيو.

سنڌي ٻولي جي تحريڪ کان پهريون ٻولي جي بچاءَ ۽ تحفظ لاءِ بنگالين ٻولي بچايو تحريڪ هلائي، جنهن ۾ شيخ مجيب الرحمن جو اهم مطالبو هيو تہ بنگالي کي قومي ٻولي جو قرار ڏنو وڃي .ليڪن ان وقت جي حڪومت اردو کي قومي ٻولي قرار ڏئي ڇڏيو .اردو ٻولي کي قومي ٻولي قرار ڏيڻ بعد بنگال ۾ ٻولي واري تحريڪ ويتر اهم رخ اختيار ڪري ورتو.ڍاڪا يونيورسٽي ۾ شاگردن بنگالي ٻولي جي تحفظ لاءِ احتجاج ڪيو.حڪومت مٿن ناراض ٿي 21 فيبروري 1951ع ۾ فائرنگ ڪري ڪجهہ شاگردن کي شهيد ڪري ڇڏيو حڪومت جي هن عمل بنگال ۾ تشدد وارو عنصر تمام گهڻو وڌائي ڇڏيو .پوءِ بنگالي پنهنجي قومي ٻولي واري تحريڪ تي قائم دائم رهيا .

ڊاڪٽر غلام علي الانا کي لسانيات جي دنيا جو وڏو ڄاڻو۽مفڪر طور سڃاتو وڃي ٿو،ڊاڪٽر غلام علي الانا اڪثرڪري سنڌي ٻوليءَ جي مختلف پهلوئن تي تحقيق ڪندو رهيو آهي.هن کي ريسرچ ڪرڻ جو ڏانءُ بہ آهي۽ الله جي ذات هن کي ٻوليءَ تي سائنسي انداز ۾

لکڻ جي ڏات به ڏني اٿس.ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا“۾ ٻوليءَ جي تحريڪ تي ويچار ونديندي چوي ٿو ته:

”سنڌي ٻولي هن دور ۾ ترقي جا سڀ مرحلا طئي ڪري، هاڻي بلڪل شاهوڪار ،مالدار،سرمائيدار۽ معياري زبان جي حيثيت وٺي چڪي آهي.هيترين مخالفتن ۽ مشڪلاتن جي باوجود هن زبان گهڻو ڪجھ حاصل ڪري ورتوهوءُ پر تنهن هوندي به هر هنڌ سنڌي جو استعمال ،هڪ وڏو مسئلو هو.سنڌي ٻوليءَ کي گهڻو ئي ڪجھ مليو هو،پختو ڪلام چوندڙ ۽ اعلي تخيل وارا شعر مليا ،بهترين خوبين وارو نثر لکندڙ وڏا نثر نويس مليا،جن ۾ علامه غلام مصطفي قاسمي ، سيد حسام الدين شاهه راشدي ، ڊاڪٽرنبي بخش خان بلوچ،محمد ابراهيم جويو،جمال ابڙو، غلام رباني آگرو، ،امر جليل،نسيم کرل،رسول بخش پليجو،پروفيسر محبوب علي چنا،مولانا علام محمد گرامي،سراج،رباني،ايازقادري ۽ٻين ڪيترن ئي جا نالا پيش ڪري سگهجن ٿا،“ (99)

ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي مشهور ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا“ ۾ ون يونٽ جا نقصان بيان ڪندي لکي ٿو ته :

”ڊاڪٽر غلام علي الانا ون يونٽ جو اهم نقصان ٻڌايو آهي ته جڏهن ون يونٽ مڙهيو ويو ته تقريبن هڪ سال کان پوءِ وري سنڌي ٻوليءَ تي حملا شروع ڪيا ويا.حملن مان مراد تعليمي ادارن اندر سنڌي پڙهائڻ بند ڪئي ويئي،نتيجي ۾ سنڌي شاگردن يونيورسٽن جي اندر احتجاج شروع ڪيا.ان سموري مسئلي کي ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي ڪتاب “ سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا“سماهي مهراڻ،جلد ٻيو،1956ع جو حوالو ڏيندي لکي ٿو ته؛

”ون يونٽ جي قائم ٿيڻ کان هڪ سال پوءِ سنڌي ٻوليءَ تي وار شروع ٿيا.1956ع ۾ ڪراچيءَ يونيورسٽي طرفان،سنڌي ٻوليءَ کي امتحاني ذريعي واري حيثيت ۽ ان کان به محروم ڪرڻ جا احڪام جاري ڪيا ويا ۽ان جي بدران فقط اردو کي اها حيثيت ڏني ويئي.انهيءَ فيصلي تي ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي شاگردن ،يونيورسٽي جي سينڊيڪيٽ جي سامهون هڪ مدلل۽قابل قدر ياداشت نامو پيش ڪيو،اهو نهراءُ ڪراچي جي ايس ايم ڪاليج،ڊي جي سائنس ڪاليج،اسلاميه ڪاليج،اين ڊي انجنيئرنگ ڪاليج،گورنمينٽ ڪامرس ڪاليج،ڊوميڊيڪل ڪاليج۽ ايس ايم لا ڪاليج جي ٽن هزار شاگردن ،4 سيپٽمبر1956ع تي هڪ عام ميڙ ۾ منظور ڪيو، جنهن ۾ ٻين ڳالهين سان گڏ ،سنڌي زبان کي هميشه وانگر ،آئنده پڻ يونيورسٽي جي امتحانن ۾،جوابن لکڻ جي ذريعي طورقائم رکڻ جو مطالبو ڪيو ويو.“ (100)

## حوالا(References)


1. قاسماڻي ، عزيز،ادبيات سنڌ،اڪادمي ادبيات پاڪستان،ننڍي ڪنڊ جو يگانو شاعرسرڪش سنڌي،فيبروري 2021 ، ص،81..
2. ملاح ،احمد ،مختيار، سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو، حاجي عبدالغفار ميمڻ، سال2001 ع،ص،412.
3. سنڌي ،سرڪش ،،جوٽيون جيءُ جهان جون ،زخمي پبليڪيشن ٻڪڻ ،2007 ع،ص،15.
4. چانڊيو ،حسين ،خادم ،مارو جي ملير خود ، 2003 ع،ص،297.
5. سنڌي ،سرڪش ، جوٽيون جيءُ جهان جون ، زخمي پبليڪيشن ٻڪڻ، 2007ع،ص ،18.
6. چانڊيو ،حسين ،خادم ،مارو جي ملير ،خود ، 2003 ع،ص،298.
7. سنڌي ،سرڪش ، جوٽيون جيءُ جهان جون ،زخمي پبليڪيشن ٻڪڻ، 2007ع،ص ،26.
8. ايضًا،ص ،27.
9. ايضًا،ص،35 .
10. ايضًا،ص،49.
11. ايضًا،ص،66.
12. ايضًا،ص،78.
13. ايضًا،ص،121.
14. ايضًا،ص،247.
15. قاسماڻي، عزيز،ادبيات سنڌ،اڪادمي ادبيات پاڪستان،ننڍي ڪنڊ جو يگانو شاعرسرڪش سنڌي،فيبروري 2021 ،ص، 81.
16. ايضًا،،ص99.
17. ايضًا،ص112.
18. ايضًا،ص،84.
19. ايضًا،ص،247.

20.ايضًا،ص، 84.

21.سهراڻي ،اعظم ،ايم،چا ٿا پڇو چا هو،سرڪش سنڌي يادگار ڪاميٽي لاڙڪاڻو،2013 ،ص ،69 .

22.قاسماڻي ، عزيز،ادبيات سنڌ،اڪادمي ادبيات پاڪستان،ننڍي ڪنڌ جو يگانو شاعرسرڪش سنڌي،فيبروري،2021 ع،ص، 85.

23.سنڌي ،سرڪش ،زندگيءَ جي گونج ، زخمي پبليڪيشن بدڻ ، جنوري 2021ع ، ص ، 189.

24.ايضًا، ص،184.

25.سنڌي، سرڪش ، سمنڊ ۾ سپ ، سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد ، سال 2015ع ، ص 22 .

26.ايضًا، ص،25 .

27.سنڌي سرڪش، سمنڊ چوليون ٿهڪ ، ڪنول پبليڪيشن قنبر ، ڇاپو پهريون ، اپريل 2009ع،ص،36.

28.ايضًا، ص 12.

29.سنڌي ،سرڪش ، جوٽيون جيءُ جهان جون ،زخمي پبليڪيشن بدڻ، 2007ع،ص5.

30.ايضًا،ص202.

31.ايضًا،ص212.

32.ايضًا،ص 9.

33.ايضًا،ص150.

34.ايضًا،ص، 200.

35.ايضًا،ص،256.

36.چانڊيو ،حسين ،خادم ،مارو جي ملير ، خود ، 2003 ع،ص،298.

37.سنڌي ،سرڪش ، جوٽيون جيءُ جهان جون،زخمي پبليڪيشن بدڻ، 2007ع،ص ،252.

38.سنڌي ،سرڪش،سنڌوڳائي ٿي،ص،15.

39.ايضًا،ص،97.

40.سنڌي ،سرڪش ، پيار ۽ آزادي، چانڊڪا پبليڪيشن لاڙڪاڻو، 1993ع،ص ،67.

41.سنڌي ،سرڪش ، جوٽيون جيءُ جهان جون، زخمي پبليڪيشن بدڻ، 2007ع،ص ،46.

42.ايضًا،ص، 22.

43.ڪوسو ،فيض ،ڪاري ڪڪر هيٺ مون جهيڙيندي ڇڏيا (تاريخي هلچل ايم آر ڊي) ،ماءِ پبليڪيشن،2013ع ،ص ،146.

44.سنڌي ،سرڪش ، جوڙيون جيءُ جهان جون ، زخمي پبليڪيشن ڊڪڻ، 2007ع،ص ،148.

45.ايضًا،ص ،48.

46.ايضًا،ص ،28.

47.الانا،علي،غلام ، ڊاڪٽر،سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا ،سنڌي لينگويج اٿارٽي،2006ع،ص،366.

48.قريشي ،اعجاز،پروفيسر ،ون يونٽ ۽ سنڌ، پيڪاڪ پرنٽرز اينڊ ،پبليشرز ڪراچي سنڌ،ڊسمبر 2018ع،ص123.

49.ايضًا،ص،123.

50.ايضاً، ص،106.

51.ايضًا،ص،116.

52.ايضًا،ص،118.

53.آريسر ،عبدالواحد ،ويراڳي جي وچڙا هئا.(چونڊ ۽ ترتيب تاج جويو)،فائن ڪميونيڪيشن حيدرآباد ،2015ع،ص،45.

54.ايضًا،ص،106.

55.قريشي ،اعجاز،پروفيسر ،ون يونٽ ۽ سنڌ، پيڪاڪ پرنٽرز اينڊ ،پبليشرز ڪراچي سنڌ،ڊسمبر2018ع،ص،167.

56.ايضًا،ص،168.

57.ايضًا،ص،169.

58.ميمڻ ،عبدالغفور،ڊاڪٽر ،سنڌي ادب جو فقري پسمنظر ،سنڌي لينگويج اٿارٽي ،2017ع،ص،214.

59.قريشي ،اعجاز،پروفيسر ،ون يونٽ ۽ سنڌ، پيڪاڪ پرنٽرز اينڊ ،پبليشنرز ڪراچي سنڌ،ڊسمبر 2018ع،ص،173.

60.سيد ،جي ايم ، سنڌ ڳالهائي ٿي ،سيد ۽ سيد برادرس ، ڇاپو ٻارهون ،17 جنوري 2013ع ص، 277 .

61.ايضًاص،277 .

62.ايضًا،ص،279 .

63.ايضًاص،279 .

64.ايضًا،ص،280 .

65.ايضًا،ص،281 .

66.سانگي ،سهيل،سنڌ ناما، Sinsh Press Sindh Nama Friay ,August16,2016 ,Page 41.

67.ڪلمتي ،حسن ،گل ،ڪراچي سنڌ جي ، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ،1999 ع ،ص، 66.

68.ايضًا،ص،49.

69.ايضًا،ص،50.

70.ڪوسو ،فيض ،ڪاري ڪکر هيٺ مون جهيڙيندي ڇڏيا (تاريخي هلچل ايم آر ڊي) ،ماءِ پبليڪيشن ، 2013ع ، ص ،16.

71.ايضًا،ص،18.

72.ايضًا،ص،t.19`

73.ايضًا،ص،20.

74.ايضًا،ص،23.

75.ايضًا،ص،23.

76.ايضًا،ص،24.

77.ايضًا،ص،25.

78.ايضًا،ص،136.

79.ايضًا،ص،14.

80.ايضًا ،ص،14.

81.سنڌي ،سرڪش ، جوٽيون جيءُ جهان جون ، زخمي پبليڪيشن ٻکڻ، 2007ع،ص ،48.

82.ايضًا،ص ،.148

83.ايضًا،ص ،148.

84.ايضًا،ص ،234.

85.سولنگي ،درد،محمد،علي،سائين ڪراچي سنڌ آ، ڪونج پبليڪيشن ،2021 ع،ص،67.

86.Rajput,Idress ,Muhammad ,Kala Bag Dam,And Sindh Piblished by Sindh Graduates
Association (Sga) Page 46
87.Same Page 46
88.Same Page 46
89.پنپرو ، غلام عباس ، سنڌ جو ڪيس ٿر جو ڪيس ،پوپٽ پبلشنگ هائوس مال روڊ خيرپور،2019ع ،ص،17.
90.ايضًا،ص،15
91.ايضًا ،ص،16
92.سنڌي ،سرڪش ، جوٽيون جيءُ جهان جون ،زخمي پبليڪيشن بڪڻ، 2007ع،ص ،120.
93.www.wikipedia .com see on the date 05.11.2021 a.d
94.\ ehpwww.wikipedia .com23yj see on the date 05.11.2021 a.d
95.www.wikipedia .com see on the date 05.11.2021 a.d
96.www.wikipedia .com see on the date 05.11.2021 a.d
97.www.wikipedia .com see on the date 05.11.2021 a.d
98.بلوچ ،بخش،نبي ،ڊاڪٽر،سنڌي لغت ،سنڌي لينگويج اٿارٽي ،ص ،115.
99.الانا،علي،غلام ، ڊاڪٽر،سنڌي ٻولي جي ارتقا ،سنڌي لينگويج اٿارٽي،2006ع،ص،366
100 ايضًا،ص ،368.

# باب چوٿون

## سرڪش سنڌيءَ جي مزاحمتي شاعريءَ جو تحقيقي اڀياس

**4.1**وطن دوستي

4.2 انسان دوستي

3.4پيار

4.4 انساني آزادي

4.5 ظلم ۽ زيادتون

4.6جياپي لاءِ جدوجهد :

اهو فرد معاشري ۾ ڪامياب هوندو آهي. جنهن جو ڪردار رڳو پنهنجو پاڻ تائين محدود نہ هجي پر انسان ذات جي ڀلائي ۽ بهتري جهڙن اعليٰ مقصدن لاءِ ڪو ڪارائتو ڪردار بہ ادا ڪري.تاريخ اهڙن عظيم ۽ اعلي انسانن ڪي سونهري لفظن سان پنهنجي ورقن ۾ محفوظ ڪندي آهي.سنڌ جي سرزمين اهڙن ڪارائتن انسانن سان ٿمٿار آهي. جن ۾ سرڪش سنڌي جهڙي شاعر ۽اديب جو نالو منفرد حيثيت رکندڙ آهي .هو پنهنجي طبيعت ۾ نهايت ئي سادو ، مزاج ۾ مرڪندڙ، طبيعت ۾ مانيٺو ۽ ادبي لڏي جو رهيوآهي.سندس ادبي حيثيت هر وقت انقلابي ۽  مزاحمتي انداز واري رهي آهي.سرڪش سنڌي جديد سنڌي شاعريءَ جومزاحمتي خيالن جو شاعررهيوآهي.جيڪو پنهنجي مزاحمتي تخليقن ذريعي معاشري ۾ مقبوليت جي بلندين تي پهتو.هن جو شماراهڙن شاعرن ۾ ٿئي ٿوجنهن مزاحمتي فڪر وسيلي سنڌ جي درد کي دنيا تائين پهچايو هجي. سرڪش سنڌي اساسي شاعرن وانگر پنهنجا جديد مزاحمتي خيال، نوان لاڙا، ۽ رخ تخليقي ادب ذريعي متعارف ڪرايا. هن پنهنجي شاعري جي بنياد تي ظلم ۽ڏاڍخلاف حق جو آواز بلند ڪيو. هن پنهنجي گهري مطالعي ۽ مشاهدي ذريعي نوان مزاحمتي استعارا ۽ تشبيهون استعمال ڪري سنڌي ٻوليءَ جي شاهوڪاري ۾پڻ بي پناهہ اضافوڪيو.

سنڌ جي هن مزاحمتي شاعر بيت، وائي ۽ نظم تي تمام گهڻو ڪم ڪيو.سرڪش سنڌي جي شاعري جي ڪتابن ”پيار ۽ آزادي“ ، ”سمنڊ، چوليون ۽ ٺهڪ“ جو مطالعو ڪرڻ کانپوءِ معلوم ٿئي ٿو تہهن پنهنجن ڪتابن ۾ وقت جي حالتن مطابق مزاحمتي ۽ انقلابي شاعري ڪئي آهي.

هن پنهنجي سموري حياتي غربت ۾ گذاري. پاڻ بيمار هوندي بہ شاعريءَ سان لڳاءُ نڀائيندو پئي آيو . جنهن پذيرائي جو سرڪش سنڌي لائق هيو، اها پذيرائي سندس ڪي حياتي ۾ ملڻ گهرجيس ها. سرڪش سنڌيءَ جي ڪافي شاعري ڇپيل آهي ۽ ان جيترو ئي مواد نثر توڙي نظم ۾ اڻ ڇپيل پڻ آهي. سندس ڪلام ۽ نثر کي گڏ ڪري مڪمل صورت ۾ ڇپايو وڃي تہ جيئن سندس شاعري ، شخصيت ۽ ادبي زندگي تي اجا بہ وڌيڪ تحقيقي ڪم ٿي سگهي.

تاج جويوپنهنجي ڪتاب ”تلسن جي سرهاڻ“ ۾ سرڪش سنڌي جي ادبيخدمتن جي تعريف ڪندي چوي ٿو تہ :

”سرڪش سنڌي ،سنڌ جي انهن سرجڻهارن جي لڙي جو هڪ سگهارو ۽ سندر نالو آهي جن سنڌ ڌرتي کي محبوب جي صورت ڏني آهي . سرڪش جي شاعري سنڌ جي آڇپي جو اهو امراحساس آهي ،جنهن تي سنڌ کي سدائين فخر رهندو .سنڌ ۾ ساڃاه وند شاعرن جو هڪ وڏو گروه آهي،جن پنهنجي شاعري ،شخصيت ۽ سوچ جاعڪس اسان جي ذهنن ۽ دلين تي پئي چٽيا آهن اهڙن شاعرن مان ڪن شاعرن جي شخصيت ، مختلف حوالن سان اهڙي تہ مشهور ۽ معروف ٿيندي ويندي آهي ، جو اهي اسان جي محفلن جي سجاڳپ ۽ سونهن بڻجي وينداآهن..

استاد بخاري،راشدمورائي ۽ سرڪش سنڌي .،سنڌ جا اهڙا ئي شاعر آهن جيڪي جلسن کي جمائي ۽ محفلن کي مچائي ڇڏيندا هئا ،اها نہ رڳو منهنجي راءِ آهي پر ڪڏهن ڪڏهن شاعر ازخود ،دل جي ڳالهہ هن ريت زبان تي آڻي ڇڏيندا آهن.

**ونـــــگ لفظـــن ۾ آهـــن لڪيل پيار جا،**

**سٽ پهرينءَ سان محفل ڇڏي سي بـــــڏي.**(1)

وڌيڪ لاءِ تاج جويو سرڪش لاءِ پنهنجي راءِ ڏيندي چوي ٿو تہ :”سرڪش جي شاعري،سنڌ جي مزاحمتي شاعرن ۾ خوبصورت اضافي هئڻ سان گڏ سونهن جو سر آهي،جنهن مان لفظ تڙڳي ،اجرا اجرا هنج ٿي نڪرن ٿا،اهڙن هنجن لاءِ لطيف سائين، چئي ويو آهي تہ :

**هنج مروئي هنج ،ميرو منجهن ۾ ناهي ڪو،**

**جـــتـــــي رهـــــن سنـــج ،سوسرڪن ســــــرهو.(2)**

منظور ڪلهوڙو ”روزاني ڪاوش“ ۾” سر ڪش سنڌي هڪ مزاحمتي شاعر ۽انقلابي شاعر“ جي مناسبت سان پنهنجا ويچار ونديندي چوي ٿو تہ:

''سرڪش سنڌي جي روح جي گهراين سان سرجيل شاعري پنهنجي اندر جي آواز جو اظهار آهي.مزاحمت،بيباڪي،ارڏائپ،بهادري ۽ سچائي سندس ڏانءُ هئي.ان جو ثبوت سندس سياسي رهبر جي ايم سيد جيان هن جي به طبيعت جذباتي هئي.هن سنڌي قوم جي سماجي حالتن کي نه صرف شاعري جو ذريعو بڻايو پر عملي سياسي جدوجهد ۾ به سرواڻ ڪئي.''

هو پنهنجي ڪتاب ''جوڙيون جيءَ جهان جون'' حصو ٻيو ۾ لکي ويو آهي ته: ''رڳو به ادبي ويچار ته سڀ ڪجھ نه آهن، سچي سنڌي قوم جي جياپي، روزگار، صحت ۽ هميشه خوشحال رهڻ لاءِ اديبن کي ٻيون به ڪوششون وٺڻيون پونديون. سرڪش سنڌي به سنڌ ۽ سنڌي قوم جو عاشق ۽ شيدائي هجڻ سان گڏوگڏ سنڌ جي قلم واري قبيلي جي انهن ڀرين فردن ۾ شامل هو، جيڪي سنڌ جي آجپي ۽ خوشحاليءَ جا متوالا هئا ۽ آهن، سرڪش سنڌي جي پنهنجي زندگيءَ ۾ جتي وڏا وڏا داد ۽ شهرت ماڻي اتي هن پنهنجي زندگيءَ جي آخري گهڙين ۾ ڪينسر جهڙي موذي مرض جو شڪار رهيو. پر هن جي شاعري سنڌ جهڙي ڏاهپ ڀري ڏات، ارڏائپ، اڇي اجري، جرڪندڙ، روح گرمائيندڙ، جدوجهد ، مزاحمت ۽ بيباڪيءَ لاءِ اتساهڻ جو ذريعو رهندي سائين سرڪش توکي ڀي ڪهڙي پيٽا پيش ڪجي...؟ دل چوي ٿي توکي پيٽا پيش ڪجي...

**هڪ شخص به اهڙو شخص هجي،**
**جو اڀ تي چنڊ جو رقـــــص هجي،**
**هر پرهه جي هير به گـــــــهور ٿئي،**
**ڪولال گلاب جـــــــــــو تازو گل.''(3)**

## 4.1 وطن دوستي:

اسان جي سماج ۾ اهو پهاڪو مشهور آهي ته''وطن جي حب ايمان جو جزو آهي'' . حقيقت ۾ جيڪڏهن انسان وٽ ڪجھ آدرشي اصول جهڙوڪ وطن جي حب ، اخلاق ۽سهڻي سيرت جا گڻ موجود نہ آهن تہپوءِانسانن ۽ جانورن جي وچ وارو فرق ختم ٿيو وڃي . وطن دوستيءَ مان مراد پنهنجي وطن سان محبت، پيار،سڪ ۽ الفت.وطن دوستيءَ جو ذڪر حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي ڪلام ۾ پڻ ڪيو آهي. لطيف سائين پنهنجي وطن سنڌ کي ۽ سموري عالم کي آباد ۽ سرسبزڪرڻ جون ڏٽي دردعائون گهريون آهن. سُر مارئي، سر سارنگ ۾ وطن دوستيءَ جا مثال ۽حوالا تمام گهڻا لطيف سرڪار ڏنا آهن. شاه لطيف کان وينڌي آخوند گل تائين قديم شاعرن پنهنجي وطن کي نہ وساريو آهي. خليفي گل کان وٺي شيخ

اياز تائين ۽ اياز کان وري اياز گل تائين، جديد شاعرن پنهنجي شاعريءَ ۾ وطن دوستيءَ ۽ سنڌ دوستيءَ جي جذبات جو اظهار ڪندا آيا آهن. ون يونٽ جي دور ۾ (1955ع کان 1971ع) تائين، جڏهن سنڌ تي مشڪل ڏينهن آيا تہ سنڌي شاعريءَ ۾ حب الوطني جولاڙوتمام گهڻو اسريو. هونئن تہ سنڌي شاعري ويهين صديءَ جي فڪري لاڙن کان متاثر ٿيندي رهي آهي، جن ۾ مکيہ طور سوشليزم، ڪميونزم، ماڊرن ازم، وجوديت، تجريديت، ترقي پسندي، حقيقت پسندي (ريئلزم) سر ريئلزم وغيره وارا لاڙا ڳڻي سگهجن ٿا. سموري دنيا جون قومون پنهنجي وطن جا گيت ڳائين ٿيون. جديد ادب توڙي ترقي پسند ادب، وطن دوستيءَ جي جذبن سان سرشار آهي. سنڌ جي جديد شاعرن ۾ شيخ اياز جو مقام سڀ کان مٿاهون آهي. اياز کي وطن دوستيءَ جي ڏوہ ۾ وڏي سزا برداشت ڪرڻي پئي ۽ جيل جون تڪليفون پڻ برداشت ڪرڻيونپيو. رشيد ڀٽي، جيڪو شيخ اياز جوگهڻ گهريو دوست هو، لکي ٿو تہ:

"شيخ اياز سنڌ جي قومي،انقلابي ۽ بين الاقوامي مسئلن کي لکڻين جو موضوع بڻايو. حسام الدين راشديءَ جي تاريخي تحريرن ۽ بصيرت افروز بحث مباحثن کان متاثر ٿي، هن سنڌ جي تاريخ کي هڪ نئين ۽ تعميري انداز ۾ پنهنجن لکڻين ۾ ظاهر ڪيو.شيخ اياز جي هڪ ڪتاب "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" جولاڳاپو بہ راشدي صاحب جي نالي ڪيو. "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" ۽ "ڪلهي پاتم ڪينرو" ڪتاب 1963ع ۾ ڇپيا هئا، انهن ڪتابن ۾ قومي جاڳرتا ۽ انقلابي جدوجهد جي جذبي اڀارڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي وئي." (4)

شيخ اياز جي ڪلام ۾ وطن دوستي واضح نظر اچي ٿي.ان جو اظهار هن جي شاعريءَ ۾ چٽو نظر اچي ٿو:

**-" ڌرتي منـــهنجو ديس، مــگر مان سنڌڙي جندڙيءَ لايان وو.**

**- سنــــــــــڌڙي تنـــــــهنجو ساه ايـــــــــاز، مري نہ ٿيٺو آهي.**

**- سنـــــڌڙي تنـــــهنجو نــــانءُ وتـــو چڻ ڪاريهر تي پير پيو.**

**- هـــي پنـــهنجـــي ڪـــــرڻي پـــــرڻي آ پر سنڌ اياز نہ مرڻي آ.**

**- جتي لڪ لڳي، جت اڪ تپن، سو ديس مسافر منهنجو ڙي،**

**- سنـــڌ ديس جـــــــي ڌرتـــــــــي تو تي پنــــــهنجو سيس نوايان،**

**مٿي ماٿي لايان.**

**ڪيـــنجـــهر ڪــــان ڪـــارونجهر تائين، توکي چشمن چايان.**

**منٿي ما ٿي لايان.”** (5)

ورهاڱي کانپوءِ سنڌي شاعريءَ ڪيترن ئي مرحلن مان گذرڻو پيوآهي. جيئن روايتي شاعريءَ جو دور، طبقاتي نظرياتي دور، قوم پرستيءَ وارو دور، ترقي پسندي وارو دور ۽ جديد شاعريءَ جو دور. انهن سڀني مرحلن مان ٻي وري قوم پرستيءَ وارو مرحلو ٻين سڀني دورن کان اعلي دور رهيو آهي، جنهن جو اثر اجا تائين چٽو نظر اچي ٿو.

پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون دفعو ون يونٽ 1955ع ۾ مڙهيو ويو ۽ پوءِ اولهه پاڪستان جي ننڍين قومن جي اصل سڃاڻپ ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي، انهن کي ون يونٽ جهڙي قهري دور مان گذارڻو پيو.وري ٻيو ظلم 1958ع ۾ مارشل لا لاڳو ڪري، زنجيرن ۾ اجا به وڌيڪ مضبوط ڪيو ويو.1968ع تائين هر طرف خوف ۽ ظلم وارو ماحول ڦهليل هو. اهڙي وقت ۾ شيخ اياز وطن دوستيءَ لاءِ مزاحمت ڪندي چيو ته:

**“جاڳ پٺائي گهوٽ! سنڌڙي ٿي توکي سڏي،**

**مــــــــرن پيون مـــارئيون، قابو آهن ڪوٽ ۾،**

**اڄ تہ تنهنــجي اوٺ، ڏاڍن کي ڏاري وجهون.”**(6)

سنڌ جي مزاحمتي شاعرن جي ڪلام کي ڇپجڻ کان منع ڪيو ويو، اديبن ۽ شاعرن جي گڏجاڻين کي گڏ ٿيڻ کان روڪيو ويو، سنڌي ادبي سنگت جي تحريڪ کي روڪيوويو. شيخ اياز جي مجموعي“ پوئنر پري آڪاس” جنهن ۾ شاعري جي روپ ۾ مزاحمت هئي ،ان تي پڻ پابندي وڌي وئي. جنهن تي تاج بلوچ هڪ نظم چيو:

**“وري دار سيـــــــــــــنگار جـــــــــي ٿـــــــي،**

**اجهو ڪوئي مـــــــنصور ڦاهـــــيءَ چڙهيو،**

**اوهـــــــــــــــان کـــــي بہ دنيا مجيـــــــــندي،**

**اســـــــــــــــــان کـــــــــــــي بہ دنيا مجينـــــدي.**”(7)

ون يونٽ واري دور دوران ڪيترن ئي سنڌي رسالن تي پابندي مڙهي ويئي. ان جي باوجود بہ سنڌ جي شاعرن ون يونٽ خلاف مزاحمتي آوازاٿاريندا رهيا.

شيخ ايازسنڌ ڌرتيءَ سان ٿيندڙ ظلمن ۽ دردن جي آواز کي مزاحمتي انداز ۾ ڳايووچايو آهي. انهن تڪليفن جي دوا لاءِ هن قوم کي سنئين راهہ ۽ نوان نوان رستا ڏيکاريا.شيخ. اياز جي اندر ۾ هڪ انقلابي ۽ مزاحمتي احساس انسان جي روپ ۾گونجندورهيو، جنهن کي پنهنجي وطن ۽ وطن واسين سان ٿيندڙظلم، زيادتين ۽ ناجائزين تي مزاحمتي آواز کي ڪير بہ روڪي نہ سگهيو.شيخ اياز پنهنجي سنڌي قوم کي حق کسڻ واري دور ۾ سجاڳيءَ جو هر هرآواز

مزاحمت جي روپ ۾ ڏيندو رهيو. ون يونٽ دوران جيڪي بہ سنڌي قوم ۽ ٻوليءَ تي ظلم ۽ زيادتيون ڪيون ويون، انهيءَآواز کي پوريءَ سنڌي قوم تائين پهچائي ۽ وقت جي جابرن ۽ ظالمن خلاف پنهنجي مزاحمت ۽ انقلابي آواز جاري رکيو.ان دور ۾ سر ڪش سنڌي پڻ انقلابي ۽ مزاحمتي شاعري ڪري پنهنجي قوم ۾ سجاڳي آندي.

ايوب جي مارشل لا وارو دور پنهنجي ظلم ۽ڏاڍ واري روپ ۾ ظاهر ٿيو، اختيار ۽ اقتدار جي حامين پنهنجي پوري طاقت ۽ زور ان تي استعمال ڪيو، تہ جيئن سنڌ پنهنجي ذهني ۽ سياسي غلاميءَ مان آجي ٿي سگهي، پر ان جي باوجود سنڌ جوهرانقلابي ۽ مزاحمتي شاعر خاموش ٿي نہ ويٺو.وڏيڪ ايازان درديلي آواز جي پڪار ڪندي چوي ٿوتہ:

**"بـــــــاغـــــــي آهيان، باغي آهيان، تنهنجو آءُ سماج،**

**تو سان وڙهندي رهندي منهنجي هر هڪ رت ڦڙي."** (8)

اياز سنڌي قوم جي دلين، جذبن ۽ احساسن جي حقيقي ترجماني ڪئي ۽ هٿ مٿي ڪري، نااميديءَ واري ماحول مان ڪڍي پراميد واري زندگي ۾ هلڻ سيکاريو ۽ زندگيءَ ۾ جيئڻ جارستا ڏنا. اياز تخليق وسيلي بهترين مزاحمت ڪئي ۽ اها وائي چئي، جيڪا جهر جهنگ ۾ هارين نارين، انقلابين ۽ شاگردن جي زبان جهو نگاريندي رهي. اها مزاحمت هنطرح بيان ڪئي:

**"ســــــــــــهندو ڪير ميار او يار،**

**سنڌڙيءَ تي سر ڪير نہ ڏيندو!"**(9)

شيخ اياز جي هن وائيءَ ڪانپوءِ چڻ شاهي محلن ۾ هلچلمچي ويئيءِ ملڪي اڳواڻ ظلم ۽ زيادتين واريون محلاتي سازشون ڪرڻ لڳا. حڪمران طبقو هٿ ڌوئي شيخ اياز جي پويان پئجي ويا ۽ حڪومت جا ڪارندا سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ شهر شهر ۾ ڳولهي ڳولهي ماڻهن کي تڪليفون ڏيندا رهيا. اياز جو هر شعر، بيت، نظم، گيت ۽ وائي وطن جي ترقي، وطن جي تحفظ، وطن جي عزت ۽ عظمت جو مظهر آهي.

ان وقت ۾ خاص طور اياز جو نظم "مان ڌوهي هان،مان ڌوهي هان " بيحد مقبول ٿيو. جنهن کي وڌيڪ اياز بيان ڪندي چوي ٿو تہ:

**مـــــــــــــون آزاديءَ جـــــــــــــــــي سئن هنئين،**

**مـــــــــــــون لاٿا طـــــــــــــــــــوق غلاميءَ جا،**

**هـــــــــــــي گيـــــــــــت هيـــــــــــــــا يا جادو ها،**

**زنـــــــــــجـــــــــــير ٽـــــــٽا ايامـــــــــــــــــن جا،!”**

(10)

ايــــــــــــــــــــــــــــــازشيخ ته پنهنجو پاڻ کي ڌرتي لاءِ قربان ڪيو، پر جڏهن زنجيرن جا آواز ٻڌائين ته اياز مزاحمتي انداز ۾ چوڻ لڳو ته:

**مــــــان تو کــــــــــي گيـــــــــــــت ڏنان اي ڌرتي!**

**تــــــــــــون مـــــــــــــــــون تي زنجير وجهين.**

**هـــــــــــــي گيـــــــــت گـــــــــــــلابي جهڙ ڦڙ جا،**

**هـــــــــــي گيـــــــــت شرابـــــــــــــي جهڙ ڦڙ جا،**

**هـــــــــي ســــــــــانوڻ جا مـــــــــــن پانوڻ جـــــــــا،**

**هــــــــــــــي آگـــــــــــم آنــــــــــوڻ جا،**

**ريتــــــيءَ تـــــــي ڪنـــــــث ڪنـــــــورن جـــــــــا،**

**هـــــــــي گيـــــــــــت سنهـــــــــــــــري سنــــــــڌوءَ جا.”**(11)

وطن دوستيءَ واريءَ شاعريءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو حوالو پڻ ملي ٿو. ون يونٽ واري دور ۾ وڏي ۾ وڏو نقصان ته سنڌي ٻوليءَ کي مليو هو. تنهنڪري شاعرن پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي عزت ۽ آبرو جا گيت چيا. ان پسمنظر ۾سرويچ سجاوليءَ چوي ٿو ته:

**“هـــــــيءَ ٻولي مرد مٿيرن جي،**

**هــــــيءَ ٻولي ڇٽ ڇڳيرن جي،**

**هـــــــــيءَ ٻولي دنگ دليرن جي،**

**هـــيءَ ٻولي ويـــر ونجهيرن جي،**

**هـــــيءَ ٻولي مردن مانجهين جي،**

**هيءَ ٻولي وانگين وانجهين جي.**

**تون لت نه هڪڙي سهندين لوپي،**

**مــــــنــهنجن جـــــوڌن جانـــيـــن جي** ” (12)

ون يونٽ جي دؤر ۾ اسان کي وڏن وڏن نعرن سان ريجهائي، اسان جي هر پياري شيءِ کي ڳڙڪائڻ جي سازش ڪئي وئي. اسين انهيءَ سازش جي نتيجن کان سجاڳ هئاسون،

پر مڪمل ايڪي ۽ اتحاد نہ هئڻ سبب 1955ع کان 1969ع تائين مختلف تڪليفن ۽ مصيبتن کي منهن ڏيندا رهياسين. اسان جي اديبن؛ شاعرن ۽ دانشورن پنهنجيءَ قوم ۽ سر زمين جي اهڙيءَ افسوس ناڪ حالت کي ڏسندي، پنهنجي فن ۽ ذات وسيلي پنهنجي اندر جي جذبن جو جيڪو اظهار ڪيو، تنهن آخر رنگ لاتو ۽ اسان جي نئين ۽ پراڻي رت کي غفلت جي ننڊ مان جهنجهوڙي سجاڳ ڪري اڳتي آندو ۽ کين پنهنجي قومي حقن جي حاصلات لاءِ هر قربانيءَ ڏيڻ تي راضي ڪيو.

قومي تحريڪ دوران جن شاعرن پنهنجيءَ تخليقن ۽ فن کان مڪمل فائدو ورتو. تن ۾ شيخ اياز کي منفرد حيثيت حاصل آهي.جن  شاعرن پاڻ ملهايو تن ۾ تنوير عباسي، نياز همايوني، امداد حسيني، رشيد ڀٽي، قيوم طراز، احمد خان آصف، حيدر بخش جتوئي، عبدالڪريم، نثار بزمي، بردو سنڌي، قمر شهباز، راشد مورائي، خاڪي جويو، سحر امداد، تاج جويو، درگاهي ميراڻي، اختر درگاهي، اياز گل، ادل سومرو، استاد بخاري ، ابراهيم منشي؛عبدالحڪيم ارشدﺀ بيا ڪيتراچي وجنثا.

نالي واري هاري اڳواڻ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي بہ وطن دوستيءَ واري موضوع تي شاعري ڪئي آهي.

ون يونٽ جي دور ۾ سنڌي شاعرن وطن دوستي، انسان دوستي، ٻوليءَ سان پيار،ظلم زيادتيون ۽ جياپي لاءِ جدو جهد وارن بي مثال قومي ڪردارن ۽ سنڌ جي عظمت سميت انيڪ موضوعن تي شاعري ڪئي، جنهن جي تمام گهڻي اهميت ۽ افاديت آهي.

انسان لفظ انس مان ورتل آهي جنهن جي معني آهي، پيار،محبت پوءِ اهو پيار انسان ذات لاءِ هجي يا پنهنجي وطن لاءِهجي. وطن سان پيار انسان جو پنهنجي وجود ۾ اصل کان وٺي رهيو آهي.انسان ته ڇا؛ پرپکي پکڻ کي به پنهنجوواهيروﺀ آکيرو پيارو هوندو آهي. ان جومطلب اهوآهي تہ پنهنجي وطن جوپيار،انسان جي فطري گهرج آهيﺀاهوانسان جي رڳ رڳ ۾سمايل آهي.اسلام  حقيقتن تي مبني دين آهي، تنهنڪري اسلام بہ ان انساني جذ بي جو قدرڪيوآهي.دين اسلام چوي ٿو  تہ“وطن جي محبت ايمان جوجزوآهي.”پيارﺀ محبت ۾هرشيءِ پياري لڳندي آ.ان سموري منظر کي شاھ عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي هڪ بيت ۾ پوئي؛مارئي جي خيالن جي عڪاسي پنهنجي هڪ بيت ۾ هن طرح اظهارڪيو آهي ته:

**“الـــــست بہ ربڪم جڏهن ڪن پيوم،**

**قــــالو بلا قلب سين تڏهن تت چيوم،**

**تنهن وير ڪيوم وچن ويڙهيچن سان.”** (13)

وطن دوستيءَ واري فڪري سرڪش سنڌي بيان ڪندي چوي ٿو ته اسان کي پنهنجي وطن جي هرشيءِ پياري لڳي ٿي.ايتريقدرجواسان کي پنهنجي وطن جا ڪانڊيراۡڪرڙبه صنوبرڪان وڌيڪ حسين لڳنداآهن.ان لاۡمارئي جي ڪردار جا حوالا اسان وٽ موجود آهن .جنهن پنهنجي وطن جي غيرت جي ناليِ تي بادشاهي محلن کي ڌڪاريندي اوليت نه ڏني.پنهنجي مارن جوماڻ مڻانهون ڪيو. هن کي پنهنجي وطن سان بي انتهامحبت هئي.انهيءَ محبت واري جذبي تحت ڪيس وطن جي هرشيءِ مان سڳند ۽سرهاڻ پئي اچي.وطن جي ماروئڙن۽جهانگيڙن جي رهڻي ڪهڻي تي ڪيس فخرآهي.هوپنهنجي وطن وارن جي مزاج ۽فطرت جي عڪاسي ڪندي،انهن جومان مٿاهون بيان ڪري ٿو.سرڪش جي پنهنجي وطن سان بي حد محبت، هن بيت ۾ سمايل نظر اچي ٿي :

**“ڌرتي سان پيـــارپـــــــنهنجي ايـــمان ۾وڌ م،**

**قـــــــــــــرآن جوئي ورق هوقـــــرآن۾ وڌم.(14)**

سرڪش سنڌي چوي ٿوته‌منهنجي وطن جا ماڻهوڏاڍاسادا ۽سباجهڙا آهن .انهن جي رهڻي ڪهڻي ۾به سادگي ۽ سڪون سمايل آهي .پر هووطن جي محبت هنيان‌ءَسان هنڊائين ٿا۽وطن جي هر شيءِ جا پياسي آهن.هواصولن جي سوديبازي ڪرڻ وارن مان نه آهن.احساسي ڪمتري جو شڪارناهن.هولالچ ۽لوڀ ۾اچي اصولن جي سوديبازي ناهن ڪندا.هواصول پرست آهن.هوپنهنجي زندگي جي هر شيءِ وطن تان قربان ڪرڻ لاءِ تيارهونداآهن.ان سموري منظر کي سرڪش سنڌي پنهنجي شاعري ۾ هن طرح بيان ڪيو آهي:

**“زنـــــدگي ۽مـــوت پئي شـــانائـتا ،**

**هرگهڙي سرڪش بنائي گهارجان.”(15)**

هن وطن جا نه صرف مڙد پر عورتون به محب وطن آهن، جيڪي سادي مزاج جون هونديون آهن هنن کي پنهنجي زندگي گذارڻ تي تمام گهڻو فخر هوندو آهي ۽ اهي عورتون پنهنجي وطن لاءِ هر قسم جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيارهونديون آهن. سرڪش سنڌي چوي ٿو ته جيترو مڙدن جي دلين ۾ وطن لاءِ پيارآهي اوتروئي عورتن جي دلين ۾ وطن لاءِ پيار آهي .وطن جي اهڙي قرباني سرڪش سنڌي پنهنجي شاعري ۾ هن طرح بيان ڪئي آهي:

**“ديس ڌرتيءَ لاءِ وڙهندي مارجانءِ:**

**تـون سوين ڏيئا پٽين تي بارجانءِ ،**

**گيت آزاديءَ جا جيئن ئي گونجن ،**

**ڪيـر جـي گهاگهرقبر تي هارجانءِ،"(16).**

سرڪش سنڌي چوي ٿو تہ ملڪ انتهائي نازڪ وقت مان پيو گذري. اسان جي ديس تي ڌاريا حملا ڪري رهيا آهن ۽ للڪاري رهيا آهن ، سو انهن آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ هن قوم کي انهن عظيم اڳواڻن جي ضرورت آ جيڪي هن قوم لاءِ مسيحا هجن ۽دهشتگردن کي للڪارن .دهشتگردي جيڪا هن قوم لاءِ هاڃيڪار آهي، ان کي بردبارٿي منهن ڏجي .وڌيڪ لاءِ سرڪش پنهنجي وطن لاءِ سرواڻي ڪندڙن کي هن بيت ذريعي پيغام ڏيئي ٿو تہ : دنيا جي تاريخ تي نظر وجهنداسين تہ اسان کي ڪيترن ئي بهادر ۽ مانجهي مڙدن جا اڻ ڳڻ مثال ملندا جن پنهنجي مال متاع، گهر ٻار جند جان پنهنجي وطن خاطر مباح ڪئي آهي اهڙن سچن سپوتن ۾سورمن مان سرڪش جو نالو پڻ قابل ذڪر آهي.سرڪش سنڌي وطن پرست ماڻهن کي پنهنجي قوم لاءِ پيغام ڏيندي چوي ٿو تہ:

**"ڏيــهہ ۾ پيو ڏول آ قوم تنهنجي آســـري،**
**دهشتن در در تي هاريو باهہ ۾ پيٽرول آ،"(17)**

پنهنجي دور جو مزاحمتي شاعرسرڪش سنڌي اهوواعدوسچو سچو ثابت ڪندي چوي ٿوته قومن جي عروج ۽زوال جاتاريخي داستان جيڪڏهن اپياس هيٺ آڻباته معلوم ٿيندوتہ ڪنهن بہ قوم يا ملڪ جوعروج ان وقت ٿيندو آهي جنهن وقت وطن پرستن، وطن لاءِقرباني جوجذبوڏيکاريوهجي.ساڳي وقت پنهنجا ذاتي مفادوساري،قوم۽وطن جي فائدي لاءِڪوشش ڪئي هجي.اهڙي ڪيفيت کي سرڪش سنڌي پنهنجي شاعريءَ ۾ هن طرح بيان ڪيو آهي؛

**"زنــــدگي جي هر گهڙي هئي آس ڊانوانڊول آ:**
**قوم تنهنجي آسري،**
**پاڙ سرڪش قوم سان جيڪو ڪيو تو قول آ:**
**قوم تنهنجي آسري،" (18)**

انقلابي شاعر سرڪش سنڌيءِ شاه عبداللطيف ڀٽائي ۽ استاد بخاري جي وطن دوستي واري جذبي جو اظهار ڪندي چوي ٿو ته الله سائين اسان جي سموري سنڌ کي سائو ۽ سرسبز ڪيو آهي،پر ڏٺي در دعا آهي ته جيڪر هيءَ سنڌ آزادي واري عروج سان نوازيل رهي.

**"ٻئي شاعر سنڌ جا،پٽ ڏٺي ۽ استاد،**

**سنڌ ٿئي آباد،آزاديءَ جي اوج سان."(19)**

هن تخليق ۾ شاعر ديس جي ڳالھ ڪندي چوي ٿو ته اي فنڪار(ڪوي) تون پيھر ڳاءِ ته سندڙيءَ تي سر ڪير نه ڏيندو ان کي ائين ياد ڪر جيئن ماءُ پنھنجي ٻچي کي ياد ڪندي آهي.۽ ان کان علاوه ائين به ياد ڪر جيئن فنڪار ۽ راڳي روح ورونھ سان ڳائيندو آهي.

**"سنڌڙيءَ تي سر ڪيرنه ڏيندو پيھرڳاءِ ڪوي،**

**تـــوکي سپئيان اڳ ۾،ســـــــــــــــڌي ماءُ پئي،**

**راڳيءَروح رئـــــي،رکـــــــــــــــي رھ نه راڄ جان".(20)**

سنڌ جو هيءُ مزاحمتي شاعر سرڪش سنڌي بيت جي هنن سٽن ۾ سنڌين کي انقلابي سوچ جو اڳواڻ بڻجندي نصيحت ڪندي چوي ٿو ته اوهان سڀ سنڌي دودي وانگر دليري واريون سوچون رکو ته پوءِ ڪنھن کي به اسان جي وطن ۾ داداگيري ظلم ۽ زيادتيون ڪرڻ جي جرئت نه ٿيندي.اسان وٽ اها چوٽي مشھورآهي ته نالي رکڻ جي ٻارتي چڪ ٿيندي آهي انڪري اي منھنجا هم وطن ساٿيو پنھنجي نون ٻارن تي هميشه بهادر ۽ دلير انسانن جا نالا چونڊي رکو ته جيئن انهن سورهيه انسانن جا نالا حوالن طور ڏئي سگھجن.

**"رکو سڀ سنڌي،ديـــدون،دودي واريون،**

**ڪانه ٿئي ڪنھن جي،داداگيري ديس ۾،**

**ڪونڌرن جا نالا،چونـــــڊي ٻارن تي رکو،**

**هجن حوالا،سورهيـــــــه پنھنجي سنڌ ۾."(21)**

سرڪش سنڌي جنھن جي شاعري ۾ مزاحمت سان گڏ حب الوطني جو رنگ چٽو نظر اچي ٿو،سوپنھنجي هن شعر ۾ سنڌ جي من موهيندڙ نظارن ڪينجهرڍنڍ،ڪارونجھر جبل ۽منڇرڍنڍ جي خوبصورتي سان ڪير نه پيار ڪندو؟ ان کان علاوه سنڌ جي مشھور شاعرن شاه سائين،حضرت سچل سرمست ۽ ويدانيتي شاعر سامي جي پنھنجي ديس سان محبت جا نغما ڪير نه ٻڌڻ پسند ڪندو؟وڌيڪ لاءِ سرڪش سنڌي چوي ٿو ته سنڌوءِ جو باغي ٿيڻ ڪير نه پسند ڪندو؟

**"ڪينجهرڪارونجهرمنڇرموهن،**

**شاه سچل سامي ڪير نه چاهيندو؟**

**سچڻ جي ساڃهه سرڪش جانغما،**

**سنڌوءَ جـــو باغي ڪير نه چاهيندو"(22).**

سنڌ ڌرتي جو مزاحمتي ۽ انقلابي شاعر سرڪش سنڌي پنهنجي شاعري واري ڪتاب "پيار۽آزادي " ۾ محب وطن جا خيال ظاهر ڪندي چوي ٿو ته اي منهنجي وطن جي پياري ڌرتي تون سان منهنجو وچن آهي ته جيسيتائين منهنجي قلم ۾ طاقت ۽ مس آهي اوسيتائين تنهجي محبت ۽ محب وطن جا گيت ڳائيندو رهندس.وڌيڪ سرڪش سنڌي وطن دوستيءَ جو پيغام ڏيندي چوي ٿو ته جيترو ٿئي سگهيو اوترو پنهنجي دلين جي گهرائي سان هن ڌرتي سان پيار ڪريو.

**"جيڏو چاهين تيڏوڌرتـــــــــــي۾وچ پيهي پوءِ به،**

**ڪنڌورائي جيئن نهارين تيئن تون اپ سان گس،**

**سنڌوءَ پر تي لکبا تيسين گـــــيت غزل سرڪش،**

**جيسين ڳاٽ قلم جو اوچو ،جيسين هوندي مس."(23)**

شعر جي هنن سٽن۾سنڌي شاعري جو مزاحمتي۽ انقلابي شاعر سرڪش سنڌي وطن دوستي جو اظهار ڪندي چوي ٿو ته باغي ان کي چئبو آهي جيڪو ڪمزور هوندي به پاڻ کان وڌيڪ طاقتور سان مهاڏو اٽڪائي،اڳتي شعر جي ٻئي مصري ۾ چوي ٿو ته غازي ان کي چئبو آهي جيڪو ڦاسيءَ جي تختي تي بيهي مرڪي،اجا وڌيڪ سرڪش چوي ٿو ته جي تو کي منزل تي پهچڻو آهي ته پوءِ ساهيون پٽڻ چڏي ڏي۽ راهي ان کي چئبو آهي جيڪو پنهنجي محنت ۽ جفاڪشي سان پنهنجي منزل جو پنڌ ڪٽائي.

**"هيڻو ٿي ڌاڍي ســــــان اٽڪيو باغي چئبو ،**

**ڦاسيءَ جي تختي تي مرڪيو غازي چــئبو،**

**منزل کي ماڻڻ ٿو چاهين ساهيون نه چڏبيون،**

**جنهن جنهن آ ڪــــــٽايو رستوسو راهـــي چئبو."(24)**

آزادي انسان جو فطري حق آهي.جنهن لاءِ هو صدين کان جاکوڙيندو پيو اچي ۽ سر ڏيڻ کان پوءِ به ڪين ٿو گهبرائي.سرڪش سنڌي پنهنجي ڪتاب "پيار۽آزادي"۾اهڙي ڳالهه ڪري ٿو.ڀلي حياتي جوهڪ ڏينهن هجي پر اهو به پنهنجي آزاد ڌرتي تي گذري.غلامي هڪ

گار آهي.ان لاءِ سوين سالن جي حياتي قربان ڪندس.. هيمو ڪالاڻي جي ڳالھ ڪري ٿو.هن جوڦائي ڦندي کي خوشيءَ مان پاتو.ان پويان ڪھڙي مجبوري هئي.اهاَ ڌرتي سان هن جي اٽيجمينٽ(محبت ۽ ڳانڍاپو) هئي،پيار هو،محبت هئي.

**”هڪڙو ڏينهن حياتـــــــي پر آزاديءَ جو،**

**صديون جيون ڪـــــــهڙو آهي غلامي جو،**

**خوشبوءِچانڊوڪي ۾ وهنتل وينگس تون**

**تور نه تارازِءَ ۾ شوق شـــــــــــرابيءَ جو،**

**باغي چمندو سرڪش تنهنجو گيت وري،**

**گيت به ڏسندو رهـــــــــــندورستو باغ جو.“(25)**

سرڪش سنڌي پنهنجي هن تخليق ۾ انساني عظمت ۽ منجهن ڪيني ۽ڪڌورت بابت تفصيل سان لکندي چوي ٿو ته مان انسان جي عظمت کي گهٽو ڳوليو آهي،پر ان جو پتو ڪٿي به ڪو نه ٿو ملي ،چاڪاڻ ته انسان جي سيني ۾ ڪينو ۽ ڪدورت پريل آهي.هر ماڻهو کي خود غرضي وڪوڙي ڇڏيوآهي.پيار ڪمزور ٿئي چڪو آهي.جڏهن ته نفرت کي ڪو به نقصان نٿو پهچي.هر ماڻهو پاڻ کي مٿيرو ٿو سمجهي،هر ماڻهو پنهنجو پاڻ کي مٿي ڪري پيش ڪرڻ جي ڳالھ پيو ڪري.سرڪش سنڌي بيت۾ وڌيڪ چوي ٿوته مون کي انساني احساس جهوري وڌو آهي باقي نه ڪنهن ڳولي يا چري مجبور ڪيو آهي.

**”گوليو ته گهٽوئي پر ڪٿ پتو کرونه لڳو،**

**انسان جي عظمت جو ڪو خير کرو نه لڳو،**

**سيني ۾ پريل ڪينــــــــــو،ويساھ نه پئي آيو،**

**اکڙين کي ڏسڻ ۾ هو مــاڻهو ته برو نه لڳو،**

**سرڪش ٿئي پيوآهي نه جيئڻ نه مرڻ جهڙو،**

**احساس وڌو جـــــــهوري گولي يا چرو نه لڳو.“(26)**

مڪلي سنڌ جو تاريخي آهي.هتي ارغونن،ترخانن ۽ مغلن جا مقبراآهن.جيڪي ان دعوا سان قابض ٿيا هئا ته هو سنڌ کي ختم ڪري ڇڏيندا ڌرتي واسين مٿائي ڇڏيندا.سرڪش سنڌي پنهنجي شاعري جي مجوعي ”پيار ۽آزادي“اهڙيءَ ڪٿا جي ڳالھ ڪئي آهي. مڪليءَ

تي ڪيترن کي موت آيو آهي،اکيون درد مان چوليون هڻن ٿيون اهڙي ماحول ۾ گيت ڳائڻ ڪونه ٿو سونهين.

**“ايڏو موت تــــــــــــمنائن جو،**

**عمر لڳي ٿـــي مڪليءَ جهڙي،**

**چانڊوڪـــــيءَ ۾ گيت نه ڳايـــو،**

**اک اک ڏسبـــــي چوليءَ جهڙي،**

**سپڪو اهـــــــــڙي ڪاتي ڏيندءِ**

**محبت سرڪش سنڌيءَ جهڙي.”(27)**

سنڌ جي موجوده صورت حال بک،بدحالي،غربت،اقرباپروري آهي.امن امان جي صورتحال ڏاڍي خراب آهي.جنهن ڪري تهذيبن جو هانءُ ڇڄي پيو آهي. سنڌ ڌرتي امن امان ،پيارءِ محبت واري ڌرتي آهي.جيڪا تهذيبن جي ماءُ آهي.جتي آزادي ۽ آجپو رهيو آهي.اهي ٺهڪ اڄ ياد اچن ٿا. هاڻي اهو سڀ ڪجهه ناهي رهيو.

**“شاعر جي دل صـــديون رئندي،**

**محفل محـــــفل صديون رئندي،**

**تهذيبن جـــا هانــــــــوڇڄي پيا،**

**امن جي منزل صـــد يون رئندي،**

**پيار سڙي ويا ســــرڪش سنڌي،**

**دل جي کل کل صـــديون رئندي.”**(28)

## 4.2 انسان دوستي :

1 **Defination:Humanism:** is a progressive philosophy of life that,without theism or other supernatural beliefs, affirms our ability to lead ethical lives of personal fulfillment that aspire to the greater good. 29

2 Defination: Humanism is philosophy that streets the important of human factors rather than looking at religions, divine of spiritual matters.humanism is roated in the idea that people have an ethical resonplibilty to lead lives that an personally fulfilling while at the sme time contributing to the greater good for all people.30

3 Importance of humanism :- Humanism streets the importance of human values and diginity. It proposes that people can resolive problems through the use of science and reason, rather than looking to the religious traditions , humanism instade focus on helping people live well , active personal growt and make the word a better planes.

1. Types of humanism:- the term humanism is often used more broadly but it also has significans in a number of different fields including psychology .
2. Humansticepsysology :- Humanstice psychology is a perspective that emphasizes looking at the whole individual and stresses concepts such as free will , self efficacy and self actualizationhumanstricepsysologystrives to help people fullfil their pontential and maximize their well being.
3. Religious Humanism:- Some religious trades incroprote elements of humanism as a part their belief systems.
4. Secular Humanism:- it rejects all religious beliefs including the existence of the super natural .this appoches stresses the importance logic , scientific method and rationality when it comes to understing the world and solving human problems.31.

انسان دوستی وہ فرد ہے جو دوسرے لوگوں سے محبت اور اس کے بدلے میں کچھ حاصل کیے بغیر مشترکہ بھلائی کے لئے ان کے کاموں کی خصوصیت رکھتا ہے ۔ مخیر حضرات کی اصطلاح یونانی اصل " فلوس یا تیز دھارے " کی ہے جس کا مطلب ہے " محبت " اور " انتھروپوس " " انسان " کی نشاندہی کرتے ہیں ، لہذا ، دونوں لفظوں کا اتحاد " انسان سے پیار " کی نمائندگی کرتا ہے ۔

مذکورہ بالا کے حوالہ سے ، انسان دوستی ایک ایسا احساس ہے جو انسانی نسل کو بغیر کسی منافع سے پیار کرنے یا بدلے میں کسی بھی چیز کی درخواست کرنے پر مشتمل ہے ۔ افلاطون کی اکیڈمی اشارہ کرتی ہے کہ انسان دوستی انسانیت سے پیار کرنے والے اچھےbehavior سلوک کی ایک حالت ہے ۔

مخیر حضرات کی حیثیت صرف یہی ہے کہ اپنے پڑوسی سے محبت کا احساس کریں ، اس کا مظاہرہ کریں اور انسانیت کو براہ راست یا بالواسطہ عمل سے فائدہ پہنچائیں۔ مخیر طب ، ڈاکٹر ، وکیل ، گلوکار ہوسکتا ہے ، اس کا مطلب یہ نہیں ہے کہ اس کا خصوصی پیشہ یا ملازمت ہے۔

مخیر حضرات غیر سرکاری تنظیموں ، برادریوں اور لوگوں کو ان کے معیار زندگی کو بہتر بنانے کے لئے چندہ دے سکتے ہیں۔

سب سے مشہور معاشرتی ماہر بل گیٹس اپنی اہلیہ کے ساتھ ہیں جو سافٹ ویئر کمپنی مائیکروسافٹ کی تخلیق کاروں میں سے ایک ہے ، اس نے اپنی زندگی میں چوبیس ارب ڈالر کی رقم دی۔ اسی طرح ، فیس بک کے تخلیق کار ، مارک زکربرگ اور ان کی اہلیہ پرسکیلا چن کا نام مخیر حضرات میں سب سے زیادہ فراخ دل قرار دیا گیا ہے کیونکہ انہوں نے سلیکن ویلی غیر منفعتی ایسوسی ایشن کو 970 ملین ڈالر کی پیش کش کی تھی.(32)

هيءَ خوبصورت ڪائنات انسان جي هجڻ جيڪري آهي.انسان ڪائنات جو هڪ ضروري عنصر آهي.اڄ جي دور ۾ انسان جو سڀ کان وڏو مسئلو خود انسان ئي آهي.زندگي جي ظاهري چمڪ جيتري وڌندي ٿي وڃي، انسان جيترو وڌيڪ فطر مٿان اقتدار حاصل ڪندو ٿو وڃي انسان کي جيتريون سولايون ۽ سهولتون ملنديون ٿيون وڃن،ان ئي تناسب سان اهو مسئلويعني خود انسان تائين وڌيڪ ڏکيو ٿيندو ٿو وڃي.ان مسئلي جا مونجهارا ۽ پيچدگيون وڌنديون وڃن ٿيون.مسئلو وڌيڪ اڻ چٽو ٿيندو ٿو وڃي ٿو.ايستائين جو اهو مسئلو ڏاڍو وڏو ۽ ڏاڍو ڳرو بڻجي چڪو آهي.ان لحاظ کان،اڄ جي انسان جو سڀ کان وڏو مسئلو آهي.اهو سوال ته انسان ڇا آهي؟جيستائين اسان ان بنيادي سوال جو ڪو درست، معقول ۽ جامع جواب ڳولهي نه لهنداسين، تيستائين ڪنهن انساني مسئلي جو حل لڀڻ جو ڪو امڪان ئي ڪونهي.وڌيڪ لاءِ ڊاڪٽر نور افروز مختلف حوالا ڏيندي انسان جي اهميت بيان ڪئي آهي.

پروفيسر ڊاڪٽر نور افروزخواجهڪينجهر جرنل ۾ ڊاڪٽر حبيب الله صديقي جو انسان جي وصف لاءِ حوالو ڏيندي لکي ٿي تہ:

''انسان هڪ رازآهي،جيڪو ضرور حل ٿيڻ گهرجي ۽ جڏهن توهان پنهنجي پوري زندگي،انهيءَ راز کي حل ڪرڻ ۾ گذاري ڇڏيو.''(33)

وڌيڪ لاءِ انسان جي حوالي سان پروفيسر ڊاڪٽر نور افروز خواجہ ڪينجهر جرنل ۾ ڊاڪٽر حبيب الله صديقي جو حوالو ڏيندي چوي ٿي تہ:

''انسان هڪ اڻ کٽ ڪائنات آهي ۽ انسان لاءِ ڪائنات،زندگيءَ جو اهو اٽوٽ ڏاڳو آهي ، جيڪو ازل تائين ہڌو رهي ٿو .''(34)

ڊاڪٽر نور افروز پنهنجي هڪ ريسرچ پيپر ۾ انسان ذات لاءِ ويچار ونديندي چوي ٿي تہ:

‘‘ڪائنات جا بي پناهہ راز آهن، انهن جي جيتري ڳولا ڦولها ڪبي،اوترو ئي مونجهاري ۾ پئجي وجبو. .انهيءَ ڪائنات کي صوفين پنهنجي زبان ۾‘‘عالم اڪبر’’ ڪري سڏيو آهي ، ۽ انسان جيڪو ڪائنات جو جزو آهي ، تنهن کي ‘‘عالم اصغر’’ چيو آهي ، جيڪو ڪجهہ بہ ، يا جيڪا بہ شيءَ هن ڪائنات ۾ موجود آهي ، تنهنجو اختصار انسان ۾ موجود آهي .انهيءَ ڪري ئي انسان سڀ ممڪنات جو مجموعو ۽ مصدر آهي . اهڙين حالتن ۾ انسان جي وجود جو راز لا محدود ٿيو وڃن. جيئن لطيف سرڪار فرمايو آهي تہ :

**‘‘نــڪــا ابــتـــــدا عــبـــد،نـــڪا انتهــا ،*az**

**جن سڃا تو سپرين ، سي وڃن ڪي ويا. ’’(35)**

دنيا جو سڀ کان پهريون انسان جيڪو خدا پاڪ پيدا ڪيو، اهو حضرت آدم عليہ السلام هو. قرآن ۾ الله تعالي انسان جي عظمت ۽ مان مرتبي بابت لکيو آهي تہ:

‘‘ بيشڪ اسان انسانن کي سڀني مخلوق مان سڀني کان سهڻو پيدا ڪيو آهي. الله تعالي قرآن پاڪ ۾ ٻي هنڌ فرمايو آهي تہ؛ اسين انسان کي سندس شهہ رڳ کان بہ وڌيڪ ويجها آهيون. انهيءَ ڪري مالڪ چوي ٿو تہ ؛ مونکي ياد ڪريو، آئون توهان کي ياد ڪندس.’’(36)

انسان ذات جي اهميت تي ڳالهائيندي ڊاڪٽر نور افروز چوي ٿي تہ:

‘‘سائنس جي سموري تحقيق انهيءَ حقيقت جي تصديق ٿي ڪري ٿي تہ بني آدم يا موجود زماني جو انسان ، ڪائنات جي طويل تجربن ۽ تبديلن ،ڌرتيءَ جي ارتقائي دورن، آبهوا جي سردي ۽ گرميءَ جي انتهائي مرحلن گذرڻ بعد بغير تخم پنهنجي منفرد صورت ۽ مخصوص جسماني خواهہ ذهني صلاحيتن سان پيدا ٿيو آهي.اهڙي ريت شاهہ لطيف جيڪو انسانيت جو علمبردار هو، تنهن انسان جو راز هن طرح بيان ڪيو آهي تہ:

**‘‘هو پڻ ڪونهين هن ري، هيءَ نہ هن هان ڌار،**

**الانــسان ســــــري و انـــاسـره ، پــروڙج پچار،.**

**ڪندا ويــا تــنـــــوار ، عـــالـــم عـــارف اهــڙي .’’(37)**

عثمان علي انصاري دوستيءَ جي اهميت ۽ افاديت جي وضاحت ڪندي مضمون ‘‘مصطفيٰ جي الوداعي نصحيت ’’ جو حوالو ڏيندي چوي ٿو تہ:

‘‘ پوءِ هڪ نوجوان چيو تہ سائين اسان کي دوستي بابت بہ ڪجهہ ٻڌايو:

بزرگ فرمايوتہ؛‘‘ دوست اوهان جي ضرورتن جو پيار پريو جواب آهي دوستي هڪ اهڙو فصل آهي جو محبت سان پوکبو آهي ۽ شڪريي سان لڻبو آهي جيڪڏهن اوهان جو دوست خاموش آهي تہ ڪيس خاموش نہ سمجهو ڇو جو دوستي جو سڪون ايتري قدر فصيح آهي جو هر هڪ لطيف خيال پياري اميد،مٺي نصيحت ۽ اندروني خوشيءَ جو اظهار انهيءَ گنگي طريقي سان ممڪن ٿي پوي ۽ خاطق زبان ڪٺيو پوي. دوستي فقط دوستي خاطر ڪجو ڇو تہ دوستي ڪنهن مطلب لاءِ ڪئي وڃي ٿي سا دوستي نہ آهي پر هڪ ڄار ڪي جنهن ۾ صيد ۽ صياد ٿا ڦاسن پنهنجي دوست کان پاڻ نہ لڪايو جيڪڏهن هن اوهان جي نيڪين جي خبر آهي تہ پنهنجون اوڻايون بہ مٺن ظاهر ڪيو’’.(38).

سرڪش سنڌي جي شاعري جو گهرو اڀياس ڪرڻ کانپوءِ انسان دوستيءَ واريون خوبيون هن جي شاعريءَ ۾ نظر اچن ٿيون.اهي خوبيون هن پنهنجي شاعريءَ جي مختلف ڪتابن ۾ شاعريءَ جي روپ ۾ بيان ڪيون آهن.سندس شاعريءَ جي مختلف ڪتابن ۾ انسان دوستي واريون خوبيون هيٺ بيان ڪجن ٿيون.

سرڪش سنڌي پنهنجي خوبصورت شاعريءَ واري مجموعي ‘‘سمنڊ ڇوليون ٿهڪ’’ ۾ انسان دوستي جو گهڻو ذڪر شاعري جي روپ ۾ ڪيو آهي.ان انسان دوستي واري حوالي سان سرڪش سنڌي پنهنجي خيالن جواظهار ڪندي چوي ٿو ته پنهنجي اکين واري ديدم اهڙي تہ ڪشش پيدا ڪر جو هر ڪنهن ۾ انسان دوستي وارو جذبو نظر اچي ۽ اهو جذبو پيار ۽ محبت واريءَ ڪشش سان ٺمٺار هجي اهڙن خوبصورت احساسن ڪي سرڪش سنڌي هڪ شعر ۾ بيان ڪندي چوي ٿو ته :

**‘‘پنهنجي اکين کي جيڪر اهڙو ڪري ڇڏيان،**

**جنهن ڏي ڪٺان تہ ان کي پنهنجو ڪري ڇڏيان ’’.(39)**

سنڌ جو هيءُ انقلابي شاعر،انقلابي ۽ مزاحمتي خاصيتون رکڻ سان گڏ وگڏ انسان دوستيءَ واريون خوبيون پنهنجي شاعريءَ ۾ پڻ بيان ڪيون آهن.اهڙيون خوبيون سرڪش سنڌيءَ پنهنجي شاعري ۾ ڇٽيون بيان ڪيون آهن.

سرڪش جو هر انسان سان نينهن وارو ڳانڍاپو آهي هن جي ڪردار ۾ انسان دوستي سمايل آهي. هو انسان دوستي جو ڪاهل آهي. هن جي هر رت جي جزي ۾ انسانيت جو اعليٰ درجو سمايل آهي سڄڻ هجي يا دشمن هجي پر هن وٽ هر ماڻهو جو مان مٿاهون آهي. هن جي هر هڪ ماڻهو ڏانهن دل صاف آ. سرڪش جي نظر ۾ ميخاني جي طرف جيڪي ماڻهو اچن ٿا اهي دل جا صاف شفاف هوندا آهن ۽ اهي ماڻهو ڏاڍا محبتي ۽ پيارا هوندا آهن ۽

سرڪش انسان دوست ۽ محبتي انسان آهن ان ڪري هو هر ماڻهو ۾ به اهي ئي گڻ ڏسي ٿو.سرڪش ٿو چوي اي دوست جي تون هڪ دفعو به منهنجي دل جي اڱڻ تي ايندي ته تو تان ساهه ۽ جگر جيرا قربان ڪري ڇڏيندس سر ڪش اهڙي قسم جي پنهنجي گڻن کي پنهنجي شاعري ۾ هينئن بند ڪيو اٿين:

**"دل صاف سان جي وچي ميخاني جي طرف،**
**تــن لاءِ گــلســتــان مان رستو ڪري ڇڏيان،**
**سرڪش ڏي آ پيار مان هڪڙي گهڙي سوير،**
**اي دوســـت تـــون تـــان صدقو ڪري ڇڏيان." (40)**

سرڪش سنڌيءَ انسان دوست جي حوالي سان نصيحت ڪندي چوي ٿو ته آءُ هر انسان سان دوستي وارو لاڳاپو  ٿو چاهيان مان دوستي ۾ چاهه ٿو گهران مان دوستي ۾ پيار ٿو ڳولهيان مان نٿو چاهيان ته معاشري ڪنهن سان به دشمني وارو وير هجي هن پنهنجي شاعري ۾ اهڙن خيالن جو پڻ ذڪر ڪيو آهي:.

**"دشـمني تـــي يقين ڪهڙو آ،**
**دوستيءَ لاءِ چاه ٿو ڳولهيان."41)**

سرڪش سنڌي  چوي ٿو ته هر انسان سان همدردي وارو رويو هجڻ گهرجي ان ئي ڪردار سان هر ماڻهو جي دل کٽي سگهجي ٿي، جي توهان انسان دوست ٿيڻ چاهيو ٿا ته ماڻهن لاءِ پيار ۽ پريت جي پچار ڪريو چو جو اهو ئي رستو آهي جنهن سان توهان هن معاشري ۾سٺا انسان دوست بڻجي سگهو ٿا. سرڪش سنڌي چوي ٿو ته ان ئي رويي سان توهان انقلاب آڻي سگهوٿا سرڪش سنڌي  اهڙن خيالن کي هن طرح پيش ڪري ٿو:

**"ماڻهوءَ جو جيءُ جيـــــــــت وڏو انقلاب آ،**
**ســـچ پـــچ پـرين جي پريت وڏو انقلاب آ،" (42)**

## 3.4 پيار :

حجته الاسلام ۾ حضرت امام محمد بن غزالي رحمته الله عليه محبت جي وصف بيان ڪندي فرمائين ٿا ته؛

"طبيعت جي ڪنهن لذيذ شيءِ ڏانهن مائل ٿي وڃڻ محبت چورائيندو آهي ۽ جڏهن اهو ميلان قوي ۽ پختو (يعني گهڻو مضبوط ۽ شديد) ٿئي وڃي ته ان کي عشق چونداآهن.(43)

”عشق اصل نالو آهي سچائيءَ جو،جنهن بہ شئي سان عشق هوندو آهي ان جي هر شئي کان واقفيت تمام ويجهو کان محسوس ڪئي ويندي آهي ،ان جي هر احساس هر جنبش جي چاڻ ملي ويندي آهي ،انسان جون پنهنجون سڀ خوشيون يڪ مُشت ان ڏانهن متوجہ هونديون آهن،پاڻ پنهجي احساسن کي فقط ان جي احساسن سان ئي پيئيندو آهي،پنهجي زندگي جو هر لمحو ان سان منسوب ڪندو آهي،جڏهن بہ انسان جي اک عشق سان ڏسڻ لڳندي آهي تہ دنيا جنهن تي هر ڪو ساه ٿو ڏئي ان کي بلڪل بہ ڏسڻ ۾ ڪو نہ ايندي آهي ،۽ اهيا دنيا فقط ان ڪري عاشقن جي دشمن ٿي ويندي آهي جو اهي سڀ شئي کي نظر انداز ڪري ڇڏيندا آهن.
عشق ان ڳالهہ جي گواهي آهي تہ خدا جي تخليق ڪيڏي نہ عظيم آهي جو انسان سڄي دنيا بي خبر ٿي بہ رهي سگهي ٿو،ان کي مجاز بہ چوندا آهن ،۽ ان کان پوء جڏهن حقيقي حسن پسندا آهن تہ عاشق گهاٽي ۾ بہ پيڙيا ويندا آهن تہ بہ نچندا ڪڏندا آهن،سولي بہ چاڙهيا ويندا آهن تہ بہ کلندا ۽ مرڪندا آهن“.(44)

ول ڊيورنٽ عشق ۽ محبت جي جدا جدا وضاحت ڪندي لکي ٿو تہ:

”عشق عربي ٻولي ۾ گهري چاهہ کي چيو ويندو آهي. اهو محبت جي شدت وارو مقام آهي.ول ڊيورنٽ لکي ٿو تہ :بيشڪ تہ مرد عورت کي حاصل ڪرڻ جي خواهش رکي ٿو. محبت جيڪا سچ ۽ ٻين سيارن جي گردش جو سبب آهي روح کي مرڻ کان اڳ هڪ وقتي اعلىٰ سرور سان روشناس ڪرائي ٿي، پرائين چو آهي. جيتوڻيڪ شاعري ثابت ڪيو آهي تہ محبت هر سيني ۾ سدائين جنم وٺي ٿي پر شاعري اهو ٻڌائي نہ سگهي آهي تہ محبت جي جواني جو لڪل سرچشمو ڪٿي آهي. آخر نوجوان ڇيروين اکين تي لهرائيندڙ زلفن کان ڇو ٿو متاثر ٿئي ۽ سندس ٻانهن تي آڱرين جي ڇهاءَ سان چرڪي ڇو ٿو پئي. ڇا ان ڪري تہ عورت حسين آهي، پر ڇا اهو صحيح نہ آهي تہ سونهن کي محبت جنم ٿي ڏي، جيئن سونهن محبت کي جنم ٿي ڏي..“(45)

پيار هڪ جذبي جو نالو آهي ، پيار هڪ احساس آهي ، هڪ جذبو آهي جيڪو ڪنهن پسند ايندڙ يا دلڪش شخصيت يا فرد لاءِ هوندو آهي ۽ ان ئي احساس، جذبي جي اظهار واري روپ کي پيار چئبوآهي. جڏهن تہشاعرن جون دليون اهڙن احساسن **سان ئي** پريل هونديون آهن .جن وسيلي هو پنهنجي اندر توڙي ٻاهر جي پيڙاءَ ۽ سرشاريءَ کي بخوبي پروڙي وٺندا آهن .پنهنجي من اندر ڪيفيتن کي لفظن وسيلي چٽي سگهڻ جي صلاحيت رکندا آهن . تخليقڪارن وٽ اظهارڻ جي ڪا اهڙي طاقت هوندي آهي جو ٻن ڪتابن ۾ بيان ٿيندڙ وارتائن کي ٻن سٽن بيان ڪري  ڇڏيندا آهن. شاعر بنيادي طور تي پيار جا ئي طرفدار ٿين ٿا .سو سرڪش سنڌي بہ انهن شاعرن مان بہ هڪ شاعر آهي .اهڙن شاعرن جو عشق ئي پيار جو

محور ۽ مرڪز هوندو آهي .زندگي جي حسين جذبن ، ڪڙاڻ ، دکن دردن ۽ پيڙائن جا عڪس پنهنجن اکرن ذريعي اچارڻ ۾ جن ڪوتاڪارن کي اهم حيثيت حاصل آهي. .هن ڪيترين ئي ماڳن مڪانن تي وچي زندگي جي ويجهڙائي کان مشاهدو خاص ڪري ، سنڌي ماڻهن جوپيار ان کان سواءِ انهن جي ڏکن ، دردن ، پيڙائن اهنجن ۽ تڪليفن کي محسوس ڪيو . اهڙن سمورن جذبن کي هن پنهنجي شاعري ۾ بند ڪري پني تي پلٽي اسان جي اڳيان رکيا آهن .ته جيئن اسان انهن جي پروڙ ڪري سگهون.

.هيءَ وسيع فضا جيڪا سج ،چنڊ ۽ تارن جي ڪرڻن جي روشني سان پريل آهي، سا عظيم انسانن کان خالي ناهي ، جيڪا پيار، محبت ۽ دوستي جي بنڌڻن ۾ بڌل آهي .هن دنيا ۾ فقط پيار ئي آهي ، جيڪو انسان کي عظمت جي انهن بلندين تائين پهچائي ٿو ، جتي انسان جا انسان جي لاءِ ناهيل قائدا ۽ قانون ،رواج ۽ رسمون ڪڏهن به رسائي نٿا ڪري سگهن .جتي هٺرادو حڪمن ۽ احڪامن لاءِ ڪا به گنجائش ڪانهي .ڪيڏا نه ڪم عقل آهن .اهي ماڻهو ،جيڪي ايئن ٿا سمجهن ته پيار گهڻو عرصو يا سدائين گڏ رهڻ کان پوءِ ئي ، پيار ڪندڙ وجودن جي دلين ۾ جنم وٺي ٿي ، پر حقيقت اها آهي ته پيار ٻن دلين جو ميلاپ آهي جيڪو ميلاپ اکين جي ئي ٽڪراءَ ۾ ئي مڪمل ٿي وڃي ٿو جيڪو پيار هڪ گهڙي يا پل ۾ پورو نه ٿو ٿي سگهي پر پوءِ هڪ سال ته ڇا پر صدين تائين گڏ رهڻ سان به مڪمل نه ٿو ٿي سگهي.

سرڪش سنڌي پنهنجي آتم ڪٿا واري ڪتاب ”جوٽيون جيءَ جهان جون“ ۾ پيار لاءِ پنهنجي خيال جواظهار ڪندي چوي ٿو ته:

”پيار سڀ ڪنهن سان ٿي سگهي ٿو،پيءُ سان،ماءُسان،ڀيڻ سان،ڌيءَ سان،پٽ سان،دوست سان۽ شهرواسيءَ سان يا ديس واسيءَ سان به.“(46)

سرڪش سنڌي پنهنجي آتم ڪٿا واري ڪتاب ”جوٽيون جيءَ جهان ۾“ عشق لاءِ خيالِ ونديندي چوي ٿو ته:

”عشق جنوجي ڪيفيت آهي.ان جي انتها نٿي ٿي سگهي سواءِ موت جي، عشق ڪنهن سان به ٿي سگهي ٿو،ڪا حد ڪا ليڪ ناهي.“(47)

انسان لفظ انس مان ورتل آهي.جنهن جي معنيٰ آهي پيار. سو پيار انسان جي ايمان ۾ سمايل آهي.معاشري ۾ ڪجهه انسان اهڙا هوندا آهن جن کي پنهنجي رشتيدارن ۽ عزيزن سان ته پيار هوندوئي هوندوآهي پر ان کان علاوه پنهنجي معاشري جي ٻين انسانن سان ۽ پنهنجي وطن سان پڻ پيار هوندو آهي.اهڙن ڏاهن انسانن مان سرڪش سنڌي پڻ هڪ آهي.جنهن کي انساني ناتي جي حوالي سان پهريائين مجازي عشق جي چوٽ لڳس جيڪا اڳتي هلي وري

تبديل ٿيس ، پنهنجي وطن جي عوام لاءِ ۽ پنهنجي ديس جي ماروئڙن ۽ سانگيئڙن لاءِ .جيئن سندس هڪ شعر  مان وطن جي سڪ ظاهر ٿيس ٿي ته :

**“ذريون ٿيءُ زنجير،ڪڙي نه ملي ڪڙيءَ سين،**

**وطن توڻي ويـــــر،آزاديءَ سان واســــــــــــــــجن.”(48)**

جيئنته سرڪش سنڌي  بنيادي طورتي سونهن سان چاهه رکندڙ شاعر آهي،ان ڪري هن جي سموري شاعري پيار سان ٽمٽار آهه پوءِ اهو پيار پنهنجي وطن لاءِ  ۽ انسان ذات لاءِ هجيس، پر هر حال ۾ پيار جو پلاند هميشه هٿ ۾ جهليوپيو اچي ، هوپنهنجي محبوب کي للڪاريندي چويس ٿو ته پريت وارا پيچ هر حال ۾ نڀائيندس پر تون کي پاڻ پري نه ڪندس چو ته منهنجي ساهه جي شهه رڳ مثل آهين.سرڪش جو جيڪو پڳار آهي اهو هر ڪنهن لاءِ وفاداري وارو آهي. سرڪش پنهنجي محبوب جي پيار جو ذڪر ڪندي پنهنجي ڪتاب سمنڊ چوليون ٿهڪ ۾ چوي ٿو ته جيڪڏهن پيار خريد ڪرڻ جي شيءِ آهي ته اي دوست مونکي ٻڌايو ته ڪٿان ٿو ملي ۽ ان جو وڪرو ڪير ٿو ڪري پر مان ته پنهنجي سر ڳولهي ڳولهي ٿڪجي پيو آهيان نه اهو دڪان ٿو لڀي نه ئي دوڪاندار ٿو لڀي. جي اوهان مان ڪنهن کي ڄاڻ آهي ته ٻڌايو؟ان ساري پيارواري منظر کي سرڪش پنهنجي شاعريءَ ۾ هيئن بيان ڪيو آهي؛

**“ملي ٿو پيار ڪٿان ، ڏيئي ٿو ڪير ڏسو،**

**اسين مري به وياسون، نه هو دوڪان لــڌو.”(49)**

وڌيڪ  پيار جي لاءِ سرڪش ٿو چوي اي دوستو! مون کي اها راهه ٻڌايو جنهن سان مون کي منهنجي محبوب  جو مون کي پيار ملي، هيءُ ٿو چوي ته جيڪڏهن مون کي پنهنجي محبوب کان پيارنه ملندو ته آءُ زنده رهي نه سگهندس ، چو جو منهنجي لاءِ جيئڻ جو سهارو رڳو منهنجي محبوب جو پيار آهي. وڌيڪ لاءِ سرڪش پيار جي مناسبت سان چوي ٿو ته منهنجي محبوب جو پيار منهنجي لئه هڪ پناهگاهه ۽ سهاروآهي. سرڪش پنهنجي محبوب جي چهري کي ڏسندي چوي ٿو تهاي منهنجا محبوب تنهنجي سونهن جو جيڪو محور آهي اهو تنهنجا نيڻ آهن.  جنهن وقت مون کي پنهنجن نيڻن ۾ رهڻ ڏيندين،ان وقت دنيا جون سموريون آسائشون مون وٽ هونديون آهن. وڌيڪ سرڪش پنهنجي محبوب جي پيار جي تعريف ڪندي چوي ٿو ته تون منهنجي پڳار جو واهيرو آهين سو پنهنجي پيار جي واهه تون وٽ ٿو ڳولهيان ان ساري پيارواري نظاري  کي سرڪش پنهنجي شاعري ۾ هيئن بند ڪيو آهي:

**"پـــــيـــار وارن جـي راھ ٿـو ڳولـيـان،**

**زنـــدگـــــي لـــئـــه پـنـاھ ٿـو ڳولـيـان،**

**پـــنـهنجي نيـــڻن ۾ ڏي رهڻ مون کي،**

**واھـيـرو آھـيــــــن واھ ٿـو ڳـولــيــــان."(50)**

سرڪش سنڌي پنهنجي ديس سان پيار جو اظهار ڪن.+ wcدي چوي ٿو ته اي منهنجي پياري سنڌڙي سدائين شل آباد هجي تنهنجا چاهيندڙ سدائين سرسبز وآباد هجن.وڌيڪ لاءِ سرڪش چوي ٿو ته هن وطن جي عوام کي جيڪي آزاديءَ لاءِ اميدون ۽ آسرا آهن اهي هڪ ڏينهن حقيقت جو روپ وٺندا.اهڙن خيالن جو اظهار سرڪش پنهنجي شاعري ۾ هن طرح ڪيو آهي:

**"جيئي جيجل سنڌڙي ،جيئن سڀ جا بار ،**

**جيئن سڀ جا آسرا. .جيئن سڀ جا پيارا،**

**آزاديءَ اســـرار ڪـــلـي پونـدا اوچـــتو."( 51)**

سرڪش سنڌي پنهنجي خوبصورت شاعري ۾ پيار جي لاءِ ويچار ونديندي چوي ٿو ته گل جيڪو پيار جي نشاني سمجهو ويندوآهي.جڏهن آءُ دير ڪري آيو هئس اهو تون مون کي ڏمڪائيندي گل هنيو هو ۽ پوءِ پنهي هٿن جون تاڙيون پاڻ ۾ ملائيندي ،مسڪرائينديءَ هلڪا هلڪا ٽهڪ ڏنا هئي، تنهنجي اهڙي پر ڪشش رويي جيڪري خوشي وچان منهنجا نمڻا نيڻ به پنا هئا.اهڙي پر ڪشش خيالن جو سرڪش سنڌي پنهنجي خيالن ۾ اظهار هن ريت ڪيو آهي:

**"تو اڇلائي گـــــــــل هنيو هــو**

**پيـــار مان توڏي ڪنڌ ڪنيوهو**

**ديراچڻ تي ڏمـــــــــــــڪايو هئه**

**لڙڪ لڙيا هـــــــــــــا پرچايوهئه**

**هلڪا هلڪا ٽهـــــڪ ڏنا هئي**

**ڪلندي ڪلــــــندي نيـــڻ پنا هئا."(52)**

سرڪش پنهنجي شاعري ۾ پيار جي لاءِ پيغام ڏيندي چوي ٿو ته هن ملڪ جي هي هڪ ننڍي توڙي وڏي پار کي تربيت ائين ڪرڻ گهرجي جيئن هن جي هر هڪ ساهه ۾ پنهنجي قوم توڙي پنهنجي ملڪ سان پيار جو جذبو هجڻ گهرجي ،سرڪش پنهنجي امڙ جي پيار کي

بيان ڪندي چوي ٿو تہ مونکي امڙ جي پيار جو احساس ان وقت تمام گھڻو ٿيندو هو جڏهن منهنجي امڙ مونکي مٿي تي چميون ڏيندي هئي ۽ بابا جي پيار جو احساس تڏهن ٿيندو هو جڏهن بابا سائين ان وقت تائين جاڳندا رهندا هئا جيستائين مان رات جو دير تائين گھر موٽندو هئس ۽ پيڻ زبيده جي پيار جو احساس ان وقت محسوس ڪندو هيم، جڏهن هن جي شادي ٿي ويندي تہ گھر جو سارو ڪم ڪار ڪير ڪندو.سرڪش سندس وڏي ڀاءُ عبدالحميد جي پيار کي بيان ڪندي چوي ٿو تہ جڏهن عبدالحميد ۽مان ننڍا وڏا هئاسين تہ گڏ گھمندا هئاسين، پر جڏهن ادا وڏو ڪجھہ شيون پنهنجي لاءِ خريد ڪري ايندو هو تہ مان چوندو هيس تہ هيءَ مان ٿو ڪٽان تہ وڏي دل سان چوندو هو تہ ٺيڪ آهي تہ هيءَ شيون اوهان جون آهن، مان ٻيون بازار مان وٺندس. سرڪش جي فطرت ۾ هڪ خوبي هئي تہ جڏهن ڪنهن بہ دوست کي تڪليف ۾ ڏسندو هئو تہ چوندو هئس تہ گھبراءِ نہ آءُ جو ويٺو آهيان.هن کي پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ تمام گھڻو پيار هو ان پيار کي هيءُ مزاحمتي شاعر، پنهنجي خوبصورت شاعري ۾ بيان ڪندي چوي ٿو تہ:جنهن ماٺهو جي دل ۾ سيد جي فڪر ۽ سنڌ لاءِ پيار آ،انهن دلير انسانن تان پنهنجون امڙيون جند جان قربان ڪرڻ لاءِ تيار هونديون آهن. پيار جي اهڙن خوبصورت احساسن کي سرڪش سنڌي پنهنجي خوبصورت شاعري جي روپ ۾ پوئيندي چوي تو تہ:

**“بہ اکيون جنهن منهن۾، دل ۾ سيد ۽ سنڌ،**

**جيجل مٺي جند ،ڪندين ڪيئن انهن کان،”(53)**

سرڪش پنهنجي سنڌ سان پيار جو ڳانداپو ڏيکاريندي چوي ٿو تہ منهنجي جسم ۾ هڪ دل آهي ان دل ۾ رڳو پيار سنڌ لاءِ آهي ۽ ان لاءِ پنهنجي هيءَ جند جان بہ قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهي ۽ چوي ٿو تہ مون کي پنهنجي جسم کان وڌيڪ پنهنجي سنڌ پياري آهي سو پنهجو ڪتاب سنڌو ڳائي ٿي ۾ تعريف ڪندي چوي ٿو تہ:

**“سيني ۾ دل هڪ ، دل ۾ هڪڙي سنڌ ،**

**جيجل ان کان جند مٺي مون ڪٿي ڪئي”،(54)**

هڪ ٻي جاءِ تي سرڪش سنڌي پنهنجي شاعري ۾نوري ڄام تماچي جي پيار جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ نوري ايتري تہ نماڻي ۽ سهڻي هئي جو جڏهن مسڪرائيندي هئي تہ ڄام سموان جي مرڪ تي موهجي پوندو هو ۽ ان جي هرادا ۽مرڪ ڄام کي متاثر ڪندي هئي.نوري جي مرڪ ۾ ئي ايتري ڪشش هئي جو ڄام سمو پنهنجي پيار جو پورائو ڪندو هو.سرڪش سنڌي ڄام سمي جي ان سموري پيار واري منظر کي پنهنجي خوبصورت شاعري ۾ بند ڪندي چوي ٿوتہ

:

**" نـوري تنـهنجي مرڪ موهي سمي کي وڌو،**

**سـڪڻ واري سرڪ ،پـاڻ پيـاريئـہ چـام کي،"(55)**

سرڪش سنڌي پنهنجي خوبصورت شاعريءَ ۾ پنهنجي تخليقي ذات يعني پيار جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ته:نوري هوئن ته سهڻي من مهڻي هئي؛ پر سرڪش سنڌ ي چوي ٿو ته هن جي گفتگو ۾جيڪا نرم مزاجي ۽ ڪشش هئي ان جو انداز ئي نرالو هو.چام تماچي کي نوريءَ جي هرادا متاثر ڪيو پرجيڪا ادا هن جي ٻولن م هئي ان جو رنگ ئي نرالو هو.ايئن ئي سرڪش پنهنجي خوبصورت احساسن کي شاعري ۾ پوئيندي چوي ٿو تہ:

**"نوري تنـهنجا ٻول مهڪيا جيئن ماحول ۾،**

**چـام تمـاچي جهول،پريا پنـهـنجي روح ۾"،56)**

اڪثر ڪري مهاڻن جي رهائش، ڪنهن سمنڊ، ڪنهن ڍنڍ،ڪنهن تلاءَجي ڪناري تي هوندي آهي، ڇو جو هنن جي جياپي جو اڪثر ذريعواهي ئي واهڻ وسنيون آهن.مهاڻا خاص ڪري ماهيگري جوڪم ڪندا آهن.پاڻي جتي جتي جهجهو هوندوآهي.اتي ئي مهاڻا پنهنجا پنهنجا ڪکانوان گهراڏيندآاهن.جيئن تہ نوري بہ ذات جي مهاڻي هئي سو سندس وڏڙن جي پيشي جي لحاظ کان هن جي به رهائش ڪينجهر ڪناري هئي.نوري جي چهري ۾ قدرت ايتري تہ ڪشش رکي هئي جوڄام تماچي جي زبان مان سرڪش سنڌي چورائيس ٿو تہ جنهن هڪ دفعو تنهنجو چهرو ڏٺوچڻ تہ اهو تنهنجوڪشش جي ڄارم ڦاسي ويو.وري چڻ ان کي ٻئي پاسي نهارڻ جي جرئت نہ ٿيندي.جڏهن ڄام سمو نوري جي عشق ۾ ڦاسي ويوتہ اڪثرڪري هو نوري جي سونهن ڏسڻ لاءِ ڪينجهر جي ڪناري ايندو هو.ان سموري منظريعني نوري ۽ ڄام تماچي جي عشق کي سرڪش پنهنجي شاعري ۾ هئين ٿو پيش ڪري:

**"نـوري تـون کـان ڪيـرمنهن منٿي ويندو ڪري،**

**چـــام تـمـــاچي پير،ســـداڪيـنـجـهـرڪـپ تـــي،"(57)**

نوري ذات جي مهاڻي هئي.جيڪا انتهائي غريب هئي.ان جا وڏا ڏنڌي جي لحاظ کان ماهيگري جو ڪم ڪنداهئا.نوري جوجهڙونالونوري هيس تهڙي پاڻ بہ منورچهري واري هئي.ڄام سمو جڏهن ٻيڙي تي چڙهي ڪينجهرجو سيرڪندوهو،اچانڪ هڪ دفعي هن جي نظر نوري جي نماڻي چهري تي پئجي ويس جنهن جي معصوم چهري ڄام کي پنهنجي گود ۾ڦاسائي وڌو.پوءِ ڄام سموسدائين نوري جي نيڻن کي ڏسڻ لاءِ ڪينجهرڪناري

ايندو هو.سرڪش ان نظاري کي ڏسندي چوي ٿوته نوري جنهن هڪ دفعو جنهن تنهنجي نماڻن نيڻن ۾ نهاريوان کي وري جرئت نه ٿي جو ٻئي طرف نهاري .قدرت واري هن جي نرمل نيڻن ۾ ايتري ته ڪشش رکي هئي جو هڪ دفعي ئي نهارڻ سان ڄام سمو هن تي عاشق ٿي پيو.نوري جيتوڻيڪ هڪ نماڻي غريب ڇوڪري هئي پرڄام سمو وقت جو بادشاهه هو،جڏهن ڄام سمي هن جي والدين کي نوري جي شادي لاءِ چيو ته ان جي والدين ان رشتي کي نهايت فراخدلي سان قبوليو.جڏهن ته نوري جا ڀيا مائٽ مٽ ۽رشتيداران رشتيداري جي مخالفت ڪري رهيا هئا ته هن کي وري اهڙووقت جوبادشاهه مڙس ڪيئن ملي؟سرڪش ان نوري جي ڪيفيت کي پنهنجي شاعري جي مالها ۾ هن ريت ٿو پوئي:

**“نوري تنهنجا نيڻ ،پسيا جنهن پڙرو ٿيو،**

**ويڙهيچن کي ويڻ،وٽندا ويرين کي ڪٿي،”(58)**

**سر**ڪش سنڌيءَ پنهنجي ڪتاب “پياري ۽آزاديءَ” ۾ڪافيءَ جي روپ ۾عاشق ۽معشوق جي پيار جوذڪرڪندي چوي ٿو ته نيڻن کي پيار جو احساس ان وقت ٿيندوآهي جڏهن چار چپ پاڻ ۾ملندا آهن ۽پوءِ زندگي جي هرجذبي ۾ پيار سمايل هوندو آهي.جيئن سرڪش سنڌيءَ پنهنجي هڪ ڪافي ۾پيار جواظهار ڪندي چوي ٿو ته :

**“چئن چپن مان پيارسرن ها،**

**احساسن جا نيڻ ٺرن ها،**

**جذبي جذبي ۾ٿئي سرڪو،”(59)**

سرڪش سنڌي پيار جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ته پوءِاهو پيارپنهنجي وطن لاءِهجي،يا پنهنجي قوم لاءِ،يا انسان ذات لاءِ هجي ياپنهنجي محبوب لاءِهجي.گيت جيڪي موسيقي جي روپ ۾ آلاپجن ٿا.جيڪڏهن انهن ئي گيتن ۾پيار سمايل آهي ته پوءِ اهي گيت صدين تائين امر ٿي پيا جهونگار پيا.جيئن سرڪش پنهنجي هڪ ڪافي ۾ چوي ٿو ته:

**“سنگيتن جا سرپيان ها،**

**ساريون صديون آءُ جيان هان،**

**مون کي جهونگاري ها هرڪو،**

**آءُ هجان ها گيت امر ڪو،**

**آءُ هجان ڪو گيت امرڪو،”(60)**

هڪ ٻئي جاءِ تي پنهنجي ڪتاب ”پيار ۽ آزادي“ ۾ ڪافي واري انداز ۾ پنهنجي محبوب جي پيار جوذڪر ڪندي چوي ٿو تہ تون مون کي ايترو تہ پيارو آهين جو منهنجي ديد در ۾آهي تہ ڪڏهن ٿو منهنجومحبوب اچي پوءِرات هجي ياڏينهن هجي .پر سدائين لاءِ منهنجي ديد توڏي آهي تہ ڪڏهن اچي منهنجا محبوب سائين مون سان ملاقات ڪندين؟جيئن سرڪش هڪ ڪافي ۾پنهنجي پيار جو پنهنجي محبوب لاءِ ذڪرڪندين چوي ٿوتہ :

**” تنهنجي در ۾ديد الا،**

**رات هجي ياڏينهن ڏنو“ (61)**

سرڪش سنڌي چوي ٿو تہ سڪ لهڻ جي ناهي شيءِ. اي منهنجا محبوب! جي سڪ لهڻ جي شئ آهي تہ اچي لاه پر مونکان نٿي لهي سگهي. وڌيڪ پنهنجي محبوب کي چنڊ سان تشبيھ ڏيندي چويس ٿو تہ تنهنجو چهرو ايترو تہ حسين آهي جو چنڊ بہ شرمائي ٿو ۽ تنهنجي اچڻ سان پنهنجو ڪنڌ ادب وچان هيٺ ڪري ٿو. منهنجي رڳن ۾ جئين رت گردش ڪري ٿو، ائين ئي تنهنجو پيار منهنجي رت جي رڳن ۾ گردش ڪري ٿو ۽ وڌيڪ چويس ٿو تہ اي منهنجا محبوب جلدي هلي آءُ چو جو مان وڌيڪ سڪ برداشت نٿو ڪري سگهان.ان ساري منظر کي سرڪش سنڌي پنهنجي شاعري ۾ هيئن ريت بند ڪري ٿو:

**1“ سڪ لهڻ جي شيءِ تہ نہ آهي، لهي سگهي جا لاه،**

**او ساجن سج اڀرڻ تي آهي،**

**2 چنڊ بہ ڪنڌ جهڪائي بيهي اهڙي مورت ناهي،**

**او ساجن سج اڀرڻ تي آهي،**

**3 رڳ رڳ ۾ ٿو پيار اڀامي سوڙهو ٿي ساه،**

**او ساجن سج اڀرڻ تي آهي،“(62)**

سرڪش سنڌي پنهنجي ڪتاب پيار ۽ آزادي ۾ پنهنجي محبوب جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ اي منهنجا! محبوب منهنجو توسان ايترو تہ پيار آهي جو مان تنهنجي پيار جي محلات پنهنجي دل جي دنيا ۾ جوڙي آهي. جيڪڏهن تون ان جو قدر نہ ڪندي تہ پوءِ مان ويڳاڻو ٿئي تنهنجو شهر ڇڏي هليو ويندس ۽ آءُ چاهيان ٿو ٿهڙوري عرصي ۾ رهي ڪري منهنجي دل ۾ جيڪا تنهنجي پيار لاءِ تڙپ آهي ان کي پورو ڪريان. ان ڪري مونکي پنهنجي پيار کان پري نہ ڪر ۽ ايڏيون ڇڙٻيون نہ ڏي..سرڪش اهڙيءَ ڪيفيت کي پنهنجي شاعريءَ ۾ هن طرح بيان ڪئي آهي؛

**"پيـار جـو گـهـر اڏي هليو ويندس،**

**شـــهــر چـــڏي هـــليـــو ويـــنـــدس ،**

**ٿـــورڙي وقـــت لاءِ رهـــيـو آهـيـان،**

**ايڏيون چڙٻيون نہ ڏي هليو ويندس."(63)**

سرڪش پنهنجي هڪ شعر ۾ پيار جواظهار ڪندي چوي ٿو تہ اي محبوب تون پلي ايڏا درد ڏي ۽ مان اهي درد برداشت ڪندورهندس نيٺ هڪ ڏينهن مان تنهنجي دردن سان هڪ ٿئي ويندس هيءَ دل جنهن ۾ رڳو تنهنجو پيار آهي باقي دنيا کان غافل آهي جيڪڏهن تون ايترا درد ڏيندي پيار ۾ تہ پوءِ مجبورن مون کي هيءَ دل غمن سان گڏٺي پوندي. پيار جي اهڙين خوبصورت روايتن کي سرڪش سنڌيءَ هن طرح پنهنجي غزل ۾ بند ڪيو آهي:

**"نيٺ هڪ ڏينهن تي نهي ويندس،**

**دل غمن سان گڏي هليو ويندس."(64)**

سرڪش سنڌيءَ پيار جي تعريف ڪندي چوي ٿوتہ دنيا جي ڏاهن انسانن بہ پيار کي پچارڻ جي نصيحت ڪئي آهي. اهي داناءُ انسان چون ٿا تہ جيڪڏهن توکي هن دنيا ۾ خوش گذارڻو آهي تہ پوءِ پيار ڪر،ايتري قدر جو سرڪش سنڌي پنهنجي محبوب سان پيارڪرڻ لاءِ چوي ٿو تہ اي منهنجا محبوب جيئن تون دنيا جي انسانن سان پيار ڪرين ٿو ائين ئي مان بہ تون سان پيار ڪريان ٿو.وڌيڪ جي لاءِ چويس ٿو تہ تو سواءِ هن دنيا ۾ منهنجو ڪوبہ نہ آهي.جيئن سرڪش سنڌي پنهنجي هڪ شعر ۾ محبوب جوپيار ڪندي چوي ٿو تہ :

**"پـــيـــار ۾ آ زنـــــــدگـــي تـــون پـــيـــــار ڪــــر،**

**ڪالهہ هرهر هـــــــڪ ڏاهي شخص پـئي چيو،**

**تـــــنـــهـــنـــجي ســــرجو آ قـسـم،مـنـهـنـــجا ڏٺـي،**

**تــو ســواءِ ســرڪش جومالـــڪ ڪـــوبہ نہ آ."**(65)

سرڪش سنڌي پنهنجي ڪتاب "زندگي جي گونج" ۾ پيار جو اظهار ڪندي چوي ٿو تہ توکانسواءِ ڪوبہ پل آءُ اڪيلو رهي نٿو سگهان .تون منهنجي زندگي جو جيون ساٿي بڻجي چڪو آهين.تون منهنجي زندگي جي ايتري ضرورت بڻجي چڪو آهين جو آءُ تون کانسواءِ زنده رهي نٿو سگهان.تنهنجي پيار مون کي بي چين ڪري وڌو آهي.سرڪش سنڌي پنهنجي محبوب جي اهڙي پيار واري شاعري کي هيٺين ريت لکيو آهي:

**" ڪــوئي پــل بـــي اڪـيـلومـــــان جـــي نـــٿـوســـگـــهـــان،**

**ايـــــتـــري زنــــــدگـــي جـــــي ضــــرورت نـــــہ لــــــــــگ،" .(66)**

سرڪش سنڌي پنهنجي ڪتاب زندگي جي گونج ۾ پيار جي پچار ڪندي پنهنجي محبوب کي چوي ٿو تہ منهنجو پيار تون سان ايترو تہ آهي جو مان ڪڏهن بہ ان جي ڪناره ڪشي نہ ڪري سگهيو آهيان.سرڪش وڌيڪ پنهنجي محبوب جي پيار جي تعريف ڪندي چوي ٿو تہنتنهنجي چهري ۾ قدرت واري ايتري تہ ڪشش رکي آهي جو جڏهن مون کي ڪا قرآن شريف جي سورت پيو لڳي.سرڪش سنڌي پنهنجي محبوب جي پيار جي تعريف ڪندي چوي ٿو تہ جڏهن مان تنهنجي چهري کي ڏسان ٿوتہ مون کي ايترو تہ سڪون ملي ٿو جو جڻ مان قرآن شريف جو ورد پيو ڪيان.سوسرڪش ان سچي نظاري کي شاعري ۾ هيئين ريت بند ڪيو آهي:

**"جنهن جو ڪنهن ڪان بہ ڪاٿو ٿي نٿو سگهي،**

**ايتري پيار جي پورت نہ لڳ،**

**تنهنجي چهري کي هر وقت وينو پڙهان،**

**مون کي قرآن جي ڪا سورت نہ لڳ،"(67)**

هڪ ٻئي جاءِ تي سرڪش سنڌي هڪ محبوب جي حسن جي پيار جو اظهار ڪندي چوي ٿو تہ تون ايتري تہ حسين ٿي لڳي، جڻ ڪيلاش مندر جي مورت ٿي لڳين.مطلب تہ ڪيلاش مندر جي مورت جو حسن ۽ تنهنجي چهري جو حسن هڪ جهڙو پيو لڳي.اهڙي حسين نظاري کي سرڪش پنهنجي شاعري م بندي ڪندي چوي ٿو تہ :

**"ائين ڪيلاش مندر جي مورت نہ لڳ،**

**خوبصورت نہ لڳ ، خوبصو`رت نہ لڳ،"(68)**

اصل ۾ جنهن بہ يا جن ٻهماڻهن کي حد کان وڌيڪ ڪٽي چنجي تہ پوچا جي حد تائين چاهجي ٿوتہ اهي انهيءَ پيارکي،چوالائي تيلي هڻdb;

ي ساڙڻ گهرن ٿا يا گهرنداآهن جنهن ماڻهوءَ پنهنج. wcو اڪيون توڻي پنهنجي دل ،انهن محبوب ماڻهن جي اڳيان غاليچي وانگروچائي ڇڏيون هجن تہ هاڻي محبوب جي مرضي ٿئي ٿي تہ اهي انهي غاليچي تي بوٽن سميت گهمنداوتن،اها بہ چڱي ڳالھ،پر جي وچايل غاليچي تي پيررکڻ ئي گوارا نہ سمجهن تہ پوءِ آخردل وارن جي مرضي آ، اهڙي پيار واريءَ ڪيفيت کي سرڪش سنڌي شاعري واري انداز ۾ هن طرح بيان ڪيو آهي؛

**"جيءُ منهنجو جن،انگڙياروويو،**

**پچاڻا پرين،سبان سچو نہ ٿئي،"(69)**

اي منهنجا محبوب شال تون صديون جنم ماڻين ۽ منهنجي دل چاهي ٿي تہ انتهائي خوشين ۾ رهين ڪڏهن بہ ۽ڪا بہ چنتا نہ هجئي،جنهن ڏي دل گهريئي اهوتنهنجي پاڪر۾ هجي مان ائين ئي چاهيان ٿو،چوتہ مان تو محبوب کي هروقت،هرحال ۾ خوش ڏسڻ ٿوچاهيان .توڻي جو،تومنهنجي محبت کي انتهائي هيٺين سوچ سان ڏسندي رد ڪيو آهيو۽ يقين سان چوان ٿوتہ توکي مون جهڙو پيار،دنيا جو ڪو بہ ماڻهو نہ ڏئي سگهندو.شال زندگي جون سموريون ڪامرانيون۽شادمانيون ماڻين۽منهنجي عمر۾ اچي منهنجي پيار لاءِ ٽڏاساه پريندورهين. حسن،پيار،محبت۽عشق جومعراج پڻ ماڻن ٿيون.

ناميارو عالم الهداد ٻوهيوپيار لاءِ پنهنجا ويچار ونديندي لکي ٿو تہ:

“پيار رڳواکين سان بہ ادا ٿئي ٿو،اک بہ اظهار جو نفيس ترين حيلو آهي .سڀني سماجن ۾ اکين ذريعي اظهار ٿئي ٿو.نظرنظر ۾ ڦيرآ،اک اک جو ڦيرآ،اکين ۾ جاءِ ڏيڻ،اکين ۾ويهارڻ،ااکين تي رکڻ،اکيون ٺارڻ،اکيوڻ ٺڏيوڻ ڪرڻ هڪ طرف ٻوليءَ جا نموناآهن،ٻئي طرف اهي ئي ڳالهيون عملي طور تي پيار جي اظهار جو وسيلو بڻجن ٿيون”(70)

سرڪش سنڌي پنهنجي محبوب جي چهري کي سج جي روشني سان تشبيهہ ڏيندي چوي ٿو تہ اي سج تون ۾ ڪيتري تہ تکي روشني آهي پر پوءِ بہ منهنجي محبوب جي روشني جي اڳيان اي سج ! تنهنجي ڪا بہ حيثيت نہ آهي:

**“ايــــــڏو سِـــــــجَ نـــہ ســـڙ الا،**

**ســــــاجــــن جي تون سامهون .**

**تـــو کـــان خاصـــو سَـــوُ لڳا ،**

**ســـــــاجـــن گـهـر جـو بـــڙ الا،**

**ايــــــــڏو ســـــج نـــــــہ ســـڙ الا،**

**ســــــاجـــــــن جـي تون سامهون.(71)**

سرڪش سنڌي پنهنجي محبوب سان مخاطب ٿيندي کيس چوي ٿو تہ؛مان تہ تون سان هر دم گڏ رهڻجو ارادو ڪيو هو ،پر پوءِمنهنجا محبوب تون مون کي چو ٿو ڇڏي وڃي؟ تون تہ منهنجي دل جي دڙڪن ۾ سمايل آهين .آءُ هر گهڙي ۾ جيڪو ساه کڻان ٿو ان ۾ تون ئي آهين .تنهنجي جيون ۽ جواني جي جوهرن مون کي موهي وڌو آهي .سو توکي مون کان پري وڃڻ نہ گهرجي. جي تون مون سان گڏ رهڻ کانپوءِ بہ اڌ سفر ۾ ڇڏي ويندي تہ پوءِ منهنجي محفل تون بنان اڌوري ٿي پوندي ۽ منهنجو توساڻ جيڪونينهن جو ڳانداپو آهي .سو ان کي

مون سان ملائيندو رهه ،ان سموريءَ منظرنگاريءَ  کي سرڪش سنڌي پنهنجي ڪتاب ”چا ٿا پڇو چا هو “ ۾ هن ريت  قلمبند ڪيو آهي ته:

**” مــون جو تو کي جيءَ ۾**

**جـــــاءِ ڏنـــــــــي جانــي .**

**چــو ٿو وچڻ جي ڪرين؟**

**تو جـو منهنجو ســـاهه آن ،**

**مـــــحـــفـــــــــــل ۽ مـاني،**

**چـــــو ٿـــو وچڻ جي ڪرين؟ “(72).**

سرڪش پنهنجي پيار وارن احساسن کي محبوب لاءِ اظهاريندي چوي ٿو ته منهنجي دل ۾ پنهنجي محبوب لاءِ اٿاهَ سمنڊ جيترو پيار آهي ۽ هميشه منهنجي دل ۾ پنهنجي محبوب جي لاءِ پيار جهڙو نفيس جذبو زنده رهندو ۽ نفرت جهڙي ڪڏي جذبي کي دل جي گهراين مان هميشه جي لاءِ ختم ڪري ڇڏيو آهي سرڪش پنهنجي اهڙي پيار وارن  نفيس ۽ نازڪ جذبن کي پنهنجي هڪ غزل ۾ هيٺين ريت اظهار جو روپ ڏنو آهي ته :

**”پــيار نگري جو پتو ورتو اٿم**

**نــيڻ نفرت جو ڳلو ورتو اٿم“.(73)**

سرڪش سنڌيءَ پنهنجي شاعري جي هڪ خوبصورت غزل ۾ پنهنجي محبوب جي نيڻن جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ته منهنجي محبوب جا نيڻ منهنجي لاءِ سچي زندگي جو سايو ۽ سرمايو آهن ،.وڏيڪ نيڻن جي تعريف ڪندي چوي ٿو ته منهنجي محبوب جا نيڻ منهنجي لاءِ ايئن آهن جيئن هڪ مسافر جي لاءِ هڪ بڙ جي ڇانو.سرڪش سنڌي وڌيڪ جي لاءِ پنهنجي محبوب جي نيڻن جي سونهن بيان ڪندي چوي ٿو ته جي منهنجي زندگي جو هڪ پل به محبوب جي نيڻن ۾ گذريو ڇڻ ساري زندگي منهنجي محبوب جي سايي هيٺ گذري  .منهنجو پيار به پنهنجي محبوب لاءِ ايئن لازم ملزوم ٿي ويو آهي جيئن پاڻي جو مڇي لاءِ هجڻ ضروري آهي .سرڪش سنڌي پنهنجي محبوب جي نيڻن جي سونهن جي تعريف کي هڪ غزل ۾ اظهار ڪندي چوي ٿو ته:

**”ڪنهنجي نيڻن ۾ گذاري ڪا گهڙي،**

**عـمـــــر ســــــاري جـو مزو ورتو اٿيم،”(74)**

سرڪش سنڌي پيار بابت ويچار ونڊيندي چوي ٿو ته جنهن سان نينهن جا ڳانڍاپا هوندا آهن ته دل چوندي آهي ته اهي هر وقت هنياو ۾ هنڌايل هجن انهن پيارن ماڻهن کي هر وقت ويٺو ڏسجي پر جهيڙي مهل اهي پري هليا وڃن ٿا ته جڙ اهي پيار کي پارا ڪري وڃن ٿا جيئن هيٺين غزل ۾ سرڪش انهن خوبصورت خيالن کي پنهنجي شاعري ۾ بند ڪيو آهي:

**“ايــتــرو پــيارا پــري چو ٿا وڃو،**

**پيار کي پارا ڪري چو ٿا وڃو،”(75)**

سرڪش سنڌي چوي ٿو ته منهنجو محبوب مونکي ايترو ته پيارو آهي ۽ ايترو هن جي سونهن مون کي متاثر ڪندي آهي جو ڪڏهن به مان اڪيون محبوب جي اکين سان ملائي ناهن ڏٺيون. هن جو چهرو ايترو ته حسين آ، جو جنهن مهل مان هن جي چهري کي ڏسان ٿو ته الئي چو مان شرم وچان پنهنجن نظرن کي جهڪايان ٿو مون کي الائي چو شرم ٿو ٿئي ته ڪيئن مان مسلسل تنهنجي چهري کي تڪيان جڏهن منهنجو توسان ايترو پيار آهي ته پوءِ مون کي اڪيلو ڪري چو منهنجي دل ۾دردڊليون ڪيفتون جوڙي چو ٿا وڃو. ان سموري محبوب جي منظرن کي سرڪش سنڌي پنهنجي شاعري جي لڙهي ۾ پوئيندي چوي ٿو ته:

**“مون اوهان کي اک پري نـاهي ڏٺو،**

**درد کي مون ۾ پـــري چو ٿا وڃو ”.(76)**

سرڪش سنڌيءَ پنهنجي غزل ۾ هڪ جاءِ تي پنهنجي محبوب جي چهري کي صبح واري باک واري نظاري سان تشبيهه ڏيندي چوي ٿو ته جهڙيءَ طرح باک واري گهڙي ڏاڍي حسين ۽ پياري هوندي آهي تون به مونکي ايئن ئي پياريئي لڳين.اها مهل منهنجي پيار کي ڏاڍو جنهوريندڙ آهي. سرڪش پنهنجي محبوب کي پيار ۾ حجت ڪندي چوي تو ته منهنجي پيار کي اڪيلو ۽ اداس ڪري نه وڃ ، چو جو منهنجي پيار جو هڪ تون ئي سهارو آ.ان سموري نظاري کي سرڪش سنڌي پنهنجي شاعري جي مالها ۾ پوئيندي چوي ٿو ته:

**“عيد واريءَ باک جهڙا اي پرين ،**

**چاهه کي ڏڏري ڏري چو ٿا وڃو”.(77)**

سرڪش سنڌي پنهنجي محبوب جي پيارلاءِ چوي ٿو ته مان پنهنجي سموري زندگي پنهنجي محبوب جي پيار جي عبادت ڪندي گذاري چڏي اٿم . پر پوءِ به الائي چو هن کي منهنجي پيار تي اعتبار ڪون ٿو اچي .منهنجو منهنجو محبوب ته منهنجو جيون ساٿي جيان لڳي پيو .مان جنهن به مهل عبادت ڪئي آهي ته ان مهل پنهنجي محبوب جي پيار جي

عبادت ڪئي آهي. اهڙي ڪيفيت جو سرڪش پنهنجي شاعري جي غزل واري صنف ۾ اظهار ڪندي چوي ٿو ته:

**“هن ڪي گهڙي به مون تي ويساهه ڪون ٿو اچي،**
**جنهن جي سموري عمر ڪئي بندگي آهي ،**
**چاهي سبب پرين کي پاپوهه مان ڏنل،**
**منهنجي مٺي مٺي به نه ڪوڙي لڳي هئي. ” (78)**

**پيارتي تجزيو:**

احساس انسان جي فطرت ۾ شامل آهي.ونس ڏک،درد ۽ تڪليفون به هجن ٿيون ته اتي پيار جو احساس به جهجهو هجي ٿو.پيار کان سواءِ انسان آڌور آهي.جنهن وقت انسان ۾ پيار وڌي ويجهي وڻ ٿئي ٿو ته ان وقت هو پنهنجو پاڻ کي به خوبصورت لڳڻ لڳندو آهي.تخليقڪارن پيار کي پنهنجو موضوع بڻايو آهي. تخليقڪارن وٽ پيار نه صرف احساس آهي پر پاڻ سڃاڻڻ ۽ پاڻ ارپڻ جو جذبو پڻ آهي.سپئي تخليقڪار پنهنجن تخليقن ۾ پيار کي خاص اهميت ڏين ٿا.

سرڪش سنڌي پنهنجي شاعري ۾ جتي ٻين موضوعن تي لکيو آهي،اتي پيار جي خوبصورت احساسن کي پڻ تخليق هيٺ آندو آهي.سرڪش سنڌي هن سموري سنسار ۾ پياروراي جزبي سان سرشار نظر اچي ٿو.سرڪش سنڌي پنهنجي شاعري ذريعي دنيا جا ماڻهن کي پيار جي حوالي سان اهو پيغام ٿو ڏئي ته دنيا جي هر شيءِڏاڍي پياري آ، ان سان پيار ڪريو.اهڙن خيالن جو سرڪش اظهارپنهنجي شاعري جي ڪتاب “ سمنڊ ۾ سپ” هيٺين ريت ڪئي آهي:

**“پيارجهڙي نه سنسار ۾ ڪابه شيءِ،**
**ٻيا پلائن پلي،ڳالهه تون سان ڪيم،تون پلائي مرتان،**
**رڪ ساڙي ٻوٽين کي پاريپرين،**
**تنهنجي راهن ۾روشن ٿيئا جي ڪيم،تون وسائين مرتان،”(79)**

سرڪش سنڌي انهن ماڻهن کي ننڍي ٿو ته، جيڪي ماڻهو پيار ڪرڻ وارن تي فتوائون جاري ڪن ٿا. اهڙن خيالن جو اظهار سرڪش سنڌي پنهنجي شاعري جي ڪتاب “خندگيءَ جي گونج” ۾هن طرح بيان ڪئي آهي:

**“پيار پوڃا پئي ڪئي آ،عمر پر جن اي مريان،**

**پيٽ پوچاري انهن تي ڪفر جي فتوا نه ڏيو،"(80)**

سرڪش سنڌي پيار جي اظهار لاءِ پنهنجا ويچارونديندي چوي ٿو ته پيار جي پوڄا ڪئي آهي ۽ ڪندا رهنداسين،عشق وارا مذهبي ڪٽرپڻي کان مٿانهان آهن.منجهن فرقيواريت وارو ٻج به ڇٽيل ناهي.اهڙن خيالن جو سرڪش سنڌي پنهنجي شاعري واري ڪتاب "زندگي جي گونج"۾ هن هيٺين ريت ڪيو آهي:

**"پي پيار جي پوڄا ڪئي آڪنداسين،**

**هيءُ عشق وارا نـــــــــه سني نه شيعا."(81)**

سرڪش سنڌي پنهنجي هڪ گيت ۾ محبوب سان پيار جو اظهار ڪندي چويس ٿو ته مون کي گهڻو ايترو پيار نه ڏئي ڪٿي ائين نه ٿئي جو سمورو سنسارڇڏي تون ۾ گم نه ٿئي وڃان. اهڙن ئي خيالن جو اظهار سرڪش سنڌيءَ پنهنجي شاعري ۾ هن ريت ڪيو آهي:

**"پيارايڏو نه ڏي، پيـــــــــــار ايڏو نه ڏي،**

**ڏيهـ سارو ڇڏي .تون ۾ گم ٿئي نه وڃان." (82)**

**سرڪش جي شاعري ۾ پيار جون هيٺيون ڪيفيتون نظر اچن ٿيون:**

1ڪشش، 2جدائي، 3نظراندازي، 4بيوفائي، 5غم، 6خوف، 7ڳٽتي، 8اميد، 9تنهائي، 10حسرتون

سرڪش سنڌي جي پيار۾ڪشش واري ڪيفيت تمام گهڻي نظر اچي ٿي،جيڪا سرڪش سنڌي پنهنجي شاعري واري ڪتاب "زندگيءَ جي گونج"۾ هيٺين شعرن مان مان نظر اچي ٿي:

**"روز هٿ ۾ گــــــــــلاب رکندي آن،**
**دل ته ڪا لاجـــــــــواب رکندي آن،**
**ڪيئن گنهگارڪي ڏيئن ٿي گنهاهہ،**
**تون ته هردم ثـــــــــواب رکندي آن،**
**جي نهارين تـــه بـــه حجاب ۾ نهار،**
**منهن تي ڇالاءِ ڪـــــتاب رکندي آن،**
**اگ ته سر ڪش ڏنو ٻــڌو ئي نه هو،**
**پيار ۾ ڪو حســــــــاب رکندين آن".(83)**

سرڪش سنڌي پيار ۾ ڪشش واري ڪيفيت کي پنهنجي شاعري واري ڪتاب "سمنڊ ڇوليون ٿهڪ"۾ هڪ جاءِ تي چوي ٿو ته:

**"مراڪ جيئن رابيل کي پاتيون ڇمريون،**

**سونهن جي برکـــــــا هئي سنسار تي.”(84)**

## سرڪش سنڌي جي پيارِ جدائي وارئي ڪيفيت:

سرڪش سنڌي پنهنجي شاعري واري ڪتاب ”زندگي جي گونج“ ۾ پيار ۾ جدائي واري ڪيفيت کي شاعري واري ڪتاب ۾ جڙيندي چوي ٿو ته:

**“هيءَ ڪاوڙ تنهـــــنجي مارينديءِ**
**پر هڪڙي مـــــــــرڪ جيارينديءِ**
**جي ويس مــــــري رئجان نه تونءِ**
**تربت جي طرف اچجان نه تونءِ**
**گل تازا ڪـــــــي رکجان نه تونءِ**
**قل ڪلما پــــــي پرهجان نه تونءِ**
**۽ سڏڪي سڏڪا ڪجان نه تونءِ**
**سنڌ جو قسم ٿـــــــي ڪاوڙ چڏءِ**
**هيءَ ڪاوڙ تنهـــــجي مارينديءِ**
**پر هڪڙي مـــــــرڪ جيارينديءِ” (85)**

سرڪش سنڌي پيار ۾ جدائي وارئي ڪيفيت تي پنهنجي شاعري واري ڪتاب ”سمنڊ چوليون ٿهڪ“ ۾ خيالن جو اظهار ڪندي چوي ٿو ته:

**“روح ۾ آهـــــين مڇيمءِديد ڪــــــــان جدا آهينءِ**
**تون ئي هڪ منهنجو مـــگرءِتنگدل خـــدا آهينءِ**
**خود ڪشيءَ ڏانهن سفرءِصبح جو احساس لڳوءِ**
**زندگي چڻ ته ڪافطــــــــــــــرت جي خظا آهين.” (86)**

سرڪش سنڌي پيارِ نظراندازي واري ڪيفيت کي پنهنجي ڪتاب ”سمنڊ چوليون ٿهڪ“ ۾ اهڙي ڪيفيت کي بيان ڪندي چوي ٿو ته:

**“مون محبت مان چميا جنهن جا به هٿءِ**
**تن ڏنيون ڪيڏيون وڏيون مارون هيونءِ**

**مان ملڻ آيـــــس مـــــگر انڪار جون،**

**ڪيتريون اوچـــــون نه ديوارون هيون،**

**شل انهن وٽ ســـــاهه سرڪش جو وڃي،**

**پول ها،ماڪيءَ ســـــنڌيون لارون هيون." (87)**

**هڪ ٻئي جاءِ تي سرڪش سنڌي پيار ۾ نظر اندازيءَ واريءَ ڪيفيت کي بيان ڪندي چوي ٿو ته:**

**"ساهه کي ويساهه جـــــون سارون هيون،**

**دل جون ديوارون سچيون ڏارون هيون،**

**لڙڪ اهڙي شخـــــص جي آڏو ڪريا،**

**اڻ پڙهيل جي هـــــٿ ۾ اخبارون هيون،**

**پيار کي مڪـــــروهه ٿا سمجهن تڏهن،**

**سوچ ۾ سڀ ڪنهن کي تلوارون هيون ." (88)**

سرڪش سنڌي پيار ۾ نظراندازي واريءَ ڪيفيت تي،پنهنجي شاعري واري ڪتاب سمنڊ چوليون ٺهڪ ۾ ويچار ونڊيندي چوي ٿو ته :

**"مٽان ڪوراهي پوي پٺر ٿي،وکون منڊيندڙ اکيون نه کٽجن،**

**پلا جي کٽجن ته بيهي کٽجن،ائين ته ويندڙ اکيون نه کٽجن،**

**ڏسو ته ڪاٿي گهڙي به ترسو،ته جنهن ڏنوسو ڏسي ڪري ڀءُ،**

**سگهو نه ترسي ته پوءِ وينـــدڙ،عذاب ڏيندڙ اکيون نه کٽجن." (89)**

سرڪش سنڌي پيار ۾ نظر انداز ڪرڻ واري ڪيفيت کي پنهنجي شاعري ۾ سرجائيندي پنهنجي شاعري واري ڪتاب "سمنڊ چوليون ٺهڪ" ۾ چوي ٿو ته :

**"مون محبت مان چـــميا جنهن جا به هٿ،**

**تن ڏنيون ڪيڏيون وڏيون مارون هيون.**

**مختصر جيون جـــــــــي مقتل گاهہ ۾،**

**چاهه کي نفرت ڏنـــــيون هارون هيون.**

**سچ ۾ ساچـــــهه نـــــــــــــڏڪا ٿي ويا ،**

**ڪوڙ کي ڪـــيڏيون نه آڌارون هيون.**

**وقت جا چـــنبــــــــــا اپـــــا ها ۾ لٿل،**

**پيار جي جزبن جون تهپارون هيون..**

**شل انهن وٺ ساهه "سرڪش" جو وڃي،**

**پول ها،مراکيءَ سنـــــــديون لارون هيون." (90)**

سرڪش سنڌي جي پيار ۾ بي وفائي واريءَ ڪيفيت،سندس شاعري واري ڪتاب "زندگيءَ جي گونج" ۾ هيٺئين ريت بيان ڪئي آهي:

**"بيوفا ماڻهوءَ ســــــان ايڏي دوستي،**

**هاءِ هن مجبـــــــــور دل جي سادگي،**

**هوءَ گذري ويئي،گهٽـــيءَ مان چاٿيو،**

**وڃ وراڪي جي به ڪـــــهڙي روشني،**

**نيڻ ڪاوڙ مان ڪنـــــيا ٿي اي پرين،**

**مس خوشي چائي نه چمندي ئي مئي،**

**ساهه سنڌوءَجوســــــــــڪايو ٿو وڃي،**

**جل بنا ڪـــيئن جيئندي ڪا جل پري.(91)**

سرڪش سنڌي پنهنجو پيارم،غم واريءَ ڪيفيت ۾، پنهنجي شاعريءَ واريءَ ڪتاب "زندگي جي گونج" ۾ بيان ڪندي لکي ٿو ته:

**ويندڙخوش ٿئي ڪلندا وياپر،پـــــــاڻ ته رئندا رهجي وياسين،**

**ڪين ورائي ڪنڌ ڏنائـــــون،ڏڪـــــــــندا ڏسندا رهجي وياسين**

**ڦوٽن توڙي خط ،پينن مان ،خــــــوشبوءِ ايندي رهندي آ ته به ،**

**سرڪش سنڌي سچٽن جي لاءِ سڪندا سڪندا رهجي وياسين." (92) .**

سرڪش سنڌي پنهنجي پيار ۾ ،پيار واري ڪيفيت ڳڻتي ڪي،پنهنجي شاعري واري ڪتاب زندگي جي گونج ۾ بيان ڪندي چوي ٿو ته :

**سمجهي نه سگهيس توڪان وسري چو ويو آهيان،**

**مان پـــيو ته نه هان سپرين تنهنجو ئي پتو آهيان،**

**جيئـــــــــانٿو اجان جـــڳ ۾، دڳ ۾ نـــــه ڏنـــــو آدم،**

**دعـويٰ بـــه ڪيان ڪهڙي سرڪش ته سچـــــــــو آهيـان. (93)**

سرڪش سنڌي :پنهنجي پيار ۾،حسرتن واري ڪيفيت، پنهنجي شاعري واري ڪتاب "زندگي جي گونج" ۾ اظهاريندي چوي تو ته:

**من ڦري وئي هئين،مـنهن نه ڦيرين ها،**

**يا ته هرهر ڏسي هـــــــانءُ هيرين نـه ها،**

**پيار واريءِ پلازا تـــــــي چاڙهي پرين،**

**روح رسول ڪري هيٺ ڪيرين نه هان،**

**ويو وهي قافلو هـــــــــيءُ اتي جو اتي،**

**چو ته سرڪش وڏان پنڌ پيرين نه هان." (94)**

سرڪش سنڌي پيار ۾،پيڙاءُ وارين ڪيفيتن ۾،پنهنجي شاعري واري ڪتاب سمنڊ چوليون ٺهڪ ۾ پنهنجي محبوب ڪي پيار ۾ پيڙاءُ واري ڪيفيت ارپيندي چوي ٿو ته:

**"جوانيون،جوانين ڏي گهورن پيون،**

**وهيون جئن جانين ڏي گهورن پيون.**

**ڦڪي مرڪ مرڪو به مرڪو سهي،**
**وٺيون،بدگمانين ڏي گهورن پيون.**

**چپن چاھ ســـاريـوتـــه ساروٽيـون،**
**صدائن سهانـــين ڏي گهورن پيون.**

**نه سرڪش ڪڏھن آس ماري ڇڏي،**
**اکيون ڪامرانين ڏي گهورن پيون.”(95)**

سرڪش سنڌي پنهنجي پيار ۾ پيڙاءُ وارين ڪيفيتن ۾ پنهنجي شاعري واري ڪتاب سمنڊ ڇوليون ٿهڪ ۾ ويچار ونڊيندي چوي ٿو ته :

**“ساھه کي ويســـــاھه جـــون سارون هيون،**
**دل جون ديوارون ســـچيون ڏارون هيون،**
**پيار کي مڪروھه ٿـــــــا سمجهن تڏهن،**
**سوچ ۾ سپ ڪنهن کي تلوارون هيون.” (96)**

## 4.4 انساني آزادي :

آزادي جو جذبو هڪ فطري جذبو آهي . هر انسان چاهيندو آهي ته هو ٻين جي مرضي مطابق نه هلي.۽ هو پنهنجي آزاد زندگي گذاري. آزادي جي هيءَ خواهش ايتري شديد هوندي آهي جو ڪڏھن ڪڏھن انسان،انساني آزادي ٿيڻ جيڪري وڏي کان وڏي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي. اها به حقيقت آهي ته انسانن جو وڏو تعداد عملي آزاديءَ کان محروم آهي.ان صورتحال جا ڪيئي سبب آهن . 1 انسانن جي وچ ۾ اهڙا به ماڻهو به موجود آهن جيڪي پنهنجي مرضي ٻين جي مٿان مڙهڻ چاهينداآهن. اهي طاقت ۽ فريب جي ذريعي انهن جي آزادي ختم ڪري ڇڏيندا آهن. اهي ماڻهو ناهن چاهيندا ته ٻيا ماڻهو انهن جي برابر هجن. هو ٻين ماڻهن کي پنهنجي آڏو جهڪائڻ چاهيندا آهن. آزادي جي محرومي جو هڪ ٻيو سبب اهو به آهي. جنهن جو تعلق انساني زندگي جي اجتماعي پهلو سان آهي .هر انسان پنهنجو اجتماعي وجود رکندو آهي. ليڪن هو اڪيلو زندگي ناهي گذاري سگهندو.بلڪي ان جي فطرت ۾

ضرورتون کيس مجبور ڪنديون آهن. تہ هو اجتماعي زندگي گذاري ۽ سندس اجتماعي ادارن سان برقرار رهي.ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو آهي تہ اجتماعي ادارا انسان جي آزادي کي ختم ڪري ڇڏيندا آهن ان صورتحال جي پيش نّظر انساني آزادي جي حاصلات لاءِ هيٺين نقطن تي غُور ڪرڻ ضروري آهي ؛

1. انسانن جي آزادي ختم ڪرڻ وارن ماڻهن جي اصلاح.
2. اگر اصلاح نہ ڪري_ سگهجي تہ ماڻهن جي مقابلي ۾ آزادي جي تحفظ لاءِ تدبيرون
3. اجتماعي ادارن جڏي طرز عمل جي اصلاح
4. اجتماعي ادارن جي زيادتن جو مقابلو
5. انساني آزادي جو مفهوم

مٿين نقطن تي غور ڪرڻ کان پهريان خود انساني آزادي جو مفهوم تي غور ڪرڻ گهرجي ان سلسلي ۾ هيءُ سوال اڀري ٿو تہ اگر ڪو شخص ٻين انسانن جي مرضي مطابق نہ هلي ليڪن پنهنجن خواهشن مطابق هلڻ لڳي ۽ پنهنجي نفس جو جائز ۽ ناجائزمطالبو ڪرڻ لڳي، ڇا واقعي اهڙي فرد کي آزاد چئي سهگجي ٿو، انهيءَ ڳالھ تي غور ڪيو وڃي تہ معلوم ٿيندو تہ انسان کي حقيقي آزادي پنهنجي فطرت جي هم آهنگيءَ کان بغير حاصل نٿي ٿي سگهي. جڏهن انسان شر کي ڇڏي خير کي اختيار ڪندو آهي تہ هو سچي آزاديءَ جي ويجهو اچي ويندو آهي.ان جي بر عڪس اگر هو خير کي ڇڏي شر کي اختيار ڪندو تہ هو آزادي کان محروم ٿي ويندو.هو نفس ۽ شيطان جو غلام ٿي ويندو. آزاديءَ جي لغوي معني هيءَ بيان ڪئي ويندي آهي تہ انسان جيڪو چاهي سو ڪري ،ليڪن انسان جي فطرت جي اها تقاضا آهي تہ هو خير کي چاهي ۽ شر کي پاڻ ڏانهن راغب ڪرڻ نہ ڏئي. انهيءَ قسم جي آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ محض ٻاهرين عنصرن سان ڪشمڪش ڪافي نہ آهي. جيڪي انساني آزادي کي ختم ڪندا آهن . بلڪ هتي انهي نفس اماره سان ڪشمڪش پڻ ضروري آهي. جيڪو انسان کي برائي جي ترغيب ڏيئي ٿو ۽ نيڪي ڪرڻ جي صلاحيتن کان محروم ٿئي ٿو. ارشادي باري تعالي آهي تہ مگر هيءُ ظالم ، بي سمجھ پنهنجن خواهشن جي پويان هلڻ لڳا آهن هاڻي ان شخص کي رستو ڪير ڏسي. جنهن کي الله تعالي رستو ڀٽڪائي ڇڏي. اهڙن ماڻهن جو ڪو بہ مددگار نٿو ٿي سگهي. بس هڪ ٿي ڪري پنهنجي زندگي جو رخ دين جي طرف ڪري ڇڏيو ۽ انهيءَ فطرت تي قائم ٿي وڃو.جنهن تي الله تعاليٰ پيدا ڪيو آهي. الله تعاليٰ جي پيدا

ڪيل دين بدلائي نه ٿو سگهجي .بلڪل سچو ۽ درست دين آهي .مگر اڪثر ماڻهو نه ٿا ڄاڻن.

قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ :

**بَلِ اتَّبَعَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْٓا اَهْوَآءَ هُمْ بِغَيْرِ عِلْمٍ ۚ فَمَنْ يَّهْدِيْ مَنْ اَضَلَّ اللّٰهُ ؕ وَمَالَهُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ 29**

**فَاَقِمْ وَجْهَكَ لِلدِّيْنِ حَنِيْفًا ؕ فِطْرَتَ اللّٰهِ الَّتِيْ فَطَرَالنَّاسَ عَلَيْهَا ؕ لَا تَبْدِيْلَ لِخَلْقِ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ ۙ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ.30**

ترجمو:'' مگر جيڪو ظالم آهي ،بي سمجهہ آهي ۽ پنهجي خواهش جي پويان هلي ٿو،پوءِ جنهن کي الله گهمراهہ ڪري ان کي هدايت ڪير سگهي ٿو. ۽ ان جو ڪوبہ مدد ڪندڙ نہ آهي''29

پوءِ تون هڪ طرفو ٿي دين جي رستن تي قائم دائم ٿي رهه . ۽ پوءِ خدا جي ڏنل رستي تي هل جنهن تون کي پيدا ڪيو آهي .خدا جي ڏسيل قانون ۾ ڪابه تبديلي نہ ٿي سگهي ۽ ان سڌو دين آهي پر گهڻن ماڻهن کي اها خبر نہ آهي. 30(97)

ان مٿي آيت جي روشني ۾ آزادي جو مفهوم آهي تہ انسان جي راءِ خير اختيار ڪرڻ تي قادر هجڻ يعنيٰ جڏهن ڀلائي جي رستن تي روڪاوتون ختم ٿي وڃن چاهي اهي رڪاوتون بيروني طاقتن طرفان وڌيون ويون هجن يا خود انسان جي نفس جي طرف کان وڌيون ويون هجن تہ انسان کي آزادي حاصل ٿيندي آهي .انساني ارتقا آزادي سان وابسطہ آهي .انسان آزاد هوندو تہ ان جون صلاحيتون وڌنڌون رهنديون،ان جي شخصيت ۾ آهستہ آهستہنکھرايندو ويندو .تڪميل ذات جي طرف ان جو سفر آزاد ٿي ويندو آهي .آزادي جي حوالي سان الله تعاليٰ قرآن شريف جي سوره الشمس جي آيت نمبر 7 ۽ 10 فرمائي ٿو تہ :

**وَنَفْسٍ وَّمَا سَوّٰهَا 7**

ترجمو: ''۽ پوءِ انسان کي ۽ انسان جي عضون کي برابر ڪيو''.

**وَقَدْخَابَ مَنْ دَسّٰهَا 10 (98)**

ترجمو:''(قوم) ثمود پنهنجي سرڪشي جي ڪري (پيغمبرن) کي نہ مڃيو''.

انساني فطرت خير پسند ۽ حقيقت پسند آهي . انهن جي خير جي تقاضا اها آهي تہ هو نيڪي جي رستي کي اختيار ڪري .اهڙي طرح سان انهن جي حقيقت پسندي ان کي آماده ڪندي آهي .تہ محبودي حقيقي جي طرف پنهنجو سر جهڪائڻ ٻين لفظن ۾ چئي سگهجي ٿو تہ آزادي جو فطري جذبو جيڪو انسان جي دل ۾ هوندو آهي .اهو مخلوقات جي بندگي کان

آزادي جو جذبو آهي . اهو انهي جي ڪري حقيقت جي اعتبار کان هن ڪائنات جو اقتدار صرف الله وٽ آهي . مخلوڪات کي ڪو به اقتدار حاصل نه آهي .انهي لاءِ هيءَ عين حقيقت پسندي آهي تہ اسان خالق حقيقي جي اڳيان سر جهڪايون ۽ مخلوقات جي آڏوسرنہجهڪايون
.

سرڪش سنڌي پنهنجي وطن جي آزاديءَ جي ڳالهہ ڪندي چوي ٿو تہ مون کي پنهنجي وطن جي آزادي لاءِ جيڪي بہ تڪليفون برداشت ڪرڻيون پيون تہ ڪندس ۽ هڪ ڏينهن اهي منهنجون ڪاوشون ۽ ڪوششون رنگ لاهينديون۽ مان پنهنجي وطن تي آزاديءَ جو چنڊ چمڪندي ڏسندس اهڙي قسم جي منظر ڪشي سرڪش سنڌي پنهنجي ڪتاب ''سنڌو ڳائي ٿي '' ۾ ڪندي چوي ٿو تہ :

**''پيئان آءُ سمنڊ وجهي سپ ڪوڙاڻ،**

**آزاديءَ جو چنڊ اڀري پئنجي سنڌ تي،**

**مونکي پوڙ سمنڊ پوڙي جيئن جهاز،**

**يا مون سپ آواز آزادي جي واسطي.''**(99)

**انساني آزاديءَ تي تجزيو**:

هن سماج ۾ هر هڪ ماڻهو بنيادي طور تي آزادي پسند آهي.تنهنڪري هر هڪ ماڻهو آزادي چاهي ٿو.هو معاشري ۾ سيني رڪاوٽن ۽ رنڊڪن کي ٽوڙي اڳتي وڌي ٿو ته جيئن آزاد فضا ۾ رهي سگهجي.هو چاهيندو آهي ته آزاد فضا ۾ ساهه کڻي سگهجي.نه فقط انسان،بلڪ پکي پکڻ ۽ جانور پڻ آزادي چاهي ٿو.ڪنهن ڏاهي جو قول آهي ته انسان آزاد پيدا ٿيوآهي پر هو هر هنڌ جڪڙيل آهي.ادبي حوالي سان ''انساني آزاديءَ'' کي خاص اهميت حاصل آهي. اديبن،ليکڪن۽ شاعرن انساني آزاديءَ تي تمام گهڻوڪجهه لکيو آهي.دنيا جي سيني ٻولين ۾ انساني آزاديءَ کي موضوع بڻايو ويو آهي.سنڌي شاعري ۾ هن موضوع تي تمام گهڻو لکيو ويو آهي.

سرڪش سنڌيءَ جتي حب الوطنيءَ،ظلم۽زيادتن،انسان دوستيءَ تي لکيو آهي.اتي انساني آزاديءَ تي پڻ لکيوآهي. سرڪش سنڌي آزاديءَ جي حوالي سان پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چوي ٿو ته آزاديءَ کان جيڪو انڪاري آهي تنهن سان ياري نٿي رکي سگهجي. ان سان ڪو به لاڳاپو نٿو سونهين. اهڙن خيالن کي سرڪش سنڌي پنهنجي شاعري جي ڪتاب ''سمنڊ چوليون ٿهڪ'' ۾ هن طرح قلم بند ڪيو آهي:

**''آزاديءَ جي انڪاريءَ سان ڪهڙي ياري آ،**

**ماڻهوءَ جي بيماريءَ ســـان ڪهڙي ياري آ.” (100)**

انساني آزاديءَ تي سرڪش سنڌي وڏيڪ ويچاريندي چوي ٿو ته جيڪڏهن انسان کي آزادي ناهي ته پوءِ هيءُ عيدون به ڪا اهميت نٿيون رکن ۽ ترارين جيان ٿيون لڳن.سرڪش سنڌي اهڙن آزاد خيالن کي پنهنجي شاعري ۾جوڙيندي چوي ٿو ته:

**“آزادي جـــــــــو آئي ناهي،**

**لڳنديون چونه ترارون عيدون.” (101)**

سرڪش سنڌي انساني آزاديءَ بابت لکي ٿو ته جڏهن هيءَ ڌرتي، ڌرتي ٿي ويندي ،سج هيٺ لهڻ شروع ڪندو،ڦلا ٽڙڪندا ۽ ٿر جي واري تپڻ شروع ڪندي، اهڙيءَ منظر ڪشيءَ کي سرڪش پنهنجي شاعري ۾ هن ريت قلم بند ڪيو آهي:

**“هيءَ ڌرتي اجهوڌرتي ٿئي ويئي،**
**ڏيڌ ڪانو مرٿان ســـج لهي ايندو،**
**ٿامي ٿامي ڪـــــــي ڦلاٽڙ ڪندا،**
**ٿر واري تپـــــــڻ ۾ ڪئي دير آ.”(102)**

سرڪش سنڌي انساني آزاديءَ بابت پنهنجو واضح پيغام ڏنو آهي، هو پنهنجي شاعري ۾ چوي ٿو ته جيڪو ماڻهو آزاديءَ کي آزادي نٿو سمجهي اهو انسان نه آهي اصل انسان اهوآهي جيڪو ڌرتيءَ سان پيار ڪري ٿو:

**“آزادي آزار،جـــيڪو پائني قوم جي،**

**م چوءُ امڙ ان کي، م چوءُ ماڻهو پار،**

**ڌرتي جنهن جو پيار،اهو چئجي آدمي.” (103)**

## 5.4 ظلم ۽ زيادتون:-

ظلم جو مقصد اهو نہ آهي تہ ڪنهن ماڻهو جي جسم جو حصو ڪٽي ان تي لوڻ ٻرڪيو وڃي يا ڪنهن جون اکيون ڪڍيون وڃن ، ڪنهن زنده ماڻهو جا ننهن ڪٽيا وڃن ، يا ڪنهن مظلوم کي بک ۽ اڃ جي صورت ۾ قيد ۾ رکيو وڃي،بلڪ ڪنهن جو حق مارڻ ڪنهن کي بنا ڪنهن سبب ايضاءُ پهچائڻ بہ ظلم جي دائري ۾ اچي ٿو.جيڪو اسلامي احڪامن جي خلاف ورزي ۽ الله ڪريم ۽ ان جي رسول حضرت محمد ﷺ جي ناراضگي جو سبب آهي . حضرت شريف جرجاني رحمة الله تعاليٰ عليہ پنهنجي ڪتاب “التعريفات” ۾ ظلم جي معنيٰ بيان ڪندي لکن ٿا تہ ڪنهن شيءَ کي ان جي جڳهہ کان علاوه ڪنهن ٻي جاءِ تي رکڻ ،(التعريفات للجرجانر ص 102) شريعتن ۾ ظلم مان مراد هي آهي تہ ڪنهن جو حق

مارڻ (ڦٻائڻ)، ڪنهن کي غير محل (ٻي هنڌ) تي خرچ ڪرڻ ،ڪنهن کي بنا ڏوهه جي سزا ڏيڻ.

افسوس جي ڳالھ اها آهي تہ اڄڪلهہ ماڻهو پنهنجي انجام کان بي خوف ٿي ظلم ۽ زيادتي ڪندي،ڌمڪيون ڏئي ماڻهن کان رقم جو مطالبو ڪندا آهن،ماڻهن جي مال ۽ جائيداد تي قبضو ڪندا آهن ،چوري ،ڌاڙو ،دهشت گردي ۽ قتل ۽ رت وهائڻ جهڙن گناهن ۾ مبتلا ٿي خبر ناهي ڪهڙي ڪهڙي انداز سان مسلمان جا حق ڦٻائيندا آهن.

شاعر معاشري جا انتهائي حساس ذهن جا فرد هوندا آهن.هو معاشري ۾ انسان ذات تي ٿيندڙ هر قسم جو ظلم ۽ زيادتيون برداشت ناهن ڪندا، اهڙي قسم جي ظلم ۽ زيادتين خلاف هو پنهنجو جواب شاعري جي انداز ۾ سموهيندا آهن اهڙي قسم جي شاعرن مان سرڪش سنڌي بہ هڪ آهي.جنهن جتي بہ ظلم ۽ زياديتون برپا ٿيندي ڏٺيون آهن اتي هن پنهنجو جواب شاعري جي روپ ۾ ڏنو آهي .جيئن پنهنجو لکيل ڪتاب ”سنڌو ڳائي ٿي“.۾ ٺوڙي ڦاٽڪ جي شهيدن مٿان ظلم ۽ زيادتون برپا ٿيندي لکي ٿو تہ :

**”ٺوڙهي ڦاٽڪ تي چٽو ،اڄ بہ رت جو رنگ،**

**نينگر! توتي ننگ ، پيڻـــــن توٽي پونءِ جو.**

**امڙ ! ڪيئن وساريان ، نـــوڙهيءَ ڦاٽڪ کي،**

**ڏيــئـــا ٿـــــي ٻـاريان ، جـوڌا جت شهيد ٿيا.“**(104)

مٿين بيت ۾ سر ڪش سنڌي ٺوڙي ڦاٽڪ جي شهيدن، جي دليري ۽ سورهيائي جا مثال ڏنا آهن. وڏيڪ لاءِ سرڪش چوي ٿو ته هن ديس جي ماڻهن تي ڪيترا به ظلم ٿيا آهن پر پوءِ بهادري ۽ دليري وارو جذبو رکيون پيا اچن.

**”چوڏهين جي چنگيز جا،جيڪي پوچاري،**

**آيل ويچاري ، تـــــــن تي روئي رت ڦڙا“**. (105)

سنڌوڳائي ٿو ڪتاب ۾ سرڪش سنڌي چنگيز خان جي ظلم ۽ بربريت بابت چوي ٿو ته چنگيز خان جا جيڪي پوچاري آهن تن کي ڏسي دل رت جا ڳوڙها ڳاڙي ٿي.

**”ويچاري وڃائيو،پنهـــجو سارو گهر،**

**اڄي ويس در،ڪونڌر ٻئي ڪسجي ويا“**.(106)

سنڌ ڌرتي جو مزاحمتي شاعر هن شعر ۾ سنڌين سان ٿيل ظلم ۽ زياتيون جو اظهار ڪندي چوي ٿو ته هن ويچاري پنهنجو سمورو گهر وڃائي ڇڏيو،سندس ڪونڌر به مارجي ويس ۽ سندس سمورو ويڙهو ويران ٿئي ويس.

**آيا جي ارغون،سورهيه ٻڌجي سنڌ ۾،**

**وقت انهن جا خون ڪٽي ويو پاڻ سين. (107)**

سنڌ جو مزاحمتي ۽ انقلابي شاعر سرڪش سنڌي ارغونن ۽ ترخانن جي ظلم ۽ زيادتين جي ڳالهه ڪندي چوي ٿو ته جيڪي ارغون ۽ ترخان جيڪي ڪنهن وقت سنڌ جا حڪمران هئا انهن هتي اچي تمام گهڻا ظلم ۽ زيادتيون ڪيون پر وقت اهڙي ته موٽ ڏنن جو انهن جا خون الائي ته ڪاڏي ڪاڏي هليا ويا.

**"وڙهي پيا پاڻ ۾، جـــــــــــــڏهن ٽالپر،**

**مونجهي ٿي منڇر،ڪينجهرڳوڙهاڳاڙيا".(108)**

جڏهن سنڌ جا حڪمران ٽالپر پاڻ ۾ وڙهي پيا ته سنڌ جي ڌنڌن ڍورن به متاثر ٿي ڪري ڳوڙها ڳاڙيا ان سان گڏوگڏ منڇر مايوس ٿئي ڳوڙها پڻ ڳاڙيا.

**"ڪـيڏي آ ڪرنال جي،ڪئي رتوڇاڻ،**

**تڏهن لڏيلاڻ ،سنـــڌي ماڻهن ۾ پئي،**

**خلجين غزنين،غورين،مغلن جواولاد،**

**آيو ٿئي جلاد،سادن سنڌين جي مٿان." (109)**

هن تخليق ۾سنڌ جو انقلابي ۽ مزاحمتي شاعر سرڪش سنڌي سنڌين مٿان ٿيندڙ ظلم ۽ زيادتين جي ذڪ جو اظهار ڪندي چوي ٿو ته سنڌ سان گهڻي وقت کان وٺي ظلم ۽ زيادتيون جاري ساري آهن.ڌاريون قومون سنڌ مٿان جلاد بڻجي،سادن سپاجهڙن سنڌين کي لٽي ڦري ۽ماري پنهنجا گهر ڀريا آهن.

**"الله سوا ڏيه جـــــــــــو الله نه ڪري،**
**پٿر کان پڪو ڪوڙ تي ويساهُ نه ڪر،**
**الله جي نالي تي مـــــــــــــڙي وچ ملان،**
**گمراهه اٿي لوڪ کي گـــــــمراهه نه ڪر.(110)**

**سرڪش سنڌي پنهنجي هن خوبصورت شعر ۾ انساني آزادي جو درس ڏيندي چوي ٿو ته هن دنيا ۾ الله کانسواءِ ڪنهن تي به يقين نه ڪر ڇو جو اهو ئي هن دنيا جو پالڻهار آهي ان ئي هر انسان کي آزاد خلقيو آهي ۽ هر هڪ کي آزاديءَ سان جيئڻ جو حق آهي ۽ ڪوڙ تي ويساهُ نه ڪر.سرڪش وڏيڪ ملان سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو ته اي ملان مهرباني ڪري مڙي وڃ ۽ هن آزاد انسان کي گمراهه نه ڪر.**

**"تڙپندڙ هيءُ لاشـــو منهنجو،**

**ڌرتي کي رنگ لاهيندو پيو،**

**ويرم ٿـــــــــوري آهي باقي،**

**توکي به تــــــــــڙپائيندو پيو،**

**تربت جون هيءُ پئي ڪپرون،**

**توکي پيئـــون ڏونڌاڙيندون،**

**مون کي پيــئون سرچائيندون."(111)**

سنڌ ڌرتي جو مزاحمتي ۽ انقلابي شاعر سرڪش سنڌي ظلم زيادتين جي ڳالهه ڪندي چوي ٿو ته هن مظلوم لاش مٿان جيڪو ظلم ٿيو ان جو هڪ ڏينهن حساب ڪتاب ٿيندو ۽ سنڌ ڌرتي لاءِ ڏنل ڪوششون هڪ ڏينهن رنگ لاهينديون.

**ظلم ۽ زيادتون تي تبصرو:**

انسان جي وجود تي جيڪڏهن نظر وجهجي ٿي ته انسان اصل کان ئي ڏاڍو هيڻي تي غالب پئي رهندو آيو آهي.طاقتور ڌرين پنهنجي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ سان ڪمزور ۽ هيڻن ماڻهن تي ظلم وزيادتيون ڪري پنهنجو پاڻ کي مضبوط ۽ مستحڪم پئي ڪيو آهي. سماج ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو رهن ٿا:1 هڪ اهي ماڻهو جيڪي طاقت ۽ پئسي وارا آهن 2 اهي جيڪي معاشي ڪمزور آهن.طاقت ۽ پئسي وارا ماڻهو مختلف طريقا استعمال ڪري،ڪمزور ماڻهو جو استعمال ڪن ٿا.تخليقڪار جڏهن سماج ۾ اهڙي قسم جون زيادتيون ڏسي ٿو ته بجاءِ خاموش رهڻ جي، هو پنهنجو آواز تخليقن آڏار ماڻهن تائين پهچائي ٿو.هو ڪمزور ۽هيڻن ماڻهن کي حوصلو ۽ همٿ عطا ڪري ٿو ۽ کين جاڳائڻ جي جستجو ڪري ٿو. تخليقڪار جو آوازهڪ عام ماڻهو جي مقابلي ۾ ڪافي مضبوط ۽ سهگارو ٿئي ٿو.هو پنهنجي ڏات ۽ ڏانو ذريعي پنهنجو پيغام گهڻن ماڻهن تائين پهچائي ٿو.سرڪش سنڌي جيئن ته هڪ تخليقڪار آهي. هن وٽ به ڏات آهي. هن پنهنجي ڏات ۽ تخليقن آڏار ظالم ماڻهن جي ظلم جي ننديا ڪئي آهي.سرڪش سنڌي شعرن ذريعي پنهنجو آواز ماڻهن تائين پهچايو آهي. سرڪش سنڌيءَ پنهنجي شاعري ۾ ظلم ۽ زيادتين کي به پنهنجي شاعري جو موضوع بڻايو آهي.هو چوي ٿو ته جيڪو ماڻهو هڪ بي گناهه ماڻهو کي تلوار سان ماري ٿو اهو چڻ ته پنهنجي سڳئي پيڻ جي سلوار لاهي ٿو.جيئن هڪ شعر ۾ سرڪش اهڙي قسم جي خيالن جي آبياري ڪئي آهي:

**"ماڻهن کي ڪهڻ لاءِ جو تلوار ٿو لاهي،**

**سو ته چڻ سگهي پيڻ جي سلوار ٿولاهي." (112)**

تخليقڪارجيئن ته حساس طبيعت جو هوندو آهي.هو سماج ۾ موجود ماڻهن جي روين تي سوچيندو ۽لوچيندو آهي.هو بغض ۽ بدخواهي جي ننديا ڪندو آهي. سرڪش سنڌي غريبن ۽ مظلومن جي مٿان ٿيندڙ ظلم ۽ زيادتين جي خلاف پنهنجي شعر ۾ هن طرح خيالن جو اظهار ڪيو آهي.:

**"غريبن کي گهوگها گهڻا ڪيستائين،**

**پيا ڏيندا پٽڪي لٿــــــا ڪيستائين،**

**ٺڪا يا پڳا ،هيڻ ٿينـــــــــدا هميشه ،**

**ستم جـــا اهي هٿ اپا ڪـــــيستائين،**

**پيا روزســـرڪش هٿن سان ڪرايو،**

**ٺمرنا کي ٺـــڪرا ڳپـــــــاڪيستائين." 113**

سرڪش سنڌي سماج ۾ موجود ظلمن ۽ زيادتين کي ڏسي تڙ پئي پيو.هو ظالمن سان مهاڏ اٽڪائڻ جي ڳالهه پيوڪري ۽ مزاحمت ڪرڻ جو درس پيوڏيئي.هو ظالمن ۽ مڪارن جي خوف کان لکي نٿو۽ انهن جي خلاف مزاحمت پيو ڪري۽ چوي پيو ته تون اي ظالم جيڪو ظلم ۽ ناجائزي ڪئي آهي ۽ منهنجي رت جا جيڪي نشان آهن سي تنهنجي منهن تي هڪ ڏينهن ظاهر ٿيندا ۽ آخر تون قاتل ثابت ٿيندين ۽ ان ڪردار ڪري تنهنجو ڪنڌ به ڪپجندو.اهڙين ڪيفيتن کي سرڪش سنڌ پنهنجي شاعري جي ڪتاب "پيار ۽ آزادي" ۾ هن طرح بيان ڪيون آهن:

**"منهنجي رت جـــون ڦينگون آخر،**

**تنهنجي منهن تي ٿينديون ظاهر،**

**توکي قاتل ٺـــــــــــــهرائينديون،**

**تنهنجو ڳاٽ به لـــــــــهرائينديون." (114)**

سرڪش سنڌي پنهنجو پيغام عوام تائين پهچائيندي سجاڳيءَ جو شعور ڏنو آهي.هوپنهنجي ديس ۾ ظلم ۽ زيادتين کي ڏسي ماڻهن کي سوچڻ ۽ لوچڻ تي مجبور ڪري ٿو.سرڪش سنڌي پنهنجي نظم جي هيٺين سٽن ۾ چوي ٿو ته تنهنجي ظلم جيڪري جان جسم مان نڪري چڪو آهي، پر پوءِ به اجا جان ۾ طاقت ۽ ست آهي، ماڻهو پلي مرڻ ڪنڌي تي هجي، جي ڳاڙهين اکين وارا نوجوان ڏسو ٿا سي پڙڪي اٿي پيا ته پوءِ اهي ظلم ۽ زيادتيون

نه رهنديون. اهڙن خيالن کي سر ڪش سنڌي پنهنجي شاعري جي ڪتاب ''پيار ۽ آزادي '' ۾ قلم بند ڪندي چوي ٿو ته:

**''توڙي ويو رت وهـــــــــي ته به اجاست آءِ**

**پوئتي کرڙي هٽي جـــــــي اٿاري وڌمءِ**

**هيءُ جي ڳاڙهين اکين سان ٿا ڳيھ ڏسوءِ**

**تن جو پڙڪي اٿــــــــــڻ ۾ ڪٿي ديرآ.'' (115)**

## 6.4.جياپي لاءِ جدوجهد:

علم حياتيات جي هڪ استاد شاگرد کي ٻڌايو ته پوپٽ ڪهڙي ريت خول کي توڙي ٻاهر نڪري ٿو ۽ پوءِ خول ان جي سامهون رکي ڇڏيو ۽ ٻڌايائين ته ٻن ڪلاڪن کان پوءِ ان مان پوپٽ نڪرندو ان سان گڏوگڏ کيس منع ڪئي ته ڪو به ان پوپٽ جي خول مان نڪرڻ جي سلسي ۾ مدد نه ڪري، ان کان پوءِ هو ڪلاس کان ٻاهر هليو ويو ٻن ڪلاڪن کان پوءِ اهو خول ٽٽڻ لڳو ۽ پوپٽ ٻاهر اچڻ جي جدوجهد ڪرڻ لڳو.ان جي جي حالت ڏسي هڪ شاگرد کان برداشت نه ٿيو ۽ هن استاد جي نصيحت کي درگذر ڪندي پوپٽ جي حمايت ڪرڻ خيال سان خول کي توڙي ڇڏيو ۽ پوپٽ آزاد ٿي ويو پر ٿوري عرصي کان پوءِ ان کي تڪيندي تڪيندي پوپٽ مري ويو.جڏهن استاد کي اها خبر پئي ته هن شاگرد کي سمجهايو ته خول کي توڙڻ جي جدوجهد پوپٽ کي اها سگهه ادا ڪري ٿي جنهن سان زنده رهي ٿو.۽ جيئن ته شاگرد پوپٽ کي اها جدوجهد ڪرڻ نه ڏني .تنهن ڪري پوپٽ مري ويو.زندگي ۾ آزادي ، ترقي ،خوشحالي ،اختيار،برابري جدوجهد کان سواءِ حاصل ٿيڻ ممڪن نه آهي .

هن دنيا ۾ جڏهن کان انسان پيدا ٿيو آهي. تڏهن کان هن جيئڻ لاءِ جدوجهد ڪئي آهي. مثال طور: هن دنيا ۾ جڏهن انسان پهرين اک کولي ٿو ته اها پهرين نظر پنهنجي گهرجي ڀاتين تي پويس ٿي جيڪي گهر ۾ مختلف قسم جا ڪم ڪاريون ڪن ٿا. مثال طور جي ٻار جو پيءُ ڪنهن گورنمينٽ جي ڊيوٽي ۾ آهي ته اهو صبح جو پنهنجي ڊيوٽي تي وڃي ٿو ۽ شام جو واپس اچي ٿو ۽ اهڙي طرح ٻيا گهر جا ڀاتي پڻ مختلف ڪم ڪن ٿا جن کي اهو معصوم ٻار پنهنجي شعوري توڙي لا شعوري سگهه سان ڏسي ٿو پوءِ جڏهن ان ٻار جي نشو نما ٿئي ٿي ته اهو پنهنجي عملي زندگي ۾ آهستي آهستي اچي ٿو پوءِ ان ٻار کي جيڪا معاشري توڙي گهر جي اندر تربيت ملي ٿي ان تحت زندگي گذاري ٿو پوءِ ان زندگي جي ڪارگذارين واري طريقي جي نالي کي جياپي لاءِ جدو جهد چئبو آهي . اهڙي طريقي سان زندگي گذارڻ جو سلسلو شروع ٿئي وڃي ٿو.هر ڪو ماڻهوهن زندگي جي ٻوڙ ۾ ڪوشش ڪري ٿو ته، آءُ

پنهنجي زندگي ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان خوشحال۽سليقي واري گذاريان ته جيئن ان ۾ هر قسم جي خوشحاليءَ واريون سهولتون هجڻ گهرجن ۽ معاشري جي سڌريل ماڻهن سان ڪلهو ڪهلي ۾ ملائي زندگي گذاريثو. اهڙي زندگي گذارڻ لاءِ هيءُ محنت ۽ مشقت جي ضرورت محسوس ڪري ٿو.پوءِ ان جي خوشحاليءَ لاءِ هو جفاڪشي شروع ڪري ٿو. اهڙن جفاڪش ۽ محنتي انسانن مان سرڪش سنڌي عرف عبدالمجيد چانڊيو پڻ اهڙن انسامم جي هڪ ڪڙي آهي. سرڪش سنڌي جو جنهن ماحول ۾ جنم ٿيو جنهن طريقي سان هن پنهنجي زندگي گذاري ۽ جياپي لاءِ جدوجهد ڪئي ان جو مختصر احوال هن ريت آهي:

سرڪش سنڌي جو جنم به ناناڻن جي ڪڪائن گهرن ۾ ٿيو سرڪش سنڌي جو پيءُ نهايت ئي غريب خاندان سان واسطو رکندو هو سرڪش سنڌي جي پيءُ جو نالو مولانا عبدالله چانڊيو هو جيڪو پيشي جي لحاظ کان عالم دين هو. مولانا عبدالله چانڊيو مختلف مدرسن ۾ پڙهائي ڪري هو پنهنجو ۽ پنهنجي اولاد جو پيٽ گذرڪندو هو. مدرسن ۾ پگهار اچ تائين به ڪا خاص ناهي سو سندس گهريلو زندگي جو ڪاروهنوار مشڪل سان هلائيندو هو. سرڪش سنڌي سنڌي تعليم جي لحاظ کان پهريائين ديني تعليم ورتي، جيڪا سندس پيءُ کان مليس. سرڪش سنڌي تقريبا ڏهن ورهين جي عمر ۾ قرآن ناظران پڙهيو.

سرڪش پنهنجي جياپي لاءِ جدوجهد وارو مختصر قصوپنهنجي آتم ڪٿا واري ڪتاب ”جوٺيون جيءَ جهان ۾“ بيان ڪندي لکي ٿو ته :

”مذهبي علم حاصل ڪرڻ معنيٰ مفت خوري. محلي جي ڳوٺ جي يا شهر جي ماڻهن کان ٽڪيون پني کائڻ کارائڻ ۽ مدرسو هلائڻ توڻي جو مدرسن ۾ ديني تعليم سا گڏ طبي تعليم به ڏني ويندي هئي پر طب جو ڪم اهي مولوي ڪندا هئا جن کي درس تدريس تي پهچ نه هئي والد محترم به وڏي عالم جي حيثيت سان مدرس ٿيڻ کي اوليت ڏني ۽ اسان مفت جي مانين جي ڳولا۾ ساڻس گڏ هڪ مدرسي کان ٻئي مدرسي، هڪ شهر کان ٻئي شهر ۽ هڪ علائقي کان ٻئي علائقي ڏانهن در بدر خاڪ بسر ٿيندا رهيا سين ۽ ڏاڍي خوشي سان ٿيندا رهيا سين. سڀ کان اڳ ۾ والد ”محترم ملان جي ڳوٺ ۾“ مدرسو کولي، تعليم ڏيڻ شروع ڪئي هي، اتي ئي ٻير وارو بزرگ به پڙهڻ آيو هو ۽ ٻيا ڪيترائي شاگرد علم جي دنيا وٺڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا هئا.والد محترم مسجد جي اڳيان طالبان توڙڻي ڳوٺائن جي سهولت لاءِ کوهي تيار ڪرائي هئي.اها خبر اتان جي آسپاس جي زمينن جي مالڪ ،بڪڻن جي وڏيري غلام محمد کي پئي ته ماڻهن کي گهرائي مدرسي کي بند ڪرائڻ ۽ مانيون ٽڪيون نه ڏيڻ لاءِ حڪم ڏنائين ۽ چيائين ته، عبدالله ڪير ٿيندو آهي جو اسان جي ڳوٺ ۾ کشت پيو ڪري ! اهڙي طرح ڳوناڻا وڏيري کان ڊڃي مسافر طالبان کي مانيون نه ڏيڻ لڳا ته مدرسو بند ٿي ويو جنهن کان پوءِ حيدرآباد

ضلعي جي سعيداآباد پرسان پير جهنبڊي ڳوٺ ۾ راشدين جي مدرسي ۾ وڃڻ ٿيو هو راشدي صاحبان مڪتب فڪر جي لحاظ کان اهل حديث آهن سندن ذاتي اٿٽيون ويهڻيون ٻهچرڪائيندڙ آهن هن مدرسي ۾ گهڻو رهڻ نہ ٿيو هو ۽ رونبن جي موسم ۾ رات جو اچي ڳوٺ نڪتاسين ناني لعل بخش جن ٻهاتي موٺي آيا هئا ۽ والدہمحترمہ وٽن رهندي هئي رات جو رونبي جي گپ چڪ ۾ ٿڦجي پيا هئاسين تہ اهڙائي پير ڌوتا نہ ڌوتا سمهي پيا سين.‘‘(116)

اهڙيءِ طرح سرڪش سنڌيءَ کي بنيادي طور تي،شروع ۾ ئي محنت تي پاڙڻ ۽ پنهنجي مدد پاڻ ڪرڻ واري تربيت مليس. جنهن تحت هو زندگي جون الاهي ساريون تڪليفون برداشت ڪري،معاشري ۾ ڪامياب ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو.

سرڪش سنڌي پنهنجي تڪليفن وارين واقعن کي پنهنجي آتم ڪٿا واري ڪتاب واري ڪتاب ’’جوٺيون جيءَ جهان ۾ بيان ڪندي لکي ٿو تہ:

’’ڳڙهي ياسين کان ويندڙ روڊ امروٽ وٽان گذرندو لاڙڪاڻي کان سکر ڏانهن ويندڙ روڊ سان کير ٿر جي پل وٽ ملي ٿو .امروٽ جي اولهہ ۾ روڊ سان لڳ وڏيون ڊگهيون کجيون آهن ۽ کجن مان نظر گذرندي مسجد ۽ مدرسي تي پوندي وڏن منارن سان ٺهيل مسجد جو اڱڻ ڪافي ڪشادو آهي جو هڪ ئي وقت اٽڪل ٽي چار هزار ماڻهون جمع ٿي سگهن ٿا. مسجد جي بلڪل اوپر ۾ نار کوهہ هوندو هو جيڪو مٿان ڍڪيل هو ۽ ان سان گڏ ئي چار غسل خانا هوندا هئا نار ۾ اٺ يا ڏاند وهندو هو تہ پاڻي وجي غسل خانن جي ٽانڪين ۾ پوندو هو جتان نلڪن جي ذريعي مدرسي جا طالب وغيره وهجندا هئا گڏوگڏ وضوءَ لاءِ بہ جگهہ هوندي هي، غسل خانن ۾ پاڻي جي موجودگي هڪڙي قسم جي پوسل واري بوءِ پيدا ڪنديsxv هئي جيڪا ڏاڍي وٽندڙ محسوس ٿيندي هئي البت اونهاري ۾ ڏينهن ۽ ماکي جي مکين جا هجوم ڊيڄاري رکندا هئا.‘‘(117)

سرڪش سنڌيءَ جو والد عبدالله چانڊيو دين جوعالم هو،هو هميشه ٻارڙن کي قرآن شريف جو علم ڏيڻ جو تجسس رکندو هو،ان علم جي اڄ اجهائڻ لاءِ مختلف مدرسن ۾ وجي ٻارڙن کي دين جي تعليم ۽ قران شريف جي سکيا ڏيندو هو.ان دوران جيڪا به هن کي تڪليف ايندي هئي، ان کي سرڪش سنڌي پنهنجي آتم ڪٿا واري ڪتاب ’’جوٺيون جيءَ جهان جون ‘‘ ۾ لکندي چوي ٿو تہ :

’’مسجد جي اتر ۾ اسانجي رهڻ جي جاءِ ۽ اوپر اتر ۾ سيدن جي حاويلي هوندي هئي حاويلي جي دروازي تي وجي خادم لااله الا الله چوندو هو تہ اندريان خادمياڻي نڪري ايندي هئي جيڪا ڪم چوندي هئي يا ٻڌندي هئي اسان کي ماني ٽڪي کانسواءِ اويل سويل بہ ٽي ڏوڪڙ سوڪڙ بہ ملندا هئا تڏهن اها خبر نہ هوندي هئي تہ اسان مائٽن عزيزن ۽ پنهنجي اباڻي ڳوٺ

ڪي ڇڏي ٻئي شهر وڃي ڇو ويٺا آهيون بس ابو امان ٿيا اسان جي ڪائنات جتي اهي اتي اسين، ٻين سان پنهنجو چا ۽ ٻين سان پنهنجو ڇا وارو خيال اسان کي تمام ننڍپڻ ۾ رهيو پر سنڌ جي ڪيترن بي وس ماڻهن ۾ وڏي هوندي به اهو خيال آهي ته ٻين سان پنهنجو ڇا بس ماني ٽڪي ڪپڙو لٽو ۽ اوپل سويل لاءِ يا وري پاڻي پيون ته گنج ٿيو انهن ڏينهن ۾ پاولي ڪان روپئي تائين جو سڪو هوندو هو ۽ روپيو چاندي جو ٺهيل هوندو هو جنهن تي انگريز جارج جي ٺوڙهي تصوير هوندي هئي انهيءَ روپئي جي تور تولو هوندي هئي.”(118)

سرڪش سنڌي پنهنجي دور جو وڏو انقلابي ۽ مزاحمتي شاعر هجڻ سان گڏوگڏ هڪ حقيقت پسند شاعر پڻ هو جنهن پنهنجي شاعري ۾ زندگيءَ جا مختلف رخ ظاهر ڪيا آهن.انهن رخن مان هڪ رخ ”جيئاپي لاءِ جدوجهد“ پڻ هڪ رخ آهي. جنهن کي سرڪش سنڌيءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ هن طرح بيان ڪيو آهي:

”سرڪش سنڌي جيڪو هر وقت قوم جي خوشحالي ۽ آجپي لاءِ ڪوشش ڪندي زندگي گذاري. سرڪش سنڌي پنهنجي زندگي ۾ هر وقت آزادي جا خواب ڏسندو رهيو ۽ هن جو نظريو هيو ته آزادي هر انسان جو بنيادي حق آهي،انهن خيالن جي سوڀيان لاءِ، سرڪش سنڌي پنهنجي ڪتاب ”سنڌو ڳائي ٿي“ ۾ شاعري جي روپ ۾ بيان ڪندي چوي ٿو ته :

**”ســــــــپــــــــيئي سپنا ،ساريون ساپيائون،**

**ارپــــيــــــــــون آهن سرتيون ،آزاديءَ آئون ،**

**جيسين باندي بند ۾ ، لهان ڪيئن لائون،**

**ڪـــــيـــو دعــــــــائـــــون ،اڇــي قومي آجپو.”**(119)

جياپي لاءِ جدو جهد مان مراد سهڻي آسائش ڀريل زندگي گذارڻ لاءِ ٿيندڙ جدوجهد يا زندگي لاءِ جدو جهدو جو نظريو يا ارتقا جو نظريو،جيڪو چارلس ڊارون نالي حياتيات جي ماهر ڏنو.سندس نظريو ٽن مفروضن يا اصولن تي مشتمل آهي.1 بقا جو مسئلو2 فطري چونڊ 3 گهٽائي جي بقا جو مسئلو.(120)

حميد ڏيپلائي جو هيءُ نثري نظم ”جيائپي لاءَ جدوجهد“ جي عڪاسي ڪري رهيو آهي:

جيائپي جي جنگ:

**”هن پنهنجا چـــــپ سبي ڇڏيا آهن،**

**هو سمجهي به ٿـــــــــــــــــــــو ته،**

**...... تتل ڌرتي تي پير پٿون ڪندڙ،**

**جاڳيل اکـــــــــــــــــــين ۾،**

**جيائپي جا سپنا ســـــــــجائينـــــدڙ،**

**جواني جيـــــــــــائپئي جي جنـــــــگ،**

**جي نظر ڪندڙنه پـــــــرندڙ نہ ٿٽندڙ،**

**نہ وري گسنـــــــــــــــــــــــــــدڙ،**

**وقت سان وقت پيـــــــــا وجـــــــــائين.”**

سندس ايمان آهي تہ :زندگي موت ۽ تبديليءَجو وقت مقرر آهي.هو سمجهي ٿو تہ :

**ڪائي جدوجــــــــــــــــهد**

**ڪائي تحريـــــــــــــــــڪ**

**ڪوئي عــــــــــــــــــــمل**

**تبـــــــــــــــــــديلءَ ڪي**

**وقت ڪـــــــــــــــــــان اڳ**

**وقعو پذير ڪــــــــــرڻ جي**

**......سمهي پيو آهي.تبديــــــلي**

**ايندي تبديلي ضرور اينـــــدي.”(121)**

مٿئين نثري نظم جي سٽن اندر شاعر حميد ڏيپلائي هڪ آرسيءَ ۾ سوڙ اندر سمهي خواب ڏسڻ واري فرد تي تنقيد ڪئي آهي ۽ ڪيس سمجهايو آهي تہ جيائپي لاءِ جدو جهد ڪرڻ لازمي آهي:

**“سائي سنـــــــــڌ سڄي،سائوسڀ سنسار،**

**سڙي سورن ۾ مري ،پڃري هر پر مار،**

**ماڻهو مزيدار،گهاري پنهنجي گـــهر ۾ ” (122).**

شعر جي هنن سٽن جو سرجڻهار سرڪش سنڌي جياپي لاءِ درس ڏيندي چوي ٿو ته هيءَ سموري سنڌ سرسبز ۽ شاداب آهي۽ هيءُ سنسارسائو ستائبو آهي.ڦورن ۽ لٽيندڙن کي شاعر پاراتو ڏيندي چوي ٿو ته شل اهي سڙي پڄري مري وڃن جيڪي سنڌ کي لٽي رهيا آهن. سڀ کان سٺو انسان اهو آهي جيڪو پنهنجي گهر ۾ عزت سان زندگي گذاري ٿو.

**“هن ڌرتي جو ماڻهو مانجهي،**

**چاجون باکون چاجي سانجهي،**

**وقت سڏايوديـــــــــر نه ٻوريو،**

**منزل سان اڪ اٽـــــــڪائيندو،**

**طوفانن سان اٽـــــــــڪائيندو،**

**آيو آيو مـــــــــــوت نه موڙيو." (123)**

سرڪش سنڌي جياپئي لاءِ ڪوشش واريون تجويزون ڏيندي چوي ٿو ته هن سنڌ ڌرتي جا ماڻهو ڏاڍا دلير ۽ بهادر آهن انهن کي هر وقت پنهنجي منزل ڏانهن وڌڻ گهرجي انهن کي نه باک جو نه سانجهي جو انتظار نه ڪرڻ گهرجي. انهن کي هر وقت طوفانن سان مهاڏو اٽڪائيندو اڳتي وڌڻ گهرجي پر جي موت اچي ته به ان کان ڪين گهبرائين.

**"امن منهنجي ننگريءَ تان نه وڃجانءِ**

**نينهن نڪـــــري نظر مان نه وڃجانءِ" (124)**

سرڪش سنڌي جياپي لاءِ جدوجهد واري راه ٻڌائيندي چوي ٿو ته جيڪر منهنجي وطن ۾ هميشه امن امان وارو ماحول هجي ۽ اي امن هميشه منهنجي وطن ۾ رهجانءِ ۽ ڪڏهن به هتان نه وڃجانءِ.۽ وڌيڪ چوي ٿو ته اي نينهن هميشه اسان جي دلين ۾ رهجانءِ.

**رام ڏي تـــــــــوٺي رحمـــان ڏي وڃ،**

**يار احساس _ گهـــــــــر مان نه وڃجان." (125)**

**سرڪش سنڌي هن شعر ۾ چوي ٿو ته اي انسان هميشه تون پنهنجي دل ۾ انسانيت وارو احساس رکي زندگي گذارجانءِ پوءِ پلي تنهنجي دل م جاءِ رام لاءِ هجي يا رحمان لاءِ.**

**"جي وڃين ٿو تـــــــه وڃ مئڪدي ڏي،**

**مذهبن جي زهـــــــــــر مان نـــه وڃجان." (126)**

هن شعر جو سرجڻهار سرڪش سنڌي هن شعر ۾ چوي ٿو ته جيڪڏهن تون کي مئخاني جي طرف وڃڻو آهي ته پلي وڃ، پرڪنهن به مذهب کي دل ۾ رکي نه وڃجانءِ.

**"ڪا خبر ناهي ته تاري پئي يا ٻوڙي پئي،**

**سنڌ حڪومت حقن لئه جاکوڙي پئـــــي،**

**ڪرسين تي ويـــــــــٺل ته مزن ۾ ئي آهن**

**هيءَ سچي قوم عـــــذابن ۾ لوڙي پئي. " (127)**

**سر ڪش سنڌي پنهنجي شاعري واري ڪتاب "سمنڊ ۾ سپ" ۾ چوي ٿو ته هن قوم جا اڳواڻ جيڪي سٽيِن ڪرسين تي ويٺا آهن ۽اها ڪرسي به هن قوم جيڪري مرلي اٿن،انهن ڪرسين جا مزا به وٺي رهيا آهن،پر هن قوم جي غربت جو سبب نٿا سمرجهي سگهن ،جيڪا انهن جي عياشن جيڪري تڪليفن ۾ آهي.جن جو هن سماج ۾ جيئڻ جنجال ٿئي ويو آهي.هاڻي هن قوم جي ترڻ يا بوڙڻ جو ذريعو اهي بڻجي پيا آهن.**

**"خود ڪشي آهه انهيءَ ڪان ته چڱي سو پيرا،**

**زندگي جيڪا ٿي غيرن جي پناهن ۾ ڪري،." (128)**

سرڪش سنڌي پنهنجي هن تخليق ۾ چوي ٿو ته جيڪا زندگي غيرن جي پناهن ۾ ٿي گذري ان ڪان ته بهتر آهي ته خودڪشي ڪري پنهنجي زندگي جو ڏيئو اجهائي ڇڏجي.

**جياپي لاءِ جدو جهد تي تبصرو:**

سرڪش سنڌي بنيادي طور تي غريب خاندان سان واسطو رکندڙ فرد هو. هن جو پيءَ دين جو عالم هو. هو جنهن به مدرسي ۾ ويندو هو اتي پنهنجي ڪتنب کي ساڻ وٺي ويندو هو هلانڪه سرڪش کي زندگي جون سڀ سهولتون مهيا نه هيون پر تنهن هوندي به سرڪش پنهنجي پڙهائي ۽ زندگي جون بيون ڪامياب تڪليفون برداشت ڪندي به اڳتي وڌيو هو غريب هوندي به جيئڻ لاءِ جتن ڪندو رهيو. جيتوڻيڪ سرڪش سنڌي پنهنجي دورجو نالي وارو شاعر هو.هو پنهنجي شاعري ۾ اهو پيغام ٿو ڏئي ته جيڪا زندگي گذاريو سا پيار ۽ پابوه سان گذاريو ڪنهن کي ڪا به تڪليف نه ڏيو زندگيءَ جو جياپو ان وقت متاثر ٿيندو آهي جنهن وقت ڪو ماڻهو هٿيار کڻندو آهي اهڙي عمل کي سرڪش سنڌي پنهنجي شاعري واري ڪتاب "سمنڊ ۾ سپ" ۾ بيان ڪندي چوي ٿو ته:

**"مرون گذاريو آهـــــي هميشه پيار سان،**

**منهنجي سامهون نــه اچ تو هٿيار سان.**

**دشمني وڌندي تـــــــه دل ٿيندي نٽدي،**

**دل نٽدي ناهي چڱـــــي ڪنهن يار سان " (129).**

زندگي گذارڻ به هڪ هنر جونالوآهي انسان زندگيءَ ۾ ڪيتريون ئي تڪليفون برداشت ڪري ٿو، وقت جي ڏکين حالتن سان مهاڏو اٽڪائي ٿو ان سمورن حالتن ۾ انسان پنهنجو پاڻ کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙي ٿو،جياپي جي جنگ لڙي ٿو هون به هر انسان سکي ستابي زندگي گذارڻ چاهيندو آهي ۽هو ان ڳالهه کي پسند ڪري ٿوته وٽس زندگيءَ

جون سڀ سهولتون ميسر هجن.ڏکن ڏاکڙن کان ڪوهي ڏور هجي.زندگي حالتن سان مهاڏو اٽڪائڻ جو نالو آهي زندگيءَ ۾ اهي ماڻهون ڪامياب ٿين ٿا جن جا حوصلا بلند ۽ ارادا اٽل هوندا آهن.سرڪش سنڌي جياپي جي جدوجهد ۾ انتهائي هاڪاري ڪردار ادا ڪيو هن پنهنجي اهڙين ڪاوشن جو اظهار پنهنجي سنڌي شاعري جي ڪتاب "سمنڊ ۾ سپ" هن طرح بند ڪيو آهي:

**"اٿي جا سنڌين کي ٿيلها مليا ته ڪافي پر،**

**پڇن ٿا نيٺ اهـــــــي ڪير هئا ڪئي ويا،.**

**اڙي غريبو! اوهـــان ملڪ ۾ ڏٺا ناهن ڇا؟**

**تمام پيٽ وڏي ســــــــاڻ ڪئا ڪئي ويا!" (130)**

سر ڪش سنڌي شعر جي هنن سٽن ۾ان ماحول جي ڳالهه ٿو ڪري جنهن وقت ڏڪار سٽيل ماڻهن ۾ يا ٻوڏ سٽيل ماڻهن ۾ حڪومت طرفان مستحق ماڻهن ۾اٽي جو ٿيلها ورهايا ويندا آهن ته وچان تان کوڙ سارا ماڻهو اهي اٽي سان ڀريل ٿيلهيون کڻي ويندا آهن ۽ غريبن کي ڪجهه به ناهي ڦبندو ۽ غريبن جي جيئڻ وارو سهارو اهي لٽيرا ۽ پيٽ وڏن وارا ماڻهو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيندا آهن.

## حوالا (References)


1. جويو،تاج،تلسن جي سرهاڻ،ناز سنائي،سنڌ ساهت گهر،حيدرآباد،مارچ،1996ع،ص ،101.
2. ايضًا،ص،104.
3. ڪلهوڙو،منظور،روزاني ڪاوش ڪراچي،اڱارو 6 مارچ 2012ع .

4. پٽي،رشيد،شيخ اياز جي شاعري جو سياسي ۽ادبي پسمنظر،مرتب، جامي چانڊيو،ڪراچي،1998ع،ص،67.
5. شيخ،عزيز،طارق،جديد سنڌي شاعري جامختلف لاڙا،ڪراچي،مارچ2003ع،ص،185.
6. پٽي،رشيد،مضمون،شيخ اياز جي شاعري جو سياسيءَادبي پسمنظر ڪتاب،''شيخ اياز''،مرتب:جامي چانڊيو،ڪراچي،1998ع،ص،67.
7. شيخ،عزيز،طارق،،مضمون،جديد سنڌي شاعري جا مختلف لاڙا،ڪراچي،مارچ2003ع،ص،185.
8. اياز، شيخ،وڄون وسڻ آيون،ٻيوايڊيشن،1989ع،نيوفيلڊس پبليڪيشن ٽنڊوولي محمد،ص،52.
9. ايضًا،ص،63.
10. https:// Sindh Salamat.com see dated on 22-11-2021
11. اياز، شيخ،وڄون وسڻ آيون،ٻيوايڊيشن،1989ع،نيوفيلڊس پبليڪيشن ٽنڊوولي محمد،ص،52.
12. https:// Sindh Salamat.com sea dated on 22-11-2021
13.آڏواڻي، ڪلياڻ،شاهه جورسالو،داستان پهريون،روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو،2013ع،ص،272.
14.سنڌي،سرڪش،پيارءِ آزادي،چانڊڪاپبليڪيشن لاڙڪاڻو،1993ع،ص،70.
15.سنڌي،سرڪش،سمنڊ چوليون ٿهڪ،ڪنول پبليڪيشن قنبر،2009ع،ص،128،
16.،ص،126.
17.سنڌي،سرڪش،پيارءِ آزادي،چانڊڪاپبليڪيشن لاڙڪاڻو،1993ع،ص،45.
18.ايضًا،ص،45.
19.ايضًا،ص،45.
20.سنڌي،سرڪش سنڌو ڳائي ٿي، ص، 4.
21.ايضًا،ص 18
21 سنڌي،سرڪش،پيارءِآزادي،چانڊڪا پبليڪيشن ٻڪڻ ، 1993ع ،ص،57.
22 ايضًا ،ص،57.
23 سنڌي،سرڪش،پيارءِآزادي،چانڊڪا پبليڪيشن ٻڪڻ ، 1993ع ،ص،63.
24 ايضًا،ص،73.

25 ايضًا،ص،80.

26 ايضًا،ص،84.

27 ايضًا،ص،112.

28 ايضًا،ص،116.

**29 https:// amercican humanist org,definition see on dated 27-11-2021.**

**30 https:// www.very well mind .com, w…… see on dated 27-11-2021.**

31 http://ur.awordmerchant.com/filantrop, see on dated 10-02-2022

32 http://ur.encyclopedia-titanica.com, see on dated 17-03-2022

33 خواجہ،افروز،نور،ڊاڪٽر،پروفيسر،ڪينجهر(تحقيقي جرنل)،سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو،2011ع،ص،53.

34 ايضًا،ص،53.

35 ايضًا،ص،54.

36 ايضًا،ص،54.

37 ايضًا،ص،64.

38 نواز،دانش،خليل،جبران جاناوليٽ،روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو،2013ع،ص،52.

39 سنڌي،سرڪش،سمنڊ. چوليون، ٿهڪ،ڪنول پبليڪيشن قنبر،2009ع،ص،117.

40 ايضًا،ص،117.

41 ايضًا،ص،124.

42 ايضًا،ص،43.

43 http://w.w.w.dawtiislami. Net,page.see on dated 15-2-2022

44 http://sindhsalamat .com see on dated 18-2-2022

45 http://sd.m.wikipedia.org see on dated 21-2-2022

46 سنڌي،سرڪش جوٽيون جيءَ جهان جون،زخمي پبليڪيشن ٻڪڙ،جولاءِ 2007،ص،8.

47 ايضًا،ص،8.

48 سنڌي ،سرڪش ، سنڌ وڳائي ٿي،ص،51.

49 سنڌي،سرڪش،سمنڊ. چوليون، ٿهڪ،ڪنول پبليڪيشن قنبر،2009ع،ص،127.

50 ايضًا،ص،124.

51 سنڌي ،سرڪش ، سنڌ وڳائي ٿي،ص،35.

52 سنڌي،سرڪش، زندگي جي گونج،زخمي پبليڪيشن ٻڪڻ،2011ع،ص،152.

53 ايضًا،ص،51.

54 يضًا،ص،58.

55 سنڌي ،سرڪش ، سنڌ وڳائي ٿي،ص،59.

56 ايضًا،ص،59.

57 ايضًا،ص،58.

58 سنڌي،سرڪش،پيار ۽آزادي،چانڊڪا پبليڪيشن ٻڪڻ ، 1993ع ،ص،15.

59 ايضًا ،ص،44.

60 سنڌي،سرڪش،پيار ۽آزادي،چانڊڪا پبليڪيشن ٻڪڻ ، 1993ع ،ص،16.

61 ايضًا،ص،18.

62 ايضًا ،ص،41.

63 ايضًا،ص،41.

64 ايضًا،ص،41.

65 سنڌي،سرڪش،زندگي جي گونج،زخمي پبليڪيشن ٻڪڻ،جنوري 2011ع،ص13.

66 ايضًا،ص،13.

67 ايضًا،ص،13.

68 ايضًا،ص،52.

69 ٻوهيو،الهه داد،ڊاڪٽر،ماڻڪ ميڙيا مون(مقالا ۽ مضمون)،پوپٽ پرنٽنگ پريس خيرپورميرس،ص،19.

70 سنڌي ،سرڪش، ڇا ٿا پڇو ڇا هو،سنڌي يادگار ڪاميٽي لاڙڪاڻو،2013ع،ص،127.

71 ايضًا،ص،129.

72 سنڌي،سرڪش،زندگي جي گونج،زخمي پبليڪيشن ٻڪڻ، جنوري 2011ع،ص،145.

73 ايضًا،ص،45.

74 ايضًا،ص،90.

75 ايضًا،ص،90.

76 ايضًا،ص،90.

77 ايضًا،ص،89.

78 سنڌي،سرڪش،سمنڊ ۾ سپ،سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد،سال 2015ع،ص،81.

79 .سنڌي،سرڪش،زندگي جي گونج،زخمي پبليڪيشن ٻڪڻ، جنوري 2011ع،ص،67.

80 ايضًا،ص،83.

81 ايضًا،ص،184.

82 سنڌي،سرڪش،زندگي جي گونج،زخمي پبليڪيشن ٻڪڻ، جنوري 2011ع،ص،58.

83 ايضًا،ص،08.

84 ايضًا،ص،166.

85 ايضًا،ص،16.

86 ايضًا،ص،26.

87 ايضًا،ص،25.

88 سنڌي ،سرڪش،سمنڊ چوليون ٿهڪ،ڪنول پبليڪيشن،قنبر،2009،ص34.

89 ايضًا،ص،26.

90 سنڌي،سرڪش،زندگي جي گونج،زخمي پبليڪيشن ٻڪڻ، جنوري 2011ع،ص،69.

91 ايضًا،ص،49.

92 ايضًا،ص،34

93 سنڌي،سرڪش،زندگي جي گونج،زخمي پبليڪيشن ٻڪڻ، جنوري 2011ع،ص،09.

94 ايضًا،ص،24.

95 سنڌي،سرڪش،سمنڊ. چوليون ٿهڪ،ڪنول پبليڪيشن قنبر،2009ع،ص،25

96 قرآن شريف ، سيپارو نمبر 21 ، سورة الروم ، آيت نمبر 29_ 30 .

97 قرآن شريف ، سيپارو نمبر 30 ، سورة الشمس ، آيت نمبر 7ء 10.

98 سنڌي،سرڪش،سنڌو ڳائي ٿي،ص،16.

99 سنڌي،سرڪش،سمنڊ. چوليون ٿهڪ،ڪنول پبليڪيشن قنبر،2009ع،ص،36.

100 ايضًا،ص،56.

101 سنڌي،سرڪش،سمنڊ ۾ سپ،سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد،2015ع،ص،110.

102 سنڌي ،سرڪش ، سنڌ وڳائي ٿي،ص،25.

103 ايضًا،ص،39.

104 ايضًا،ص،14.

105 ايضًا،ص،21.

106 ايضًا،ص،62.

107 ايضًا،ص،65.

108 ايضًا،ص،85.

109 ايضًا،ص،62.

110 سنڌي،سرڪش،پيار ۽ آزادي،چانڊڪا پبليڪيشن ٻکڙ ، 1993ع ،ص،121.

111 سنڌي،سرڪش،سمنڊ. چوليون ٿهڪ،ڪنول پبليڪيشن قنبر،2009ع،ص،30.

112 سنڌي،سرڪش،پيار ۽ آزادي،چانڊڪا پبليڪيشن ٻکڙ ، 1993ع ،ص،102.

113 ايضًا ،ص،121.

114 ايضًا ،ص،123.

115 سنڌي،سرڪش،زندگي جي گونج،زخمي پبليڪيشن ٻکڙ، جنوري 2011ع،ص،13.

116 ايضًا،ص،13.

117 ايضًا،ص،90.

118 سنڌي،سرڪش،سنڌو ڳائي ٿي،ص،46.

119 https :// sd.m.wikipedia.com.see on dated 7.12.2021A.D.

120 https :// diplai.wordpress.com see on dated 07.12.2021 A.D.

121 سنڌي ،سرڪش ، سنڌ وڳائي ٿي،ص،29.

122 ايضًا،ص،146.

123 سنڌي،سرڪش،سمنڊ. چوليون، ٿهڪ،ڪنول پبليڪيشن قنبر،2009ع،ص،54.

124 ايضًا،ص،54.

125 ايضًا،ص،54.

126 سنڌي،سرڪش،سمنڊ ۾ سپ، سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد2015ع،ص، 142.

127 سنڌي،سرڪش،ســـــمنڊ. چوليـــــون ٿهـــــڪ،ڪنول پبليڪيشـــــن قنبر،2009ع،ص،54.

128 سنڌي،سرڪش،ســـــمنڊ ۾ سپ،ســـــمبارا پبليڪيشـــــن حيدرآباد،ســـــال 2015ع،ص،129.

129 ايضًا،ص،140.

# باب پنجون

## نتيجا:

تحقيق جانتيجا تحقيق جي علمي ۽ تجزياتي ڇنڊڇاڻ مان حاصل ڪيا ويندا آهن. هن تحقيق سان جيڪي نتيجا حاصل ٿيا آهن، انهن جو تفصيل ٿيسز ۾ موجود آهي. اختصارسان انهن مان ڪجھ هيٺ ڏجن ٿا.

- سومرن جي دؤر ۾ جيڪي بہ جنگيون لڳيون، انهن جنگي معرڪن، قصن، ڪهاڻين، عشقيہ داستانن ۽ جنگي واقعن کي ڀٽن، ڀانن، چارڻن، مڱڻهارن کان علاوه اڳتي هلي، شاھ عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست ۽ ٻين شاعرن ڳايو آهي. جنگ جي ميدان

سنوارڻ ڪان وٺي ميدان ۾ مڙسيءَ سان دشمنن جو مد مقابل ٿيڻ جهڙن منظرن جي عڪاسي ڪئي آهي.

- سومرن جي دؤر ۾مزاحمتي فڪر، ان دؤرجي اساسي شاعرن جي شاعريءَ ۾ملي ٿو. هن دؤر۾سمن جي پهرين حاڪم ڄام انڙ، سومرن سان وڏي جنگ وڙهي حڪومت حاصل ڪئي. سمن کي پنهنجي حڪومت بچائڻ لاءِ وري ٻاڙي وارين رياستن سان جنگيون ڪرڻيون پيون. انهن مان دهليءَ جي سلطان محمدبن تغلق جي سنڌتي ڪاهه، افغانستان جي ارغونن جي ڪاهه وغيره کي سنڌي ادب ۾جنگي رجز ۽ مزاحمتي فڪر جا اهڃاڻ ملن ٿا. ان دورجي شاعرقاضي قادن جي شاعريءَ ۾تصوف سان گڏ مزاحمتي فڪر بہ ملي ٿو، جنهن ۾هن سورهين جي دليري ۽ بهادري جي عڪاسي ڪئي آهي.
- هن تحقيق مان اها ڳالهه واضح ٿئي ٿي تہ ارغون، ترخان ۽ مغل دؤر۾سنڌي ماڻهو پنهنجي وطن جي آبروخاطروڙهندارهيا آهن.ارغون دور۾ جرڪس فقير جي مزاحمتي شاعري ملي ٿي. ان کانسواءِ مخدوم نوح جي به مزاحمتي شاعري ملي ٿي.
- ترخانن جي حڪومت ۾ شاهه ڪريم جي ڪلام۾تصوف سان گڏ مزاحمتي فڪر بہ ملي ٿو، جنهن ۾هن ظلم، جبر ۽ ناانصافين جي عڪاسي ڪندي تلقين ڪري ٿو تہ پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪرڻ گهرجي.
- ڪلهوڙادؤرحڪومت۾مزاحمتي شاعرن مان شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحہ وڏو شاعرٿي اڀريو. هن سنڌي سماج جي حالتن کي پرکي سنڌي عوام کي مزاحمت لاءِ سجاڳ ڪيو. لطيف ان جلالي فڪرکي جمالي انداز۾پيش ڪري ڌرتيءَ جي ماڻهن جي سورن کي پنهنجوسورسمجهي وقت جي ويرين سان ٿيندڙ مزاحمت جي اڳواٽي ڪئي. لطيف جي ڪلام۾موجودسرن ۾ڪيترين ئي جاين تي مزاحمت جواثرچٽو ۽ نمايان نظراچي ٿو.
- ٽالپرن جي دؤرحڪومت ۾ مزاحمتي شاعريءَ مان سچل سرمست، خليفي نبي بخش قاسم ۽ ٻين جوڪلام ان دورجي وقت جي حاڪمن، مذهبي ملن، پيرن ميرن، ظالم ۽ استحصالي قوتن خلاف جدوجهد ڪئي آهي. خليفي نبي بخش قاسم قومي شاعريءَ ذريعي سنڌ جي سورن جوڪيڏارو لکيو.
- انگريزن جي دور ۾ عبدالڪريم گدائي جي شاعري ۾مزاحمتي فڪر ملي ٿو.

- هن تحقيق مان واضح ٿئي ٿو ته سرڪش سنڌي ورهاڱي کانپوءِ جي شاعريءَ ۾آزاديءَ واري دور۾هلندڙ مزاحمتي تحريڪن جهڙوڪ ون يونٽ ٽوڙتحريڪ، مارشل لا، بنگال جي علحدگي، سنڌ ٻوليءَ، ايم آرڊي تحريڪ، ڪالاباغ ڊيم ۽ ٿل ڪئنال جهڙن مسئلن، سنڌجي معاشي ۽ اقتصادي صورتحال ۽ تباهڪارين ۽ ٻين موضوعن تي ڀرپور نموني لکي سنڌي قوم جي رهنمائي ڪئي آهي.
- سرڪش سنڌي پنهنجي شاعريءَ وسيلي ماڻهن کي سجاڳ ڪري کين حق حاصل ڪرڻ جا طريقا ڏسي ٿو. غلاميءَ کان نفرت سيکاري آزاديءَ، انسانيت ۽ رواداريءَ جي پرچار ڪري ٿو.
- هن تحقيق مان اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته سرڪش سنڌي، جديد سنڌي شاعريءَ جي مزاحمتي خيالن جو پختو شاعر آهي. هن مزاحمتي فڪرجي ذريعي ڌرتيءَ جي دردن، بيو اجبين، ظلم، حق تلافي ۽ استحصال خلاف بلند آواز دنياتائين پهچايو آهي. هن پنهنجا جديد مزاحمتي خيال،خلقي ادب جي ذريعي متعارف ڪرايا. هن پنهنجي گهري مشاهدي ۽ مطالعي سان سنڌي ٻوليءَڪي شاهوڪاربڻايوآهي.

**سورهيه تنهنجي ديس تي پيهر ٿي يلغار،**

**پونير تنهنجا ڪيئن ٿيا ڪائر ڪلنگيدار،**

**سنـــــــــڌوءَ نيـــــــٺ ميارمڪي توڏي مرشد،**

- هن تحقيق مان اها ڳالهه به ثابت ٿئي ٿي ته سرڪش سنڌيءَ هن سنڌي سماج جي سياسي، سماجي، معاشي ۽ اقتصادي حالتن کي به شاعريءَ سان گڏوگڏ نثري ادب جي ذريعي اظهاريو آهي. هن وطن دوستي، انسان دوستي، پيار، انساني آزادي، رواداري، ظلم، انياء ۽ زيادتين خلاف جدوجهد جهڙن موضوعن تي لکي معاشري جي نئين سرتعمير ۽ مستقبل جي خوشحال سنڌ ڏسڻ جي آس رکندڙ هو.
- هن تحقيق مان اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته سرڪش سنڌي پنهنجي همعصرشاعرن شيخ اياز، استاد بخاري، نياز همايوني، امدادحسيني، راشد مورائي، خاڪي جويو، عبدالحڪيم ارشد، سرويچ سجاولي ، ابراهيم منشيءَ،آڪاش انصاري ۽ زاهد شيخ سميت شاعرن ۾ مزاحمتي عنصر ۽ ساڳيو موضوعن تي فڪر ملي ٿو. سرڪش سنڌي سنڌي ماڻهن جي سماجي حالتن کي نه صرف شاعريءَ ۾ اظهاريو آهي، پر عملي ۽ سياسي جدوجهد جي سرواڻي به ڪئي آهي.

- هن تحقيق مان اها ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ سرڪش سنڌي جي شاعريءَ ۾مزاحمت سان گڏحب الوطني، سنڌجي خوبصورت نظارن، منڇر، ڪينجهر، ڪارونجهر، مڪلي جي منظرڪشي، تهذيب ۽ ثقافت جي بچاءَ جي ڳالهه سنڌي سورمن جي بهادري ۽ انساني احساسن جي آزاديءَ ۽ آجپي جي ڳالهه ڪئي آهي.
- هن تحقيق مان اها ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ سرڪش سنڌي جي شاعريءَ ۾مزاحمت سان گڏ سجاڳيءَ جوشعور، حق ڇني وٺڻ، ظلم خلاف بغاوت ۽ جدوجهد ڪرڻ جو پيغام ڏنوآهي. ائين ڪٿي چئجي تہ سرڪش سنڌيءَ شعر توڙي سنڌي نثري ادب جي ترقيءَ ۾سنڌي سماج جي تصويرڪي ڇٽي ڪرڻ سان گڏ، ادب ۽ ٻوليءَ جي ترقيءَ ۾اهم اضافو ڪيو آهي.
- هيءُ مزاحمتي ۽ انقلابي شاعر پنهنجي شاعريءَ ذريعي پنهنجي وطن وارن کي محبت ۽ پيار جو پيغام ڏيئي ٿو ۽ وطن دشمنن کان نفرت ڪرڻ جي ڳالهه ڪري ٿو. اهو پيغام سرڪش سنڌي پنهنجي شاعري ذريعي ڏسي ٿو جيڪو سندس شاعري ۾ واضح اٿس:

**آءُ گڏجي پريــن ثـــــــواب ڪيون،**
**سنڌ دشمنن جي دل ڪباب ڪيون.**

- سرڪش سنڌي هڪ حقيقت پسندشاعر هو، هن جواهو چوڻ هو تہ هن سماج ۾ هر ماڻهو کي پنهنجي ڪميءَ ڪوتاهيءَ جو احتساب ڏيڻ گهرجي.اهو پيغام سرڪش سنڌي پنهنجي شاعريءَ ۾ ڏيندي چوي ٿو تہ :

ڪهڙيون ڪهڙيون اسان ۾ ڪوتاهيون،
ڪو تہ پنهنجـــــــــــو بہ احتساب ڪري.

## ببليوگرافي


1. اياز،شيخ،سفيد وحشي،سنڌ سورهيہ پبليڪيشن ڪراچي.1972ع.

2. اياز، شيخ،وڄون وسڻ آيون،نيوفيلڊس پبليڪيشن ٽنڊوولي محمد، ٻيو ايڊيشن،1989ع.

3. الانا،علي،غلام ، ڊاڪٽر،سنڌي ٻولي جي ارتقا ،سنڌي لينگويج اٿارٽي،2006ع.

4. انصاري،عثمان علي،مرتب،سڏاريندڙ ۽ سنواريندڙ: ڊاڪٽر،مخمور،بخاري،رسالو،سچل سرمست ،سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 2012ع.

5. آڏواڻي، ڪلياڻ ، شاھ جو رسالو،روشني پبليڪيشن،2013 ع. .

6. آڏواڻي ،ڪلياڻ ،شاه جو رسالو ، سر ڪلياڻ ، داستان ٻيو، بيت نمر 3 ، ڪنڊيارو : روشني پبليڪيشن ، سال ڊسمبر 2013ع .

7. آريسر ،عبدالواحد ،ويراڳي جي وچڙا هئا.(چونڊ ۽ ترتيب تاج جويو)،فائن ڪميونيڪيشن حيدرآباد ،2015ع.

8. بخاري ،مخمور،ڊاڪٽر ، جرنل ڪلاچي ، 2020ع.

9. بخاري، مخمور، ڊاڪٽر. سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر. ڪراچي: ثقافت، سياحت، ڪاتو، حڪومت، سنڌ،2011ع.

10.بخاري، مخمور، ڊاڪٽر. سچل ساچاه شعور، خيرپور: پوپٽ بپليڪيشن. 2011ع.

11.بخاري ، مخمور ، ڊاڪٽر ،. مضمون سر سهڻي ۾ مزاحمت ۽ روشن خيالي جو شعور، ڪلاچي تحقيقي جرنل ، 2020 ع.

12.بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ڄامشورو، پاڪستان اسٽيڊي سينٽر يونيورسٽي آف سنڌ، 1999ع.

13.بلوچ ،بخش،نبي ،ڊاڪٽر،سنڌي لغت ،سنڌي لينگويج اٿارٽي2006ع.

14.بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، تحقيق، ترتيب. خليفي گل محمد جو رسالو. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ. ڇاپو ٻيو. 2005.ع.

15.ٻوهيو،الهه داد،ڊاڪٽر،ماڪ ميڙيا مون(مقالا ۽ مضمون)،پوپٽ پرنٽنگ پريس خيرپور،ع.

16.ڀٽي،رشيد،شيخ اياز جي شاعري جو سياسي ۽ادبي پسمنظر،مرتب، جامي چانڊيو،ڪراچي،1998ع.

17.ڀٽي، رشيد، تصوف ۽ ڪلاسيڪي سنڌي شاعري، سنڌيڪار ۽ ترتيب ڊاڪٽر مهر خادم، سڪرماءِ پبليڪيشن.2021ء ع.

18.ڀنڀرو ، غلام عباس ، سنڌ جو ڪيس ٿر جو ڪيس ،پوپٽ پبلشنگ هائوس مال روڊ خيرپور ،2019ع .

19.پرديسي، انور، سچل سرمست جي سنڌي شاعريءَ ۾ علامت نگاريءَ جو تحقيقي جائزو، خيرپور پنواڙي پبليڪيشن، 2021ع.
20.جويو،تاج،تلسن جي سرهاڻ،ناز سنائي،سنڌ ساهت گهر،حيدرآباد،مارچ،1996ع،ص 101،.
21.جوڻيجو.، عبدالجبار، ڊاڪٽر. سچل سرمست هڪ مطالعو. شڪارپور: مهراڻ اڪيڊمي. 2009ع.
22.جي ايم سيد، چونڊ ادبي مضمون ۽ ولايت جا خط،نئين پبليڪيشن ڪراچي، 1984ع.
23.چانڊيو ،حسين ،خادم ،مارو جي ملير خود ، 2003 ع.
24.خشڪ ، محمد ، ڊاڪٽر ، پي- ايچ- ڊي ٿيسز ، (شاهه لطيف جي مزاحمتي شاعري جو تحقيقي اڀياس )،قلمي ، سنڌ الاجي ريسرچ لائبرري ۾ جمع ٿيل.
25.خواجه،افروز،نور،ڊاڪٽر،پروفيسر،ڪينجهر(تحقيقي جرنل)،سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو،2011ع.
26.سيد ،جي ايم ، سنڌ ڳالهائي ٿي ،سيد ۽ سيد برادرس ، 17جنوري 2013ع ،ص، 277 ..
27.سڄاولي،سرويچ،آليون اکيون آڌاوار،لاڙ پبليڪيشن سڄاول جون ،1972ع.
28.سنڌي، ميمڻ عبد المجيد، ڊاڪٽر، سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، ڪنڊيارو، روشني پبليڪيشن، 2002ع.
28 سنڌي ميمڻ، عبدالمجيد، ڊاڪٽر، بيت(سٽاءُ ۽ اوسر ) ، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور ،جنوري 2002ع .
29 سنڌي، ابراهيم، ڊاڪٽر. مقالو. ارغون ۽ ترخانن جو دور ۽ سنڌ جي عالمن ۽ بزرگن جو ڪردار. مرتب. پروفيسر ڊاڪٽر خورشيد عباسي. قومي ادبي ڪانفرنس ارغون، ترخان ۽ مغل دور.ڪراچي: سنڌي شعبو، ڪراچي يونيورسٽي. 2009ع.
30 سر ڪيڏارو،داستان پنجون،شاهه جو رسالو،ڊاڪٽر گر بخشاڻي،ص 372 سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي 2014ع
31 سر سهڻي ۽ داستان پهريون، بيت93،ڊاڪٽر گربخشاڻي شاهه جو رسالو، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي 2014 ع.
32 سنڌي ،سرڪش ،،جوڻيون جيءُ جهان جون ،زخمي پبليڪيشن ڊڪڻ ،2007 ع.
33 سنڌي ،سرڪش ،سنڌ و ڳائي ٿي .
34 سنڌي ،سرڪش ، پيار ۽ آزادي، چانڊڪا پبليڪيشن لاڙڪاڻو، 1993ع.

35 سولنگي ،درد،محمد،علي،سائين ڪراچي سنڌ آ، ڪونج پبليڪيشن ،2021 ع.
36 سنڌي ،سرڪش ،زندگيءَ جي گونج ، زخمي پبليڪيشن ٻڪڻ ، جنوري 2021ع.
37 سنڌي سرڪش ، سمنڊ ۾ سپ ، سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد ، سال 2015ع .
38 سنڌي سرڪش، سمنڊ چوليون ٿهڪ ، ڪنول پبليڪيشن قنبر ، ڇاپو پهريون ، اپريل 2009ع.
39 سهراڻي ،اعظم ،ايم،ڇا ٿا پڇو ڇا هو،سرڪش سنڌي يادگار ڪاميٽي لاڙڪاڻو،2013ع.
40 سنڌي،سرڪش،زندگي جي گونج،زخمي پبليڪيشن ٻڪڻ،جنوري 2011ع.
41 سنڌي ،سرڪش، ڇا ٿا پڇو ڇا هو،سنڌي يادگار ڪاميٽي لاڙڪاڻو،2013ع.
42 سنڌي،سرڪش،سمنڊ چوليون ٿهڪ،ڪنول پبليڪيشن قنبر،2009ع.
43 سنڌي،سرڪش،پيار۽آزادي،چانڊڪا پبليڪيشن ٻڪڻ ، 1993ع .
44 سانگي ،سهيل،سنڌ ناما، Sinsh Press Sindh Nama Friay ,August16,2016 ,Page 41.
45 سومرو، حزب الله آءِ،سنڌ جو ڪيس ٿر جو ڪيس(مهاڳ)، پوپٽ پبليشنگ هائوس خيرپور.
46 شيخ،عزيز،طارق،جديد سنڌي شاعري جامختلف لاڙا،ڪراچي،مارچ2003ع.
47 صوفي،حضور بخش . صوفي شاه عنايت شهيد ، ڪراچي : سنڌيڪا اڪيڊمي ،2007ع.
48 گربخشاڻي ، ڊاڪٽر شاهه جو رسالو،سر سهڻي ۽ داستان پهريون، بيت93،سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي 2014ع.
49 عباسي، خورشيد، ڊاڪٽر. مرتب. قومي ادبي ڪانفرنس سما دور. مضمون ڄام نظام الدين عرف ڄام ننڍو. قاضي، آزاد. ڪراچي: سنڌي شعبو. ڪراچي يونيورسٽي. 2009ع.
50 فهميده، حسين، ڊاڪٽر، شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ، شاهه عبداللطيف ڀٽشاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاه حيدرآباد، 1993ع.
51 قريشي ،اعجاز،پروفيسر ،ون يونٽ ۽ سنڌ پيڪاڪ پرنٽرز اينڊ ،پبليشنرز ڪراچي سنڌ،ڊسمبر 2018ع.
52 قاسماڻي،عزيز ،ادبيات سنڌ،اڪادمي ادبيات پاڪستان،ننڍي کنڊ جو يگانو شاعرسرڪش سنڌي،فيبروري 2021ع.

53 قرآن شريف ، سيپارو نمبر 21 ، سورة الروم ، آيت نمبر 29_ 30 .
54 قرآن شريف ، سيپارو نمبر 30 ، سورة الشمس ، آيت نمبر 7ءِ 10.
55 ڪنڪيڊ ، سنڌيڪار : خانم خديجہ دائود پوٽو، سنڌ جون لوڪ آڪاڻيون ،سنڌي ادبي بورڊ چامشورو،ڇاپو،چوٿون،جنوري،2013ع.
56 ڪلهوڙو،منظور،روزاني ڪاوش ڪراچي،اڱارو 6 مارچ 2012ع..
57 ڪلمتي ،حسن ،گل ،ڪراچي سنڌ جي ، سنڌي ادبي بورڊ چامشورو ،1999 ع.
58 کوسو ،فيض ،ڪاري ڪڪر هيٺ مون جهيڙيندي ڇڏيا (تاريخي هلچل ايم آر ڊي) ،ماءِ پبليڪيشن ، 2013ع.
59 گورڪي، مئڪسم ، ماءُ ناول،روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو،2010ع ،
60 گھانگھرو، عابده،ڊاڪٽر،صدين جو سرجٽهار(شيخ اياز) ڪراچي، امجد پرنٽرس
61 سنڌياپبليڪيشن،2017ع.
62 ملاح ، مختياراحمد،ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت، سنڌي لينگويج اٿارٽي ، مارچ2005ع.
63 ملاح،احمد،مختيار، سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو، ڪاٺياواڙ ميمڻ اسٽور،2012ع.
64 ملاح ،احمد ،مختيار،سندي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو، حاجي عبدالغفار ميمڻ سال 2001 ع.
65 ملاح، مختيار احمد، سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو،(قديم دورکان اچ تائين) ڪراچي، ڪاٺياواڙ اسٽورز، اردو بازار، ڇاپو پيو، 2014ع.
66 . ميمڻ، عبدالغفور، ڊاڪٽر. سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد،سنڌ پاڪستان، 2017ع.
67 ميمڻ ،عبدالغفور،ڊاڪٽر ،سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر ،سنڌي لينگويج اٿارٽي ،2017ع.
68 نواز،دانش،خليل،جبران جاناوليٽ،روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو،2013ع.
69 دہلوی، احمد، سیّد، طبع دوم1974 ع دہلی (بھارت)، ناشر، فوزیہ یوسفیڈائرکٹر مکتبہ حسن سہیل لمٹیڈ.
70 www.punjnud .com dated 28-9-2021
71 WWW.oxfordlearnersdictionaries.com, see on date : 18_ 11_2021.

72 www.lexico.com, see on date 18_ 11 _ 2021.
73 .(https:||sindhi.english.dictionary, see on date,10-10-2021.
74 www.rekhta dictionary. Com see on dated 15.04.2021
75 www.wikkipedia.com , see on dated 12. 08. 2020.
76 https:// en.m.wikipedia org, wiki see on dated 15.11.2021.
77 https:// en.m.wikipedia org, wiki see on dated 15.11.2021.
78 https:// www.collinsdictionary.com, see on dated 22-9-2021
79 https:// www.collinsdictionary.com see on dated23-9-2021
80 www.punjnud .com dated 28-9-2021
81 Rajput,Idress ,Muhammad ,Kala Bag Dam,And Sindh Piblished by Sindh Graduates Association
82 www.wikipedia .com see on the date 05.11.2021 a.d
83 www.wikipedia .com see on the date 05.11.2021 a.d
84 www.wikipedia .com see on the date 05.11.2021 a.d
85 www.wikipedia .com see on the date 05.11.2021 a.d
86 www.wikipedia .com see on the date 05.11.2021 a.d
87 https:// Sindh Salamat.com see dated on 22-11-2021
88 https:// amercican humanist org,definition see on dated 27-11-2021.
89 https:// www.very well mind .com, w…… see on dated 27-11-2021.
90 http://ur.awordmerchant.com/filantrop
91 http://ur.encyclopedia .titanica.com .
92 http://w.w.w.dawtiislami. Net,page.see on dated 15-2-2022
93 http://sindhsalamat .com see on dated 18-2-2022
94 http://sd.m.wikipedia.org see on dated 21-2-2022
95 https :// sd.m.wikipedia.com.see on dated 7.12.2021A.D.
96 https :// diplai.wordpress.com see on dated 07.12.2021 A.D.

هيٺين لائبرين مان مدد ملي:

1. پروفيسرمحرم خان سيمينار لائبريري، سنڌي شعبو،سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو.
2. علامه آءِ آءِ قاضي سينٽرل لائبريري،سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو.
3. ريسرچ لائبريري، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي،سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو.
4. سچل پبلڪ لائبريري خيرپور ميرس.
5. سيمينار لائبريري، سنڌي شعبو،شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور.

تحقيقي جرنل،رسالا

1. ڀٽائي،سنڌي شعبو،شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور(مختلف پرچا)
2. آشڪار،سچل چيئر،شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور.
3. سنڌي ٻولي، تحقيقي جرنل،سنڌي ٻوليءَ جو بااختيارادارو(مختلف پرچا)
4. سنڌي ادب،انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو(مختلف پرچا)
5. ڪلاچي تحقيقي جرنل،شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر،ڪراچي يونيورسٽي،(مختلف پرچا)
6. ڪينجهر تحقيقي جرنل،سنڌي شعبو،سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو.
7. ڪارونجهر تحقيقي جرنل،سنڌي شعبو،سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو.
8. مهراڻ،سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو(مختلف پرچا).
9. نئين زندگي،محڪمه اطلاعات ونشريات سنڌ( مختلف پرچا).
10. سرمست، سچل يادگار ڪاميٽي خيرپور(مختلف پرچا).